# سنڌي ٻوليءَ

# جو آڳاٽو

# منظوم ذخيرو

تحقيق ۽ ترتيب:

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

Gul Hayat Institute

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

حيدرآباد، سنڌ

# سنڌي ٻوليءَ جو
# آڳاٽو منظوم ذخيرو

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

# سنڌي ٻوليءَ جو
# آڳاٽو منظوم ذخيرو

تحقيق ۽ ترتيب
ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

Gul Hayat Institute

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
حيدرآباد سنڌ، پاڪستان
١٤١٤هه/ ١٩٩٣ع

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جا سڀ حق ۽ واسطا قائم

ڇاپو پهريون | سال ۱۴۱۴هه/ ۱۹۹۳ع
تعداد | هڪ هزار

قيمت: اوچو شمارو =/120 رپيا
عام شمارو =/80 رپيا

ملڻ جو هنڌ:
سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
سنڌ صوبائي ميوزيم نيشنل هاءِ وي
حيدراباد، سنڌ

۽

مرڪزي ڪتاب گهر نمبر ۹۷۲
گل شاهه محلو، گاڏي کاتو
حيدرآباد، سنڌ
پاڪستان

Gul Hayat Institute

هي ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري ۾ ڪلاسڪ ڪمپوزرس جي ڪمپيوٽر تي ڪمپوز ٿيو ۽ اداري جي سيڪريٽري عنايت الله جوڻيجي ڇپائي پڌرو ڪيو.

# مهاڳ

هن ڪتاب جو مواد، لکيت ۾، سنڌي ٻوليءَ جو اڳاٽي ۾ اڳاٽو دستاويز آهي. هيءُ سڄو مواد عزت بن سليمان نالي ڪاتب ١٠٦٧-١٠٦٩هه (١٦٠٠-١٦٥٧ع) وارن سالن ۾ اتاريو. انهن سالن کان اڳ جو لکيت ۾ سنڌي ٻولي جو ايڏو وڏو ذخيرو دستياب نه ٿيو آهي ۽ شايد هن کان پوءِ به نه ٿئي. انهي ڪري سنڌي تحرير، املاء ۽ سنڌي ٻوليءَ جي مطالعي لاءِ هيءُ مواد تاريخي حيثيت رکي ٿو.

هيءُ مواد اوڻيتاليهن جدا جدا موضوعن تي تعليمي مقصدن خاطر سنڌي ۾ تصنيف ڪيل آهي، جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته ڪم از ڪم ساڍا ٽي سؤ سال اڳ سنڌ جي سڄاڻ عالمن ۽ استادن مادري زبان سنڌي ذريعي ابتدائي مڪتبي تعليم ڏيڻ جو نظريو قائم ڪيو ۽ سنڌي ۾ درسي مواد مهيا ڪري ان نظريي کي پڪو پختو ڪيو.

ٽيون ته هي سڄو ذخيرو منظوم آهي جنهن ۾ سنڌي نظم جون ٻه صنفون يعني "سنڌي بيت" ۽ "سنڌي منظوم بند" شامل آهن. "سنڌي بيت" جون اُهي سڀ ستائون جيڪي ان کان اڳ قاضي قادن جي بيتن ۾ ملن ٿيون سي سڀ هن ذخيري ۾ موجود آهن.

سنڌي ٻوليءَ جي هن تعليمي، علمي ۽ ادبي ذخيري جي اهميت تي مقدمي ۾ وڌيڪ تفصيل سان روشني وڌي وئي آهي. اهو تفصيل پهريون ڀيرو ڪتاب "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ" (ٽيون ايڊيشن ١٩٩٠ع) جي باب ستين ۾ ڏنو ويو جنتي هن ذخيري جي تحقيقي مطالعي جا ڪي وڌيڪ رخ روشن ڪيل آهن.

ڪاتب عزت بن سليمان وارو اصل قلمي مسودو ڪي سال اڳ بنا جلد جي جدا ٿيل وکريل ورقن جي سٿي جي صورت ۾ پهريون ڀيرو خيرپور ۾ سچل (سيمينار) جي موقعي تي لڳايل ڪتابن جي نمايش ۾ منهنجي نظر تي چڙهيو ۽ معلوم ٿيو ته اهو

محترم ڊاڪٽر عباس علي گهمري جي ڏنل ڪتابن مان آهي. ان بعد ڊاڪٽر محترم مهرباني ڪري اهو مسودو وڪريل ورقن جي سٽي جي صورت ۾ مونکي مطالعي لاءِ ڏنو. ڪجھ عرصو انهن جدا جدا ورقن کي مضمون وار ترتيب ڏئي رکڻ ۾ لڳو، جنهن بعد سڄي ذخيري جو 'فوٽو اسٽيٽ' ڪرائي اصل ڪتاب ترتيب وار ورقن سان محترم ڊاڪٽر گهمري جي حوالي ڪيو ويو ته ان تي جلد ٻڌائي ان کي محفوظ ڪري. ان بعد ٽي چار سال ان مسودي جي مشڪل صورتخطي کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ ۾ لڳا. فوٽي واري صورت ايترو صاف نه هئي جنهن ڪري صحيح پڙهڻين قائم ڪرڻ ۾ وڏو ڪشالو ڪرڻو پيو. انهيءَ ابتدائي مشڪل مشق ۾ خاص طرح منهنجي ٻن ساٿين محترم عابد جتوئي (پهرئين مرحلي تي) ۽ ان بعد سڄي مواد ۾ محترم محمد اسماعيل شيخ وڏي مدد ڪئي.

هن آڳاٽي سنڌي مسودي کي جيڪو عربي الف- بي ۾ لکيل آهي پڙهڻ هڪ نهايت ڏکيو ڪم هو، جنهن کي گهٽي حد تائين راس ڪيو ويو آهي، پر ان جي تڪميل تڏهن ٿيندي جڏهن ٻئي ايڊيشن ۾ هن ڇپيل مواد کي اصل قلمي مسودي سان ڀيٽي پڙهيو ويندو.

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري طرفان سنڌي ٻوليءَ جي هن آڳاٽي تعليمي ۽ ادبي ذخيري جو شايع ٿيڻ سنڌي ٻوليءَ جي تاريخي مطالعي لاءِ هڪ نيڪ فال آهي. اميد ته سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ تي تحقيق ڪندڙن لاءِ هيءَ ذخيرو هڪ وڏو قيمتي سرمايو ثابت ٿيندو.

خادم العلم

نبي بخش

(ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

وزير تعليم، زراعت ۽ وائيلڊلائيف)

ڪراچي

٢٣ ربيع الثاني ١٤١٤هه

١٠ - آڪٽوبر ١٩٩٣ع

Gul Hayat Institute

# عنوانن جي فهرست


| صفحا | عنوان |
|---|---|
| ١١ | مقدمو |
| ٣١ | [خالق جي هيڪڙائي، ڪائنات جي تخليق ۽ انسان جي پيدايش] |
| ٣٣ | ١. جباري صفت خدائي |
| ۴٢ | ٢. آغاز اُيا جي آدمي |
| ۴٣ | ٣. صفت جوهر آفرينَش عالم ومهتر آدم عليہ السلام |
| ۴٧ | ۴ نورنامو حضرت رسالتِ پناه |
| | [حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم جي سوانح] |
| ۵٧ | ۵. حضرت نبي ڪريم جي سوانح |
| ١١١ | ٦. مدح رسول الله صلي الله عليہ وسلم |
| ١۵١ | ٧. معراج نامو |
| ١٨۵ | ٨. وفات پيغمبر عليہ السلام |
| ١٩٧ | ٩. معجزو ڳيرو ۽ باز |
| ٢٠٣ | ١٠. صفت ماهي و درياءَ |
| | [تعليمي سلسلو: درسي ۽ علمي ڪتاب ۽ موضوعاتي سمجهاڻيون] |
| ٢٠٧ | (الف) توحيد جو اقرار ۽ ايمان ۽ ڪفر کان بچڻ |
| ٢٠٩ | ١١. اَللهمَّ اِنّي: توحيد جو اقرار |
| ٢١١ | ١٢. ايمان مفصل - ١ |
| ٢٣٣ | ١٣. ايمان مفصل - ٢ |


Gul Hayat Institute

| | |
|---|---|
| ١۴. ايمان مفصل – ٣ | ٢٣٧ |
| ١۵. الله ربي: عقيدي جو اقرار | ٢٣٩ |
| ١٦. ڪلمات ڪفر : حرام ۽ حلال | ٢۴٣ |
| ١٧. ڪلمات ڪفر دربانگ نماز | ٢۴٨ |
| (ب) اسلامي شريعت جي سکيا لاءِ ڪتاب | ٢۴٩ |
| ١٨. ڪتاب شريعت | ٢۵١ |
| ١٩. چار علم | ٢۵٩ |
| ٢٠. ساڍيون ڇهه ويهون فرض | ٢٧٩ |
| ٢١. آب ده درده ( ڏهه گز چورس) | ٢٨٩ |
| (ج) فقه بابت علمي تحقيقي ڪتاب | |
| ٢٢. ڪتاب اساس المُصلي | ٢٩٧ |
| ٢٣. ڪتاب نظامي از ڪيداني | ٣٣٩ |
| [اخلاقي تعليم] | ٣٦١ |
| (الف) نصيحت ۽ هدايت | ٣٦٣ |
| ٢۴. چند بيت پنديات سنڌي | ٣٦٣ |
| ٢۵. ٽريه اکري–١ | ٣٦۵ |
| ٢٦. ٽريه اکري–٢ | ٣٦٩ |
| ٢٧. ڳهٽا ڪوڙ ـ زيور ڪوڙ | ٣٨١ |
| ٢٨. قصو عتاب زنان بدڪاران | ٣٨٧ |
| ٢٩. مستزاد صنعت وارو نظم | ٣٩٠ |
| (ب) موت، قبر، ۽ قيامت جي سختي جو بيان | ٣٩٧ |
| ٣٠. مناجات موت نامو | ٣٩٩ |
| ٣١. قصو گور (قبر) جو | ۴٠۴ |
| ٣٢. حشر نامو | ۴٠٧ |
| ٣٣. قيامت نامو | ۴١۵ |


Gul Hayat Institute

(ج) سزا ۽ جزا بابت مثالي قصا ۴۱۷
۳۴. قصو جمجما بادشاه ۴۱۷
۳۵. قصو ابوشحم ۴۲۳
[عام مطالعو: نبين جي تاريخ ۽ قصا] ۴۳۳
۳٦. تاريخون آدم کان وٺي حضرت محمد صلعم تائين ۴۳۵
۳۷. مصبيت نام پيغمبران ۴۳٦
۳۷. قصو مهتر يوسف عليہ السلام ۴۴۰
۳۹. قصو پيغمبر اسماعيل عليہ السلام ۵۵۳

Gul Hayat Institute

# مقدمو

هند جي ٻين سيني صوبن کان اڳ سنڌ ۾ هڪ باقاعدي تعليمي نظام جو سلسلو عرب - اسلامي دور ۾ شروع ٿيو. منصوره، ديبل ۽ ٻين شهرن جي درسگاهن جي عالمن ۽ استادن جي تربيت وڏا محقق ۽ مصنف پيدا ڪيا جن جو ذڪر مشهور عربي ڪتابن ۾ موجود آهي. انهيءَ آڳاٽي تاريخي تعليمي پس منظر جو ئي نتيجو هو، جو وقت گذرڻ سان، سنڌ جي درسگاهن جي سڃاڻ استادن تعليمي نظام، تعليمي طريقن ۽ استادن جي تربيت تي سوچڻ شروع ڪيو. ڏهين صدي هجري ۾ سنڌ جي وڏي محقق عالم ۽ استاد مخدوم جعفر بوبڪائي عربيءَ ۾ هڪ تفصيلي ڪتاب "نهج التعلم" (سکيا جو طريقو) لکيو، جنهن ۾ نصاب جي تنظيم، پڙهڻ ۽ پڙهائڻ جي طريقن ، شاگردن ۽ استادن جي ذهني ۽ نفسياتي صلاحيتن ۽ ذميدارين توڙي استاد - شاگرد جي تعليمي تدريسي ناتن کي تفصيل سان سمجهايائين. تعليمي طريقن بابت سڄي هندوستان ۾ هيءُ پهريون ڪتاب هو جيڪو ايترو آڳاٽو لکيو ويو.*

مخدوم جعفر جو والد مخدوم يعقوب عرف مخدوم ميران پاڻ بہ هڪ وڏي لياقت وارو عالم ۽ استاد هو، جنهن مرزا شاه حسن ارغون ۽ پڻ پنهنجي فرزند مخدوم جعفر ۽ ٻين کي ننڍي ۾ پڙهايو، جنتي پوءِ سنہ ۹۴۹ هجري (۱۵۴۳ع) ۾ هن وفات ڪئي. انهيءَ سال جي مناسبت سان، ۽ پڻ انهيءَ حوالي جي اعتبار سان تہ مخدوم جعفر سنہ ۹۵۸هہ ۾ حج ڪيو، چئي سگهجي ٿو تہ

---

* موجوده ڄاڻ موجب، پوري وچ ايشيا، يعني ان وقت جي ايران، ترڪستان ۽ هندستان ۾ فن تعليم بابت هي ٻيو ڪتاب هو جيڪو تصنيف ٿيو. پهريون ڪتاب (تَعلِيم المتعَلم طريقتہ التَعَلم) جي عنوان سان برهان الدين زرنُوجَي ۱۲- صدي عيسوي جي خاتمي ڌاري تصنيف ڪيو.

مخدوم جعفر سنہ ٩٣٠هہ (١٥٢٤ع) ڌاري ڄائو. پنهنجي والد جي رهنمائي هيٺ تعليم پوري ڪيائين ۽ غالباً پوءِ مڪي ۾ (٩٥٨ـ محرم ٩٥٩هہ) وڌيڪ تعليم حاصل ڪيائين. هو جڏهن سنڌ موٽي آيو تہ پنهنجي والد وانگر هڪ وڏي ڄاڻو استاد جي حيثيت ۾ ٺٽي ۾ تعليم ڏيڻ شروع ڪيائين. مرزا عيسيٰ ترخان (وفات ٩٧٣هہ) وٽ سنڌس وڏي عزت هئي، ۽ هو ساڻس گڏريل تاريخي دور جا احوال ڪندو هو. غالباً مرزا عيسيٰ بہ مخدوم جعفرجا ليڪچر ٻڌا، ۽ سندس فرزند ۽ ٻيا مخدوم جعفر جي مدرسي ۾ پڙهندا رهيا. پنهنجي علمي ڄاڻ ۽ تجربي جي روشني ۾ مخدوم جعفر تعليم ۽ تدريس جي طور طريقي جي اهميت محسوس ڪئي ۽ سنہ ٩٧٣هہ (١٥٦٥هہ) ڌاري ان موضوع تي ڪتاب "نهج التعلم" لکيائين. اهو ڪتاب عربي ۾ هو، وڌيڪ تفصيلي هو، ۽ تعليمي ماهرن لاءِ لکيو ويو هو. ان ڪان پوءِ مخدوم جعفر عام استادن جي رهنمائي خاطر پنهنجي ان عربي ڪتاب کي فارسيءَ ۾ مختصر ڪرڻ جي ضرورت محسوس ڪئي، ۽ مهيني صفر سنہ ٩٧٦هہ (آگسٽ ١٥٦٨ع) ۾ نهج التعلم جو فارسيءَ ۾ هڪ خلاصو يا مختصر "حاصلُ النهج" جي عنوان سان لکي پورو ڪيائين (١).

شروع واري عرب ـ اسلامي دور توڙي غالباً سومرن جي دور ۾ تعليمي ذريعو عربي هئي پر سمن جي دور کان وٺي فارسي ۾ شروع ٿي. انهيءَ ڪري ئي مخدوم جعفر پڻ عام استادن جي رهنمائي لاءِ فارسيءَ ۾ "حاصل النهج" تيار ڪيو. سندس هن وڌيڪ سولي ڪتاب، سنڌ جي عالمن ۽ استادن جي تربيت تي وڏو اثر وڌو جو هنن پڙهڻ ـ پڙهائڻ جي طريقن تي سوچڻ شروع ڪيو.

---

(١) حاصل النهج (فارسي متن) ـ انگريزي ۾ ان جي خلاصي، مقدمي ۽ مصنف جي سوانح ۽ تصنيفن سميت، راقم جي تحقيق ۽ تصحيح سان سنہ ١٩٦٩ع ۾ سنڌ يونيورسٽي مان شايع ٿيو. متئين بيان لاءِ ڏسو "حاصل النهج" جو مقدمو.

ايتري قدر جو ايندڙ ٽيهن چاليهن سالن ۾ سنڌ جي درسگاهن جا تجربيڪار ۽ ڄاڻو استاد انهيءَ نتيجي تي پهتا تہ ٻارن لاءِ تعليم جي شروعات فارسي بدران سندن مادري زبان سنڌي ۾ ڪئي وڃي تہ جئن هو سولائي ۽ سهنجائي سان مڪتبي تعليم پوري ڪن ۽ پڻ منجهن اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ جي وڏيڪ صلاحيت پيدا ٿئي.

## مادري زبان ذريعي بنيادي تعليم ڏيڻ جو نظريو

سنڌ ۾ هن نئين تعليمي نظريي ۽ تجربي بلڪ انقلابي تعليمي تحريڪ جا سن سال لکيت ۾ موجود ناهن، پر اها تخميناً مخدوم جعفر جي تعليمي ڪتاب "حاصل النهج " کان پوءِ ٽيهن چاليهن سالن اندر يارهين صدي هجري (١٦ صدي عيسوي) کان وٺي شروع ٿي. مادري زبان (سنڌي) ۾ مڪتبي تعليم ڏيڻ واري نظريي جي اوسر جو هڪ مکيہ ڪارڻ اهو بہ هو جو سنڌي ۾ اعليٰ فهم ۽ فڪر وارو مواد قاضي قادن ۽ ميين شاهہ ڪريم جي بي بها بيتن ذريعي پيدا ٿي چڪو هو، ۽ اهو فڪر ايترو تہ معياري هو جو ١٠٢٢هہ / ١٦١٣ع کان اڳ هندوستان جي عالم محمد غوثي گواليياري قاضي قادن جي ڪن بيتن جو فارسي ۾ ترجمو ڪيو. سنڌ اندر محمد رضا ٺٽوي سنہ ١٠٣٨هہ ۾ ميين شاهہ ڪريم جي سنڌي بيتن ۾ سمايل فڪر کي ڪتاب "بيان العارفين" ۾ فارسي ذريعي سمجهايو. سنڌي ۾ اهڙي اعليٰ فهم ۽ فڪر جي موجودگي ۽ ان جي عام اشاعت ۽ افاديت سنڌي کي فارسي جي برابر بنائي ڇڏيو. اهوئي سبب هو جو يارهين صدي هجري (١٧ صدي عيسوي) کان وٺي مادري زبان سنڌي ۾ بنيادي مڪتبي تعليم ڏيڻ لاءِ حالات سازگار ٿيا.

اڄ تائين ائين سمجهيو ويو آهي تہ ٺٽي جي عالم ميان ابوالحسن ئي سنڌي ۾ پهريون درسي ڪتاب "ابوالحسن جي سنڌي" لکيو. اهو گمان انهيءَ ڪري پيدا ٿيو جو ان ڪتاب کان

اڳ جو ٻيو ڪو سنڌيءَ ۾ لکيل ڪتاب ڪونہ ٿي نظر آيو. پر هاڻي سنڌي ۾ هڪ آڳاٽي قلمي ڪتابي ذخيري جي دستياب ٿيڻ سان ثابت ٿئي ٿو تہ مادري زبان سنڌي ذريعي تعليم ڏيڻ جي تحريڪ، ۽ سنڌي ۾ درسي ۽ تعليمي مواد جي تياري جي شروعات، ”ابوالحسن جي سنڌي“ کان اڳ ئي ٿي چڪي هئي. ميان ابوالحسن وڏو عالم ۽ استاد هو ۽ هو بہ هن نئين تعليمي تحريڪ جي ٻئي دور جو سرواڻ هو، پر اها تحريڪ توڙي ان تحريڪ هيٺ سنڌي درسي ڪتابن لکڻ جي شروعات غالباً سندس استادن جي دور (١٠٠٠- ١٠٥٠هہ) ۾ ٿي، جن جي تعليمي نظرين ۽ درسي ڪتابن کان متاثر ٿي پاڻ بہ سنڌيءَ ۾ هڪ بهترين درسي ڪتاب تصنيف ڪيائين جيڪو پوءِ ”ابوالحسن جي سنڌي“ جي نالي سان مشهور ٿيو.

جن سڄاڻ سنڌي عالمن ۽ استادن فارسي بدران مادري زبان سنڌي ذريعي مڪتبي تعليم ڏيڻ جو نظريو قائم ڪيو ۽ سنڌي ۾ درسي ڪتاب لکي عملي طور تي ان نظريي کي پڪو ڪيو، تن جي اوائلي رٿن ۽ ڪوشش بابت جيتوڻيڪ ان وقت جا ڪي لکت ۾ حوالا موجود ناهن مگر اهڙي تبديل جي ڪري پوءِ مختلف موضوعن ۽ عنوانن تي سنڌي ۾ پڙهڻ پڙهائڻ لاءِ جيڪي درسي ۽ ٻيا ڪتابڙا لکيا ويا، ۽ جيڪي هاڻ هڪ ضخيم قلمي ذخيري جي صورت ۾ دستياب ٿيا آهن، سي هن نئين تعليمي تحريڪ ۽ تبديل تي پڪا پختا شاهد آهن.

جدا جدا عنوانن تي اهڙن اوڻيتاليهن منظوم موضوعن جو هڪ آڳاٽو ذخيرو هن وقت تائين سلامت رهيو آهي جيڪو عزت بن سليمان نالي ڪاتب، ١٠٦٧-١٠٦٩هہ (١٦٥٥- ١٦٥٧ع) وارن ٽن سالن ۾ اُتاري پورو ڪيو. مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ ان وقت جي سنڌي عالمن ۽ استادن اهي موضوع، تعليمي مقصد خاطر، ان وقت جي عام رائج سنڌي ٻوليءَ ۾ منظوم ڪيا تہ جئن

Gul Hayat Institute

وڏيڪ سولو آهي:

عــثـمـان چوءِ عـلـم رءَ، عــقـل مـور نہ ڪـوءِ
ســنـڌي ابــوجـهـن ڪـي گـهـڻـو سُـهـلـي هـوءِ

* ( عـنوان- ١٣) هيٺ حاجي نالي عالم "ايمان مفصل" جي سڄي عربي عبارت کي "سنڌي بيتن" ۾ آندو، انهي لاءِ تہ مادري زبان ذريعي پڙهندڙ سولائي سان سکي ۽ سمجهي سگهن:

عـربيـاءِ سنـڌي ڪَـئي "حـاجي" بـيـت ڪري
تہ سـکـڻُ سَـهُـکـي ٿـئي ابــوجـهـن ورنہ
سنــڌي آهي سَـهُــکـي سـکـڻ ابــوجـهـن
پانـهـنجـي واءِ پروڙي سـگـهـائي ســـکـن.

[ يعني: 'ايمان مفصل جي عبارت' کي حاجي عربيءَ مان سنڌي بيتن ۾ آندو انهيءَ لاءِ تہ عام سمجهہ وارن لاءِ سنڌي سکڻ ۾ سولي آهي، جو هو پنهنجي ٻولي ۾ سگهو ٿا سکن].

* (عنوان-١۴) "سَکر ڏني" نالي ٻئي عالم پڻ ايمان مفصل جي عبارت کي ساڳئي مقصد خاطر سنڌي بيتن ۾ آندو:

"سـگـر ڏنـي" سـنـڌي ڪـئي صفـت هي ايـمـان
تـــن سـيـئـي پـنـيـون، جي نـي ڪـلـمـي سـاڻ

"مادري زبان ۾، مادري زبان ذريعي بنيادي تعليم ڏيڻ" واري نظريي کي عملي طور ڪامياب بنائڻ لاءِ سڄاڻ عالمن ۽ استادن نہ فقط پاڻ پنهنجي طرفان نصابي مواد مرتب ۽ منظوم ڪيو، پر ساڳئي وقت عربي ۽ فارسي درسي ڪتابن مان مواد چونڊي سنڌيءَ ۾ آندو. ان سلسلي ۾خاص طرح فقهہ جا مسئلا مشهور عربي ڪتابن مان ڪڍي سنڌيءَ ۾ سمجهايائون.

* (عنوان-٢٢) عربي ڪتابڙو اَساس المُصلي پهريائين فارسي ۾ ترجمو ٿيو جنهن کي پوءِ سنڌي عالم پُسئي سنڌي ۾ ڪيو:

آساس المصلي ڪِتيب مُـتـقيا، مون سنڌي ڳالهاءِ
يـا رب! ڏيـنءِ سِيـکـهين نـمـاز سـنـدو سـاءِ

عربي ڦرَ فارسي، فارسيَ سنڌي ڦرَ هوءِ
سائين سڀاجها مون ڏٺي سڪي سيوڪوءِ

يعني اساس المصلي ڪتابڙو اصل عربيءَ ۾ هو جنهن کي مون سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيو. اهڙي طرح عربي، پوءِ فارسي، ۽ وري پوءِ فارسيءَ مان سنڌي ۾ آندو ويو، انهيءَ لاءِ ته سيڪو ئي ان کي سولائي سان سکي سمجهي سگهي.

* (عنوان -٢٣). موسي نالي عالم، ڪيداني جي لکيل عربي ڪتاب نظامي کي (جنهن ۾ ١٥ باب هئا) سنڌيءَ ۾ مختصر ڪري ان کي اٺن بابن ۾ مرتب ڪيو ۽ باوجود اختصار جي سڀ مسئلا سنڌي ۾ سولا ڪري سمجهايائين:

باب ٻيو بيان واجبين سندو منجهه جهين
سنڌيَ ۾ سَهُڪا ٿيا سکڻ سَيکهين
مُفسد پنج نماز ۾ ڪيداني ڏنام
عربياءُ عامن کي سنڌي سهل ڪيام

* (عنوان- ٢١) کي فقهي مسئلا، هڪ کان وڌيڪ عربي ڪتاب ڏسي، پوريءَ تحقيق سان سنڌي ۾ بيان ڪياويا. ”ڏهه گز مربع پاڻي“ جي پاڪائي يا پليتي جو مسئلو بيان ڪندي، سچاڻ سنڌي عالم سمجهايو ته:

فتاويٰ سراجي ۾ لکي هيءَ نه يَت
مجموع خاني آب باب مون هي ڏٺو تت

يعني ته ڪتاب ”فتاويٰ سراجي“ ۾ هي سمجهاڻي ڏنل ڪانه هئي، مون اها ڪتاب ”مجموع خاني“ جي باب ”آب“ ۾ ڏٺي.

* (عنوان-٤ ) نورنامه حضرت رسالت پناه جي مصنف آرادين ڄاڻايو ته:

نور نامي منجهاءِ سا لکي سنڌي ڪيو پاڪا
سڀ پرياءُ پاڻهي پاتا پاتشاهه
عربيا ۽ فارسيا سنڌي وا ڪيام
اربعا آرادين چوءِ لکي پُڄيام



Gul Hayat Institute

(يعني: نور نامي بابت اصل مواد مان، مون هيءَ پاڪ صاف سنڌي لکي. ان جي لکڻ ۽ پوري ڪرڻ لاءِ ڏٽي منهنجي ذهن ۽ دل تي اهڃاڻ روشن ڪيا. عربي فارسي تان مون هي بيان سنڌي وائي (ٻولي) ۾ آندا. آرادين ٿو چوي ته: اربعا جي ڏينهن مون هي لکي پورا ڪيا).

راقم هن ڪان اڳ سنه ١٩٦٨ع ۾ شاهه لطف الله قادري جي سنڌي رسالي جي آڌار تي مادري زبان سنڌي ذريعي تعليم جي شروعات بابت جيڪو هيٺيون نظريو قائم ڪيو هو سو مٿين حوالن جي روشني ۾ بدلائڻو پوندو:

"شاهه لطف الله کان اڳ سنڌي عالمن يا شاعرن جون نظم خواه نثر ۾ جيڪي تصنيفون ملن ٿيون سي عربي يا فارسي ۾ آهن ۽ شاهه لطف الله قادري غالباً پهريون عالم ۽ عارف هو جنهن محسوس ڪيو ته سنڌ جي عوام جن جي مادري ٻولي سنڌي آهي، ۽ جي فقط سنڌي ۾ ئي آسانيءَ سان ڪنهن ڳالهه کي سمجهي سگهندا، تن جي سهوليت خاطر ضروري آهي ته علمي مسئلا سندن پنهنجي مادري زبان ۾ بيان ڪيا وڃن جيئن هو نه فقط سولائي سان مگر ذوق شوق سان پڙهن ۽ سمجهن ... ... انهيءَ تعليمي مقصد خاطر هن عوام جي مادري ٻولي سنڌي ۾ رسالو تاليف ڪرڻ ضروي ڄاتو، ڇاڪاڻ ته سندس نظريي موجب مادري زبان ۾ ماڻهو سولائي سان، سگهو ۽ چاهه سان سکي سگهندا. اهڙيءَ طرح شاهه لطف الله قادري پنهنجي "رسالي"جي مقدمي ۾ سنڌ جي عوام کي سندن مادري زبان سنڌي ۾ تعليم ڏيڻ جي نظريي جو بنياد وڌو" (١).

مٿيون نتيجو انهيءَ بناءِ تي ڪڍيو ويو هو جو ان وقت شاهه لطف الله قادري جو "سنڌي رسالو" پهريون ڪتاب هو جيڪو

(١) "سنڌي رسالو"، تصنيف شاهه لطف الله قادري، راقم جي تصحيح ۽ تحقيق سان شايع ڪيل، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، سنه ١٣٨٨هه /١٩٦٨ع،مقدمو صفحا ٢٥-٢٦.

Gul Hayat Institute

دستياب ٿيو هو ۽ جنهن ۾ انهيءَ نظريي جي پنيرائي ٿيل هئي. پر هاڻي معلوم ٿيو تہ مادري ٻولي سنڌيءَ ۾ بنيادي تعليم ڏيڻ جو نظريو شاهہ لطف الله قادري کان اڳ ڪيترن ئي عالمن ۽ استادن (آرادين، عثمان، جمعو، ملو، آدم ڪناد، حاجي، سگر ڏنو، صادق، پُسئو،موسو، گهُرئو پٽ عمر جو، ڪنڊر، سيد، نورو، ٻپر) قائم ڪيو جن ايترا سارا تعليميءَ درسي موضوع منظوم ڪيا. انهن مان حاجي نالي عالم اهو تعليمي نظريو صاف لفظن ۾ نروار ڪيو تہ:

سنڌي آهي سَهُڪي سکڻ ابوجهن
پانهنجي واءِ پروڙي سگهائي سکن

شاهہ لطف الله قادري جي آڏو غالباً ڪانئس اڳ وارو اهو تعليمي نظريو موجود هو (١) جو هن (۽ پڻ ٻين) ان جي وضاحت بالڪل عالم حاجي وارن ساڳين لفظن ۾ ڪئي تہ:

"پانهنجي ٻولي ڪري سگهائي اي سکن"

## سنڌي ۾ هڪ وڏي علمي ادبي ذخيري جو لکيت ۾ مهيا ٿيڻ :

سنڌ جي سڄاڻ عالمن جي هن ترقي پذير تعليمي نظريي تي عمل سان سنڌي ۾ پڙهڻ پڙهائڻ لاءِ ڪافي درسي مواد پيدا ٿيو جيڪو ساڳئي وقت وڏي ادبي اهميت وارو پڻ هو. سکندڙن ۽ پڙهندڙن جي ذوق وڌائڻ خاطر سيني عالمن ۽ استادن هيءَ مواد منظوم صورت ۾ مهيا ڪيو. اهڙيءَ طرح سٽاءِ جي لحاظ سان هن ذخيري ۾ شامل اوٽيتاليهہ ئي موضوع منظوم آهن جن کي "منظوميا" سڏڻ مناسب ٿيندو. انهن جا جوڙيندڙ ، جن مان پنڌرهن جا نالا معلوم آهن، جيتوڻيڪ شاعر نہ هئا تہ بہ نظم-گو ضرور

(١) شاهہ لطف الله انداز = ١٠٧٨ - ١٠٨٣ هہ وارن سالن ۾ پنهنجو سنڌي رسالو جوڙيو. ان کان ڏهہ پنڌرهن سال کن اڳ ڪاتب عزت بن سليمان اڳين عالمن ۽ استادن وارو ذخيرو اُتاريو جن اهو ڪم از ڪم پنجاهہ سَٺ سال کن اڳ واري عرصي ۾ منظوم ڪيو هوندو.

هئا ۽ ڪين منظوم ڪلام، ۽ بيتن ۽ قافين جي ڄاڻ هئي. منجهائن ڪي،ڪنهن حد تائين، شاعرانہ شعور رکندڙ هئا جنهن ڪري سندن جوڙيل منظومين ۾ شعري صنعتون بہ اچي ويون آهن. انهيءَ ڪري هيءُ ذخيرو تعليمي طريقن ۽ ترجمن جي لحاظ سان هڪ علمي ذخيرو آهي، پر منظومين جي لحاظ سان هڪ اهم ادبي ذخيرو آهي.

## سنڌي نظم جون بہ مکيہ صنفون:

هن ذخيري ۾ شامل اوڻيتاليهن منظومين ۾ سنڌي نظم جون بہ مکيہ صنفون شامل آهن: (الف) سنڌي منظوم- بند، ۽ (ب) سنڌي بيت.

(الف) سنڌي منظوم بند: ترڪيب جي لحاظ سان، سنڌي منظوم بند اهو نظم آهي جنهن ۾ ٻن کان وڌيڪ هم ـ قافيي سٽون هجن، ۽ قافيا سيني سٽن جي آخر ۾ آندل هجن. هن ذخيري ۾، گهڻائي ڪي منظوم بند آهن، جن مان ڪي ٽن کان ڏهن سٽن وارا ننڍا، ۽ ٻيا ڪي چوڏهن، ارڙهن، ٻاويهن، اٺاويهن ۽ ٽيهن سٽن وارا ڊگها بند آهن.(عنوان ـ ٦ ) هيئت مدح رسول صلعم وارو منظوميو ڊگهي ۾ ڊگهو بند آهي جنهن ۾ ( 'او' قافيي تي) انهٺ سٽون آهن. هن ذخيري وارا اهي ايترا سارا ننڍا توڙي ڊگها بند آڳاٽي ۾ آڳاٽا آهن، ڇاڪاڻ جو انهن کان اڳ جا ڪي بہ اهڙا سنڌي منظوم بند دستياب نہ ٿيا آهن.

(ب) سنڌي بيت: هن ذخيري ۾، سنڌي بيتن جو بہ هڪ تمام وڏو تعداد شامل آهي جن ۾، سٽاءَ جي لحاظ سان، سنڌي بيت جون اهي سڀ صورتون موجود آهن جيڪي اسان کي پهريائين قاضي قادن جي بيتن ۾ ملن ٿيون. پر فني سٽاءِ جي لحاظ سان، قاضي قادن جا بيت فقط ٻن مصراعن يا ٻن سٽن وارا هئا. ان وقت جي ٻئي هڪ شاعر پرهياڙ جوهڪ ٽن سٽن واروبيت ملي ٿو، ۽ ميين علي شيرازي جو هڪ بيت ڇئن سٽن وارو ملي ٿو. ان بعد ميين شاهہ ڪريم جي ڪلام ۾ بہ فقط ٽي بيت ٽن سٽن وارا

Gul Hayat Institute

آهن. هن ذخيري جي منظومين ۾ پهريون پيرو پنجن ۽ ڇهن سٽن وارا بيت ملن ٿا. هيٺ اهڙن بيتن جي جدا جدا سٽائن جو تفصيل ڏجي ٿو.

• ٻن سٽن وارا بيت، قافيا ٻنهي سٽن جي آخر ۾:

هن ذخيري ۾ وڏي ۾ وڏو تعداد، تقريباً چوويهه سؤ، ٻن سٽن وارن بيتن جو آهي جن جي ٻنهي سٽن جي آخر ۾ هم آواز قافيا آيل آهن. اهڙا گهڻي ۾ گهڻا بيت (٨٣٩) "قصو مهتر يوسف عليہ السلام جو" (عنوان - ٣٨) ۾ آهن. سنڌي بيت جي اها آڳاٽي ۾ آڳاٽي بنيادي سٽاءَ آهي، ۽ جئن تہ اهڙا ٻن سٽن وارا بيت آڳاٽن قصن ڪهاڻين ۾ ڳائڻ خاطر سٽيا ويا، ۽ پڻ ڪن خاص موقعن ۽ واقعن وقت مخفي اهڃاڻن ۽ پيغامن خاطر آلاپيا ويا جنهن ڪري انهن کي "ڳاهہ بيت" سڏي سگهجي ٿو. مثلا "چارعلم" (عنوان - ١٩) جي شروع وارا هيٺيان پنج بيت:

سـاراهجـي سـوڏَني جـو خـالـق خَـلق
تنهـن سَـندي فـرمان ۾ ماڙهُو مرُو مَـلَـڪ.
تـنهـن اوڙڪـن ڪـيتـرا ڪـوڙيـن پَـدَمَ لَـڪ
اَت اپـايـا پـاتـشـاه عـالـمَ گـهـڻـا آلـــڪ.
ڪـي هَـلَـن، سـرَن ڪـي، ڪَـني ڏنائين پَـڪ
ڪـي عـالـم عـاقل ڪي، ڪـي ڪـيـائـيـن بـَڪ.
ڪـي گـنـدر گـذري، ڦـوڙائـو ۽ ٻُـڪ
ڪـي سَـرَهـا سـيـٽـن سين، ڪني ڏنائيـن ڏڪَ.
ڪي ڪوجها، ڪـي ڪُـوڙا، ڪـني مـنهـن ۾ ڏڪ
اي پـرَ پَسي ڪـيـتـرا وَهَ چـڙهـيـا ۽ تـڪ.

• اهڙا بـيـت، جن جي پهريـن سٽ جي پڇاڙيءَ ۾ قـافـيـو، ۽ وري آخري سٽ جي وچ تي قافيو:

مثلاً (عنوان - ١٠) "صفت ماهي و دريا" ۾ آندل هيٺيون بيت:

اُهـاريـنـدا ٻـيـڙيُـون، پـڳهـ ڪـَـٽـي تـڙاءُ
مَـٽـنـدا دَريـاءُ، پسـنـدا ڪـوڏ ڪـنـا.

صنعت" سان سينگاريل آهي : يعني تہ ان جي هر بند جي پويان وڏيڪ سهڻائي خاطر ساڳين قافين وارو هڪ ننڍو (وڏيڪ) فقرو آندل آهي.

جنهن جيُون ڪَن وماسون وير
سو پنڌُ متي مون حقير
صباح سنجهہ ٿيندو سيرَ - اَللہ تو اهارَ
نہ تنهہ سَمَرُ نہ ساندارو
پار پربان جي هَليو بارو
اڳيان ڏسي ڏيہ پَواريو - نڪا تت توارَ
تُهنجو پانهو تو دَر آيو
پَسِي پاهنجا ڏوهہ لڇايو
رَحمت مڱي پلئہ پايو - سپاجها ستار
* نہ سو نَڪُ جو آمي ڦار
نہ سي نيڻ ڪتوري ڪار
نہ سا پرن ڪاري بار- نہ سي پرين لهنُون سارَ
* نہ سي اَهُر اَرتي وُن (١)
نہ سي پاتا ڳَلَ پريَنَ
نہ سي ڏندجها مُڪرڙين- نہ سي سجڻ ڪن سنيار
هو حالُ جهين جو جين
ڪَيئن ڪَرئين مَنجها تون کينَ
يا الرحم الراحمين - پاجهان پانهي کي اُڪار.
پَرورُ سيا تو اُپايو
دوس تُهنجو سچو آيو
محمد رسول اسان کي شفيع پسايو - ميڙهو محمد کي مختارَ
ويندا سي ايمان سين جَن ڪلمي سارَ
لا الہ الا الله محمد رسول الله

---

(١) آهَرَ = چَپَ. ارتي ون = ڳاڙهي رنگ

منظوم 'ڏگها بند' آهن (ص ٢٥).
- شاهه لطف الله قادري کان اڳ سنڌي بيت ٻن ٽن يا چئن سٽن وارا هئا: سندس ڪلام ۾ پهريون ڀيرو ڇهن ۽ ستن سٽن وارا بيت ملن ٿا (صفحا ٢٣- ٢۴ ).
- فن شاعري جي لحاظ سان، بيتن ۾ تڪرار يا وراڻ جي صنعت جو باني مباني شاهه لطف الله قادري آهي (صفحو ٢٩)
هاڻي هن اڳاٽي ذخيري جي دستياب ٿيڻ سان معلوم ٿيو ته 'ڏگها بند' توڙي 'ڏگها بيت' شاهه لطف الله قادري کان اڳ منظوم ٿي چڪا هئا، ۽ پڻ بيتن ۾ اندروني 'وراڻ' يا 'تڪرار' واري صنعت شاهه لطف الله قادري کان اڳ جي سياڻن سڄاڻن پهريائين استعمال ڪئي. هن ذخيري ۾ سنڌي بيت جي سٽاء جون پڻ سيئي صورتون موجود آهن. اهڙيءَ طرح سنڌي شعر جي تاريخ ۾ اهي رجحان گهڻو اڳاٽا نظر اچن ٿا جنهن جي تصديق هن ذخيري ۾ شامل اڪثر منظومين جي ٻولي ۽ سٽاء مان ٿئي ٿي.
## ٻولي جي سٽاءَ ۽ قدامت:
هن ذخيري ۾ شامل گهڻن سيني منظومين ۾ آندل ٻولي ڪافي اڳاٽي آهي، ۽ ڪي لفظ ۽ بياني ترڪيبون قاضي قادن (وفات ٩٥٨هه) ۽ ميين شاهه ڪريم (وفات ١٠٣٢هه) جي بيتن ۾ استعمال ٿيل لفظن ۽ ترڪيبن جهڙيون، يا اجان به وڌيڪ انوکيون ۽ اڳاٽيون لڳن ٿيون (١). ڪي منظوميا سنڌ جي ٿَي ۽ لاڙ واري ڀاڱي جي ڪن عالمن ۽ سڄاڻن تصنيف ڪيا ۽ ٻيا سنڌ جي اُبرندين ڀاڱي (ٿرپارڪر، سانگهڙ، خيرپور ضلعن جي اُبرندين ڀاڱي) جي عالمن سڄاڻن تاليف ڪيا ڇاڪاڻ جو ٻولي توڙي لغات انهن پاسن جي معلوم ٿئي ٿي. ٻيو ته اندروني بيان جي لحاظ سان، سيني منظومين ۾ لفظن جي فراواني ۽ بيان جي رواني بدران لفظن جي ٿورائي ۽ عبارت ۾ هٻڪ آهي. مجموعي طور سان هنن

(١) تفصيل لاءِ ڏسو راقم جي تصنيف ڪيل "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ" .

منظومين ۾ آندل ٻولي ٺور ـ لفظي آهي، ۽ نظم بہ نثر جهڙو آهي. ان مان ظاهر آهي تہ گهڻن منظومين جي ٻولي ڪافي اڳاٽي آهي، ۽ اهي موضوع اڳاٽو منظوم ڪيا ويا. جيتوڻيڪ ڪاتب عزت بن سليمان هن مواد کي ١٠٦٧-١٠٦٩هہ (١٦٥٥- ١٦٥٧ع) وارن سالن ۾ اتاريو، پر يقيني طور گهڻي ڀاڱي اهومواد ڪافي اڳ موجود هو. ڪيترو اڳ موجود هو، سو چئي نٿو سگهجي، پر ايترو سارو مواد ڪم از ڪم سؤ ڪن سال اڳ جو لڳي ٿو ۽ ٿي سگهي ٿو تہ ڏهين صدي کان وٺي سنڌي ۾ اهڙي مواد مهيا ڪرڻ جي شروعات ٿي هجي.

ڪاتب سليمان جي اُتاري وارو مواد بہ سڄو سالم نہ بچيو آهي ۽ ڪجهہ ڀاڱو ضايع ٿي ويو آهي. هڪ تہ اهو اُتاريل مواد بہ اجان وڌيڪ هو ۽ ٻيو تہ ايترو مواد هڪ ڪاتب پنهنجي ذوق ۽ ضرورت خاطر هڪ جلدجيترو اُتاريو. ان کان سواءِ سنڌ جي جدا جدا ڀاڱن ۾ ٻيو بہ اهڙو مواد موجود هوندو، ڇاڪاڻ جو گهڻن ئي عالمن ۽ استادن ان وقت مختلف موضوعن تي سنڌيءَ ۾ مواد ڀئي منظوم ڪيو، جنهن جي تصديق تيرهن جدا جدا عالمن ۽ سڄاڻن جي تاليف ڪيل منظومين مان ٿئي ٿي جيڪي هن ذخيري ۾ شامل آهن. ان مان اندازو ٿئي ٿو تہ ڏهين- ڀارهين صدي جي وچ ( ٩٥٠ - ١٠٥٠هہ)ڌاري سنڌيءَ ۾ هڪ وڏو تعليمي، علمي ۽ ادبي مواد لکت ۾ موجود ٿي چڪو هو.

اوڻيتاليهن مختلف موضوعن بابت سنڌي منظومين جو هيءُ ذخيرو جيتوڻيڪ بنيادي طور تي تعليمي ۽ تدريسي آهي مگر ساڳئي وقت اهو هڪ قيمتي علمي ۽ ادبي سرمايو آهي، جنهن جي مطالعي مان ڀهريون ڀيرو هيٺيان اهم نتيجا نڪرن ٿا: (١) هنن منظومين ۾ سنڌي بيت جون اهي سڀ ستائون جيڪي قاضي قادن جي بيتن ۾ ملن ٿيون سي موجود آهن. (٢) بيتن کان سواءِ هن ذخيري ۾ ڊگهن منظوم بندن جو هڪ وڏو تعداد شامل آهن: ڊگها سنڌي

Gul Hayat Institute

منظوم- بند پهريون پيرو هن ذخيري ۾ ملن ٿا. (٣) جيتوڻيڪ شعر شاعري بدران بنيادي طور تي هيءَ هڪ منظوم ذخيرو آهي ته به ڪي شعري صنعتون پهريون پيرو هنن منظومين ۾ ملن ٿيون، جيئن ته بيتن ۾ ورَاڻ يا تڪرار جي صنعت ۽ چوٿي بحر مستزاد واري صنعت. (۴ ) معنوي تمثيل جي لحاظ سان، ساموندين جي موضوع جو هڪ بيت به وڏي اهميت وارو آهي. (۵) گهڻن منظومين جي ٻولي آڳاٽي آهي ۽ ممڪن آهي ته اهي ڏهين صدي هجري يا اجان به اڳ تصنيف ٿيا هجن.

**ن.ب**

Gul Hayat Institute

# [خالق جي هيڪڙائي، ڪائنات جي تخليق ۽ انسان جي پيدايش]

Gul Hayat Institute

نلا جي لکر سيءِ سنگن سدي تات بسنتو مرسو کري جڳو حجا مت کاڙي

دما هنائي کهي بر کر سيرو جڙي باهي ستيءَ بويا مستحب بائي تمام شد

جبار ربي بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيمِ

جي بابي هوءُ ذي انبيا جي کين تده ملڪ سدو تهي دتو جي کهيڻ

بابي هوءُ راميو بابي هوءُ راءِ بابي ملڪ تهي باب لدائي با بحر

باب کياترا جيءَ بابي جانائي سو هابي سو تدهي سدو ملڪ جبار

اوتو اگر نتر کتب کيني وار کون نهوءُ تدهي جڳ جڳي جڳ نو

هوءُ ذي سکب بيءِ بکو نمو نو کون هوءُ تدهي جيڪو تي کالاءِ

هوءُ ذي سکب بيءِ کاب هکي جاءِ کون هوءُ تدهي جيڪو جڙي مت

هوءُ ذي سکب بيءِ جيهي نهي کت نهوءُ جباد کو نکو هوءُ راک

هوءُ ذي سکب بيءِ نکو وري ونا نکي اچو تدهي نکي کالو وت

ساءُ کين بر جيو کالع کين ابن هوءُ ذي سکب بيءِ نکلو ورن

نهوءُ اهائي نهيءَ اوداءِ نکي وج بسو جرو نما نکر نباره

هوءُ ذي سکب بيءِ سائي سو ساراه نتي گکر نکال انن الا عنيه

هوءُ ذي سکب بيءِ ميثاق بديد حرص نهوءُ تدهي نهي جرغات

## [١]

## جباري صفت خدائي

جِينْ پاڻ هِي هُئو ڏِٺي، اُپايائِينْ ڪِي نہ

تَڏِهِ مُلڪُ سَندو تَهِين ڏِنو پِئي ڪَهِين نہ.

پاڻ هي هُئو راڄِيو، پاڻ هي هُئو راءُ

پاڻِ جي مُلڪَ تَهِينْ پاڻ لَڏائين پاءُ (١)

پاڻِ ڪِيائِين راڄَئي، پاڻِ جي جاڻاءُ (٢)

سو هاڻي، سو تَڏهِين سَندو مُلڪُ جَبّارَ

اُوٽو آڳَرِ نہ تِئي، گهَٽِ نہ ڪِيٽِي وارَ (٣)

ڪونہ هُئو تَڏهِين جو چُندِي چُوٽو (٤)

هُئو ڏِٺي سَگهِپَ سِين، نَہ ڪو نِمُوٽو (٥)

ڪو نہ هُئو تَڏهِين جيڪو ڪِي ڳالهاءِ

هُئو ڏِٺي سَگهِپَ سِين ڪاءِ نہ هُنئي جاءِ.

ڪوءِ نَہ هُئو تَڏهِين جيڪو جوڙي مَتِ

هُئو ڏِٺي سَگهِپَ سِين، هُيِهي نہ هِيئي پِت.

نہ هُئو جِياڏُ ڪو، نہ ڪو هُئو راڳُ (٦)

هُئو ڏِٺي سگهِپَ سين، نہ ڪو وَرِي وَٺاڳُ (٧)

Gul Hayat Institute

---

(١) پاءُ= پاڻ، پاڻ کي (٢) راڄئي= حڪمراني (٣) اوٽو= گهٽ. آڳر= وڌيڪ.زياده. ڪيٽي وار= وار جيترو، ڪنهن طرح ذرو بہ (٤) چُندي= چٽي . چُوٽو= ڌوت.( ڪوبہ ساهوارو ڪونہ هو) (٥) سگهپ= طاقت، قدرت. نموٽو= صورت، مثل. (٦) جياڏ = جيئڻ، ساهوارو (٧)وٺاگ= وڻڪار

نَکِي آچو تَڏهِين، نَکِي کَارو وَنُ (١)
سائو کِينَ سِرجيو، ڳاڙهو کِينَ آيِنُ
هُئو ڏِٺي سَگهِپَ سِين، نہ گَکِلو وَرَنُ (٢)
نہ هُئو اُهاءُ کِي، نہ هُئِي اُونداهِ
نَکِي وِڄُ سوجَهرو، نہ ماٺِکُ، نہ باهِ
هُئو ڏِٺي سَگهِپَ سين، سائِين سو ساراهِ.
نہ تِينْ کَکَرَ، نہ گُڙال تِينْ، نہ تِينْ ڳڙا نہ مِينهُ (٣)
هُئو ڏِٺي سَگهِپَ سين، نہ مِيثاقُ نہ ڏِينهُ.
حِرصُ نہ هُئو تَڏهِين، نہ هُئِي حَرْفاتِ
هُئو ڏِٺي سَگهِپَ سِين، نہ وِهاڳ نہ راتِ (٤)
نہ اونهارو تڏهِين ، نہ سِيارو تِينْ
هُئو ڏِٺي سَگهِپَ سِن پِئو نہ هُئو کِينْ.
نہ سِيارو نہ واهَنْدو. نَکا مُندَ نہ رُتِ (٥)
هُئو ڏِٺي سَگهِپَ سِين، مَلَکَ نہ تَنهِ مُهُتِ (٦)
نہ تِينْ گهڙِيُون، نہ پَهَرَ تِينْ ، نہ تِينْ وَرِهَ نہ ماهَ
هُئو ڏِٺي سَگهِپَ سِين، نہ ناحَقُ نہ داٺهَ.
نہ تِينْ جِنَ ديوَ پَرِي، نہ جادُوِي سِحَرَ نہ شَرُ هُئو
ڏِٺي سَگهِپَ سِين، نَکِي بَحْرُ نہ بَرُ.

---

(١) ونَ= ورن، رنگ (٢) اصل اِئين (٣) گڙال= گوڙ، گجگوڙ ککرَ جي (۴) وهاڳ= صبح ، پريات (٥) واهندو = هوا ۽ واءُ (٦) مُهت= مانَ شان سان،

چيج بہ نہ هُئا تَڏهين نہ اويڙ نہ پج (١)
هُئو هيڪوئي هيڪ ڏٿي تته آنديشي ڏِرجُ.
طوبيٰ تُنَ اُپاياءِ، ڪَوثرُ تُنَ ڪياءِ (٢)
پيرِ شَجَرَة الْمُنْتَهيٰ نہ هُئي تته تاءِ (٣)
هُئو ڏٿي سَگِهپَ سين، سَچو ايان ياءِ (٤)
يُونْ روپي ۽ سونَئي تُنَ اُپِنِي توءِ (٥)
تہ نيشاني ناهِ ڪا، نَڪا پيٺي پوءِ (٦)
هُئو ڏٿي سَگِهپَ سين، پئو نہ هُئو ڪوءِ.
تُنَ هُئو ڪوهُ قافُ ڪو، نہ هُئا دريا
نہ ياجُوجَ نہ ماجُوجَ تينْ، نہ تينْ تَحتَ ثَريٰ
نہ دَجالُ اُپائيو، نَڪا پئي بَلا
هُئو ڏٿي سَگِهپَ سين، تُنَ اُپِنِي ڪا. (٦)
اُتَرُ ڏَکَڻُ ناهِ ڪِي، نَڪِني سِجَ اُيارُ (٧)
ڏيہ نہ هُئي ڪا پِئي، نَڪِي وِچُ نہ ڏار (٨)
نَڪِي مَتان مَنڊِؤ، نہ تَرُ نہ پاتارُ
تہ ڪِهوئِي ناهِ ڪِي مُلِڪُ سَندوسِ آپارُ
هُئو ڏٿي سَگِهپَ سين، سَچو سِرجَڻهارُ.
جَنْهَرَ تُنَ خَلقِيا، نہ دوزخُ نہ تاءُ (٩)

---

(١) چيج= چيز،تول (٢) تُنَ =تڏهن نہ (٣) تہ تاءِ= تنهن تي، تنهن جاءِ تي (۴) ايان= ائين(۵) سونئي= سوني، سون جهڙي (٦) تہ =تڏهن. پيٺي زمين. پوءِ= اهو عجب !( ٧) سج اُيار =جنهن طرف سج اُبري، ابرندو (٨) ديہ= پيني، زمين (٩) جنهر= جواهر، تاءُ= جلوو

نہ اعراف اُپايا، نہ تين بحر نہ واءُ
تہ هُئو سلطان سو قادر قديم راءُ
آرڙه سهس عالمن اُپائين پوئاءُ (١)
پهرو عشق اُپايو رازق رب جليل
پاڻ ڪيائين پڌرو هيئين پر جميل
قادر نور جُدا ڪيو پاڻ جي نوراءُ
نور محمد مصطفيٰ پيدا ٿيو تتاءُ
وندي لدي وتري تيني حضر تاءُ (٢)
سائين سڀ سرجيا تهين جي نوراءُ
عرش ڪرسي لوح قلم جين بهشت دوزخ اُپايا
يُون روپي ۽ سونئي سرن اعراف بنايا (٣)
حوض ڪوثر نير شجرة المنتهيٰ طوبا ورک وڏايا (۴)
سهس اياره ٿيا پيدا يُويُون آيَ وِڇايا (۵)
سج چنڊر تارا پڻ خلقي وارن تي سر واهيا (٦)
ڏونگر بحر سمونڊر سرجيا، پاڻي پٽ لوڙاهيا
بحراءُ مارڳ متي خلقي تتهين ڪري وهايا
ڪڪر هيئين هيٺ بهانو، متان مينهَ وسايا
ملڪ ماڙهو جن اُپنا، يُون ۾ اويڙ چايا

---

(١) پوئاءُ = پهاءُ، نسل (٢) وندي= وريچ، ياڳو (٣) سونين روپين سرن سان (۴) ورک= وڻ (۵) سهس اياراه =سهس اتاره، ارڙهن هزار (٦) پنهنجي پنهنجي واري سان هلايا

ڪَري پَڙاڏو قِياسُ ڪِيو، جا جَهِين حوالي
آيو اِسرافِيلَ ڪي فِرمَانوسِ وَڙي
تَنهِ ساڄِي صُورَ هَتِ ڪِئِي، اُيو واتِ ڪَرِي (١)
رَبُ سَندي فرمانَ ۾ اُيو آهي اِيئن
هُوندو تَنهِ تَرتِيبَ ۾ ڏِينهِ قِيامَتَ سِيئن
جَبرئيلُ پَيغَمبَرين ريبارو هُئو
گَهَٽو آيو مُحمدَ کي جو قادِرَ اَتِ ڏُئو (٢)
ڏه ڀيرا مِهتِر آدمَ کي ڏِنا جَبرَئِيل مَلڪَ
آندائين فَرمانَ سي جي مُڪا رَبَ لَڪَ (٣)
ٻَتِرِيهَ پِرِڪا مِهتِرِ نُوحَ کي ڏنا جَبرَئِيلَ (٤)
آندائين فَرمانَ سي جي مُڪا رَبَ جَلِيلَ
اَئِيو مِهتِر اِبراهِيمَ کي اَٺَ سَؤ چنارِ پِرِڪا
آندائِين فَرمانَ سي جي قادِرَ قُدرَ تا مُڪا
چارِ سَئہ پِرِڪا مِهتِر مُوسيٰ کي پُڄِ مَلڪُ اَئِيو
آندائِين فَرمانَ سو جو اَللهَ فَرمائِيو
چارِ سَؤ وِيه پِرِڪا مهِتِر يُوسُف کي اَئِيو مَلڪ وَحْيُ
آندائين ڳالهاءُ سو جو مُڪو رَبَّ صَحِيُ (٥)
ٻَتِرِيهَ پِرِڪا مِهتِر عِيسيٰ کي مُڪو جَبرِئيلُ رَبَ

---

(١) ايو وات ڪري= وات ۾ جهلي بيٺو (٢) ڏٺو= ڏُنيو، چونڊيو (٣) مُڪا= موڪليا (٤) پرڪا= ڀيرا (٥) ڳالهاءُ= چيو، فرمان، پيغام

Gul Hayat Institute

جي آندا فَرمانَ تنهِ ڏِنائِس اَدَبَ
ٻِيا مُرسَلَ مُحَمدَ رِءَ جي نَبِيَ هُوا
ڪِي ڪِي آيو تَنِ کي سَڀ قادِرَ ڏُوا
ڪَنِ کي سَڏُ سُڻائيا، ڪَنِ کي خوابَ لَڌا
جَنِ کي حُڪمُ جِينْ ٿيو سي تَنهِ منجهہ اُيا
آئيو پُٺِ مُحمدَ کي ٻيرا ڏَهہ هزارَ
چارِ سَءُ وِيهَ ٻِرِڪا پُٺِ آئيو ٻيهارَ
آندائين فَرمانَ سي جي مُڪا رَبَ جَبارَ
مَلَڪَ ٻِيئِي جُمِلي ڪَنِ ساراهَ سَتارَ
لَکَ ڪِروڙين پَدَمين اُپايا اَپارَ
نہ ٻِئو هُوا پُٺِ ۾، نہ ڪَنهِ ڄِيا ماءُ (١)
سي خالِقَ خَلِقيا پاڻِ جي چاڻاءُ (٢)
اَپِينْ پوڻِين عَرشِ جي سِرِيا سي نُوراءُ (٣)
ءِ اُتيارِي دوزَخَ جي، سي دَوزَخَ مَنجهاءُ (٤)
اُيا عِبادَتِ ۾ ڊِرنا گهٽي ڊَرِياءُ
رُونداِئي رِئَڻِ سي، ڊِرجَندا ٿهراءُ
نہ تَنِ کينُ نہ پِيَڻُ کِي، نہ لَذَتَ نہ ساءُ (٥)

---

(١) ٻِئو= ٻِيُ ٻِيءُ (٢) پاڻ جي جاڻاءَ= پنهنجي مرضي سان (٣) سرِيا= سِرجيا
(۴) اُتياري= پهريدار، ملائڪ محافظ (٥) کين= کائڻ، کاڌو

نہ جَهَنَّمَ تاءِ ڪِي، نَڪِي جَنْهَراءِ (١)
تَنِ ڏِنائِين نِمُنو مَرِڻَ سَندو ڪَهْڪاءِ
قَلَمُ آڳي ڪَڍِئو، پاڙِينْدَسِ پُواءِ (٢)
خَيرَ خَبرَ ڪونَ لَهي شَرَّ نہ لَهي پاءِ
پَيغامَبَر سَبِ جُمِلي سِرِيا سي نُوراءِ
مَجِئائون فَرمانَ سو جو قادِرَ چَيو
تَنِ آسان جِينءَ نہ ڪِئو ڳالهاءِ آمَيو (٣)
ڏهلايون ءِ ڏاڪَرّا تَنِ بُڪَ سُهاڻي (٤)
تَنِي سين تيلان تِئِي رَحمَتَ رَباني
ڪِينءَ قادِرَ اُپِيني، پاڻِهي جاڻِي (٥)
نہ ڪِينِي سيکارِئو نہ ڪِينِي سو سَنْجِهہ (٦)
اِنَ پَرِ آدِيٹو ڪِيو رَبَ اُپِٽي گنج (٧)
تِينِي سَندِيءَ گنجِ تَنہِ نہ ڪو آتُ نہ پارُ
هُئو هُوندوئِي ڏَٽي خالِقُ خَلقَٽهارُ.
تِينِي سَنَدِي راجِئِي سَرحَدَ نہ سِيي (٨)
آءِ ڪِييَنْ چُوندو اِييَنْ جہ ڪَرْهي پاڻدُ لَهانْ (٩)
وَچُون تہ ايمانَ سين ڪَلِمو چَيو هِيَنْ.
لا اِلہَ اِلّا الله محمد رسول الله

---

(١) تاءِ= سيڪ، تپش(٢) پُواءِ= پنيان، پوءِ (٣) آميو= اڻ ميو، بي انداز(٤) سُهاڻي= سامهون آئي، وٺي(٥) اُپِيني= اُپائي، خلقي(٦) ڪيني= ڪنهن (٧) آدِيٹو= رزاق، آڌار(٨)راجِئِي= بادشاهي(٩) اصل ائين



Gul Hayat Institute

## آغاز اُيا جي آدمي

آغــاز اُيــا جــي آدَمِــي پِــهــرو مِتــيءَ مَنــجهاءِ
"وَبَداءَ خَلــقَ الاِنســانَ مِــن طِيــنٍ" اَصُل تِيو تَتاءِ (١)
تــاءِ پــوءِ وِيــاءِ آدَمِــي كِــيو نُــطــفَ پــاڻيــاءِ (٢)
"ثُمَّ جَعَلَ نَســـلَهُ مِن سُلالَةَ مِنْ مَاءِ مَهِينٍ" جو پُيجڙو پُيجڙاءِ (٣)
تانْ ٿي پــوءِ راسِ كــري رَكِئــو مَنــجِــهــسِ رُوحُ
"ثُمَّ سَوايَهِ وَنَفخَ فِيه مِن رَوحِهٖ كِــيو كِــيڏاسِ وُجُوهُ (٤)
سَنِــدي تَــنهِ ســاراهَ كَــرِ جِيني اُپــايُهِ ايــيَــنْ (٥)
فَسَبِحْ بِحَمدَ رَبِكَ وَاســتَغْــفِرهِ" ڏوهُ كَــرِين كِــيـَـنْ
پِــڙهِ كَــلِــمو سَــچــئُــون تهِ تــون جَــنِ مَرهِينءِ.

لا اِلهَ اِلا الله محمد رسول الله

Gul Hayat Institute

---

(١) اصل تَتاءِ (٢) تاءِ= تانءِ(٣) پُيجڙو پَيجڙاءِ= هڪ ٻئي جي پٺيان (٤) ڪيڏاس= ڪيس (٥) اُپايُهِ= اُپائيي

## صفت جوهر آفرينش عالم و مهتر آدم عليه السلام

(۱) ڪيهِينءِ چيو آڳئين عالِمين عِلماء
ڏٺي ماڻڪ اُپائيو اڳي سيڪنهِياء
(۲) ڏٺيءِ چهاسترِ توڪهِنْ جو هُئو اُپائيو
(۳) چٽينْ توڪنِئُون خالِقَ پهرو نہ سُئو
چٽنبُون قدرتَ هيڪڙي، پِي رحمتَ، ٽِروءُ نُورُ
چوٿينْ هيبتَ تنِ سين ماڻڪَ سندو مُورُ
(۴) پنچينْ ورنِينْ رنگُ تنهِ هُئو ہِ ماڻڪَ
(۵) سيڪنهِينءِ توڪَ اڳي هُئي تِتهينْ اهِڪَ
پِهري اڇي تنِ، ٻئي سائي، زردي ٽِريءِ
چوٿين ڳاڙهي، پنجين ڪيائِنس ڪاري وَنِ
تاءِ پوءِ نظرُ تنهِ ڏونهُ ڪياءِ هيبتَ منجهاءِ
(۶) ڦٽي بارہَ لِڱو تنهِ وِيرَ ٿيو تتاءِ
قادرَ عرشُ ڪُرسِي ڪيا تنئُون هيڪڙِ ياءِ
(۷) لوحُ ءِ قلمُ ٿِيا تِتائين پِياءِ
ٽِريءِ منجهاءِ آبَ ڪيا سٽِئي رِءِ تنين

---

(۱) ڪيهِينءِ= ڪنهين (۲) چهاستر= چاهتر (۳) يعني چارئي گڏ خلقيا، انهن مان، ڪو اڳي پوءِ نہ هو (۴) ماڻڪ ہِ پنجن ورنن جو رنگ هو (۵) اهڪ اصل اٿين (٦) اصل. بارہ لِڱو (۷) پياءِ = ٻئي مان

چوٿِينءَ مَنجهاءُ پوءُ ٿِيپين سَندِي سِتَرا ڪِئي سَتَنِ

پَنجيِئانْ مَلڪَ تِيا سَيئِي سَنداسِ (١)

ڇَهنِينءَ مَنجهاءُ راتِ ڏِينهُ مَجِيا فَرمانـاسِ

سَتِياءُ سِجُ چَندرُ تارا تَنهِ ۾ وِرُونهَ

آٺهِينْءَ مَنجهاءَ جَنَهرَ ڪِيا سِين پاهنجِيءَ سُونهَ

نوئِينْ مَنجهاءُ مَگَرَ ڪِيا ڏمرَ ڏُهارِينِ

ڏَهِياءُ جِنَ ڪِيا پوُتَ جي پُوڻِنِ

اِڪارَهِياءُ آدَمُ حَوا سِين سَيَهِي وِيا (٢)

ٻارَهِياءُ نُورُ مُحمَّدَ ۽ نَبِيءَ ٻِيا ڪِيا

عالِمَ ۽ اُمَتَ مُحمدَ جِي سي پُڻ تِتا

اِيءَ سَيڪِي سائِينءَ تَنهِ ماٽِڪَ مَنجهاءُ ڪِيا

آدَمُ اُپائِيو ڏَٽِيءَ مِٽِيءَ تَهِيَن مَنجهاءُ

مِٽِي جا اڳِي تَنهِئُون اُپائي گَجاءُ (٣)

گَجَ لَهرِنِئُون تِئِي، لَهرِ سَلڪِي واءُ

واءُ ٻَحراءُ اُپائِيو، ٻَحرُ ماٽِڪَ مَنجهاءُ (٤)

ماٽِڪُ گُهرِيءَ اڳِي ٿِيو، گُهرِيءَ قُدرَت ڏَٽِياءُ

اُپائِيو پَرِ اِيهِي آدَمُ ٻاجهه مَنجهاءُ

مَٽي ۾ مَلڪَ مُقرَبَ آڻِي روحُ ڏِنوسِ

Gul Hayat Institute

---

(١) پنجيئان= پنجينءَ مان (٢) ويا= ويا، اولاد (٣) گجاءُ= گج مان، ڦيڻ مان، جهگ مان (٤) گهريءَ= مرضي، منشاء

• سَٿُو وَرِهيَہِ آروِيَہِ ۾، سَٿو ٻُڪِپِينْ هُٿو (١)
سَتون سَٿو پيرَنِ ۾ اُتِي سَٿوُن تِيو.
جِينْءَ اُتِي اُيو تِيو نَظَرُ ڪِيو مَلڪَنِ
ڏِيل ڏٿاوُن آدَمُ جو آچو رُٻي وَنِ
اَلله جو مَلڪَنِ کي فَرمانُ آئِيو اِيہُ
سيئِي سَجَدہَ مِڙِي آدَمَ کي ڪَرِيہُ
پِهرو سَجِدو تِينْ ڪِيو مَلَڪَ مُقرَّبَ جِنَّنْ
سي پَسِي سَيَهِينْ ڪِيو رَءَ اِبليسَ تِنَّنْ
جُمعي ڏِينہِ مَتاءِ لُهَرِهَي آئِيو اِيہُ فَرمانُ (٢)
وِچِينْءَ سِين وِرمَ تِئِي اِتاءِ اِئِينْ جانُ (٣)
جُمعو عِيدَ آدَمَ تِيو ءِ سَنڌهِسِ وِيا
ڏِنِي دعا قَبولُ ڪَري تَنہِ ڏِينہِ ڪِجي جا
وَجون تہ ايمانَ سِين ڪَلمو چَئو مُها

لا اِلہَ الا الله محمد رسول الله

Gul Hayat Institute

---

(١) اصل اٿين. (٢) لُهرِهي= شايد اُلهي، مٿان لهي (٣) وِرم= ويرم

نور نامہ حضرتِ رسالت پناہ

Gul Hayat Institute

بان کبریتو مرد و تعالیٰ اللہ جو دیا ربذو دیہ دنی اتو وا کراء
یتت دربذو مصطفیٰ دھاریں وتاء مولا امت محی موبخشو مہراء
وا انو و دو دنی عالیٰ اللہ امت محمد مصطفیٰ کی مولی کبن مباح
عذری بریں بیہ لایق مو نقاء ما نیذ بمبر میثوا کنا جن سو ھا ردو
ھوت تا جاء دییہ کلمہ جیو ھاء لا الہ الا اللہ محمد رسول اللہ

نامہ بسم اللہ الرحمن الرحیم حضرت رسالت پناہ
بیدہ جکل خلقو میر نمو ملکہ راء یھرائی بیدا کری اذو کبیر اللہ
ستازی سوال بجاء شو نکو جو نو سو وبجاری وین جو بیو جوبر باء
بیی فا در دریا لی یھری بر یاء ملک خلقی مودلی منگا کہ ما گاء
بیغمبر بیدا کری مو سل کیا منگاء عرش کرسی لوح قلم جو دکینی جرباء
اتہ جنتو الکی کینو کہ ما کاء تا ارببح جدر کری نکیا کہ نور اجہ
داد خلقیر وبح ورن میثو اکیا منگاء صبر سول بیی ادلی محبت کیا منگاء
نو نثر قدس قبلہ مذری کہ ما گاء عصالت آدم ری بیدا ایتی کواء
جیر جو بانی واء بن خلقی خاک کھیاء لہ سوی لکیو کری بیو جو برباء
اب خلقیا اسمان بومیر بحر کیاء ووکر دیہ دبیہ کری کہ بر بحر یاء

[۴]

## نورُ نامہ حضرت رسالت پناہ

بسم الله الرحمٰن الرحيم

جَڏِهِ جَڳُ خَلقِئو مِيڙي مَلڪَ راءِ
پِهرائِين پَيدا ڪري آنڌو ڪيرُ اَللهَ؟
ساري سُوالُ پُڇاءِ سو نِڳيو جو نُوراءُ
سو وِيچاري وِڻُ چيئو پِيئو جو پَرَياءِ
ڪِينءَ قادِرَ دَريا ڪِيا پِهروئِي پَرياءِ (١)
مَلڪَ خَلقِي مُن ڏَٿِيءَ مُڪا ڪَنهِ ماڳاءِ
پيغَمبَر پَيدا ڪري مُرسَلَ ڪِيا مُڪاءِ (٢)
عَرشُ ڪُرسِي لَوحُ قَلَمُ جوڙُ ڪيهِي جُڙِياءِ
اَتَ جَنَّتُون آڳي ڪِيُون ڪَنهِ ماڳاءِ
تارا سِجُ چَندُرُ ڪري نِڳِيا ڪَنهِ نُوراءُ
ڏانڊُ خَلقِي، وِڻجَ وَڻَ، مِيوا ڪِيا مُڪاءِ
صَبُرُ سُورُ سَچا ڏَٿِي مُحبُ ڪِيا ڪِٿاءِ
ڪَوثَرُ قُدسُ قِبلَهَ مُندِرِيَءِ ڪَنهِ ماڳاءِ (٣)
عَصالَتَ آدَمَ ڪي پَيدا ٿِيئي ڪُواءِ (۴)
جيرو پاڻِي واءُ پَڻِ خَلقِئي خاڪِ ڪَهِياءُ (۵)
لَهُ سوئِبي لِکيو ڪري پِيو جو پَرِياءُ.

---

(١) پهروئي= پهريائين، اول کان ئي (٢) ڪيا= ڪٿان (٣) مندريءَ= آڏيائين
(۴) ڪُواءِ= ڪهڙي هنڌان، ڪيئن(۵) ڪهياءِ= ڪهڙي طرح، ڪهڙيءَ شيءِ مان



Gul Hayat Institute

آيَ خَلقِي آسِمانَ پُونِيءِ بَحَر ڪِياءِ
ڏُونگرَ ڏِيهَ ڏِسِين ڪري ڪَنهِ پَرِ پَٽرِ ياءِ (١)
اُپِيئِي آدَمِي سڀِي پيدا ٿِيئِي ڪُنواءِ (٢)
آسان کي آچو ڪِٿِي ساري سَڀوجهاءِ (٣)
آسان "آرادِينُ" چوءِ جُوڙيا ڏه جَوابَ
جِينِي سو صَحِيُ ڪري سَين تِيانْ ثَوابَ (۴)
تَڏهِ سِجُ نہ چَندُر نہ تارا، هُئو هيڪُ خُداءِ
جهوڳِياڻِين جَهگَ کي آگي عَرشَن لاءِ
نُورٌ نَبِيءَ جو نَمِيو پِهرو قُدرَتاءِ
اُپِينِي تِئائِين پُونءِ پَيدا ڪِئِي خُداءِ (۵)
وِرِهاڱا وَڏي ڏَٽِيءَ نَميا نُورَ مَنجهاءِ
سڀيئِي صَحِيُ تِيا فَرمايو ڏَٽِياءِ.
سَچو ڪِيائِين سَجِدَهو وَرِهَ سَترِ سَهْسَ
تا فَرمايو مون ڏَٽِي جَهجهِي ڪِئِي ڪَسَ
آڳِي سَتَ سَنْباهِيا جي دَرِيا دُرسَ
ڏهڏه سَهْسَ سَيڪَهِين مَنجهہ ڏِنائِين ڏَسَ
هيڪَڙو عِلمُ، حِلمُ بِيو، ٽِرئو صَبرُ سَين
چوٿُون عَقْلُ آدَمِيءَ، پَنجُون فَقُرُ تَنِ

---

(١) ڏِسِين= ڏِسيون، طرف (٢) ماڻهن سميت بيني آهي سا ڪٿان پيدا ٿي (٣) آچو ڪٿي= صلاح ڪريو، ٻڌايو (۴) تيانِ= تن کي (۵) اُپيني= اُپائي

ڇَھِين رحَمتَ رَبَ جِي، سَتوُن نُورُ پَسَنِ
سَدُ سڻايو نُورَ کي مَنجها پِرتِ پِرِيَنِ
اُتيو نُورُ سَدُ سڻِي تَنهِ ويرَ تَنهِ ماڳاءِ
سِدو صَحِيُ سَهَند هو فَرمايو ڏڻِياءِ (١)
مُناجاتَ مَڱانُ ڏِڻي قادِرَ ڪَرِيان ڪِينءَ
جِنُبان پاڻِ جَهتَ ۾ جيڪِي ڏيکارِينءِ
چورِيائِين چِيتانُ ڪري جِينُ پِهرو پاڻُ
چوهِيءَ سَهسَ لَکَ ڦُرَنِ پِيا پاڻو آڻُ (٢)
جي پِيا پاڻيءَ ڦُرا نَبِيءَ جي نُوراءِ
پَيغمَبرِ پِيدا ٿِيا مُرسَلَ تَهِين مَنجهاءِ
ميڙي مُڪا ۾ دُنيءَ سَيِنِ ڏيئي ساءِ (٣)
پَيدا ٿِئي پِروتَڻِي آدمَ پُٽِ مَنجهاءِ (۴)
پِهرو پِيا ٻِـ ڦُرا جِيَڻِي اک مَنجهاءِ
جَبرَئِيلُ مَلڪُ جو مِڪائِيلُ تِتاءِ
ٻِـ ڏاياءِ ذاتِ ڪيري ڦُرا وِڏاءِ (۵)
اِسرافِيلُ مَلڪُ جو عِزرائِيلُ ڪِياءِ
پاڻيءَ پِيا ٻِـ ڦُرا جِيَڻِي ڪَناءِ
قَلَمُ تَتائِينُ ڪَڍِؤُ لوحُ پَڻِ تَهِين لِکَياءِ

(١) سهند= سولو (٢) چوهيءَ= چوويهہ (٣) دنيءَ= دنيا (۴) پروتڻي= ڌرتي
(۵) ڏاياءِ= ڏاڻي اک

Gul Hayat Institute

اِئـي جـانْ آدمَ کـي عَـصـالـتَ اِتـاءِ (۱)
شعُيبَ کي صَـحِـيُ تِـئِي، مُـوسـيٰ تـنهِ مُلاءِ (۲)
پاڻيءَ پيا چارِ ڦُڙا چُـرِي چـيـلِ مَـنجـهـاءِ (۳)
مُـحِـبَ مَـتِ مُـڪـا ڏِٺـي صـادِقَ سُـڏاتـاءِ.
پـاڻـيءَ پِيـا ٻـ ڦُـڙا مُـونِهِ پِيـنْ مـنـجـهـاءِ (۴)
ڦُـوَةَ تَتائِيـن تِـئِـي پَـهَـڻَ تَـنـهِ هَـنـڌاءِ
پاڻِيءَ پِيـا ٻـ ڦُڙا پـيرِهِ پِيـنْ مَـنـجـهـاءِ (۵)
گهَـتـو اِبـراهِيـمَ جـو، اُٿ صـالِحَ جِـي تـاءِ
جيـڪـي تـوکَ خَـلقِـيا سـپـيئِـي اِيـاءِ
سـو تـورِيُي نـاهِ کـو جـيـڪـو رِءَ نُـوراءِ
چِـيرو، پاڻـي، واءِ پُـڻِ خَـلـقِـئِي خـاڪِ خُـداءِ
آئـي آنـدَرِ رَکِـئِـي وَتُ کِـي جـيـڪـاءِ
فـرمـانُ تِـيـو نُورَ کـي دوسَ سُـونْـهـارا مُونْ
جِـنِـي چِـئِـنَـؤُن هـيـکَـڙو کِـهڙو ڏِٺِيـنْ تُونْ.
پِـهـرو واءَ سِـبـر وِؤُ نُـورُ وَرِي
سـلامُ ڏِنائِـيـن سـيـگـهَ ۾ اُيـو ڳـالِ ڳـري
پُـچِـيـائِـيـن واءَ وَرِي کِـها کَـمَ کَـرِينْ
تُون ٻانِـهو ٻـانِـهـپَ کـي اُيـو نـه آهِـيـنْ

---

(۱) عَصالت= اصليت، خاصيت، بزرگي (۲)؛ مُلاءِ= وٽان، ڪان (۳) چيل= چيلهه (۴) مونهِ= مُونن، گوڏن (۵) پيره= پيرن

آؤُنْ آجو آهِيان پاڻَ مُرادي مَنِ
عَيبُ نہ هَتِي اَنگَ ۾ ، مُون يَرِ يَگَ يَونِ (١)
جو عَيبُ تو اَنگَ ۾ پُڇِين سو نہ سُڄاڻَ
دِيارِئِينْ دُورِ تِيا کِها کَرِپين ٽَراڻَ (٢)
آؤُنْ ٻانِهو آهِيان مُون کَرِ مُسلِمانُ
تِتِ اُپِيتو سيگهَہ ۾ رَبَ پَرِنِي پاڻُ.
وِيو نُورُ نِسوهِرو پاڻِيءَ اُتِي پاڻِ
کِ تون آجو آهِئِين، کِ کَا هَتِي کاڻِ؟ (٣)
آؤُنْ آجو آهِيانْ پاڻَ مُرادي مَنِ
عَيبُ نہ هَتِي اَنگَ ۾، مُون يَرِ يَگَ يَونِ
مِيرا مَتا مَنجِهہ تو پُرِيِ وِجَهندا پاڻَ
آؤُن ٻانِهون آهِيان مُون کَرِ مُسلِمانُ
سِکِي اُپِيتو سيگهہ ۾ رَبَ پَرِنِبي پاڻُ.
وِئو نُورُ نِسوهُرو آتَشِ اُتِي چَتِ (٤)
کِها کَرِئِينْ کَمَ تُون تَنهِ کِي چِياءِ تَتِ
آتَشِ اُپِيهي کِيو تَنهِ وِيرِ هِيءَ آواجُ (٥)
لَڳِي لُوهانْ لِکَ سين سَبِ مُنهُجو کاجُ (٦)
پاڻِي پاکُ خَلِقئو سَتراڻو ٺُهاءُ (٧)

---

(١) هتي ۽ هن کان پوءِ ٻي پڙهڻي= مون يَرِ يگ يون(٢) دريائين= ديار کان، ملک کان. ٽراڻ= نڪاڻا، ٽاڻا(٣) هَتِي= اتئي(٤) چت= تـرت (٥) آواج= آواز (٦) لوهان= لٺان، الا (٧) سَتراڻو= سخت

ڦُڙي تَنهِ مَرِي پِيوءُ ڦُوَة تُنهجي واءُ
ڏِينِ اَڇِي ڏُرِسْ تي آڏِي اُيو ڪَنڌ
جائِي قادِرُ ڪَڍِؤ سوناَئِينْ سو هَنڌُ.
وَهِلِو وِؤ خاڪِ سِرِ نَبِيءَ سَندو نُورُ
ڪِ تون آڇِي آهِئِين ڪِ ڪي هَٿِي پُورُ
آؤُنْ خاڪِ خُداءِ جِي مَڇِي اُيِي مُورُ
سا پَسِي سَرِهو تِيئؤ نَبِيءَ سَندو نُورُ
تاهَرِيائِينْ تَنِيَنِ رِءَ ڪارَڻِ ڪوڏِ رَسُولَ (١)
مَنجها تَنهِ پَيدا ڪِيا سَهِينْ يَبتِينْ صورَ
ڳِرِ لايائِين خاڪِ ڪي ڏُوائِين سا ڏُورِ (٢)
پاڻَ آڳاهُءَ تَنهِ ۾ .......... اُمَتِ حُضُورِ (٣)
مَرِي مِڙَنِ ڏَرِ هيٺِ سي ڇُنڊِي چارِي توڪَ (۴)
آدَمَ پُٽنِيءَ آئِيا لِکِينْ تانْ اِيءِ لوڪَ
نُورِ نامِي مَنجهاءُ سا لِکي سِنڌِي ڪِيو پاڪا
سَبِ پَرِياءُ پاٿِهِي پاتا پادِشاهَ.
عَرِبِياء ۽ فارسِياء سِنڌي وا ڪِيامِ
آريا "آرادِينْ" چوءِ لِکِي پُڄَئِيامِ (۵)
چوڪِي پِرتِ پَڙِيه سو سَڄِي سِڪَ سُٽِيهُ

---

(١) تاهريائين= تهرايئين، قائم ڪيائين، پٽريائين(٢)ڏوائين= ڏڪيي واءُ، ڏڪار
(٣)ورق زبون(۴)چاري= چارئي (۵) اريا= اريعا

Gul Hayat Institute

جِتـــي جُهولو جَنَـــتِي جه ســـو پَـــسئون ڏيهُ
وڃون تہ اِيمـــانَ سيـــن كـــلـــمو پـــاكُ پَڙيهُ
لا اِلـه الا لله محمد رسول الله

---

Gul Hayat Institute

# [حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جي سوانح]

Gul Hayat Institute

## [۵]

### حضرت نبي ڪريم صلعم جي سوانح

هُئي هيڪلي ايمَنا جِينءَ جناءَ مُحمّدُ
ڪَنرِ سُورَجِ اُيرِؤ روشَنُ تِئو هَندُ
چارِ جوئِينءَ بيخبَري پيهي آئُون تَتِ (۱)
گهورَئِينءَ رَسُولَ جي ڪارَڻِ تَربيَتِ (۲)
حَوا، سارا، مَريَمَ، چوٿين صَفُورا
ڳِنهي آئُون توڪَهِينءَ چارَئِي مَستُورا (۳)
هُوئا حَوا هَتِ ڪَپڙا اَندرِ طَبَق نُورَ
سارا هَتِ سُرِهايُون تارَ مُشڪِ ڪافُورَ (۴)
ڪَؤنرو پَري ڪَوثَرا ڪِيو صَفُورا هَتِ
چِلبيچي مريَمَ ڪَئِي، آيون مَنجِهه جَهتِ
وِهنجاري رَسُولَ کي حُلاءَ ڏِناءُون (۵)
سَرهايُون سَڳُورَئِي لِڳينءَ لوياءُون.
ڪِيو بِيبيءَ ايمَنا سَفرُ سِتين ڏِينهِ (۶)
سِرجِئو ساءِ جَهين، نِپايو تَنهِ نِينهِ
پِهرو ڪِيرُ رسولَ کي ڏنو ثوبِيا جوءِ
ڪَنيزَڪِ اَبُولَهَبَ جي، وِاقدي چوءِ (۷)

---

(۱) جوئين= جويُون (۲) گهورئين = گهوريون،ڪلبينديون، قربان ٿينديون (۳) ڳنهي آيون توڪهين= ٽوڪ ڪٿي آيون (۴) تار مشڪ= تاتار جي مشڪ(۵) حُلا= حُليا، ڪپڙا (٦) سفرڪيو= گذاري ويئي، وفات ڪئي(۷) واقدي چوءِ= واقدي پنهنجي لکيل ڪتاب ۾ چيو

Gul Hayat Institute

گھٽو ڪوسائي گرمي مڪي اندر آهه
شهر ٻاهران ڏونگرين ٽڏائي وٽراهه
پهوئارين اعرابيون مڪي اندر اين (١)
پورهي پڇيو ڳيرو نيوءُ نپائين
ڏائي ڪير وڏا تيا تنهه وير آٿئو ڏين.
گهٽو سنڙائي قحطي هئي مڪي ڌارَ (٢)
حليما سهٽو لڌو سڻيءَ منجهه ڏيار:
”ڪجور پڇي پيئي آسان اُتي خرمن
سي ڪٿهون منجهه، تيان ٻاهر پيا جهلن“.
ٻنو سعديان نڱيون پهوئارين پاٽهي
ته نيئي نپايهون ڳيرو ڪي مڪاءِ هاٽني
چڙهي چليون وهترين ٻنو سعدياءِ
حليما پڻ هلئي، تني سين تي تاءِ
حليما جو ڏيرو هٿو وهتر وڙي
پري نه پڇي تن سين هري پنڌ ڪري
سي پهئارين مڙيو حليما تاءِ رڪن
عبدالله حارث-ڏيءِ اُپيون سڌ مٽن (٣)
مڪي اندر آيون پهوئارين پري

---

(١) پنهواريون اعرابڻيون مڪي ۾ اچن (٢) سنڙائي قحطي= سخت ڏڪار، ڌار= ڌاري (٣) سڌ مٽن= سڌ موڪلين، سڌ ڪن.

ڀُڇَڻَ لَڳِيُون ڳَيَرُو سيراءُ سِيرَ سِري (١)
سَيِنِي غَنِيَنِ جا ڀورهِي ڀُڇَتا ڀارَ
نِياڻُون نِپاڻَ کي مَکي منجهاءُ دارَ
مُحَمدَ کي کاءِ نہ کَٽَئي کِيو يَتِيمُ ڇَڏِينِ
ڀُورو نہ ڀَسنِ ڀورِهئو، وِيئُون وَرِئو وَڇِينِ
حَلِيما غَنِيَنِ جو کوءِ نہ لَڌو ڀارُ
کنياڻِين مُحمدَ کي جو اُمَتَ آڌارُ
رءَ ڳَنيَرُو سَگَڻي وري جي ويندِياسِ
هاڻي هِنَ يَتيمَ کي مُورِ نہ ڇَڏِيندِياسِ
جي آئُن وَڃان سَگَڻي، ڳِيَرَوُ کوءِ نہ کڻان
خالِي ڀَهُوئارِيَنِ سين ويندي لَڄَ مَران
هاڻي هِنَ يتيمَ کي نيئي نِپايان
آللهَ کارَڻِ اِنَ ڀُڻِ کَڻِيو کِيرُ ڏِيان.
حَلِيما حضرتَ کي کَڻِي نِکَتِي تاءُ
وِهارِياڻِسِ وَهِنڙَ اُتي کِڻي ڀاڻَ اَڳِياءُ
سِري سَٻاڻي هليو کِي تِکو تازِياءُ
ڀَهُوئارِينْ ڀوءِ ٽيونِ جُنبيُون سي سَهجاءُ
حَلِيما سَڌَ کِيو ڀِڇن ڀَهُوئارِينْ جوءِ

---

(١) سيراءُسير = گهڻيون ڳليون هلي

Gul Hayat Institute

ڪاهي چُرين اڳِ ۾ اسان چڏي پوءِ

جِينَ مَڪي مَنِ نِڱيُون اسين سَعديا (١)

وَهِنُر تُنهجو ڏِبرو پوءِ پِيو پاٿاءِ (٢)

هاٿي آساهانءِ آڱَيي وَجِينَ وَڏيءِ وِڪَ!

”اِيءِ بَرڪاتَ صَغيرَ جِي جَنهِ مُنهَ ۾ ڏِڪَ“ (٣)

حَليما حَضرتَ ڪي ڪَٽيو آئِي چِتِ (٤)

مُٽِسُ ڏِٺائِين هيڪَلو اِيندو يَليءِ يَتِ

مُنهَ پَسِي مُحمدَ جو ڪِڻئِين ڪٽِي نِهارِ

......... يَتيمَ ڪي يَليءِ يَت ڪري

ڪنداسين خِدمَت تو اسين صَحِيُ وَري

حَليما وِيَر تَهِين وَري تَنِ چَياءِ

نِپايان ٻالڪَ ڪي آوَّن آللهَ ناںءِ

آوَّن نہ پُڇان پورِهئو، مَڱانَ نہ مَزُورِي

خِدمَتَ هِنَ يَتيمَ جي سَب ڪَنديُس پُوري

حَليما حضرتَ ڪي آنداڻين پِيهارُ (٥)

نِپايائِس نِعمَتين آنواعِينَ موچارَ (٦)

ڪِيرِ جَهجهي، ڪِيئَرِ چڱي، انوا عِينَ نِعَمتَ

حَليما اِخلاصِ تي نِپايائِين حضرتَ

Gul Hayat Institute

---

(١) مَنِ= وٽ (مڪي منِ= مڪي وٽ) (٢). پوءِ پيو = پوئتي رهجي ويو (٣) ڏِڪَ= ڏيان، تجلو

(٤) چِتِ= جلدي،تڪڙو (٥) پِيهار = مڪي کان ٻاهر (٦) انواعين= جدا جدا نمونن سان

بالِكْ تِيو جَذِهينْ مُشَهدِي لائِقْ (۱)
هَمشيِرِينْ سِينءِ نِكَري مُحمدْ مُبارَكْ
عَبداللهِ ءِ زمُرو حَلِيما وِياءْ
ڎِيهاژِئُونْ حضرتَ سين هَلِئو هيجَ منجهاءْ
مِڙيا كَنِ مُشْهَدا تَمَاشا خوشياءْ
جَتي عَربَ نِينگرا أتِينْ دوژائِينِ (۲)
مِڙئو پائو آٹَ ءِ خوشِي خِويشِ كَرِينِ
مُحمدْ ءِ عَبداللهِ تَنِ ءِ وَجِئو أيِئِينِ
پَسِئو أتَ وِلاڙَندا طَلبَ تَماشا كَنِ (۳)
عَبداللهِ حارثَ-ڎيءَ سرَهِي تِينِي وِيرَ
مُور مُحمدْ كارَٹِي سَچْ سَركِيءَ كِيرَ (۴)
مُحمدْ عَبداللهِ هيكْ ڎِينهَ بيِئي هُوئا بَهارِ
عَربَنِ سين نِينگرِيَن مُشاهدي كار
آچِي ءِ پَيدا تِيا آچَڙِياتَ مُڙسَ (۵)
مُحمدَ مَنجهاءِ نِينگرِين پُڇَتاؤُ پُهسَ (٦)
سُمهاري سَنئون وِجِهي مُحمدْ بالِكْ پاكْ
هِينْئِينْ مُقابِلِ پيتَ ءِ هيك ڎِنائُسِ چاكْ
سُمهاري سَنئون وِجِهي مُحمدْ مُلك آمِيرْ

Gul Hayat Institute

((۱) مشهدي لائق = وڏو ڏسڻ جهڙو ٹيو. (۲) أتِينْ =أتيون (۳) ولاڙندا= پڇندا، بوڙندا (۴) سچ سَركيءَ كير= سچ جهڙي كِيڙ (نسل، تبيلو، تولو) (۵) اچڙيات= اچي ويس وارا (٦) پهس = يكدم

هِنئِيءَ مُقابِلِ پيٽَ ۾ هيڪُ ڏِناٺُس چِيرُ
پِتو پيٽَ منجها ڪَڍِي ڪري ٻهارِ آنداٺُسِ
نُورِ مَعرِفَتَ ماڳُ سو پاڻي پَرِياٺُسِ
وَحدانِيتَ خُداءِ جي .................. (۱)
پاڻي مُحمدَ پيٽَ ۾ سِبئاؤن سو چاڪُ
نينگرا پَسِي حالُ سو پڳا سَبِ.......... (۱)
چَياؤن دائيَ ڪري آچِي مُحمدَ ماءِ
حَلِيما حضرتَ کي دَسي پِينْ مُرسَنِ
پِتو پيٽَ مَنجهاءِ ڪَڍِي ڪري ماري وِڌو تَنِ
دِرناسُون دَرپَ گهٽي جَندِ......... (۱)
حَلِيما وير تهين اُٿِي دائيَ ڪري
ڪَنِ مارِئو مُحمدَ کي هُوئا ڪيرِ وَرِي
ڪَنِ مارِئو مُحمدَ کي ۽ سي ڪيرِ هُوئا
اِهو ڪَمُ ڪري وَرِي ڪهڙي پارِ وِئا
مُنِينْ مارِيندِي اُٿِي، اَرِهِ هَٽندي هَتَ (۲)
تَنهِ سين اِيئَن ڪَنهِ ڪِيو جو سُونهي ۾ سَتَ
جانْ وِڃي تا پاڇوئِيي مُحمَّدُ وِيٺو آهِ (۳)
سائو سِيبو وِيتَ ۾ وِسِئا جِئَن واجهاءِ (۴)

---

(۱) ورق زبون (۲) مُنِين= مُنيون (۳) پاڇويو= پاڇولو، سايو (۴) وِسِئا = هيسيل



Gul Hayat Institute

منهُ اکين مُحمدَ کي چُمي چُورِ ڪِئاءِ
سَيان نَبِيان بادِشاهُ ڳِنهِي گهَرِ نِئاءِ
آؤن اُتان تو گهورِئِيي، ڏِنِيَسِ تو قُربانُ
توسين هِنِ کوهُ ڪِيو، هُونِ ڪيرُ پَرِيانُ
مونکي ٻُجهِي هيکَلو دَسِئو ٻين مُتِرسَنِ
چَياؤُن مَلڪَ آسِينِ، ٿُون سِرُ نَبِيئَنِ
پِتو پيتَ مَنجهاءِ تو تِيلانُ کَدايو
وِيڙَ چُوٿدا آگِرا تُنهِجا مائِٿَرِ تو
متان پِتِي اُتي پوئِي وِيڙُ تَنِي جو تتِ
ڪِجي کاٿدِ کَرنِ سِينِ مُحمدَ مَنجهاءِ مَتِ.
حَلِيما حضرتَ ڏابهُ جَنهِ وِيرَ اينءِ سُوئاءِ
وِيرا وِيرَ رَسُولَ جِي خِدمتَ خُوبُ ڪِئاءِ
پَنجين وَرهين عُمُرَ جِي رَسِئو رَسُولُ اللهِ
(١) اُکَندَ تِيَسِ آگِرِي شَهرَ مَڪَةُ اللهِ

Gul Hayat Institute

..........................................

(٢) .......... پَرئو اگِي هُئو بَصِيرُ
خَدِيجا کي خوابَ جو ڏِنائِين تَعِبيرُ
خَدِيجا خوابُ تو لِدو يَتِ کَهِينُ

---

(١) هن بعد کي ورق ضايع ٿيل آهن (٢) پريو = پوڙهو

جيڪا لَهي خوابُ هيءَ مُحمدُ مُرِسُ تَهِينْ
خَتمُ سَندو نَبِيا مُحمدُ رَسُولُ الله
جيڪا لَهي خوابُ هِيءَ سو تَنهِ مُرِسُ آهِ
سَهْسَ اَتارَه عالما سَندِي جَهِين مَحَبتَ
پُوڻيُن آيَ اُپايا قادِرَ ۾ قُدرَتَ
ترِيهَ ورِهَ جاءِ تَهِين، ڏَهَ پُٽِ جُہ گُذرِياسِ
چالِيهِينْ پَيغمبَرِي خُداءِ ڏُونهُ اِينديِاسِ
چالِيهينءَ پَيغامبَرِي پانهِجي اِظهارُ
ڪَندو دَعوتَ دُنيءَ ۾ مُحمدُ مُختارُ
اِينديَسِ عَدالَتَ بادِشاهِي سَيهَين ۾ سَونسارَ (١)
پُوڻيون مَجيندَسِ آسمانَ اُلهَندِي اويارَ
(٢) تَتِ پُڄائِين وَرَتِيو سو ڪَنه شَهرِ آهِ
جُہ گهورِي تيان تَنَ ورَندي ساهِ
ڇَپائين سو ماڳِ هنَ شَهَر مَڪَةُ الله
مُحمدُ نالو تَهِين ۽ پُٽر عَبدُالله
مُحمدَ عَبدالله پُٽر تَڏهِ هُوئا هَزارَ
هُئو سو مَڪي شهرَ ۾ وڏو ڏِيهُ جَبارَ
پُٽِ پُڄياءِ وَرَتيو سَلئو سَندسِ پارَ

---

(١) سيهين ۾ سونسار = سنسار جي سيني مخلوقن ۾ (٢) ور تيو= تنهن مٿان ورائي



Gul Hayat Institute

جانْ سو لَهانْ سُپَرِين سُوجهي ۾ سَونسارَ.
جِينْ ماءُ هُئو پيٽَ ۾ تہ پِيءُ گذَريوسِ
جاتي پنجاٿاءُ سَتين ڏينهِ ماءُ پُڻ سَفَرَ ڪيوسِ
يَتِيمُ آهي هيڪَلو، گهڻو غُربَتَ حالِ
ناهِس درمُ مِلڪَ ۾ مَنجها دُنيائِي مالِ.
پُڻ پُڄَڻَ وَرُ تِيو سَلُ سَندس سِينگارَ
سَندي خَتمَ انبياء رَسُولَ ڪِها پارَ
وَرَ تِئِي چَيو سو نَبيءُ نہ ڪوتہ نہ درازُ
(١) اُپِيئي جُهبيرَنِ وِچ ۾ سِرَ اُتاهون سازُ
ڳاڙها ڪَهُوءَ وَنُ جِتَن صافي لِڳَ سَنداسِ
مُنهُ سَيوِئي موڪِرو..................
(٢) پِرُونْ يَوُتر وَرَنيُون گهڻو ڪُشادِيءَ ڪارِ
(٣) منهُ موتِيارو مُصطفَيٰ جِيني چَندَرَ نِهارِ
اَکِينْ هَتِس اُجَرِيُون پوچَڙِيارا پانڊَ
ڪِيا اوجاڳي سَجَڻِين، ڪَڪورِيا تو ڪانڌَ
رِءَ سوئيري سُوهَٽا، ڪارائي نِيڻَنِ
گهڻو آجائي اُجَرِي ڏارِي جا تارَنِ
تيني سُونهَنِ مُنهَ ۾ تارا ڪارِيءَ ڪورَ

Gul Hayat Institute

(١) جُهبيرن = جُبيرن، جُبا پائيندڙ، ماروئڙن (٢)يرون= گهاٽا ڪارا(٣) موتيارو= موتين جهڙو اڇو چمڪندڙ، موچارو

ڪِي پُٺِ پوءِ آڪينِ ۾ ڳاڙهائيءَ جِيءَ مورَ (١)
سُونْهَنِ سُپيرينِ ڪي سِرِ رُخسارِهِ خالَ
پِنْبِٽيُونْ پُوچَ تَهِينْ چَپَرَ جوڙَ جَمالَ
ڪَندُ ڪياڙي اُجَرِي پُورا پاندَ ڪَنَنِ
ڳِچِي تَنَهِ رَسُولَ جِي سُونْهي مَنجهِ سَيَنِ
ڏاڙهيءَ ڏَندين سُونهَٽو ۽ اُتاهِينْ نَڪَ
ڳَهاتِي ڳِلينِ ريهَ تِئِي مُنَهَ ۾ مُبارَڪَ
ڏَندَ مُبارَڪَ مُڪِڙيُون تِرورِ آهِيا آنتَ (٢)
موهِينِ پِريانْ موگُرا ڏاڙهون جِي جُهِ ڪَٺَتَ
موتِيارا موتِيَنِ جِتَّن چَٽُ ماڻِڪَ آوِنڊَ (٣)
ڪالمان ئي اُجَرا سُونهارا تنهءِ سَنڌَ (٤)
پُورِي مَتي موڪِري، پورِي پُٺِ سَندِياسِ
سِرِ اُتي سُونْهَنِ جِي سُونْهارا واراسِ (٥)
نه ڪوتَهِ دَرازَ سي پُورا رَبَ ڏناسِ
ٻانهُون هَٿِسِ ڊِرگهِيُون، ڪُلها ڪُشاداسِ
مُهرَ نَبُوةَ پُٺِ ۾ قُٽِي ٻِينْ تِياسِ
رَسَنِ سَرورَ انبيا مُونِينْ هَٿَ سَنداسِ
هَٿِينْ تَرِيُون موڪِريون، ڊِرِگهيُون آڱِرِياسِ

(١) ڳاڙهائي جي مور= ڳاڙهاڻ مائل (٢) ترور= چمڪندڙ (٣) آونڊ= اڻ ونڊيل
(٤) تنهن جا عضوا سڀ عالم کان اجرا (٥) واراس= سندس وار

سخاوَتَ رَسُولَ جِي چَئِينْ پَچيراسِ (١)
زانُو هَتِس زِينَتِي، کوتَہَ سُکُنداسِ (٢)
پُورا گِرِيا بُکِيُون، پُورا پيرَ سَنداسِ
.........................................*

بُزرگ زَادَنِ جِي مُورِ نہ جاڻي کارِ (٣)
بانهو آچِيو اِنَ کي هيڪاهِينءَ نِهارِ (٤)
موڪلائي موتِيا پُقِي ۽ چاچوءِ
تَنهِ خبَر ڪونہ لَهي جِيڪي تِيندو پوءِ
مَڪي مَنجها نِڪِري ساتَ ڏِناٿون پُٺِ
خَدِيجا جِي خاصَڪِي مَيسرِي آندِي اُٺِ
سونَ مَحافو سِرِ تَهِين مُرَصَعَ سِينگارِياءِ
چارِ وِهٽا چَئِين قِرين پَٽَرنِ پَٽُ وِڌاءِ (٥)
چؤڪُنڊِينْ چوٽُ ڪري ناٿو تَنهِ ڏَرِياءِ
پَٽُ پرَهائي مُصطفيٰ مَٿي پاڳَ بَڌاءِ
زَر ڪَمرِبند چيلِ ۾، موزاپيرِ ڏِناءِ
سُلطانِي سِينگارَ سين اُٺِ اُتي چڙهياءِ
اَبُوبَڪر صديقَ بَل مُحمدَ يارَ غارَ
گَرلِڳِي ڪي مَيسرِي ڪِيائين اُٺِ سُوارَ

---

(١) چئين پچيراس= گذريل چئن پيڙهين کان(٢) اصل ائين * هن بعد ڪي ورق ضايع ٿيل آهن(٣) بزرگ زادن= اعليٰ خاندان جي اولاد (٤) هيڪاهين نهار= هيڪاندي نظرداري (٥) چئين قِرين= چئني طرفن

مَيسَرا اَسين تُنهجا آيُهُون مِنَتَ دارَ
جُه تون بُزرگ زادهِ ڏُونهُ مِهر شَفَق نِظارَ
ابوبڪر! هِن-پيءُ تون پاڻهِي جاڻِي (١)
مون سين هُئِي يارِي مَحبتَ سَتراڻِي
تيلائِينْ تَنهِ-پُٽَر کي هِها توڪَ ڏِنامِ (٢)
احسانَ عَبدالله جا اَچِي چِتِ پِيامِ
پانهنجي مالَ مَنجها مُحمدَ نوازِؤمِ
خَدِيجا جو هِتِ مُون خَرچُ ڪِينَ ڪِيومِ
خَديجا جي مالَ ۾ آؤُن اَمِينُ آهِيان
مَنجها وَجَهَ تَنهِ جي خَرچُ ڪِينَ ڪَرِيان (٣)
اَبُوجهلُ وِجَهلِئو پَسِي اِهو حالُ (٤)
خَديجا جو خَرچِئِين مَيسِرا ڪوهُ [نہ] مالُ
اَبُوجَهلَ! مالُ مون سَيِي پانهِجو ناهِ
آؤُن اِتِ خَرچِيان خَديجا جو ڪاهِ (٥)
وِهُ وَجِي ماتِ ڪري، مَيسَرچَيِّس تِيئَن
اَبُوبڪر تِئَن اُتو ساتَ سَيِنْهِي اِيئَن
مَيسَرو مُحمدَ کي جِينْ نوازي هينءَ
ڪوهُ وِجهَلِين ايتَرو، رِيسُون ڪَرِين ڪينءَ

Gul Hayat Institute

---

(١) هِن- پيءُ= هن (نبي سڳوري) جي پيءُ (٢) تنه-پُٽر= تنهن(عبدالله) جي پُٽر (يعني نبي سڳورو) (٣) وجه= وکر، واپار جي وڙ (۴)وجهلئو= وقليو، بڪيو (٥) ڪاه= ڪوه، ڪيئن، ڇو

اَبُـوبـڪـر مَـيسَـره ڪِـي آچِي اُتـائين
اَبُـوجَـهـل دُشـمَـن آهِـي تـوڙا ئِـين
غافِلُ تِيجِ مَ ڪَڏهين، هيڪَـلِي ڪِـجِ مَ اُتِ
جِمَ پُـٺـاؤُ تِـي دُشـمنَ ڪِـيانُ هـٿيس پُـٺِ (۱)
محمـد مَهنـدا هَـلُ تـون پُـٺـاؤُن آؤُن تِـيـاهِ
قـافِـلـي سـالارُ جـو اڳـهُون ڪِـيو نِـيـاهِ (۲)
اڳِـي هُـئـو مـيَسَـرو قـافِـلي سـالارُ
هـاڻي ڪِـيـوءِ ڪـارِوانُ مُـحـمدُ مَـهنـدارُ
جِتِ اُلهِـي مُـصـطـفيٰ تِـٿِ رهـي ڪـارِوانُ
نَبِـيُ سَـيِـهِي سـاتَ جَـو آڳَـهُ اَڳُـوئـانُ
مُحمدَ کي اِقبـالَ اِنَ پَسِـي پَڇَـئِـي نہ سَـگـهـنِ
ڏُجَـڻُ ڏُورائِـيـنَ تـيـو پَـايـو وِچَ وَجَـنِ (۳)
هَـلـڻُ رَهـڻُ پُـوئـا ۾ سَـاتِـي سَـيِـي گَـڏُ
هُـو هِـيـڪَـڙو ڏُورِ تـيـو پـايو وِجـي سَـڌُ (۴)
مَتـي سَـگَـرَ سـاتِـيَـهِ هُـئـو نِيـرَ نِـيـاڻُ
پـاڻِـي تِـرنِ ڏِيـنهَـنِ جـو ڪِـٺـاؤُن ڪري پَرِياڻُ
اَبُـوجَـهلُ، وَلِـيـدُ پُـٽِ مُغِـيرو دشـمنُ
مِـڙي پـاڻـو آنَ ۾ گَـرهِـيـاؤُن هِـيءِ فَـنُ

Gul Hayat Institute

(۱) پُٺائون= پويان ، پٺيان (۲) نياه= نبيرو، فيصلو (۳) وچ پائڻ = وير رکڻ(۴) پايو وجي سڌ =سڌ پنڌ تي هلي

هِنَ پَنڌَ پاڻي ناهِ ڪِي، اوڏو ڏِيٺها پَنج
دُشمَنَ دغاؤن ڪري سَڀ وِڌا ۾ رَنج
رُوئَڻَ لَڳو قافِلو قُريشِي ڪارِوانُ
اَبُوبَڪرِ، عُمَرُ بَل عَلِي ۽ عُثمانُ
آهڙو پَنڌُ پَسي ڪري سَڀِ تيا حَيرانُ
مَهَندا وِيا مُصطَفيٰ جو نَبِياء سُلطانُ
نَبيءَ چَيو تَنِ کي رُئو کُجَاڙَاءَ
حالُ سَيوئِي ڪيفِيَتِ ڳَرَهِياڻُسِ آڳياءَ
نحافي مَنجها اَلهي ويٺو هيٺِ وِرِکَ
سُونهارو سو چانڊَرُو، مُنهُ موتِيارِي ڏِکَ
وَڻَ سِيئِسِ ڳالهيو: يا رَسُول اَللهَ (١)
سَتَ وِکُون وِجُهه قِبلي کُوهُ پاڻيءَ جو آهِ
تو ماڻِڙَنِ لَئِيو مَنجها عَکَسَ کاهِ
لاتاؤن سُهجاڻيون وَڍِياؤن وَڙاهِ
پِيئِي ڪامَ کَرَنِ کي پَسي تو عِزتاهِ
کوٽري سو کوه لَهو سندي نِيهَ اِلاهِ
کوٽري لَڌاؤن کوهُ سو وِکُن پَري سَت
تينِي آچِي رَسِئِي نبيءَ جي بَرکَت

(١) سيئِس =سائس

ڪوٽڙي ڪوهُ لهِي ڪري پاٽي ڪَڍِياؤُن
سَنڌ بَر ساٿارا پانهِجا سَنڀي پَرِياؤُن
تڙي ڏِينهَ تِت رَهِي ڪري قرارَ ڪِياؤُن
دُشمَن گِري اندوهَ ۾ وِيهَين وِڏاؤُن (۱)
تڙي ڏِينهَ تِت رهي ڪري نِڪتو ڪارِوانُ
سَيا ساٿَ مَهندَ ۾ مُحمد آگُوئانُ
وَڏِيو پِٽي واٽَ ۾ هُئو گُوٺَ نِڏانُ
راهِبُ وينو تَنِ ۾ تائِبُ تَورِيتُ خوانُ
مُجاوِرُ ڏيؤُرِن جو عاقِل اگيون جانُ
هُئو عِزتَ اڳِريءَ پُورو پَهَرِوانُ (۲)
تڙي سَٿَ سَتِ مَنجهه تَهِين وَڏا بُتَ ڪِياءِ
پَڙَ پَٽَئانْ زَرَبانَ جا مَٿي تَنِ ڏِناءِ
ايندا وِيندا آدمي مَنهِا تَنهِ مَڪانَ
ڏئو ڪِياؤُن زِيارَتون اُتَ، گهوڙا ڪِيڪانَ
دَرَمَ دُنيا ءِ دَولَتُون ميڙيو بَهجانُ (۳)
سو دُنيا تَرڪَ تي وينو هُئو تَنهِ تانَ (۴)
بُتَ سيئِي پَٽَ سين سونِي سِينگارِياءِ
صِفُون ڪري سَراءِ ۾ زِيارَت لڳِ رکياءِ (۵)

---

(۱) ويهين وِڏائون = ويهه پيرا وڏيڪ (۲) پهروان= پهرو ڏيندو، محافظ(۳) بهجان= گهڻي علم وارو (۴) تان= تائو، جاءِ، جوءِ (۵) لڳ= لاءِ، واسطي

تانْ ئِي اَچِي نِڱِئو قُريشِي ڪارِوانْ
مُحَمّدُ جِينِي ساڻَ سين آڳهُ اڳُوئانْ
پِيا بُتَ مُنهِ ڀَرِ ڪِري ڏِيئُري سانُ
اِيءَ پَرِپَسِي پاڻَ تَنِ راهِبُ ٿيو حَيرانُ
جِينْ جِينْ بُتَ اُيا ڪري مَنجها خاڪِ ڪَٿِي
اُماتا مُنهِ ڀَرِ پِيا سَبِ ڇَٽِي (١)
اُتِي پِتِ بُتَنِ جِيَ چِڙهِي نِهارِياءِ
دِمْشَقَ وِيندو قافِلو مَڪي ڏُونهُ ڏِٺاءِ
جانْ رَهْبانَ نَظَرُ ڪِيو قافِلي چوڌارَ (٢)
ڏِٺائِين ڇانْءِ ڪَڪَرِ جِي ڪِيڙِي جي مِقدارَ (٣)
چَيائِين تَوريتَ ۾ تانْ مُون پَڙهِئَو آهِ
صَحَيُ آهي اِنَ ساڻَ ۾ خَتَمُ رُسلِ اللهِ
ٿِريهَ وَرِهَ ٿِيَسِ ڄائِي مُحمدِ بِن عبداللهِ
Gul Hayat Institute
تيلانْ بُتَ ڍَرِهي پِيا، ٻِيو نَتيجو ناهِ
مِنتَ ڪري ڪارِوانُ رَهبانَ رَهاياءِ
مِهمانِيُون موتِيارِيُون ڪارَڻِ تَن ڪِياءِ
مانَ سو پَسان مُصطفيٰ آؤُن اهِين ڏاءُ
جَنهِ لڳِ پُوئِينْ آسِمانَ خالقَ خَلِقياءِ

---

(١) اُماتا =اُونڌا ٿيا (٢) رهبان= راهب (٣) ڪيڙي= ڍال، سِپر

ماڙهُو مُئِي کونِيا ساٿِي سَڀِ وَرِي (١)
اسانهِجي ڪِيئَ مَٺِي آچو پير پَري (٢)
مِڙِي مِهمانِينُ پاڻَ ۾ فتوي ڏِنائون
مُحمدُ اُتِ آمينُ ڪري واهِي ڇڏيائون (٣)
محمد جِئَن مَتاعَ ۾ ڇڏي سَڀِ وِيا
پينا ڪَلِيسانَ ۾ ڏِيوار جِتِ ٿِيا (٤)
راهِبَ بُتَ اُيا ڪِيا ڏَرَهي سي نہ پِيا
سيٺَنِ سونہ آيو نَظرُ جَهِين نِيا (٥)
چَيائِين هِنِءَ آئِي ٿِيو بُتَنِ قرارُ
آئِيو سونہ، سَندِي جَهِين نَظرَ نگهُوسارُ
پُڇيائين مَيسَرو ۽ اَبُو جَهلوءِ (٦)
ڪو ماڙهُو رَخْتَ ۾ ڇڏيو آهِيانُ پوءِ (٧)
چِيائون يَتِيمُ هيڪَڙو آهي مَنجِهہ رَخْتَ
پِيا سيئي آئِيا، آسِين تو خِذمَتَ
پُڇيائِينُ اِسمُ تَهين: چَيائُون مُحمدُ
تان ڪِلِي رَهبانُ سو لوڏِڻُ لڳو ڪَندُ (٨)
چِيائين هِيءَ ڪِيئَ مون ڪارَڻِ تَنهِ ڪِيا
جَيلانُ اِيندو اُويَلُ تِيَنُ ڪِيندا پِيا

---

(١) مُئِي(هتي ۽ هن بعد) = مُنجي، موڪلي (٢) ڪيئَ مٿي =ڪاڏي وٺ، ڪاڻ لاءِ (٣) واهِي= رڪوالو (٤) ڏيوِرا =ديوتا ديوتائن جا بُت ٥٠) سيٺن =سائن(٦) ابوجهلوءِ= ابوجهل ڪان (٧) رخت= سامان، پوءِ پٺيان (٨) رهبان= راهب، عيسائي عالم



Gul Hayat Institute

جانْ سو اچي آدَمِي تانْ وِهي سَيَڪوءِ
اُنَ رِءَ ڪِينَ نہ ڪائِبو هرگز هَنْدِهين پوءِ
ماڙهُو مُئِي سوڪونِهو نَبِي مُحمدُ جامُ
جانْ سو اچي نہ وِهي تِئانْ ڪِيَنُ حرامُ
ماڙهُو مُئِي مصطفيٰ ڪوئي آنداڻون
اَبُوجهلِ آڳَرَو اُدويءُ ڏناڻون (١)
جانْ نَظَرُ رَسُولَ جو پيو سِر بُتَنِ
تانْ ڊِرَهِي سَبِ مُنْهَ يَر پيا سينءَ ڏِيؤُرَنِ
تَدِي جانْ ڪَڪَرَ جي مَتاڻُس ڏِناءِ
تَنهِ مُعجزي مصطفيٰ سَچو سُڄاتاءِ
هَتِ پُجهي حُرمَتَ سِين مَتي وِهارياءِ (٢)
اُبِيتو اَدبُ ڪري تَعظِيمَ گهَتِي ڪِياءِ
پُڇياڻِين رسولَ جو ڪِهڙو دشمنُ دوسُ
ڪَنهِ سُهاءِ ڪي مصطفيٰ ۽ ڪَنهِ سيٽِس روسُ (٣)
چَياڻون اَبُوجَهلُ، جو دشمنُ نَبِيءَ آهِ
اَبُوبَڪرُ مَيَسَرو دوسُ رسولُ اللهِ
اَبُوجهَلُ ڊِرنو گهٽو جِئَن چَياڻُون اِئَن
سَيِي دوسَ رسولَ جا آؤن ڪندو ڪِيئَن

(١) اصل ائين (٢) هٽ پُجهي = هٿ ڪان جهلي (٣) سيٽس روس= سائس رسامو، وير،
يعني نبي سڳوري کي ڪير پسند ڪري ۽ ڪنهن کي وير آهي

Gul Hayat Institute

ڪيڻُ ڪائِي نِڱِيا اِجازَت ڪري
ميَسَري مُحمَد کي اُپِياريا وَري
پِريَتَٽي جِي پاڻ ۾ ڳُجِهي ڳالِ ڳَري
پَسانْ پُٺِ مُحمدَ جِي جيڪر اُگهاڙي
چَيائين مُحمدَ کي هيڪرَ پُٺِ اُگَهاڙِ
مُهرَ نَبُوَةَ جا پسَان نُورانِي نِظارِ
پُٺِ پانهِجي مصطفيٰ تَنَهِ وير اُگهاڙِياءِ
مُهرَ نَبُوَةَ کُلهِي وِچ ۾ پَسِي سا چُمياءِ
چَيائِين: رسولَ کي هِيرَ مَ نِهو هاڻِ
هيءَ اَچوڪِي راتَڙِي گهارِهو اَسان ساڻِ
بَچايوهُسِ بَرُ مَٿي پَڪي ڪَنَهَ پرياڻِ
مستان ڏِيٺِ ڏُجَڻِ تَئِي آڏِي تِئِي آناڻِ (١)
ڪيرُ رَسائي سگهندو مَدِي مُحمدَ ساڻِ
راهِبُ مُسلمانُ ٿِيو ڪلمو پڙهِي پاڻِ

لاالله الاالله محمد رسول الله

Gul Hayat Institute

---

(١) آناڻ = مشڪلات، ڏکيائي، مصيبت

تِيان دِمشق شهرَ مَٽِي ۾ واٽُون وَجَنِ
ڏهين ڏِينهين هيڪَڙي، ٻنِي جِينءَ ماهِ رَسَنِ
ڇَيائون مَيسَري جَنسِ رِهِ لڳي ماهُ
تيلاهين کي ساٿِيين آهي پاٽِي گاهُ
ڏهين ڏِيهين واٽَ جا سا سَيائِي سُجَ
نہ تَنهِ پاٽِي گاهُ کِي، ماڙُهو مَرنِ اُجَ
۽ پُٽِ اُٺَ زَحمتِي گهڻو کِنائِي ڳنڊِ (١)
پِيو آهي واٽَ مُنهِ، اڳِيان اُنِي پَنڌِ
تِريِنءَ ڏِينهَ تِينِي اُٺَ جِي اڄِي ٻُوءِ ڳَرِي
تان ئِي کبوءِ نہ نِکِري پَڳي واٽَ وَرِي
مٿي سَڳَرَ ساٿِيين ٻيو پُٽِ سُڄِي سَپُ
اوڏي پَنڌِ پارِ گهڻو وَجَنِ واٽَ نَہ مَتِ
کارِوانُ کونہ وِجِي قافِلو اِنَ پَتِ
مِڙئِي مَصلحَت ۾ پِيا اَڄِي مَيسَر وَتِ
مَيسَر اُتو تَنِ کِي پُڇان جانُ مُحمَدُ
آؤن وِيندو واٽَ تَهين جو آچِيندُم پَنڌُ
اَبُوجَهلُ وِجَهلِيئو: تانُ تو کِئوءِ نہ پَنڌُ
کَناءُ کالُهوٽِي ڳِيُرِي وَجِئو پُڇِين پَنڌُ (٢)

---

(١) کنائي ڳنڌ= کني ڌپ، بدبوءِ (٢) ڳِيرو= جوان، نوجوان

لَڄَ نہ تِيئِي مَيسَرا جِئَن تُونَ ڏارودارَ
نَوازِيئِي مُحمدَ کي سُلطانِي سِينگارَ
مَيسَر چوءِ آءُن پُڇان اِيءُ پَلُ دولتَ ڏارَ (١)
اِنَ سَنڌِي ڳالِ اُتِي هَتِمِ اِعتبارُ
مَيسَر وَڃِي وِيرَ تَنہِ پُڇئائين مَسلَتَ
ہِ واٽُون وَڃنِ، ڪَنہِ اوڏِي گهٽِي عِلَتَ
نَبِيءَ چَيوُ ڇَتَ جِي مُورِ مَ رکو باڪَ
آڇو تہ اوڏِيءَ وَڃَهُون سَڀِ تِيندِي پاڪَ
خَدِيجا جي مَيسَري اِشارَتَ هُياءِ
مُحمدَ جي ڳالِ رِءَ متان ڪرين ڪاءِ
خَصلَتُون رَسُولَ جِئُونْ لِکي سَڀِ مُئِيج
مَنجِهہ خِذمَتَ مصطفيٰ پُورو اُپِيئِج
خَدِيجا جِيءَ هاجَ ۾ چَئِي مِيئِي گُفتارَ
خِذمتاءُ رَسُولَ جِيءَ مُورِ نہ تِيئُون ڏارَ
اَبُوجَهلُ اَبُوجهہ جو مَڃي نہ ٻولُ رَسُولَ
ماهَ واري واٽَ ويو ميڙي نا مَعقُولَ
آڏُ قافِلي جو، هَليو نَبِيءَ مُحمدَ سانُ
پِيو آڏُ اَبُوجِهَلَ سين نِڱِئو ڪارَوانُ

Gul Hayat Institute

---

(١) دولت ڏار= دولت کان سواءِ

ساٿُ رسَئِو تَنهِ جُوءِ ۾ جِتي سَپُ هُئو
(١) سُٽِي سَؤنچو ساٿِئَي پُرِي پَيدا ٿئو
ماڙهو مِڙيا سَپَ سِرِ، آچو تہ مارِيهُسِ
متان ڏاڙهي ڪُنه ڪي ڪٽي دفن ڪَرِيهُس
مُنهُ پَسي مُحمدَ جو ڏنو سَپَ سلامُ
(٢) ڏِٺي ايءَ سَيڪَهِين نِئِي ڳِيڙائِسِ نامُ
سَتَ وِرهَ تِيَمِ جي ويني تَتِيهيِنْ
پُڏو هوم پَسندُسِ توکي هِتيِهِيَنْ
مولي مون تي مِهرَ ڪِئِي، جَهجِهِي ٻاجهہَ ڪِياءِ
آخِرِ زماني جو نَبِيءُ مون هِتِ ڏيکارِياءِ
ساٿُ رَسِئو تَنه جُوءِ ۾ اُٿُ هُئو جَنهِ هَندِ
چَتَ ڪَٿُورِي اُپِڙِي سُرهي سَهِي پَندِ
(٣) اَڳَ اَڳاتِري ٻُجَڙِي چَتَ تِرينْ ڏِينهِينْ پوءِ
آڳانْجِهي تَنه جُوءِ ۾ ڪِي ڪَٿُورِي هوءِ
ساٿِ سَنبِهِي پِيلِئو جِتي اُٺُ هُئو
(٤) چَتَ ڪِنائِي نہ آهِ ڪا سَيِهِينْ سو مُئو
جِينْ جِينْ اوڏا اُٺَ تِيَهِين ڪَرِ ڪتوريءَ بارَ
مُعجِزَا رَسُولَ جا قافِلي سَالارَ

---

(١) سؤنچو = ڊپ. ساٿِي = ساٿ جو، قافلي جو. (٢) نمي نالو ورتائين (٣) اُٺ ڪان ٽن ڏينهن پنڌ تي چت اچي (۴) مُئو =سرهاڻ

جانْ اَچِهنِ اُتَ رَحمتِي پِئو آهي تَتِ

ڪَٿُورِيءَ ڪِيرَ، مون تَرسَ ۾ ڪَلُخِي نہ مَتِ (۱)

اُتَ رَحمتِي اڪِينِ سين جانْ نَبِيءَ ڏِٺاءِ

ڏيئي سَلامَ رَسُولَ کي اِيَهِين لالاياءِ

چَيو اُتَ رَحمتِي شَفِيعُ الاُمتَ

پِنِي حُضورِين، بُچَڙِي مون ڪارِيِنْ رَحمتَ

اَچِي گُذَرُ جانْ ڪِيوءِ شَفا ڏِيهِمِ صِحَتَ

لائِقُ سُواريءَ تو تِيئان نَبِيَ تُہ بَرڪَتَ

مَحافي مَنجها مصطفيٰ اُلَهِي دعا ڪِياءِ

هَتَ مُبارَڪَ اُتَ کي لِگِين سيْن لوياءِ (۲)

اُتُ رَحمتِي ماڳِ تَنهِ شَفا صِحَتَ لَڌاءِ

سُرهَو تِيو سَيِي پَرپِين ڪِني چَتَ چَڌياءِ

اُتِي اُتَ عَرضُ ڪِئو يا رَسُولَ الله

مونکي مالِڪَ مُنهجي آجو ڪِئو آهِ

سَيڪَهِينْ کي جا وَتِي دُنيءَ اَندرِ خاوِندُ (۳)

خاوِندُ مُنهجو مصطفيٰ تون سَچوءِ مُحَمدُ

مَندِر مَحافو مصطفيٰ، مون سِر چَڙهہ رَسُولَ

مَرڪَانْ پانهِجيءَ ذاتِ مِنَبِيءَ جامَ قَبُولَ

---

(۱) اصل اٺين (۲) لوياءِ= لوياٺين، مهٽياٺين (۳) دنيا ۾ سيڪنهن کي پنهنجي پسند ڏناٺين

Gul Hayat Institute

نَبِي چوءِ اُنَ کي لَتِي تو رَحمَتَ

ٻَرو هيکَڙِيءَ راتِ جو ڳِنهي وَرِهَ قُوَّتَ

ٻَرو هيکِڙِيءَ رات جو وَرِئِي جا لاهيندوءِ

"رحمَان لَيلَةِ کَفَّارَةُ سُنَّةِ" سندي سائينءَ توءِ

هو اِتَبهِين اُنَ تون جانْ کِي کَرِين سَتُ

هاٿي تنهجي پَندَ جو پَسِينْ ناهِ پَهْتُ

هاٿي تُنهجي پَندَ جو پَسِينْ پَهتُ نہ کوءِ

جانْ کِي جَرُ جالارِئو مَيا متان پوءِ (١)

کري واسِ وڏو ڏِٽي سائِينْ جو سَنڌوءِ (٢)

پُهري نِبوءِ پاڻَ سين چُکِي چُور کِيوءِ

تِيهِ سين هِرُ اُتَ چَرُ کَرِ قُوَّةَ هِياءَ (٣)

لائِقُ سُواريءَ مُون تِئِين موتان دِمِشقاءُ.

دِمِشق وِچي رَسِئو قُريشِي کارِوانُ

وَٽِجُ وِکِياؤُن مَهَنگو، ڳِيَتاؤُن آرزانُ (۴)

تَنِي کَٽئو جَنِ سين رَسولُ اَڳُوئانُ

هُوئا جَنِي اَبُوجَهلَ سين تِيوءِ تَنِ زِيانُ

هُوئا اَبُوجَهلَ سين هوءِ جي سَوداگَرَ

ماهَ پُجاٿا رَسيا ڳِنهي سَپ وکَرَ

---

(١) جيسين جهجهو مينهن تو متان وسي (٢)واس= وس، وسکارو(٣) هتي چري سگهارو تي(۴) ڳيڙائون= ڳنهيائون، ورتائون

سَيِنِ سَهَنگو وِکِيو، مَهَنگو ڳِيَڙاؤُن
مَيسَري مُحَمدَ کي مِنَتَ کِياؤُن
ڏَہَ ڏِينہَ اسان جي رکو، مِڙيَ هَلَہُ مائَ
وَٽِج وِکِٽِي نِکَرَهُوَنْ مَنجهاءِ هِنَ مَکانَ
مَيسَري رَسُولَ کي أَيِي عرضُ کِياءِ
هُئو سو رَحِيمُ دِل سَيائِي مَحِياءِ
وَٽِجُ وِکِٽِي نِگِئو قُريشِي کارِوانُ
مُحمدُ جِيني ساتَ سِين آگِہُ اڳُوانُ
مَکِي مَٿِي نِگِيا رِجِي پَندُ کَرِينِ (١)
ويران وير رسول کي کُورُو گهٽو ڏِينِ (٢)
اوڏا آچِي رَسِيا تري ڏِينہَ مَکو پَندُ
لاهي وڏو قافِلي خوش رکِي سو هَندُ
مَيسَري مارکَ تِهِين مَسُ قَلَمُ گهَرياءِ
کَيفِيَتِ کاروانَ جِي مَکي مَنْ لِکياءِ
هوئِهُون حُکمُ مَکي مَٿِي تہ آچِهُون سَيِئي
کِہ قافِلو لاهُيهُون مِطَبرِ ۾ نيئي
بَندو کارِوانَ سِين رَسِيوءِ سَلامَتَ
شَهزادِي داناهِ ڏِرِ فرماءِ اِشارَتَ!

(١) اصل ائين(٢) اصل ائين

جيڪو ڀيڀيءِ ڏي هيءُ نِيشانو نِيئِي
مَحِيهُون تَنهِ مُرس جِي آسين سَييئِي
شَهزاديءَ رَساڻِي جيڪو هيءُ پيغامُ
اُتِ تَعريفِي تَنهِ کي ڏِيهُون کَٽِي اِنعامُ
آبُوجَهلُ چوءِ آءُن وڃان ٻُجولُ مان (١)
مَيَسرو ياڻئي مصطفيٰ وڃي تہ آءُن سَرهو ٿِيان
مَيسَري وڃي وير تَنهِ پُڇيائِين رَسُولُ
جيڪِي چَيو ساٿِيِن نَبِيءَ ڪِيو قَبُولُ
مَيسَري سِکِهي اُتِ جا آٿي پَلاٿِياءِ
سونَ محافو سِرِ تَهِين مُرَصَعُ سِينگار ياءِ
مَحافي چَڙهي نِڱِئو نَبِيانْ جو سُلطانُ
لَڳِڻُ واءَ صَبا کي تِتي ٿِيو فرمانُ
ڪَڪَرُ وِئو ڇانءِ ڪِيوءُ مٿان مُحمدَ ڇامَ
عالمُ لڳو آسَري جَنه جيءَ سَرَنِ سامَ (٢)
تَدِيءَ ڇانْ رَسُولَ کي غَلبو تِندرَ ڪِيوءُ
شَيطانْ ٻُجِهي، مَهرَ اُتَ آواتو پِيوءُ
حامِي بَيابانَ جو تِينِي پار ٿِيو
مَهَلُ گُمُراهيءَ جو لَهِي لَعِينُ لَٽُ وِيو

---

(١) اصل ائين(٢) سرن سامر= پاند پناري، اجهي ۽ پناه

آيوءُ جَبرئيلَ کي رَبَ سَندو فرمانُ
پَکُڙَ هَٿِي هيکَڙِي تَڙي موڙي آڻُ (١)
ڪيهِي مَجالَ لَعينَ کي جَہ هوءِ حَبيبَنِ ساڻُ
جَهين ڪارڻِ اُپائيو عالمُ جِنَ اِنسانُ
پوڻُ کي چوڙَکو ڪري ڪوئِي جَهلِ پاڻُ (٢)
تہ تَهين دَمِ مَڪي رَسي نَبِيَنْ سُلطانُ
بيبي خَديجا بادِشاهِ سگهڙِ سُرتِ سُڄاڻِ
اچَڻَ ساتِيڙَنِ جو مَهَلُ لهي پَهچاڻ (٣)
ڏِيهاڻيءَ تَنه ڏِيهَ ڏي چَڙهِي نِهاري پاڻِ
اَللهِ! رَسُولُ اللهِ کي آوُن اُڪَندِي هاڻِ
سَڄَڻُ منهجو سُپرِين مِيان مُحمدُ آڻِ
سِڪي هِنيو سَرِيرَ ۾ سَنديءَ جَنه رِهاڻِ
خِذمَتگارِي خاصِيُون چالِيهَ جَڻيُون هيُونسِ
هَمسِر حُرمَتَ ڳالهِ ڳُسجهُ وِروڻهُ واتِ تِيونسِ
مُندَ ڏِيهاڙِي تَنِ سين چَڙهِي نِهاري
سُپيرِيان جِي ڳالڙِي مَنَ اَندرِ ماري
نيڻنؤن نِڪون ڪيو، رويو جَرُ هاري
حضرتَ رسُولُ اللهِ کي سِڪَ گهڻِي ساري

(١) هڪڙي ڪنيزاتي هٿي شيطان کي تڙي اُٺ کي موٽائي گس تي آڻ (٢) چوڙ ڪو ڪري چٽني ڪندين ڪان جهلي. ڪوئي= سُسائي، سوڙهو ڪري (٣) سات جي اچڻ مهل جو اندازو ڪري

Gul Hayat Institute

رُونــــدِي هُئِي راتِ ڏِينهَ مُحمدَ کــي مُشـــتاقَ

مـــاڙِيءَ سِرِ مُنڌَ چَڙهِي آکِينْ کـٿـي فِراقَ

جِتـــهِيـــنْ مونْ مصطفيٰ لَڳُ تَتائِيـنْ واءُ

سِـيبائِيـــبي لِڳَيـنْ لَڳو مُعَطر عَنـبِيراءُ

ڏِيـهـاڙِي قَـصَـر سِـرِ اُيِئِـي اِشتـياقـاءُ

نِـهاري نـيـڻَـنِ سيـن مُـحمدُ اُميـراءُ

نيـڻَ ٽِرماٽـي مِينهُ جِيـنءَ اُکَـنڊِي اُکيـراءُ

مانَ کو پانـڌِي پَيـدا ٿِـئِـي پِـريَـنِ جـي پاراءُ

نِــهـاري نِـيـڻَنِ سِيـن مَـڻِ دِمِشـقَ شـامَ

وارِئـيـن واءُ وَڌانـدِرِي مـتان مُحمدَ جـامَ

نِهارِيـائِيـن نـيـڻَـنِ سيـن مَـڻِ دِمِشِـقِ ڏِيـهَ

تـان تيـڏاهِيـن اُيـرِئِي پـهـرِئِين پَهـرِکـيـهَ

اُتــي اُٿ رسـولَ کـي ايـنـدو تـنه واتـاءُ

Gul Hayat Institute

ڏِٺـائِين ڏِيـهَ ڏَٺِـي مُـحمـدُ مَـکِـي راءُ

چَيـائِين کـنَيزِکِـيءَ اوٿِي اِيـنـدو آهِ

هِـنئيـو گُـواهِـي جِئَن ڏي هِيءَ سو رسـولُ اللهِ

کـوڏِ کـنَيـزِکـيءَ کِلـئو تِـتـي بِيبِـيءَ سـانُ

هِـيءَ مُـحمدُ جي هوءِ تـه ڏِينـدِئِينءَ کِي شُـکرانُ

جي هِتي هوءِ سو مصطفيٰ مُحمدُ مَکي جامُ
تہ مون سَڀي پُنيُون مُرادون مُدامُ
سَهسين سونَ ئي سَيکَهِين آئُون ڏيندِي اِنعامُ
آزادُ ڪري سَڀنِ کي پَرٽايان تمامُ
جِينْ جِينْ اوڏو مصطفيٰ اچي مَکي پاسِ
نُورُ غِريانا نِڪري وَڃي لڳو آڪاس (١)
شهَزادِي تَختَ سِرِ لاٿي وِيئي پارُ
تَرَسي تاسويَنِ جِينْ نِيٽين ڪري نِظارُ (٢)
خِذمَتَ مَنجهہ ڪَنيزَڪِينِ چاليهَئِي چَوڌارُ
مُنڌَ مُرادُون پُنيئون تِيئُس ڪُڙِهہ قرارُ (٣)
شِهَزادِي سَرهِي ٿِئي جِينْ تَحقِيقُ ڪِياٿِين
سَرورِ سچو واعِدو سَڀِينْ سين پاڙِياٿِين
سُڃاتائِين رَسُولَ کي ٿِئي شهزادِي شادُ
چاليهَئِي کَنيزَڪِينْ ڪِياٿِين آزادُ
آچي رَسِئو دَرَ سِرِ ڪاغَذُ ڪَڍياٿِين
تاريخَ لِکئو تنهِ ۾ پَڙهي پَروُڙياٿِين
بِيبيءَ سَڀَ فَهمِئي ڪاغَذِ ڪيفِيَتَ
لِکئو آهي اَجُ هِيءَ هاڻي هِنَ ساعَتَ

Gul Hayat Institute

---

(١) غريانا= پَرَهُ مان، جاريءَ مان (٢) تاسوين= اُجايلن، سڪايلن (٣) ڪڙه= دل، جگر

اِي مُعجِزا ڪَرامتُون نَبِيءَ جِي بَرڪَتَ
حَيرتَ ۾ پُڇِئاءِ تُه نِگِيهُون ڪَنهِ وَقتَ
سِجُ نہ هُئو اُڀِرِئو تِنئُس اُٿِ سُوارُ
سوئِي ڏِينهُ ساعَتَ سا ڏِٺمِ تو دَر ٻارُ
ڪاغذَ ۾ مُحمدَ ڪَيفِيَتُون مَيسَري لِکِياءِ
مُندَ مُرادُون پُنِيون پَڙهِي پَرُوڙِياءِ
بِيبِي ڪمالِ عَقلَ هُئِي سَروَرُ سُڃاتائِين
مَقصودُ مُدعَا حاصُلِ ٿِئِي تَنهِ وير ڇَيائِين
مقصودُ مُدعا حاصُلِ ٿِئِي پُڇاڻاءُ فِراقَ
نہ آرامُ قَرارُ مُون سَندِي جَنہ اِشتياقَ.
ٻُڌو بِيبِي عاتِڪا تہ مُحمدُ بِن عبداللهِ
خَدِيجا کي خَبَرُون ڳِنهِي آئِيو آهِ
اَبُوطالِبَ کي چيو عاتِڪا سَردارِ
ياتِروءِ آيو وَرِي خَدِيجا دَرٻارِ
وِڇڙئو جِينُ ڪاروانَ سين رُنائِين زارِ زارِ
دِلگيرِي ماءُ پيءُ جي پِيو پَرِيهيَنُ پارِ
هِنِيانُ هُونِ نَنڍِڙا سَندا پَر ڏِيهِيَنِ
دائِمُ دِلِ شِڪَستَ سي پاسي پِرينُ نہ جَنِ

Gul Hayat Institute

ڪوئي آءَ رَسُولَ ڪي سِڳهو وَڃي پاڻَ
ڪَڏهين هُونِ پُڦيُون چاچا مِهربانَ
اَبُوطالِبَ ياتِريي ڪي سَيِّتِ دوسُ رکِياءِ
پُٽَر پانهِجا رَسُولَ اُتان سَپِ فِداءَ ڪِياءِ
عَلِي آندو اِيمانُ جِينْ پُڄي نہ پاياءِ (١)
خَسَتو تِيو نہ ڪَڏهين تہ مُحمدُ ڪوهُ مَڃياءِ
اَبُو طالِبُ موڪَلِئو ماڙهُو مصطفيٰ پارِ
سَپِ عَزِيز مُنتظِر تون اَچِي مُنهِ ڏيکارِ
اُتائِين عَزِيزَن ڪي پِئي پِيري اِيندوسِ
ڪاغَذُ ڪارِوانَ جو اَڄُ ڪَٽِي وِيندوسِ
پورِهئو پَرائو پاڻِ ڏي اَرهَدو نہ ڪندوسِ (٢)
ڏاڏي اِبراهِيمَ جي شَرعَ پارِيندوسِ
تَڪڙائِي ڪاغذَ جي شَهزاديءِ ڪِياءِ
خَطُ لِکي جَهْتَ مِ نَبِيءَ کي ڏِناءِ (٣)
مِڙياڻِي مَکي اَچو قافِلو ڪوٺِياءِ
جَنهِ مُعجزي آيو تَهِين پيرِ مُڪاءِ (۴)
جِياڻِين نَبِيءَ آيو مَٽِياڻِين سو هَندُ
تانْ پُونْ رکو پيڙِيو جِينئي سُتَرُ پَندُ

(١) پاياءِ= پيءَ کان (٢) اَرهدو = علحدو (٣) جهت= جهٽ، جلد (۴) پير= طرح، نموني

خَديجا جو خَطُ سو ڪَڍِي تَنهِ ڏِناءِ
اَڪَرَ سُجاتا ميَسَري پَڙهي پَروڙِياءِ
مَيسَرَ چَيو مصطفيٰ تون سچو آهِينءَ
سوئِي ڏينهُ ساعَتَ سا، آيُهين وِيُهينْ سينءَ (۱)
خوابَ غَلبو مون ٿِيو هِتان جِينْ هَليوسِ
آڪِينْ ڪٿان اُتاهِيُون مَڪي مَنجهِ رَسيوسِ
مَڪي مَنجها نِڪِري ڪَرهي ڪامَ ڪِيامِ
خوابَ غَلبو مون ٿِيو نِيٺِين نِندَر ٿِيامِ
آڪينْ ڪٿان مَٿاهِيُون آنْ ڪي هِت ڏِنامِ
ڪا ساعَتَ نہ سَنيَران تہ ڪا گُذرِيامِ.
اَبُوجَهلَ جَهْلُ ڪِيو مُورِ نہ ڪا مَڃِياءِ
مُعجزي ڏُونهَ مصطفيٰؐ ويساهُ نہ آنداءِ
چَيائين ويرَ تَهِين آؤُن اِيءَ نہ رِياءِ (۲)
جانْ خَديجا نہ چَيو تان چوڙِي اُتِ نِياءِ
تِري ڏِينهَ پَنڌُ، سَچَ گهٽِي، واهَنْدِ ناهِ وِڇاءَ (۳)
هِنَ دَمِ هَليو مَڪي مَٿي ................ (۴)
سُجاتائُون خَطُ جو سَندو خَديجا
اَبُوجَهلَ نہ مَڃِئي، ڏِي آجائِي ڏُڪا

(۱) آيهين ويهين سين = آئين وئي سين (۲) نہ رياءِ =نہ قبوليان (۳) واهند= وسندي، گوٺ (۴) ورق زبون

Gul Hayat Institute

ڪارِوانُ ڪُوچُ ڪِئو تَهِين مَنزِ اءِ
آچِي مَڪي رَسِيا ٽِرِي ڏِينهِ پُڄاڻاءِ
اُلهِني عَزِيزَنِ سان گَڏِيا اُڪِيراءِ
اَبُوجَهلَ پُڇِئو آچِي بِيبيءَ کاءِ
آئِيو هُئو مصطفيٰ سَلِئو سَچَ مَنجهاءِ
چَئِي تنهجي وِسَهان، مالِڪُ ڪَهُ مُهاءِ
بِيبيءَ چَيو: مصطفيٰ آئِيو هِتِ هُئو
تَنهِ دَمِ موڪَلَ مون ڪِيَسِ لِکي رُقُعو
اُتائِين مَيسَر کي خَطُ نہ سُڃاتوءِ
جِينْ آچيو پُڇئي مون اَبُوجَهلوءِ
چَيائِين اَبُوجَهلَ جو بولُ نہ مَڃِي کوءِ
پاڻائِي وَجَهلِيو اُوٺو اَکَرَ چوءِ (۱)
شَهزادِي ڏَمرِئي چَيائِيس سَختُ
کوهُ وِجَهلِين ايتَرو اَبُوجَهلَ بدبَختُ
اَبُوجَهلُ رَسُولَ کي پَسِئو کامِينْ کوهُ
جِينْ وِجَهلِين ايترو کِ کو کِنياءِ ڏوهُ
وِسُوڙو ويڙِ تَهِين جَنهِ ويرَ سو سُوئاءِ
کاهِي اُٿِ رسولَ کي چوڙي گهَرِ مُڪاءِ

---

(۱) اُٺو اکر چوءِ= گهڻ وڌ ڳالهائي

ٿورا ڏينهِ گُذريا آئي مصطفيٰ
چَيُس ٻِيبيءَ عاتِڪا ڪَڏِهِن گهٽِي جَفا
خَديجا کي وَڄُ چَئو وَعدو ڪَر وَفا
هاٿي ڏينهِن دِرمَ سي جان ٿِي تِيئي نَفعا
پَنجَ سَئَہ سُرخ دِينارَ جي سونا سِگهو آڻِ
تہ توکي پَرٽايُهُون نبيءَ وَڏِي ڏاڻِ (١)
تہ توکي پَرٽايُهُون پَلِيءَ پَتِ ڪري
پِيائي گهَرنِ ۾ ٻارِ چِراغُ وَري (٢)
مُحمدَ پِيءُ نہ ماياءُ، مِحنَتَ آندوهاءُ
گَهرِ پَئَڪِي ٻارِ ڏِيو تہ تَتَائِين پوءِ شعاءُ
ٻُقِيءَ جو ٻولُ مَڃِي نَبِي نِڪِتو تاءُ
پُڇَڻَ ڪارَڻِ پورِهئو هَلِئو تَنهِ ڪاءُ
شَهزادِيءِ جي دَرَسِرِ اَچِي رَسئو چَتِ
خَدِيجا کي خَبرُون رَساٽِياتُون تَتِ
سونِئو تَختُ سِينگارِياءِ دُرَ جَواهِرَ ساڻُ
لَعلُ فَيروزو ماڻِڪيُون جَنہ.............
هِيرو زمُردُ محلَ هندَ مُرصَّحَ ڪِنگِريدارَ
مورَ، آٽيرَڻِ ۽ چَتُون جَنهِ سونا سِينگار (٣)

---

(١) وڏي ڏاڻ= وڏي ڏاڻ؛ سان، وڏي شان سان (٢) پيائي = پِيائي؛ پيءُ جي، ابي جي (٣) مور، آٽيرڻ، چتون= گهر جي سينگار لاءِ شڪليون

سُونهِنِ پَکَڻَ سونا تِرورِ تَختَ ڏارَ (١)
پيتَ تَنِي جا پَرِيا مُشکَ عَنبيرَ تاتارَ
خوشبوئِيءِ کِيرو تِئِي لڳي صَبا واءُ
مُشکَ خَطائِي زَعفرانْ کافُورَ عَنبِيراءُ
سَٿُ ياڳا سُرهو تِيو لائي تَنُ کَتُورِياءُ
پاڙو اوڙو واسِئو سنديءَ تَنه سِپِچاءُ
پِيي جِيِنْ کُرسِي سونَ جي بَرابَرِ تَختَ
پارايائِين رسولَ کي خاتَمَ نَبُوَتَ
سَهجَ سِينگارِياءِ پاڻَ تَنُ حُلِي زيوَرِ ساڻَ (٢)
جِينِي قِيمَتَ نَکُنِي بادشاهِي پَرهاڻَ (٣)
آرڙَه آيِرَنَ قِيمَتِي ۽ سورَنهَ سِينگارَ (٤)
کُنگوءَ کافُورِي موهِيا حُلاَ زيورَ هارَ
پَرهي پَٽورا پاڻَ تَنِ پِرينءَ لڳِ پَيدَوارَ (٥)
ڏيکارينديِ ڏکَ کري مُحمدَ کي مختارَ (٦)
دَرسَنُ کري تَختَ سِر وينِي وڏي پارَ
کوڏِ کوئيائِين کارِٿيءَ اُمتَ جي آڌارَ
پائِي سونَ کُرسِي رَسُولَ وِهارِياءِ
تَنُ سِينگاري تَنهِ کي سَپ سوُنهَ ڏيکارِياءِ

---

(١) پکڻ = پکي. ترور= وڻ، درخت (٢) حُلي= پٽ جا ڪپڙا (٣) اصل ائين (٤) آيرن= گهڻا، زيور (٥) پٽورا= پٽ جا ڪپڙا (٦) ڏک ڪري= سينگار ڪري

Gul Hayat Institute

نِقابو ۽ بُرقعو لاتائِين اُتان مونهَ
ڏيڪارِيائِين پانهجِي سُپيرِيان کي سُونهَ
اَپجَرَ پَرِ آدمِي، اَهڪَ اَعليٰ حُورَ
چوڏهِينءَ چَندراءِ اَڳرِي سونّهي......
ڳالهايائِين رَسُولَ سين حاضِرُ تِي حُضورَ
بلُ تِي بارِي ڳري سِڪَ سَترائِي پُورَ
ڳالهايائِين رسولَ سينِ شهزاديءَ بي غَمِ
چَيائِين اي مصطفيٰ آيُنهِينْ ڪِهِي ڪَمِ
اُجورِي ڪي آئِيو آؤُن تو دَربارِ
پُڦِيءَ چيو آنِ پورهِئو نہ پَرٽايُهِي تو ڪُنوارِ
اَڪِينْ ڪَٽِي اُتاهِيُون حضرت هِينءَ نِهارِ
نِهارِي نِيڻَنِ سين ڳالِ ڪِجي مُنهَ پارِ (١)
نَبِي نَظَرُ نہ ڪري، چِتَ ۾ اِينءَ چَياءِ
اڳَ نِقابو ڪَڍِئو مون سينءَ ڳالهاياءِ
هاڻي حَيرتَ ۾ پِئُسِ بُرقو جِينْ لاتائِين
سَجو شرمِندو ٿِيو جِينْ هِيءَ يَتِ ڏِٺائِين
يوسفُ زُليخا تِئِي پَسِي هِيءَ ساعَتَ
تو ڪان مَڱان ماڳِ هِنَ النهِي عِصَمتَ

Gul Hayat Institute

---

(١) مُنهن پار= منهان منهن، روبرو

پُٽِ شهزاديءَ پُڇِيو مُحمدَ کي خُلقاءُ
ڪَنڌُ اُتاهون نہ ڪَرين نَبِيءَ ڪُچاڙاءُ
نيٺِين نِهارِ ۾ ڪُوه ٿِئي، تان کِي پولِ مُنهاءُ
پاتو ڏٺيءَ سَيَنِ کي آکِينِ مَنجهِه اُهاءُ
چَيائِين آکِينِ ڏانهَ فِتنائِي آفتَ
نيٺَنِئُون نِگِئو پَسِي سو چَڙهي شَهوَتَ
پَهرو پَسِي سَرِ کري پَسَڻَ نہ حاجَتَ
پرهيزگارِي نہ ڏي ڏِسَڻَ کي رُخصَتَ
تان ئِي ضرورِ شَرعَ ۾ پَسَڻُ رَوءِ رِهاءِ
جِينْ مُنهِ پَسائي چڱِيءَ جو مومِنَ کِينَ جُڳاءِ
چَيائين اي مصطفيٰ ڳَٺي ڪَنڌُ نِهارِ
جِينْ چَئِين پَرٺايان توکي خوبُ ڪُنوارِ
سا ڪُنوارِ اَصِيلَ جا حَسَبَ نَسَبَ مالَ
اُنانْ چڱي ناه ڪا صورتَ صاحِبَ جمالَ
عَيبُ جو هَتِسِ هيڪَڙو خَصْمُ اڳَ کِياءِ (١)
آهي صَحِيُ بِڪرَ پوءِ مُحمدَ ويساهُ پاءِ
حَسَبُ نَسَبُ وڏِي ڳهراءُ دانَهِ دولتدارِ
سُونهارِي سُلکِٺي جيهِي ڪوڏ ڪُنوارِ

---

(١) خصم= مڙس

Gul Hayat Institute

سُونهارِي سُلڪَڻِي موتِيارِي مَعقُولَ (١)
ايهِي ڪُنوارِ قَبُولُ مَنّهُ توڪي ڏِيُهُون رسولَ
عيبُ جو هَتِسِ هيڪَڙو خَصمُ اڳَ هُئُوسِ
آهي صَحِيُ بِڪِرَ يوءِ تَنُ مَنُ پاڪَ سَندوسِ (٢)
مَيجِ اِهائِي مصطفيٰ جوءِ پَرَڻِيَن جاءِ
چَيائين جانْ پُڇانْ پُڦِيءَ چاچِي کاءِ
مونکي اُنِ نِپايو ماءُ پيءُ پُڄائُ
خبرَ اِيءَ معلومُ ڪِياءِ عاتِڪا کي تاءِ
عاتِڪا رسولَ کانءُ سُڻِي ڳالهه چَياءِ
اِيءَ سَيائِي اُنَ ۾ ڪَهت جا ڪَهِياءِ (٣)
نه جاڻان سَچُ چوي ڪِ تو سِحُر ڪري
اِنَ صِفَتين ايءَ ڏَنَ ٻِيجِي ڪاءِ نه وَري (٤)
آئيو ٻِيبِيءَ عاتِڪا ڏَمَرُ تِني ويرَ
هِنَ مُنهجي پُٽَر کي سِحرُ ڪري ڪيرَ
ڏولِيَ آڻائي ڪري پُڦِي چَڙهي رسُولَ
ويئِي شهزاديءَ گهَر عاتِڪا مَعقُولَ
شهزادِي تَختَ اُتان اُلهِي آئِي هيٺِ
هَٿِ پُجِي حُرمَتَ سين مُرڪِي نِيائِيس ميٺِ (٥)

Gul Hayat Institute

---

(١) سُلڪَڻي= سلڇڻي. موتياري =موتين جهڙي، موچاري (٢) بڪر يوءِ = بڪر جهڙي، ڪنواري (٣) ڪهت= ڳالهه (۴) ڏن= ڏنيل، رن زال (۵) هٿ پجي= هٿ ڏيئي ڪيڪاري

ڪِيجِيءَ ٻِيبِي عاتِڪا اَمِيرَمَڪِي ٻِيڻَ
آنجهُ عُمرَ خطابَ گهَرِ لائقُ وڏي وِيڻَ
شهزاديءَ ڪي عاتِڪا چَيو تينيءَ جاءِ
هِنَ منهجي پُٽر کي ڏُتارِي مَ ڪاءِ
پُٽر منهجو مصطفيٰ بُزرگُ زادو آهِ
سُونهارو سُلڪَڻو دانَهُ هادي راهِ
سُونهارو سُلڪَڻو پَرهيزِگارُ جُوانُ
ڏيکاريِهسِ مَ مالُ سُونَهَ شهزادِي ڪيٽانُ
هِنَ مُنهجي پُٽر کي سِحُر ڪري مَ ڪوءِ
ڏمَر مَنجها عاتِڪا وِيڻَ آڍِنگا چوءِ
شهزادِي تخَتَ سِرِ ويٺي وَڏيءَ جاءِ
جانُ ٻَسي تان عاتِڪا آڏَنگو ڳالاءِ
جانُ ٻَسي تان عاتِڪا هَڏ هِتان ويئي
اوڏِي تِئِي پيرينُ تهِين مُنهُڪوڙي پيئي
آؤُن ڪَنِيزڪَ تنهجي ۽ جو وِياءُ سَندوءِ
وينَتِيوُن ڪي عاتِڪا ڪِيو أيِتِي روءِ
اَللهَ ڪارَڻِ عاتِڪا مُحمدَ ڪارَڻِ رَسُولَ
مونکي ڪَنِيزڪَ پانهجِي ڀانئِج ڪري قَبُولَ

قَبا مَٽِي مصطفيٰ قيمَتي ڪَديا؎
لَڪُ مُهرِنِ پَڌرا صَدقو سونَ ڏِنا؎
يو لَڪُ هَزارِين تَتِڪيِنْ بَدرَڪا يَريا؎ (١)
متان مُحمدَ مصطفيٰ لَڪِ نِثارَ مُڪا؎
چارِ هزارَ ڪَنيزڪيِنْ سَرورِ سِينگاريا؎
تارَ جَواهرينْ پَريا مَٿي تَنِ ڏِنا؎ (٢)
مُحمدَ منجهي گهَرِ مَٿي جَنهَ ويرَ آچي راهَ
تارَ جَواهرينْ اوتِهو أتانِ نَبِيان شاهَ
تان مَرُ عَربَ بُسڪِيا صَدقو نَبِي؎ نِينِ
أميدَ پُني؎ منهجِي قُريشَ غَنِي؎ تِينِ
ٽِري هزارَ ڪَنِيزِڪِينْ بِيجها تارَ يَري
أپِيارِيا؎ سَراءِ يَرِ آگِيا؎ دَرَ ڪري
ڪارَڻِ مُحمدَ مصطفيٰ لَڪِ نِثارَ سَري
اوتِي جُ فارِغُ تِيوِ آچِيجاهَ وَري
سَتِئي هزارَ ڪَنِيزڪِينْ سيئي آجُونْ
غُلامي؎ جِيُون آنْ ڪي لَتِيُون سَبِ حاجُون
آبُوبَڪرِ جِينْ بُڌو تہ بِيبِي؎ خَدِيجا
مُڪو جاموْ قِيمَتِي مَٿِي مصطفيٰ

(١) تتڪين= تنڪا، ريا، تڪا. بدرڪام بدڙڪا= ڳوتريون، ٿيلهيون (٢) تار=تالهہ

وِڏُوڙو صِديقُ بَلُ تَتِ خَديجا ناءِ
گهَران جامو پانهجِو قِيمَتِي کَدِياءِ
پَنجاهَ هَزارِين بَهاءِ تارَ ۾ پاتاءِ
آئي مُحمدَ مصطفيٰءَ آڳي رکاياءِ
جامو سو صِديقَ جو جَهلائِي ڏرياءِ
خَديجا جي خِدمَتَ ۾ موتائي مُڪاءِ
تانْ مُحمدَ پانهجو ياٺبي نہ مُحتاجُ
ڪنداسون ڪو ڏِي‍ئي روحُ رُچَندو ڪاجُ
پَرڻِيندو شاهُ مصطفيٰ آيانْ يُونئِي تاجُ
سنديءَ جَنه صِفَتَ ۾ ماڙهو مَلَڪَ راجُ
"قَصَصُ الاَنبِيا" ڪِئِي تَصنِيفَ خُراسانُ
لِکيائِين ايءَ ڪري مَنجِهه مَلِيحُ بَيانُ
جِينْ خَديجا ڪارَخيرُ سندو رَسُولَ ڪِئو
ڏاڏو مُحمدَ مصطفيٰ تِينْ حَياتُ هُئو
عبدالمُطِلب مَڪي شرف آنجَه قُريشئِين جامُ
ڏاڏو مُحمدَ مصطفيٰ عَليه السّلامُ
بِيبِي خَديجا بادشاهِ تُوڙي وڏيءَ پُرسَ
ساڪَنَ مَڪي ۾ هُئِي، پاڙي اُنهيءَ مُڙسَ

Gul Hayat Institute

چياٿين نہ تو مصطفيٰ مٿون گهرِ اِيندو جت
ڏاڏي جيءَ موڪلَ ڏِئي غيرتَ نيندو تت
ڏيندو نہ موڪل مون توسين ڪَرڻِ نڪاحِ
مون پَلِيندو مَ گُهرِ اي پُٽَر عبداللهِ
پَرهاياٿِين قُريشَ پُڻِ قَبيلا عَرَبَ
لَڌاٿِين مَقصُودُ سو هُئِي جَهِينْ طَلَبَ
ڪوٺاياٿِين ڪارَڻي مَڪي مُعَظمُ جامُ
پاپوئَہ پَدَرو سَنَندو جيني نامُ
قُريشَ قَبِيلا مِڙِيا جوئِينْ ۾ مُڙِسَ
آيا ڪاج قريبَ جي گهاٽا لائي گسَ (۱)
تِت وَرِتَهِنْ وِتَرا راڳَ سُونهارا رَسَ
خوشيءَ جِي خَلقَ کي تِي وِيڳاڻجِهي وَسَ (۲)
گهوريا رَسُولَ اُتان سَبِ سَنداسِي مالَ
ڪَٽندا ڪاهِيُون پَري دُرُ جَواهِرَ جالَ (۳)
نِيندا پاڻو آنَ کي وجه خاصَ عَوامَ
آوازِينْ تَمه آئِيا ماڙُهو مِصرَ شامَ
چارِ هزارَ ڪَنيزِڪِينْ سونا پري تارَ
دُرَ جَواهِرَ فَيروهيو ماڻِڪَ موتِي هارَ (۴)

---

(۱) گهاٽالائي گس= گهڻين واٽن تان، گهڻا ماڻهو گس وٺي آيا (۲) اصل اٿين(۳) ڪاهيون= وٺا پوجها (۴) فيروهيو = فيروزو

طبقَ طِلائِي دَرَ أتي آشرفِيون آپارَ
اوتِيندیُون سٹَن ۾ سُلطانِي سِينگارَ
سَبِ خَدِيجا کوئِيا سِين رَسُولَ قُريشَ
مهِمانيءِ کي هيٹا مالِدارَ درَويشَ
گُهمندا سَرگش ۾ عامَ خلقَ ۽ خِيشَ
اِهو کاجُ نہ کَڏهِين هوءِ تان نہ همِيشَ
خَدِيجا جِي کارِ خيرِ مِڙيا ڏِسينْ ڏِيهَ (۱)
مِهمانيءَ مُشَهدي کارَڻِ مالَ آڇِيهَ (۲)
ياٺدو يَري ياکُرين پُوجَ پُچِندا مالَ
صَدَقي رَسُولَ جِسي وَجَهُ نِيندا جالَ
سَڌَ-وَنو سِنيگارِئو پَرهِي پَٽِ کَتاڻَ (۳)
مُقَدِمَ عربَ هَليا نَبِيءِ مُحمدَ ساڻَ
پاتا مُنهَ مَلائِيکانْ عرشَ کُرسي آسِمانَ (۴)
سِيجَ چَڙهندي مصطفيٰ رَسُولانْ سُلطانَ
بَحرَ پُونئِي ظُلمَتُون چَوڏِهيانْ چاندراڻَ
أتي سيجَ سَڌايو سِکَ سُونهاريءَ ساڻَ أتي
سيجَ سَڌايو خَدِيجا جو کانڌُ مارُهُو
مِڙيا مالَ کي، خَلقَ نہ ڏِسينْ پاندُ

Gul Hayat Institute

---

(۱) ڏسِين= ڏِسيون، طرف (۲) اڇيهہ= بي انت، بي انداز (۳) کتاڻ، کتان= ڪپڙي جو هڪ قسم، سٽيءَ جوڪپڙو(۴) پاتامنهن = جهاتيون پاتائون

ڪَنيزِڪِينَ هَٿَ ڪِيا دُرَ جَواهِرَ تارَ
مَڪي سنديون مُهرُون ۽ سونا دِينارَ
اوتِياؤُن اُتان مصطفيٰ گهوري لَڪَ هزارَ
مِيڙيا مالَ قُريشيا آگانُجها اَپارَ
آدَماءُ لائي ڪري تا ڏِينهُ قِيامَتِ (١)
نہ ڪو ٿِيو نہ ٿِيندو ڪَهِين وياٿهُ ايهيءَ ٻَتِ
مَڪو مُعظَمُ گُهمِيو سِيراسير رَسُولَ (٢)
بازارِينَ گشتُ ڪِيو نَبِي ڄامَ قَبُولُ
آچِي رَسِئو دَرَ سِرِ شهزاديءَ سَراءِ
تري هزارَ ڪَنيزِڪِينَ اُبيٺيُون اُنَ جاءِ
دُرَ جَواهِرَ فيروهِيو هِيرو لَعلُ مَٿاءِ (٣)
طَبَقَ طِلائي تَنهِ دَرِ ڏِنيون لَگِ خُداءِ
اوتِياؤُن اُتان مصطفيٰ تہ فَقِيرُ قُقرو ڪاءِ
اِتي اوتاڪِهِن..........جِئَن خالي ڪوءِ مَ جاءِ (٤)
نيئِي اَهلَ عَيالَ سين سَيِي ڪَنِ سُواءِ (٥)
سَچُ پَرِٿِئو مصطفيٰ اِيندي جَنه جُڳاءِ
اُسَهِئو سَراءِ ۾ يَري مُبارَڪَ پيرَ
خِيشَ قُريشَ پَرهايا مالَ لَڏاؤُن ڍيرَ

---

(٢) حضرت آدم کان وٺي ڏينهن قيامت تائين(٣) سيراسير= سيني گسن تان (٣) مَٿاءِ = مٿيا، موتي (٤) جاءِ= وڃي (٥) ڪن سواءُ =سواد وٺن

قُلبِينْ مالون بَدِيون موتِياري مُنْهَ رُوءِ
مُشكَ خَطائِي زَعفَرانْ كافُورِي خُوشبُوءِ
پائِي سونَ كُرسِيُون قُريشَ وِهارياءِ
مِهمانِيُون موتِياريُون كارَڻِ تَنِ كِياءِ
ٽِري ماهَ مَكِّي خَلقَ سَبَ كوٺيو كاراياءِ
نندِي وَڏِي سَيَكَهِين سُوجهي سارِ لَڌاءِ
جِينْ گُهرِؤُ لَدو تِينْ پُنَرِياسِ مُرادَ
سِيجَ چَڙهندِي مصطفئِي عَرشْ كُرسِي شادَ
جيكي جَنِي سين كِياءِ نَذَرَ سكُون بولَ (١)
مُرادَ پُنِيءَ پارِئا سي شهزاديءَ قولَ
لَٿا ڏُكَ سكَ تِيا وِيا وِچائِينْ هولَ
سَرهايُون گهرِ سَڄَڻِين ڏُڄَڻَ تِيانِ تولَ (٢)
عَقدُ نِكاحُ اِيجابُ جي تِنِي قَبُولِيَتَ
لِدو لوحَ مَحفُوظَ ۾ مِيلو مُلاقَتَ (٣)
سيجَ چَڙهِئو مصطفئِي شَفِيعُ الأُمَتَ
عَرشُ كُرسِي سَرَها تِيا مَلَكَ مُقَربَ بِهشتَ
حُورُون حِرصِي آيون مَنجِهه سُونهاريءَ سَتَ
راڻِيؤ تَنِ رَءِ پَٽِي كانه كِياؤن كَتَ

(١)نذر سكون بول= نذرانا، سكائون ۽ واعدا (٢) تيانِ تول تيلجي ويا، ڌكجي ويا
(٣) لِدو= لكيو

سو شهزاديءَ راڻيو جو گهرياڻين ۾ حبگَ

جَنِي قُربُ ڪَرِيمَ سين مِڙئِس پرين آهگَ (١)

سَهجَ نہ پئِي ڪا ساهُرا رَسمون راءِ گهرَنِ

جيڪِي جَنِي مَگِئو تُسِئو ڏِنائِين تَنِ

آدما لائِني آئِيا حَرَمَ مُرسَلَنِ (٢)

خَدِيجا جِي ڪَارِ خَيرِ ڏِيَنَ واڌايَنِ

حُورون آيون اَلهِتي لاوُنْ ڏِيَنَ لَگِ

مُخلِص مُرسَلَنِ جِي پُرِي پَهُتي وَگِ

حَرَمَ مُرسَلِين اَسَهِيا، حُورُون هَلِيون بِهشتِ

پَرٺائي رَسُولَ ڪي خاتَمَ نَبُوّتِ

وَهُونْ وِرُونهِي وِييُون سَهَجَن سِييئي

جَنِي ڪي جَگِ سِڪِئو آياسي پِيهي

جَهِينءَ ڪي جَگِ سِڪئو سِيجَ سو آئو شاهُ

سَبِ مُرادون پُنِيُون تہ تون جاءِ اللهُ (٣)

شهزاديءَ دُعا ڪِئي تِئِي مُستَجابَ

مَهرِيءَ مِڙِيا سُپرين جُڙِيا رَحمَتَ بابَ (٤)

دَرُ جوڙِي دَرِ آيو ڪوِئي اَندَر ڪانڌُ

مُحمدُ مَنجهِ مَهرِي پَلنگَ اُتي هيڪاندُ

---

(١) مڙئس= مليس. اهگ= ؟ (٢) حضرت آدم کان وٺي (٣) مهري= مهاري، پلنگ جو چاري دار پردو (۴) اصل ائين

شاهُ سِينگارِئو کَٽَ سِرِ وِيٺو وَنيءَ وَٽِ
ٻَڌِي جا اَلله سين سَچِي ٿِئِي سا سَٽِ
سيجَ چَڙهِئو سُرَهو وَنو خَدِيجا کانڊُ
تَشرِيفَ فَرمائِي پَلنگَ سِرِ وِجي وِيٺو هيڪانڊُ
سيجَ نہ سُمهي مصطفيٰ نَجڪِي ڳالائي
خَدِيجا جو وَلهو وِيٺو وِچ پائي (١)
اي منهجا سُپرِين مون سين رُٺَهين ڪوهُ
ڪا ڪَراهَتَ مون ڪِئِي، ڪِئو تو خطا ڏوهُ
اي منهجا سُپرِين تون منهجو ڊولُ
اوڏو اَچِي نہ وِهين لاهي هِنيانْ هولُ.
مُحمدَ مُهانْ ٻولِئو خَدِيجا بادشاهِ
آءُن اِبراهِيمَ جِين آهِيان دِينِ اِلٰهِ
تون تِيَهين ڪُفرَ ۾ شَهزادِي سُلطانِ
تو وَٽِ اَچان جي ٿِئين مومِنِ مُسلمانِ
خَدِيجا ڪَلمو پَڙهي مُسلمان ٿِئِي
مَڃِيا دِينُ خَلِيلَ جو مِيڻُ مُطِيعَ ڪِئِي
سَڄَڻَ گَڏِيا سَڄَڻين وِيو وِڇارو (٢)
سَرَهِي سَڀَ پِروتِئي، خَرَهِ مُنهَ ڪارو (٣)

---

(١) وِچ پائي= وِچ وجهي، مفاصلو رکي (٢) وِيڇارو = وِيڇو، جدائي (٣) خره= ڪرن

Gul Hayat Institute

سَـرَهِي سَـبَ پِروتَـڻِي گَـڏِيا پِـرِين پِرِيَنِ
چَيـاؤُن رَسُـولَ ........... گَهـڻِـي قُرِيشَنِ
خَـدِيجا ڪِـيـنَ ڪِيا مـوتِيـارَ مِـهِـمـانَـنِ
تـانْ تـوُن ڪِـي پِڻِ پانهِـجو ڪِيَڻ ڪاراءِ خَيشَنِ
ڪِينهِـي مونکي مـنـهجـو، اُتـو مُـحـمـدَ تـاهِ (١)
خَـدِيـجـا جـيَ مـالَ سيـن تان مـون دَخَلُ ناهِ
خِـنـدِيـجـا ويلَ جَهِين پُـڌائِيـنْ اِيءَ ڳـالِ
ڪُـجـاڙي ڪـي مصـطـفيٰ ڪَـهِئِيـنْ اِيءَ مَقـالَ
آؤُن تنهجـي، مـال مَـون، خَـزانا سَـنـدامِ
پـانِهـا پانِهيُـون، مِلـڪَ گـهرُ تو لَڳِ فِدا ڪِيامِ
ڏي سَـيـيئِي صَـدَقـو تـوکـي بَـخـشِـيامِ
جِينِي آؤُن گهـورِي هُـئِي، پُنـي اُمِـيـدامِ
صِـفَـتَ سَچـي رَسُولَ جِـي دَفَـتَـر لَـڪَ هَزارَ
سِـيـرَ مَـصـابِيـح ۾ مَـطـالِـعُ الاَنـوارَ
بَـنـدو ٻـولِيـندو ڪـيـتَـرِي پانهجي مِقدارَ
وجون تـہ اِيمانَ سيـن ڪَـلِمو چَـيـو جَـبارَ
لاالـهالاالله محمد رسول الله

تمت تمام شد بتاريخ سنہ ١٠٦٨ ڪاتبہ و مالڪہ
حقير فقير عـزت بـن مـرحـوم مـغفـور سليمـان

---

(١) تاه =تن کي، انهن کي

## [٦]

### مدح رسول الله صلي الله عليه وسلم

ساراهِجي سو ذَٽي جو هُوندو ۽ هُوءِ
تَهِ جوڳِي ساراهَ ڇا ڪَندو ڪيرُ پِيوءِ
عِجزُ آندو مَلڪنِ وينَتِي ڪِيوءِ
"ماعَبدناکَ حقَ عِبادَتِکَ" سَيَتِ هِينءَ چيوءِ
نہ تَهِ جِهو تُوڪُ ڪوءِ، نہ سو توڪُ جِهو
نہ ڪَهِ جائو پاڻِ سو، نَڪو تَهِ جائو
جِيَٽا وِيتَٽا پاڪُ سو، پاڻِهي پاڻِ هوءِ (١)
"لَم يَلدِ وَلَمْ يُولَد" پَسِي ڪِينَ جِيوءِ (٢)
خاطيءَ جي خاطِرِ ۾ وَهمُ هيءُ پِيوءِ (٣)
مَدحَ مَنجهاءِ مُصطفيٰ جيءَ چوهُ ڪو پورو (٤)
وينَتِي وڏا ذَٽي تون ڪَرِ سو پُورو
اِللهِي "عثمان" چوءِ آسان جِينءَ جَيوءِ
سو ڪر پُورو پادشاهَ جيڪِي اُولايئو (٥)
ڏيئي ذَاتِ رسولَ کي سائِينءَ پِرينْ ڪِيوءِ
دُرودُ اُتي مُصطفيٰ مولٰي پاڻِ ڇَيوءِ
مَنوڙُ سَيِنِي مُرسلانْ تيلاِئين تِيوءِ

(١) جيٽا ويٽٽا= جيئڻ ۽ ويامڻ کان (٢) جِيوءِ= جيءُ ، جسم (٣) خاطر= دل (۴) چوهُ= چئو، پورو= ٽڪرو (۵) اولايو= اُونايو، عرض ڪيو

Gul Hayat Institute

”اِنَّ اللهَ ومَلائِكَتَهُ يُصَلُّونَ عَليَ النَّبِيَ“ اِنَ پَرِ ڏٺيءَ گهرِئو
صَلواةَ سچَ صِدقَ سين مَنجها هِئِين چئو
دُرودَ دائِم دلِ ۾ لازمُ ڪري پُجهوءُ
”يا اَيـها الذِينَ آمنُوا صَلوعَليهِ وَسَلمُو تَسلِيما“ اِيءَ اَمُر ٿِيوءُ
جيڪِي آلُ رسولَ جو تـهِ سين سهَنْد ڪيوءُ (١)
فاضِلُ پاڻيُهو اِن ڪي بُزرگِي ڏيوءُ
مَجهُون اَصحابَنِ ڪي وَسِيلو ڪيوءُ
ڪوڙو ڏِيڻُ اِنِ ڪي نبيءَ فرمايوءُ (٢)
جيڪو اِنْبياءُ موتيوءُ سو گُمراهُ ٿيوءُ
سُٺِهو هِئِين ڪَننِ سين الله فَرمايوءُ
آنْ ڪي ڪو پِريَتَڻو اسان سِين ٿيوءُ
تہ پُنِيءَ لڳو مُصطفيٰ سَچِي سهُنْد ڪيوءُ
اَساٿهِجو پِريَتَڻو تہ آئِينْ سِين ڪَرِ ٿِيو
”قُل اَنْ كُنتُم تُحِبُونُ اللهَ فاتَّبِعُونِ يُحبِبكُمُ الله“ سَچو قولُ کِيو
ٿُنهِجو پانهو تو اُپايو، تو پَلو کِيو
توهِي ڏِنِيَس ذاتِ اِيءَ سَيِنِ سِرُ ٿِيو
اَسان ڪِجِ ڪَرِيمَ تُون نَبيءَ سين پاڙو
هيءَ صِفتَ حَبِيبَ جي ڪو پَڙهِي يادِ ڪيوءُ

(١) سهُندڪيو= پال پلايو، محبتون ڪريو، سچو من لايو (٢) ڪوڙو ڏيڻ =سيني سان لائڻ، هٿين سان هنڊائڻ

اُمِيدَ آهي آلله ڏُونهُ تہ سو مَرهاتو (١)
جي ڪو پَڙهي هيءَ صِفَتَ ڪِ سُٽي ڪَنُ ڏِيو.
مِنَتَ ڪَرهُو تهِ ڪي وينَتِي ڪِيو
فاتِحاء فَقِيرَ ڪي تَوهِينْ نہ وساريوءُ (٢)
مانَ مَرِهيئُون بادشاهُ خَطائُون ڪِيو (٣)
سي ويندا ايمانَ سينِ ڪَلمو جَنِ چَيو

لاآله اِلا الله محمد رسول الله

عَبدالله گهَرِ گهوتِيو مُحمَّدُ جِينْ چاؤءُ
بُتَنِ ڏنا سَجِدا ظاهِرُ حَقُ تِيوءُ
ڪافِرَ پِشيمانِيا اوراتا ڪِيوءُ (٤)
تَهِرَ پِيو آيِنِ ۾ سَيِن هيءُ واؤءُ (٥)
ساراهِجي سو ڏَٽي جَهِ نِي اُپايو
نَيو نُورُ نَئِنْ ڪري اوتِجي آيو
چِمڪئو چوڌار تي ڏنائِين ڏيکائو
پِيا مَلڪ مُنهَنِ يَرِ پَسِي سَهائو
هَيبَت هَتان سَيڪو سَجِدي مَنجِھ پِيو
نِرتو نُورُ تَجلّي ڏسي آهي تانْ نہ پِيو
وَحيءَ آچِي اِنِ ڪي تان پِيي جاڻُ ڪِيو

(١) مرهاتو= رحمت ڪيل، بخش ڪيل (٢) 'فقير' يعني شاعر عثمان (٣) ڪِيو= (ڪمَن) بخش ڪيو(٤) اوراتا= روج راڙا، واويلا (٥) تهر= تنهن وير. واٿو= هُل ، اعلان

جـــو سِـرُ سَـيانْ نَبِــيــا ســو پيدا ٿِيــو

مــحــبتَ مَنـجــهــا مُـصطفــيٰ مــولــي اُپــايــو

چَـــگِي بَـــشارَتَ جــون واڌائِيـــــونْ آيُـــونْءِ

”فَـــبَشّـــرِهُ بِـــمَغفِرَة اَجر كَرِيمِ“ عالَمَ اڳُ ٿِيــوءِ

جيــكـبي اَهلُ آيَــنِ جــو ۽ پُــونئِـنِ جـــو هـــوءِ

بَيَـــنِ نَـئِـــي نــهــارِيـــو لِـيــاكــا كـــيو

تَــهِ نـــهـــاريـــو بادشـــاهَ جِـيـنِـــي اُپــايــو

اُكَــنــدِيــا جِيئِـي اَڳِهين، نـــظـــارو كِـــئوءُ

تـــان پِـي جَـــبــرئيلَ كـــي اِيءُ فرمــــانُ ٿِـــيوءُ

وجِـــي كَـــنُ حَبِــيــبَ كـنـي، تون سَنـدُسِ دايــوءُ

جَـبَــرئــيـلَ جَــهْـتَ ۾ هَــلِــي هَــنـجَــهـ كِــيوءُ (١)

تَـهِ اڳانجِهـــي سِـــكَ ۾ پـــيــــري ڳَـرِ لايــوءُ (٢)

سَــجِـدو ڏِنــاءِ ســيگهـ ۾ جَــهِ وَقــتِ چــائو

ســاراهِياءِ ســـو ڏِٺـــي جَـهِ نــــي اُپــايــوءُ

تـــان پِـــي مَــگّــي مُـصطَــفيٰ ويــنَـتِي كِــيــوءُ

”رَبّ هَب لِي اُمَّــتِي اُمَّــتِي“ گهُــران كِــينَ پِــيوءُ

سَــلامُ سَـــيَ عِــزَتَ سِيــن حَــضـرَتــا آيــوءُ

اسان مَــجِــيــو مُــصــطفــيٰ جِينْ تــو فَــرمــايو

(١) جَهت= جلد، جهت (٢) اڳانجهي= تمام گهڻي. ڳرلايو= ڳلي لاتو

سَجدي مَنجها هاشِميءَ تيلان ڪندُ ڪَيوءُ
تان پِي گهَٽيءِ عِزتَ سين راضي رَبَّ ڪِيوءُ
”وَلسِوفَ يُعطِيڪَ رَبّڪَ فَترضيٰ“ سَرهو تِينْ ٿِيوءُ
نہ ڪو اڪِينْ پُهري اِهو ڪوءِ هوءُ (۱)
جيڪَهِين ڏنو سَيڪو ساراهَ منَجهہ ٿِيوءُ
جِينْ ساراهي سَيڪوءِ واڪاڻُونْ ڪِيوءُ
ڪوڙِن منَجها قطرو ڪَرِ بَيانُ ٿِيوءُ
سَهسين صِفَتُون ڪِيوءِ، جي لَڪِينْ لالايوءِ (۲)
اوڙاه مَنجها اُجِجِي ڪَرِ جِهرڪيءَ واتُ وِڌو
آتِ اُونهائِي تَہ جِي لَهِي نہ تانگهاوءُ
جَهِين اُپايو تَہ رِءَ پُجهي ڪيرُ پِيوءُ
اِها تانْ وِماسَ ڪَرِ، فڪر ڪوءِ ڪيوءُ (۳)
ڪِهو قُربُ ڪَرِيمَ سِين پانهي ڪي ٿِيوءُ
گُجُهہ گُرهي جَنہِ سين گُجهاندَرَ ڪِيوءُ (۴)
”يا نُورَ نُورِي يا سِرّ سِرّي“ اِنَ پَرِ واڪاڻوءُ
مولي تَہ محبوبَ سين وِيجهاندَرُ ڪِهو (۵)
وِچُ نہ ڏِسي اِتِ ڪو جِهو نہ تِهو
ڪيرُ چُوندو ڪينءَ تي، اِهو ڪُوءِ پِيوءُ (۶)

---

(۱)اڪين پُهري= اڪيون پوري (۲) لالايوءِ= ليلايو (۳) وماس= ڳڻتيَ (۴) گجهاندر= گجهہ اندر-لڪ (۵) ويجهاندر= ويجهائي (٦) ڪوءِ پيو =ڪوهہ ہہ پيو، خساري ہہ پيو

Gul Hayat Institute

"وَهُوَ خَيرُ الخَلائِقِ" سائينءَ ساراهِيوءِ
پاجهايو پَهُون پَرِينْ ڪَرِيمَ ڪوڏايو
"قُم قُم يا حَبِيبِي ڪَمْ تَنَامُ" ايءَ ڪِيو جاڳايو
ڪونَ اُپايو ڪَڏهِينْ آسان تو جِهو
جيڪِي گهُرِينْ تينْ لَهِين ۽ پُٽِ آنْ گُهريوءِ
مُلڪ پانهِجو تو اُتانْ مون قُربانُ ڪِيوءِ
"اَفَدَيتُ مُلكِي عَلَيكَ يا مُحمدَ" آگي اِينءَ چَيو
پانْ نہ ڪِيئُمِ پَڌَرو جي تُون نہ هُئوءِ
"لَولاكَ ما اَظهَرتَ رُبُوبِيَّتِي" اِيانْ مَعلُوم ٿِيوءِ
نَڪو سِجُ نہ چَندرُ ڪوءِ، عَرشُ نہ اُپايوءِ
نَڪِي پُونئِي آپَ ڪِي، نَڪو تُوڪُ پِيوءِ
نہ ماڙهُو مَلَڪَ ڪِي، نَڪِي ڪِي ڪِهو
نُورُ نَبِيءَ جو بادشاهَ جيلانْ اُپايوءِ
جيڪِي آهي سِيڪِي تِيانْ پَيدا ڪِيوءِ
سو هَڏهِينْ ناهِ ڪِي جِينْ ڌاراءِ ٿِيوءِ
جيڪِي پُجهي پُجُهه سي تُوڙي وَرِهَ وِيوءِ
مولي تَهِ محبوبَ سين هِنَ پَرِ پاجهايوءِ
ڏاتِ ڏِنائِسِ سَيَّڪا ڪارو ڪوءِ ڪِيوءِ (١)

(١) اصل اٿين

Gul Hayat Institute

مِيئِينْ مُورِ نہ ڪَڍِهين تَهِ ڪي وساريوءُ (١)
دايَمُ تِينِي دوسَ کي ٻاجهاءِ يادِ ڪِيوءُ
ڏُکَندو نبيءُ کي جَهِرَ ڪِي ٽِيوءُ (٢)
ڪَرَ لَهائِي بادشاهُ جَبرئيلُ مُيو (٣)
"تون ڪينءَ ٻاپِين مصطفيٰ آهِئين اَڄُ ڪِهو".
سائِين چاٺي سَيڪِي ڳُجهو ءِ پَڌَرو
حرمت ڏِيوءُ حَبيبَ کي تيلان پُڇايو.
گِهڙِي نِهارِهُ گَهتَ ۾ وِماسو ڪِيوءُ
اِيءَ پَرِ جَنِي پسانَ ۾ تَنِي وِچُ ڪِهو
پُنيءَ لگو هاشِميءَ اُتِيو، مَ وِيهو
يَتو يَتِين جَهِ کي سائِينءَ ساراهِيو
تَهِ کي سِکِي سَيکو جيکو اُپايو
صِفَتُنِ تَهِ سَندِيئِين نکو پاندُ پَرو
چَئِي چُوندو ڪيتَرو ٻانُهو ويچارو
"فَواللهِ مَااحصِي شَمَائِيلَ فَضلِهِ مِنْ رَبِّهِ" ڳاڄُ نہ کَهِين لَڌو (۴)
وارَنِ اُتي جَهِ جَنِ سائِينءَ سُنْهُ ڪِيوءُ
ٻانُهو ساراهَ تَهِ جِي ڪَهِ پَرِ ڪِينْءَ ڪندو
سَيَتِ مَولو جَهِ کي نِهارِي نِهاروءُ

(١) ميون= الله تعاليٰ(٢) ڏکندو =تڪليف. جَهِرَ= جنهن وير (٣) ڪَرَ لهائي= خبر لهڻ لاءِ. مُيو= موڪليو (۴) ڳاڄُ= شمار، ڳاڻيٽو

تَهِ جي صِفَتَ جَهِ پَرِ كِبِي كِينءَ كِيوءُ
بَحَر مِڙيائِي مَسُون كِجَنِ، وَڻَ قلمَ كِيوءُ
ماڙُهو مَلكَ ۽ پَرِي هيكاندا ٿِيوءُ
جي لِكَنِ قِيامَ سِينءَ سِيئِي مِڙيوءُ
تہ نہ لهندا پاندُ كوءِ چڏيندا كُهِيوءُ (١)
مَسُون كُٽِي ويندِيون، ۽ قَلمَ پَڇيو
نہ لَهندا تيتَرو مَگرِ كوءِ پورو
كيرُ نہ لَهندو تَهِ جِيءَ بُزرگِيءَ مَتو
”اِنَّ فَضلَ رَسُولِ اللهِ لَيسَ لَهُ حَدُ“ مَنجها هِيِنْ پُڌو
مَدحَ مَنجها مصطفيٰ جي جيكِي چَئِي سَگهو
سو جڳاءِ سَيِي پَرِينْ جي كَهِين يَتِ چَيوءُ
رِءَ يايَپِي دَرَ جِنِي رِهاءِ سَپ پِيوءُ
”وَاَنسُبْ اِلي ذاتِهِ ماشِئُتَ مِن شَرَفِ“ پَسِين اِيءَ لِڌو (٢)
مُهرُ سَيِنِي مُرسلانْ سائِينءَ پِيارو
آسانْهِجو كارِڻِي اِهو يَلارو
ميڙِيهُون باجَهہ كري نَبِي سُونهارو (٣)
آسان تَهِ حبِيبَ كي لَگو مَنَ چارو (۴)
اِللهي ”عثمان“ چوءِ تون مَجِ لالايوءُ (٥)

---

(١) كُهيو= تكجو (٢) لِڌو= لكيو (٣) ميڙيهون =اسان كي ملائين (۴) من چارو= ويچار
(٥)لالايوءُ= ليلايو

Gul Hayat Institute

اسان کِجِ رَسولَ سين ماهِنڊِ ميڙائوءُ (١)
آسائِتُو سَيکوءِ کَهِينْ مَ ڦوڙائوءُ
پَسَڻَ کي سو هاشِمِي وَه وِيتَر پِيوءُ
سِکَ تُنهجِي سُپرِين اَندرِ ڏَنْءُ لايوءُ (٢)
مِڙِيهُون محبوبُ سو، جو تو اُپايوءُ
تَنهِ رءَ ڏٺي نہ ٽِئِي آسان اوباهو (٣)
باجُهون باتارَنِ کي کندو کيرُ پِيوءُ (٤)
اُهِکِيءَ ۾ آڏو ٽِئِي پِريَنِ پَلاٽِوءُ
پارِ وِڏائِين پَهيَڙا وِينَبِتي کيوءُ
پِيا جي پاچولِ ۾ جِڏي سي نہ وِيوءُ (٥)
گَهٽو سُونهارو سُپرِين يَلو بوراوءُ
تَهِ سين ويندِي ناه يِئِي، سَيِنْ سَهنجائوءُ
سُجَنِ مَنجها ساٿَڙا اُباهِي آيوءُ (٦)
ماهُندُ اوکي پُورئو جِيَٽو ۽ ڏاوءُ (٧)
خَبَرَ تي کُهِيَنِ جيءَ کَرِ اکِهِين آيوءُ
سَٺون ڏيندي شاه کي ٽِيئي نہ رَنجاوءُ
آتِ آکَانجِهيءَ باجَهہ سين اِهو کونَ پئوءُ
اُهِکيءَ ۾ آڙَينِ کي کوٽِي جِيءُ کِيوءُ

---

(١) ماهند= مهند، اڳ ۾ (٢) ڏنءُ =ساڙ، داغ (٣) اوباهو= نجات ، ڇوٽڪارو (۴) باتاڙن = سڪايلن (۵) پاچول= پيچاڙي، پُٺ (٦) اُباهي آيو=و پار اُڪاري آيو (٧) جيٽو ۽ ڏاٿو =سچو ۽ ڪهو

Gul Hayat Institute

موليٰ مُکو ڀاڄھ کي منجھانءَ ڀاڄھ ٿيو

مُورِ نہ ڇاڻي ڪَمُ ڪِي ڀاڄهانْ ڌارَ پِيو

ڪَهين نہ لڌو ڪَڏهِين تہِ جيءَ ڀاڄھ پَرو (۱)

مُڪو پِيَن هاجَ کي، ڀاڄُهنِ کي آيوءَ

"وَمَا اَرسَلنَاک اِلاَّ رَحَمَةً لِلعالَمِينَ" اِهو ڀاڄَھ پَربوءَ

ڀاڄهاءِ ڀاڄهارَنِ کي ڀاڄهيانْءَ ڀاڄَھ ڪِيوءَ

اِيہُ خَزانو ڀاڄَھ جو سَيِنِ کي ٿِيوءَ

"كَمَا قَالَ اللهُ تعاليٰ فِي شَانِهِ اَنتَ خَزائِنُ مَعْرِفَتِي وَرَحْمَتِي"

تيلان ڀاڄهايوءَ

ڀاڄَھ آڳاٺِجهي تَنہِ جِي ڀاڄهاءِ ڀاڄهايوءَ

دائِيمُ دَرماندَنِ کي رَسي ڀاڄَھ ڪِيوءَ

مِهرَ ڀاران مصطفيٰ ڪوءِ نہ وِساريوءَ

پِيوءِ نہ ايهِيءَ ڀاڄَھ سين ڪَڏِہ کو هُئو

اُمتَ ڪارَنِ آڳِهين سَجدو جَهِين ڪِيوءَ

وِتبَ وَتا وِيسَرِي ڪندو نہ وِرتو (۲)

ڏوڙو ڏهارِيَنِ کي جِتي کو ٿيوءَ (۳)

تِتي رسي مصطفيٰ ڀاڄهانْ پيرَ پَريوءَ

ڏِيرُون ڏي ڏُبِئِينْ کي ڇڏڻ نہ وارو (۴)

---

(۱) پرو= پاند (۲) وَتِبَ= وَتِ بہَ= (محاورو) ڪنهن بہ حال ۾ ، هر حال ۾ (۳) ڏوڙو= پيٽو، مشڪل (۴) ڏيرون =آٿت، دلداريون. ڏُبئين = لَڏيل، هيٺا ٿيل

ڪوءِ نہ هُئو ڪَڏهين پانُهو اِهَ پارو (١)
ڪونَي ڪاٺِيارِن کي پاجهاءِ پَرکِيوءُ
اِنَ پانهي کي رَبَ سين وڏو اُهابو (٢)
تَہ سين شريڪُ ناهِ ڪو حُرمتَ مَنجهہِ پيوءُ
جَهِ کي گهٽي لُطفَ سين مولي هينءَ چَيو:
"اسان توسين مصطفيٰ آهي ساءُ هِهو
جيئن سِڪي سُجَ ۾ پاٹيءَ کي اُڃيوءُ
تو سين تَهياتِين گهَٹو اسان ساءُ پيو"
جيئين سَڌَ صِحَتَ کي پيو ڪري جَڏو
اسان ڪاڍو مُصطفيٰ تو ذاتہَ تانءُ وَڏو
گُهري خُوشنودِي منهنجِي عالَمُ سَبُ مِڙئو
آوُن طالِبُ تنهجيءَ خُوشنوديءَ سندو
"كُلُّ شَيءٍ يُطلَبُ رَضائِي وَآنا اُطلُبُ رَضاكَ يا مُحمَّد"
مولي هِينءَ چيو
جينءَ نِهاري مُون ذاتہَ سَيڪو سِڪَ پِيو
آوُن نِهاريان تو ذاتہَ اِنائين آڳرو
عالَم سِڪي مُنهجي پَسَڻُ کي تِيو
آسان اِنائِيءِ گهٹو تو ذاتہَ نِظارو

---

(١) اِہ پارو= انهي پارين (٢) اُهابو= مُهابو

جيڪو آهي سَيُڪو مون ذاته نِهارِيندو
آئُن نِهاريندو تو ذاته تَنهِ وقت ِتيبوءِ
"ڪُلّ مَنْ ڪَانَ مِنَ العَرْشِ اِلَي الثَرِيٰ يَنْظُر اِلَيّ
و آنا اَنظُرِ اِلَيهَ يا مُحَمد" مَولِي پاڻِ چيو
اُپاياِئِسِ اَڳِهين پنوءِ پَيدا ڪِيو
آڳَهُ اَڳِيَنِ اُمَّتُنِ ۽ پتويَنِ ڪي تِيو
نامُ تُنهِجو مصطفيٰ ذَتِيءَ بُلَندُ ڪِيو
"وَرَفعْنَالَكَ ذِكْرَكَ" سَيِنِ تِينْ پُڌو
نالو پاهِنجي نامَ سين سائينءَ ضَمُ ڪِيوءِ
ڪوءِ تو پَسِي ڪيتِهين اِنَ بُزرگيءَ مَتوءِ
تيلان مَتَءِ مصطفيٰ جيلان رَبَ گُهريوءِ
مَرڪُ سَيني مُرسَلانَ تيلاِئين تِيوءِ
تَ ڪو ڪُجي اِتِ ڪِي ڪهين ڪي آندازو
خاصاجي خاصَنِ ۾ ماهَتُدَ تَنِ تِيوءِ
اُڪارياِئين اوتَ ري لَڪِئاپُورَ نِيوءِ
ذَرَهِ ذَرِيا، ذَرَ ذُبِئِي، هَيبتَ هُلُ تِيوءِ
وِيرَ ذُهلِي ذاڪَرِي ذنو ذيڪائو (١)
ڪَنبِيا سَبِ قَهّارَ يَئِي، دِرنا دراءُ تِيوءِ

(١) هي بيان تيامت جي ڏينهن بابت آهي .

ڪونہ پُڇي ڪَہِ ڪَر، پاڻاءِ ڏارَ پِيوءُ
ڏُهارِي ڏهڪِيا، ڏاڍو ڏِينهُ ٽِيوءُ
يارِي ڏِيندَلُ ناهِ ڪو توڙي پِٺَ سَڳو
ڪري بيزارِي سَيڪو، ياءُ نہ ياءُ مِڙيوءُ
پُٽُر نہ اوڏو ماءِ کي يَڄِي ڏارَ ٽيو
”يَومَ يَغِرُّ المَرءُ مِن اَخِيهِ و اُمِّهِ اَبِيهِ“ اِهو پَڌُر پِيو
اُهڪِي ٽِئِي اَڙيَنِ کي ڏسي ڏولائو
مِتي اُتَنِ مامَرا اوهِيرا ڪِيو (١)
دَوڙِيا پَسِي دامَ ۾ پاهِنجو ڪمايو
تَنِ تُنهجيءَ پاجَهہ رِيءَ ڪِهو. اوباهو (٢)
ڏَڪِئا ڏولائِي پَٽِي، ڏَهِئا ڏاهُ ٽِيوءُ (٣)
اوڏو آٿي اِنِ کي مَتان سِجُ مَندِئو
گَرمايِئِي گورِ ڪِئِي تَپِي. تاءُ ٿِيوءُ (۴)
سِنءَ آڳانجهيءَ سَيڪو مُونَنِ پَرِ پِيوءُ (۵)
”وَتَرِي ڪُلُّ اُمَّةِ جاثية“ اِيانْ يَقِينُ ٽِيوءُ
تِتي آڳَهُ مصطفيٰ ڏُهارِيَنِ ٽِيوءُ
اُيا مارُهُوءِ مَلڪَ يَرِ ۾ صَفُون سَپِ ڪِيو
مِڙِئا نَبِيَّ مُرسَلّ هاگامُو ٽِيوءُ

---

(١) اُتن= انهن تي وُتا (٢) ڪِهو اوباهو = ڪهڙو چوتڪارو (٣) ڏهئا ڏاهُ= ؟ (۴) گور= تبر
(۵) آڳانجهي = مشڪلات، سوڙهيءَ گهڙي

اسان کهِيءَ نہ ڄِتئي تو ريءَ اوباهو
تان پِي مَرکي مُصطفيٰ ماهَندِ تَنِ ٿِيو
اُيايا ءِ آڙيَنِ کي شَفاعَتَ ڪِيو
پُٺِيءَ لَڳس بادشاه ماهَندِ مَٿيرو
تَہِ کي جَهلَ نہ پَلَ کا، پَلو رِيبارو (١)
هَيبَتَ ناهِ حَبِيبَ کي سائِينءَ پِيارو
هِتان ٿِي هُتِ گهٽو گهورو جَہِ سَندو
حُرمَتَ تَہِ حَبِيبَ جيءَ اسان پَٿُ ڪِهو
کونہ بُڌوسِين کَڏهِين ايهيءَ باجَهہ پِيوءُ
ڏهکِي ڏهارِيَنِ کي ڇَڏي تان نہ وِيوءُ
عاصِي پَسي اَسَ ۾ پَتنگُ جِينءَ پِيوءُ
کارُون کَري کَرِيمَ کي اُيو نہ وينو
مولي مَڃِيو سَپ سنو جيکي تَہ چَيو
کُورَنِ کانِي بَکيو، مُوڙهَنِ موکُ تِيوءُ (٢)
جِتي مولي مصطفيٰ چَئِي خُوشنودُ کِيو
آؤُنْ کَندُس تِيهَين جينءَ تون چُوندو
"اَنا مَولاکَ وَانتَ مَحبُوبِي" توسين وِچُ کِهو
تُهاءُ آدَرِ سُپرِين هاٿي کِينِ کِبو (٣)

(١) ريبارو= پيغمبر، رسول (٢) اصل اٿين (٣) ادر =؟

جيڪي آهي سَيڪي، توڪي سَپ ڏِبو
"اِن اللهَ لاَ يُخلِفُ المِيعادَ" اِنَ ۾ شڪُ ڪِهو
تَڏِهِ تِتي مصطفيٰ ڪِيو سُنۡهُ هُئو
تانۡ تانۡ راضِي رَبَّ سين آؤنۡ نہ ٿِيندو
جانۡ ڪو مُهِنجو اُمَتِي اِهڪِيءَ ۾ هُوندو
"وَاللهِ لاَ اَرضِيۡ عَليَ رَبِّي وَلَواحِدُ مِن اُمَتِي فِي النّارِ"
پيغامبر چيو
راضِي پاهِنجي رَبَ سين تيلائين ٿِيوءُ
ڏنَاءِ ڏُهارِين کي ڏاتِينۡ پاڄهہَ ڪِيوءُ (١)
عَفُو ڪِئائِين عاصِيَنِ کي خَطائُون ڪِيو
پانهنِ اُتي پاڄهہ جو تانۡ پِي واءُ وَرِيو
لَتا ڏُکَ سُکَ تِيا سَرَهُو جَڳُ تِيو
رَحمَت اِتي مِينهُ جِيئَءِ اوهِيرا ڪيو
موڪَلَ لَدِي مصطفيٰ تِينۡ وِداعُ ٿِيو
ڏَڏِن ڏاتِينۡ ڏِنيون ڪَرِيمَ ڪوتايو
پَلنگ پَتَرِيا پاتشاهَ خِيما ڪوڙيا آٿي
پاتيون ڪُرسيُون سَهسِين سِينگاريوءُ
آندا نبيءَ مُرسَلَ متي چَتَر ڏِيوءُ
تِتي مَلَءِ مصطفيٰ سَين وَڃَ اُيو (٢)

---

(١) ڏاتِين= ڏاتيون (٢) مَلَءِ= مَلهي، سرخرو ٿي (؟)



Gul Hayat Institute

آهانْ کي فِڪُر گِرِ ڪِهو پارُ لڳو
مُحمّدَ ڏاري مُرسَلَ سُونهَنِ فوجَ ڪِيو
سَرها ٿِيا سَيِينْ پَريِن، وينا موڙ ٻَڌئو
اُيايائون اُمَتُون شفَاعَتَ ڪِيو
اِلٰهي آڃاءِ مون اِهو مِيڙائو (١)
پَسَڻ کي رسولَ جي عالَمَ اُمارو
ميڙائو مُحمّدَ سين اسان رَبُ ڪندو
گُهرون اِنهي وِيڙ کي پِيُون سَڀ ڇَڏيوءُ
تانْ پِي شفَاعَتَ جو اِذنُ عامَ ٿِيوءُ
جو جَهِين کي گَڏوءُ سو تَهِ اُباهِيو
ٿيو سَرهو سَيڪوءِ ڪلمو جَهِ چيو

لا اِله اِلاّ الله مُحمدُ رسوُل الله

حاضِرُ ڪِيا حِسابَ کي ڪاغَذَ هَٿِ ڏيو
تَہ تو چاءُ ڏيهَ ڏَٺي تہ سُهڪو سَڀُ ٿِيو (٢)
لَڏاٿُون واڌايُون ڏوهَ ڳُڻَ تورايو
جَنِي عَملَ آگرا سي مُڪانْ ڇُٽايو
”فَمَن ثَقُلَت مَوازِينَہٗ فَاوُ لئيکَ هُمُ الْمُفلِحونَ“ اِنِ کي اوباهو
جَنِي جِيَٽِي هَٿِ ۾ ڪاغَذِ پِڙ پِيو (٣)

---

(١) آڃاءِ =نيڪار (٢) چاءُ =چاهُ (٣) پڙپيو= حاصل ٿيو، پاڪي آيو

Gul Hayat Institute

تَنِي هَولُ حِسابَ جو جِھو نہ تِھو
”وَامامَن اُوتِيَ ڪِتابَہُ بِيَمِينِہِ فَسَوفَ يُحاسُبَ حِسابَ ڪَثِيرا“
تَنِ سين توہُ ٿِيو

ڏي مَ ڏاڻي ھَٿَ ۾ ڪاغَذُ ڪَهِين سَندو
مَتان بِيني پَئي ڪو ڏُھاڳُ ڏولائو
ڏُھاڳاءُ ڏاڻي جينْ رويو رڪَ ڳُھرو
آپاھَتِيو اُو تَڙي تَڙڪِي پارِ ٿِيو (١)
جَنِي ڏاڻي ھَٿَ ۾ ڪاغَذُ پِڙ پيو
ڏُکَنِ سَندو ڏِيلَ ۾ تَنِي سِر مِينہُ اُتو
اِيانْ رکُھونْ راجِيا پَرندِيءَ پيٽُ ڪِيو
پِرِيَنِ سَندي ساٿَڙي پُڇون مانَ پُرئو
تو پاھِنجي مَحبوبَ کي جَھِرَ هِينءَ چيو
آسان کي اُھڪِيءَ ۾ ڪو آڳَہَ ٿِيو
لڳاسُون تَہِ آسَري ھيءَ اُميد ڪيو
”وَمَا ڪَانَ اللہُ لَيُعد بَھُم وَاَنتَ فِيهِم“ مولِي جاءُ چيو
جَنِي واھَرَ مصطفيٰ تني يَئہُ ڪِھو
سارِئو ڪدي سَبِ کي اُھڪِيون لَنگھايو
ماھِندِ ڪِيائِين اُمَتِّي پُنِيءَ پاڻِ ٿِيو
آسانھِجو سُپِرِين اِھو سَباجھو

---

(١) آپاھتيو= بنان ارادي، بنان تڪليف جي

لنگهايائين لڪيون رسيا ره پيو (١)
صراطاءِ سُهڪي تِئي، ڏٺيءَ فضلُ ڪِيو
لنگهي وِيو سيڪو وِچ نہ ڪو رهيو
تِڪي وِنگِي ۽ سَنهِي، هيٺان اُونداهو
مَتي دوزخَ مَندِئي ڏِسي ڏاهُ لڳو (٢)
صراط اُتان سَيڪو آچي گُذرَندو
ڏارَ نہ وِيندو هيڪَڙو، چڱو نہ مَدو
”و اِن مِنڪُم الاوارادها“ حڪم اِي وَهيو
ڪي وَهندا وِجُ جيئن، ڪي واءُ جيئن وايو (٣)
ڪي پِيادا جِيئن پَٽَ ۾، ڪي تازيءَ جِيئن تاڻيوءَ
ڪي پَريا جِيئن پَندَ ۾، سِرَنِ سَٽُ ڪِيو (٤)
ڪوءِ هَري ڪوءِ تڪِڙي مومِنُ وَهي وِيندو
ڏُهِلو ڏُهارِيَن ڪي هَلَڻُ تِت ٿيندو
ڪافِر پُوندا ڪُنَ ۾ سَيئِي ڇِٽيؤ
لنگهي سي پارِ تيا ڪَلِمو جَنِ چَيو
لا اِلٰه اِلاّ الله مُحَمّدٌ رسول الله
سُڪيءَ پِيو ساٿَڙو، ڇڏي پَٺُ وِيو
لڏائِين ڪِيڪارِيُون، سَرهو جَڳُ ٿِيو

Gul Hayat Institute

---

(١) ره پيو= راه تي هلي (٢) دوزخ جي مٿان منديل پلصراط ڏسي ڏکٽي وني ويٺي (٣) وهندا= هلندا، وايو =واءُ وانگر اُڏامي (۴) پريا= پوڙها، ٻڍا.

رَحمَتَ مَنجهبارا جيهِيءَ دَرِياءُ اُپايو
مِيرا لاتا مومِنين مَتانءُ غُسلَ ڪِيو
تِيو سُوٺهَ سين سَيڪو چوڏِهينءَ چَندرَ جِهو
جُنبِيا تان جَنَّتَ ڏُونهُ متي تاجَ ڏِٺو
"وَسِيقَ اَلذِّينَ اتَّقُو رَبّهُمْ اِلي اَلجَنّةِ زُمَرا" اَڳانْ ڍول ڪيو
اُپِي ڳهٽو نِهارِيا حُورَنِ هَٿَ ڪَٽِيوءُ
سَنَيُوزِيُون شاهَنِ ڪي سُرهايُون لويو
آڏيون آيُون مومِنين سَٺِين سِينگارَ ڪِيو
سِڪِي سَجَنَ گَڏِيا تَماشو تِيوءُ
آيا پاٿيُون هَدِيا هَٿِ ڪِيوءُ
تي آندائون اُنِ ڪي جو نہ ڪَهِين ڏٺو
ڳايائُون ڳاجَ سِي جَنِي وَه وِڌو (١)
چورِيائون چَنگَنِ ڪي سَٺِين سُرودَ ڪِيوءُ
وَهِ وِڌائون وَلَهَا مِٺا راڳَ چَئيو
چَٽُداريءَ چَٺِينْ ڏِسِ تي سو آوازُ تِيو
ڏنو ساهُ سَيڪَهِين مَرِڻُ هٿو
دُهلَ دَماما ڳاهَروءِ لَنگهَنِ دَسَ ڏِيوءُ (٢)
نَفِيريُون ۽ نَڳرا سَهنايُون ڪِيوءُ (٣)

(١) ڳاج= ڳيچ. وه وڌو= سِڪ-وڌائي (٢) ڳاهرو= ڳاٽا. دس ڏيو = واڄو ڪيو (٣) نگرا= نغارا

Gul Hayat Institute

اِنَ پَرِ راڻيو راڄِيا آندا ڪوڏايو (١)
جون ٻُڌوسِين ڪَڌهِين سو وِيهانۡءُ ٿِيوءُ
حُرمَتَ سين هَلايا وَڙَ واڄاٽَر ڪيو
اُپِٽيا دَرَ بِهشتَنِ مَنجهه سِينگارُ ٿِيو
پَرهايو پِهارِيا حُورُنِ هَنجِهه ڪِيوءُ (٢)
پِهو سَپ جَنّتَ ۾ سَرِهايُون ڪِيو
"اُدۡخُلُوها بِسَلامِ آمِنِينَ" لٿو رِيجلو (٣)
آڏا دَرآنَنِ اِنِ ڪي سَلام هِينءَ چيو (٤)
"وَقَالَ لَهُم خَزَنَتُها سَلام عَليكُم طِبتُم فَادخُلُوها خالِدِينَ"
هاٿي يَئُه وِيو
جاٿڪِيتان جَنّتَ ۾ آنۡ ڪي ماڳُ ٿِيو
پِيتا سَپ جَنّتَ ۾ مِيرايُون لاهِيو
تانۡ پِي آنِديون پالِڪِيُون مَنجهانَ سونَ ڪَٽيوءُ
تنَسِي مٿي ڪَبُتِيُون ڏنيون سينگاريوءُ (٥)
ويڙهياٿُنِ حَرِيرَ ۾ چَؤڪَنۡڌ چِٽرايو
ماٿِڪَ موتِي تَنِ ۾ جَڙِيا جوڙايو
سِينگارِيُون سَهسِين پَرينۡ آنديون راسِ ڪِيوءُ
لَڪين لعلُون اِن ۾ لوڏايُون لايو

(١) ڪوڏايو= ڪوڏ منجهان (٢) پرهايو پهاريا= ويس ڍڪائي جنت ۾ داخل ڪيا (٣) ريجلو= ؟
(۴) دراٿن= دروانن، دربانن (٥) ڪبتيون= ڪبت ڪندڙ عورتون ؟

ڏاري ڀاڳينءَ ڳِهنگِهرا ڇِڻڪَنِ جهانءِ ڪِيو
تَنِ ڪي ڀَسِي سَيڪو حيرتَ مَنجِهه پِيو
سَهِي نہ سگهي ڏِتِ ڪو ڇَرٽات جو ٽِيو (١)
جِهنجِهڻِي جِهينجَڻِ سين ڀالِڪِيُون آئيو (٢)
جويُون مُڪيون جَنّتِي تَني ۾ چاڙِهيو
آنديُون ايهِيءَ جوڙَ سين مَنگتِئيِنءَ ڳايو
مُڪِيُون ڀاهِنجي مَحلِينءَ سَئِينِئِينءَ ساريوءِ
ڪَبتِيُون خُورَنِ رائيُون وَڏايُون ڏِيوءِ
ڪوڙِنِ سَندا ڪَپَڙا ڳَهڻا ڳَلِ ڀايو
پَرهَڻُ ڪڍيو ڀاڻَ لَئِي سُرهايُون لويو
تَهِ سُرهايانءُ دُنيءَ ۾ اچي جي پورو
جِي وِهِي سَيڪو جيڪو مُئو هُئو (٣)
لَڏائُون لَڪَڀين پَرين ڀاڙو تَهِ سَندو
چُرَنہ چائُت ڀاڻَ ۾، لَڳَڻُو نہ ٽِيندو (۴)
اِنَ وِچان ٽِي رِيسَ جو نالوئِي وِيندو
پِهرو وَهمُ رِيسَ جو جوڪَر اُنِ پِيو (۵)
تانِ پِي تُسِي توهَ جو سائِينءَ واءُ مُڪو
هِنئِينِ اُتي اُنِ جَهِ جَهِرَ سو لڳو

(١) ڏت= زور (٢)جهجڻ سان جهنجهي (٣) يعني؛ مثل بہ جيئرو ٿي پوي (۴) چُر= ڪڙنس. چائت= وير. لڳڻو= رڳڙو= جهيڙو (۵) جوڪر =جيڪر، جيڪڏهن

Gul Hayat Institute

رِيسُون لَتِيُنِ پانَ ۾، چاڱُتِ چَنگُ وِيو
پِيتا سبِ جَنّتَ ۾ ڏٽيءَ فَضلُ ڪِيوءُ
ماٽِيندا مَنَ جِيڏوءُ جِينُ جِالِينِ تِهو (١)
پُوڄَ پِيَندا پانَ لِئَ تَماشا ڪِيوءُ
سو لَهندو سَيڪو جو جِيئَنُ گُهرَندو
"وَلَكُمْ فِيهَا مَا تَشْتَهِيٓ أَنفُسُكُمْ وَلَكُمْ فِيهَا مَا
تَدَّعُونَ" ڏِينُدِنِ ڏاهِ ڪِيو
گهرَ سَيِي سونَ جا، پَرهَڻُ پَٽَ سندو (٢)
"وَلِبَاسُهُمْ فِيهَا حَرِيرٌ" هميشه هوندو
دايَم دولتَ اڳِرِي، نڪو ڪوتائو (٣)
غُلامُوئي هيڪَڙو پَرهَڻُ جو ڪندو
بَها سَبِهِي دُنيءَ جي اِهوئي لهندو
ڪِيو سَيڪو پاتِشاهُ وَڏايُون ڏِيوءُ
مومِنَ مولي سَيڪوهِنَ مَرتبي ڪِيوءُ
جانُ تَرسي چِتَ ۾، ڏَر مُبنهِ وِئو وِئو
مَحشَر نَه تِئِي مَلڪَنِ يَرنِ پِيرا ڏِئو
ڏاري بانِها بانِهيون، اُيِيَنِ هَتَ بَڌيوءُ
اوڏا تِيا آمِيرَ ڪي خِذمَتُون ڪِيو

(١) اٿين (٢) سيي= سيٿي. پرهڻ= لباس (٣) اڳري= زياده. ڪوتائو= ڪمي، گهٽتائي

Gul Hayat Institute

آسان هَتا نہ تِئي سو بَيانُ كِيو
حُورِنِ مَنجها هيكَڙيءَ جي ڏَندُ ڏيكارِئوءُ
نُورِ تَہِ جو آڳِرو سِجائي تِينوءُ
آكِنِ اُتي ۽ پِرِنِ مَتو ماڳَ تِروءُ
ناهِنِ وارُ وُجُودَ ۾ اِنيا ڏارَ پِيو
نَكو گُونڊَرُ غَمُ كو، نَكو يَئُہ پِيو
نَكو ڏُكُ نہ ڏاكَڙِي نَكو رَنجائو
نَكو مَرَڻُ اِنِ كَي، نَكو ڦوڙائو
نَكا اُسَ نہ سِجُ كو، نَكِي اُونداهو
"لاَيَرَوْنَ فِيهَا شَمْساً وَلاَزَمْهَرِيْرَا" سَيَتْ سَهائو
نَكا بُكَ نہ اُڃَ كا، نَكو ڏولائو
نہ ميرائِي اِنِ كي، نَكو اُگهاڙوءُ
نَكو چانْئِي اِنِ كي، نَكو ٿِئي بَروءُ (١)
نَكو يِءِ نہ يَگَ كو، نَكو حاداثو (٢)
كونَ سُڻِيندو كَڏِهين ڳالاءُ بيهُودو
"يَسْمَعُوْنَ فِيْهَا لَغْوًا وَلاَ كِذّابا" مَجِئو اِن لِڏو (٣)
نَكا ٿُكَ نہ سِنگهہَ كا، نَكو كانگهارو
وَتُ نہ هُوندو اِنِ كي، سَنُهو نہ ٿُلهو

---

(١) چان ٿي= ٺڏائي.برٿو= ڪاڙهو، گرمي (٢) يگَ= ياڄ، توٽ (٣) لِڏو= لِكيو

Gul Hayat Institute

اُتِ اُوٺائِي ناهِ ڪا ويرا ويرَ آڳرو

"ڪُلَّمَا رُزِقُوْا مِنْهَا مِنْ ثَمَرَةٍ رِزْقًا قَالُوْ هَذَ الذِي رُزِقْنا

مِنَ قبلُ" پَسو هِينءَ لِڌوءِ

گهوڙا ٻيڙا ميوا ماڙيُونْ مَنجِهي ماهُ هَرو (١)

ڪِيرُ گَڏِئِي مَاڪِيُون مَيدا وَهَنِ تَئِنْ ڪِيو

آما لِيما ڪوپَرا ڪيٿلا، ٻِجورو (٢)

ڏاڙُهونْ ڊَراڪُونْ ڪارِڪُونْ اِنيا ڏارَ ٻِيو

چَئِي چُونڊُسِ ڪيتِرو اِنِ نہ پاڻدُ پَرو

جيڪو تُوڪُ بِهِشتَ ۾ سو هِهو مِنو

هَزارُ وَرِهَنِ واتَ ۾ تَہِ جو ساءُ هُوندو

پاڻي جو ڪَوثَرَ جو سو آهي هِهو

آڇاياءِ آڇو گهَٽو ۽ ماکِيا مِٺو

پيارِيندُنِ مُصطَفيٰ تِئائِين رَڃَ پَرِئو

پِيَندا پِرِيَنِ سِينَ جُرْ ڪِيرُوُ ڪِيو (٣)

مومِنَ گَڏِيا مُصطَفيٰ ڪِهو ڪوڏُ تِيوءِ

مَرَ وانجِئِين وَڏا ڏَئِي اِيا ڪِي تاروءِ (٤)

ٻِهشتُ سُونهارو گهَٽو پَرَ آسان هِينءَ گهُرِوءِ

جَهِ ڪي سِڪي سَيِڪو سَجَڻُ سو گَڏئو

---

(١) منجهي ماه هَرو= منجهن ماسُ تازو (٢) ٻجورو=؟ (٣) اصل ائين (٤)مَرَ وانجيئن =محروم نہ ڪرين

تَهِ ڏُونهُ نَظرُ هيڪَڙو پَسِي جو ڪِبو
بِهِشتُ تَهِ سين نہ ٽِري جا قياسُ ڪِيو
هاڻي پُڻِ بِهشتَ جيو ڪِي بَيانُ ڪِبو
غافِلَ موٽَنِ مانَ ڪِي تَہِ ڪي لَبِ پِيو
سِرَ هيڪَڙِي سونَ جِي بِڻِي رُپاءَ ڪِيو
بِيُونْ جوڙَيُونْ پاڻَ ۾ ڪَٿُورِيءَ پايو
راءِ ڪَنَ راسِ ڪِيانَ پَرِ آڏايو
قَصرَ ڪارَڻِ مومِنِيَن رکِيا سَياهو
ڪي آچا ڳاڙها ڪي، ڪَنِي رَنگُ سائو
ماڻِئائُنِ مارَنِ سين آچا اُجارِوءُ
تَنِ ۾ ڏِسي سَيْڪِي ياهارَ مَنجْهہ ٿِيو
ڪوڙين قَصرَ ماڙِيُونْ پَنڌِ مَ پَلاڻِيوءُ
گهوڙا ڏِبا مومِنِهين تازِي سِينگارِوءُ
سينگارُ سَنْدو هيڪِڙي جَان حِسابُ ڪِيو
تَہِ جِيءَ قِيمَتَ رَبَ رِءَ لَهي ڪو نہ پَرو
حمامَ خانا حُجِراَ صَفا صافَ ڪِيو
ماڻِڪَ موتِي تَنِ ۾ ياقُوتَ جوڙايو
ڳُتِئائُنِ گهٽِي پَرِين چَڱا چِٽَرايو

نَہ پالِڪيَنِ پاٺدُ ڪو نہ پَلنگنِ پَرو
پاڻَ پَتَرَ پَٽَ جا وِڏا وِڇايو
نَڪو حِسابَ تَنِ جنو نَڪو ڳاٽيڙو
بِهِشتُ ايذوئي ڪَري اللهَ اُپايو
ڏہ ياڳا هِنَ دُنيءَ جا سَيڪو تاءَ لَهَندو
ڳهَرنِ سَيِني آڳرو اِناٽيِنْ هُوندو
پيغامَبَر ڳالَ ڪِئي جِينْ مِعراجِ هُئو
قَصْرُ ڏِٺُمِ هيڪَڙو ڳاڙهي سونَ سَندو
آهي ياڳا ڪيَترا هِنَ دُنياءَ وَڏو
تَہ ۾ آهي توڪُ سو جو نہ سُو بُڌو (۱)
جَنِي فَرمانَ پارِئا تَنِي کي ڏِبو
صِفَتَ مَنجها بِهِشتَ جي اَسانْ جِينْ چَيو
تَهِيا ياڳا ڪيَترا آهي سُونْهارو (۲)
نہ ڪَہ ڏِٺو نہ سُو، نہ هِئَين ۾ گُذِريو
مومِنِهين کي بِهِشتَ ۾ اِهو توڪُ ڏِبو
اِلٰهِي "عُثمانُ" چوءِ وِينَتِي ڪِيو
ڏِيئَين ڌهارِيَنِ کي ڏاتي ڏوهَ ڪَيو
پاڙو ڏِيُهون پاتِشاهَ نَبِيءَ سين نِئو

(۱) سو نہ بڌو = سُو نہ بڌو (۲) تهيا = تهن کان

Gul Hayat Institute

”اَللّٰهُمَّ ارْزُقْنَا جِوَارَ مُحمَدٍ فِي الْجَنَّةِ“ اُمِيدَ پُڄايو
پَاڙو پِرينْ رَسُولَ سين جَنِي کي ٿِيو
وَڏِيُونْ ڪِنئائِين ويتِرِي تَنِي سين تُسِوءِ
سائينءِ ڪَهِين نہ ٿِئِي تَنِئاءِ قُوڙائو
اِيا يَلو جَنَّتَ ۾ ڪُونَهِ ٽوڪُ پِيوءِ
خُشِنُودِي خالِقَ جي نَبِيءَ سين پاڙو.
مَلڪَ ڪَنْدا خِدَمَتُون لِقاءِ رَبَ سَندو
رَسُولَ جِي رِهاڻِ کي عالَمُ آسَ پَرِيوءِ
پُڄايَهُونْ پَاتِشاهَ اُمِيدُونْ ساروءِ
گَهُرهُون ڪِيهِيءِ لَڄَ سين نَبِيءَ جو پَاڙو
ڪَرَهُ ڪَتَنَ جيترو ڪِلهُونْ ڏوهَ ڪِيو (١)
........ وَنَهُون ويسَرا اُچا گَاٿَر ڪِيو (٢)
آسين پَسهُونْ پاڻِنجو ڪو اَياڳُ ٿِيو
ايهِي پَرِ پِرِيَنِ سين پاڳِينْ ميڙاوءِ
الٰهِي ”عُثمَانُ“ چوءِ بَندي بُوڄُ ڪِيو (٣)
هَڏِ نہ هُئو تَيڄَ ڪِي پَرَ تو اُپايو
مِهَرَ ڪَرِ مُلڪَ ڏِٺِي خَطائُون ڪِيو
آسان حُجَتَ ناهِ ڪا پورو نہ ڏِرو

(١) اصل اثيبي (٢) ورق زبون(٣) بوڄ ڪيو= بيحرائي ڪئي، گناهہ ڪيا

Gul Hayat Institute

الله تُهنجي باجَهہ رِءَ ڪِهو اوباهو
آهِينئُون تِينْ آسَرو جِينْ تُونْ سَباجهو
تُنهاءُ آڳرِ نـاهِ ڪو مِهرِيانُ بِيو
”اَنتَ اَرحَمُ الرَّاحِمِيْنَ“ تو پاڻاءُ اُتو
ڏوهَنِ سَندو ڏِيلَ ۾ آبسان مُوڙهائو (١)
توبَهَ ڏِيهُون پاتِشاهَ مَتِيا موتايو
سَندو ڪِيو سِيئَ گُهرِين وِهَ ڏُونهُ واجهايو
اِهُ نہ پَہُ پِرِيَنِ جو جو تو هَٿِ ڪِيو (٢)
ڪيهِيءَ پَرِ پاڙو گُهرِينْ تو ڪِي آنڌازو
جِينْ تو چَيو حَقُ سو پَرَ ڪِي سُڻِ بِيو
گِنئُونْ مَرَهُ مُصطفيٰ جو پَلو پرجَهلو
بُچو پَلو اُمَتِي چاءُ نہ چَڏِيندو
آسانهِين تِينْ تو آسَرو جيلائِينْ اهو
چَٿَر ڏَٿِي جَڳَنِ ڪي باجها گهَٽِيءَ اُيو
ڏي نہ ڏهارِيَنِ ڪي وِرچِي اويالو
وَڏِي مِهَرَ مُصطفيٰ مولي اُپايو
سَباجهو سَيينْ پَرِين اِهو ڪو نہ بِيو
”اَلنَّبِيّ اَوْلَي بِالْمُؤمِنِينَ مِنْ اَنْفُسِهِمْ“ اِهو ڏَتِيءَ ڪِيو

(١) موڙهائو= مونجهارو (٢) اِهُ= اِيءُ ، اهو

اِلٰهِي "عُثمانُ" چوءِ تُنِي تو چَيو
مُونِ ٿهاءَ مَتان ڪَڏهِين نا اُميدُ ٿِيو
"لَاتَقْنَطُوا مِنْ رَّحْمَتِ اللهِ" توٽي ڏوهُ وَڏو
آسان جِهَنِ آسَرو تِيلاهِين ٿِيو
واسِيئو وَڏو ڏَٺِي باٽهنِ باجهايو (١)
سَڀِ مُرادُون پُنيُون جيڪِي مَنَ گُهرِئوءِ
ڪَتِي چُٽِي ڪِي لِهي ساري سڀ آيوءِ
ڪِيرُونْ ڏي ڪُهِينِ ڪي عُذرَ آتِ ڪِيو
پوينِ ڪي پُڄي گهڻو باجهان پُڄِڪارِوءِ
هاڻي لَتا مامِرا سَيّتِ سُڪُ ٿِيو
اِلٰهِي "عُثمانُ" چوءِ بي آدَبِي ڪِيو
جَهِ نہ جوڳو ڳالِ ڪِي گُهري سا ٿِيو
تو لائقُ نہ مَڱڻُو پَرَ اُميدَ پَرِوءِ
نا اُميدُ نہ ڪَڏهِين تُهاءَ ڪو هُئو
Gul Hayat Institute
آسَرَ پَرِئو سَيڪو تو ڏانهَ وِلاڙِئو (٢)
دَرُ تُنهِجو دائما آهِيئِي جُڙوءِ (٣)
خالِي وِئو نہ ڪَڏهِين پَلِئہ جَهِ پاتو
آوَن پڻ گهران توِ ڳرا هِنَ اُميدَ پِيو

---

(١) واسِئو= ؟ (٢) ولاڙيو = واجهايو، نهاريو (٣) جُڙتو = قائم دائم

اِللهي آچاءِ مُون لِقاءُ پاچَهہ کِيو
جَهين پَٽاندَرِ جَنّتُونْ کِرَ يِيبانُ هُئو (١)
"اَللّٰهُمَ اَکْرِمْنَا بِلَقَائِيکَ" ديدارُ ديکايو
تانْ پِي آچِي اِنِ کي مَتان سَدُ پِيو
آچِي پَسو پادِشاهُ جَهِ نہ کُو جهو
سَرها تِيا سَدُ سُڻِي هَلِيا هُوءِ کِيو
وِسارِيائُون سَڀ سو جِينْ آگِي هُئو
اُکَندِيا جِينءَ اُتِيا واڏايُونْ کِيو
لَقا کوڏِيو لَکَ مِڙَندا تَماشَو ٿِيو (٢)
پانَ کَرِيندو پَڌَرو اَندَرَ لاهِيندو
مومِنَ مَولو سَڀِ پَسَندا نِظارا کِيو
ڏِٺاوُءِ ڏِيهَ ڏَٺِي مُشَهَدو ٿِيو
نِتُ نِهارِينِ نِيهَ سين سَچِيا سِکَ پِيو
نُو لکَ وَرِهَينِ لَگِ پَسَندا وِچُ نہ کو پُوندو (٣)
آهي رِوايَتَ ۾، ٻئي هَنٿِ هِينءَ چَيو
لَکَ اَرڙه لَگِ پَسَندا وِچُ نہ کو هُوندو
هيکَڙو چَپَرُ ٻي سين تِتِ نہ کو هِٽندو
تان ئِي آچِي اِنِ کي پَردو وِچُ پُوندو

---

(١) اصل اٿين (٢) اصل اٿين (٣) نُولک ورهن لگ= نو لک ورهين تائين

Gul Hayat Institute

نہ پائيندا اِينءَ ڪِي تہ پَـهَـرُ ڪـو گُـذِرِوءُ
حُـورُونْ قَصْـرَ ميوا ماڙِيُونْ وِسَرِي سَــبِ وِينـدو
سـو ڏِنوسُون پاتِشاهُ جَهِ ڪـي تـي سِـڪِـئوءُ
جِيـنْ گُهِرئـو لَڌو تِيـنْ مَـولـو ٻـاجـهـايـوءُ
تہ اِيـنءَ پـاهُـون مَ تِيئي اِيانْ ڪو جَٽِيـو
ڪَـنِـي ڪِتابَـنِ ۾ ڏِسِـي هيـنءَ لِـکيـوءُ
جوئِـنِ جِـنَـنِ مَلڪَـنِ لِقـاءُ نـہ هُـونـدو
ٻِـئـيـن عـالِمَـنِ جـو اختِـلافُ وَڏو
ڪَـنِـي چَيو ڪِـيَهِيـن ڪَنِي ڪِيـنءَ چَـيو
لِـڏو رَوايَـتَ ۾ آسـا هِيـنءَ ڏِنـو
فَـرقُ جوئِـنِ مُـڙسَـنِ آهـيَ ڪـونَ ڪِـيو
مـاڙهُو مَلـڪَ ۽ پَـرِي آهـلُ جَنَّـتُـنِ جو
سَـبِ پَسَـندا سِـڪَ سيـنِ لِقـاءُ رَبَ سَنـدو
اِنَ نِـعـمَـتاءُ ڪَـهِ ڪـي ڏَٽِـي نَـہ وانْـجيـنـدو (١)
پَسَـڻُ سَـنـدو پاتِـشاهَ سَيـنِ ڪـي هُـوندو
پَـرَ پـارُ پَسَـڻَ جـو پَـڌَرو رِهـاءِ نہ چَيـو
ڪِ هـيـڏاه ڪ هِـن پارِ ڪِ هِـهـو ڪِ هِـهـو
اِيـا نہ آهـي ڪِيـتِهِيـن تَهِـئاءُ تِيـنْ ڏسـندو

Gul Hayat Institute

---

(١) واجيندو= خالي نہ ڇڏيندو

نہ تہِ آکِينُ ڪَنَ ڪِي نَڪو مُنهُ مَٿو (١)
نہ تہِ هَٿَ نہ پيرَ ڪِي نَڪو پيو آڱرو (٢)
نہ سو سَپُ نہ آڏُ سو نَڪو تَنہِ جُٺو
نہ سو آچِي نہ وَڃِي نہ پُوٽِي ٽِيو (٣)
ماڳُ سَندُسِ نہ پَڌرو تہ هِتِ ڪِ هِتِ هُئو
هِيُونُ پاهِنجو اِنَ پارِ مُوڪَلِ مَڪيِرِؤُ (٤)
تَہِ سَپائِي پاڪُ سو جيڪِي تُون چُوندو
عَقلُ سَندو عاقِلَنِ اِتِ حَيَرانُ ٿِيو
”سُبْحانَ مَنْ تَحيَّرَ فِيْ ذاتِہِ سِوَاہُ“ اُونهو ڏيہِ اِهو
ذاتِ تُنهِنجي تُون هِي جاڻِي ڪونہ پيو
تو رِءَ تُنهِنجي ذاتِ جو ڪَہِ نہ جاڻُ ٿِيو
مَتان ڪو فِڪرُ ڪري تَہِ جي ذاتِ سَندو
”لَاتَفڪَّرُون فِي ذَاتِہِ“ نَبِيءَ فَرمايو
عَقلُ اِتِ نہ رَسِئو ڪَدِہ ڪَہِ سَندو
جيڪو پائِين هَٿَ ۾ تہ هِهو ڪِ هِهو
تَہِ سَپائِي پاڪُ ڏَٿِي جو وَهمُ تَہِ جو
نہ ڪَهين جِهو، نہ جِهَسِ، نہ ڪَهين ڪان نِيارو
سُٽي سَيڪِي ۽ پَسي آڳاهُونُ اوڏو

Gul Hayat Institute

(١) اکين= اکيون (٢) اگرو = انگڙو، عضوو (٣) پوٽي= ٽانيڪو(٤) اصل اٿين

”وَالَّذِيْ لَيْسَ كَمِثْلِهِ شيءٌ وَهُوَ السَّمِيعُ البَصِيْرِ“

ٻُجهي ڪونہ پيو

جاٽي ٻاهَرَ مَنجهہ ڪي جيڪي ٿِينو ۽ ٿِيندو

”عالِمُ الغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ“ تَهِيا ڪِينَ ڳُجهو

حُورُون هَتَ ڪَٿَنديون مُناجاتَ ڪِيو

رَساٿِيهُونْ راڇِيا اِيءَ وَرَ وَرايو

تا پِي مُڪا مَحَلّي مومِنَ موٿايو

جَرْ ڪِيرْوُ جَنَّتَ ۾ ڪَلا ڪوڏِ ڪِيو (١)

هِنَ پَرِ لِقاءِ رَبَ جو تا پِي پُنِ ڏِسندو

ڪي بَدايُو ڏِينَهَ ۾ ڪَنِ هيڪُ پيرو (٢)

اِهو فَضلُ مومِنَنِ سين چَيا تانْ ٿِيو

آها ڪِي نِهارِ ڪَرِ لَطفُ مَولي جو

سَرهايُون سِپٽنِ سين گُوندَرُ سَبُ وِيو

پَسَنُ لِقاءِ رَبَ جو ۽ نَبِيءَ سين پاڙو

اِيهِي جوڙَ جَنَتَ ۾ هُوندي چَمارَوءِ

”اللّهُمَّ ارْزُقْنَا رُوْيَتَ حَبِيبَكَ“ عالِمُ آسَ پَرِئو

اِلَهي ”عُثمانَ“ چوءِ آسا جانُ ڪِهو

عامي گَهٽو آپوجَهہ سين نَڪو ڏِنگُ پِيو

---

(١) اصل اٿيِن (٢) اصل اٿيہ

ڏڏنَ ڪي ڏاتِي ڏيئي يَرَ تُون سَباجهو
ابوجهڙِينِ آسَرو تيلائين ٿِيو
جيڪِي اُوٺُو آڳَرو آسان ڳالايو
اِلٰهِي عَفوُ ڪَرِ تُسِي تَهِ سَندو
آسان ڪي اِسلامَ ۾ ثابِتُ تُون ڪَندو
دُنيءَ مَنجها اِيمان سين هَلُهُون مانَ لَڏِئو (١)
تو......... دِيَا چَوان تو ڪي لالايو (٢)
هِيا ڪَدِهُونْ پاتِشاهَ مُسلِمانَ ڪِيو (٣)
شيطانُ سَرهو مَ ٿئي جو ويرِي وڏو
خُدا يا ڪَريمَ تو ٻانهي ٻاڏايو
ڪَڙايا مَوتَ جيءَ آسان تُون رکَندو
پَرِ سُهڪِيءَ ساهُ ڳِنهُون سائينءَ ٻاجهَ ڪِيو
مَرَڻَ وَقتِ ڪَلمُون هَلهُون مانَ چَيو
سَچَ مَنجها اِخلاص تِي ڪَلمُون جَنِ چَيو
سي وِيندا جَنَّتَ ۾ رِءَ حِسابِ وَهِيو
شَڪُ نه آهي اِتِ ڪو نَبِيءَ فَرمايو
"مَنْ قَالَ لَا اِلٰه اِلَّا اللّٰهُ مُحمدٌ رَسُوْلُ اللّٰهِ خالِصاً مُخْلصاً
دَخَلَ الْجَنَّةَ بِلَا حِسَابَ وَلَا عَذَابَ" حَدِيثَ مَنجِهه آيو

---

(١) هَلهون= هلون (٢) ورق زبون (٢) هِيا = هِن هنڌان، هِتان

دُرُودُ اڳيــنءَ ڀَــهـــري ڏه ڀـــيرا ڇَــيــو
جيــڪو پَــڙهــي هيءَ صِفَـتَ مُنْــهِ مـاڻَ ڪِــيو
سائــين ســـاري ڪَــمُ ســو تـــوڙي ڳَهـــڻو وَڏو
اَشْــهَدُ اَنْ لاَ اِلـهَ اَلاَّ اللهُ وَحْدَهُ لاَ شَرِيْڪَ لَهُ وَاَشْهَدُ اَنَّ
مُحمدًا عَبْدُهُ وَرَسُوْلُهُ

**تحريرفي تاريخ سنہ ١٠٦٨**

كاتبہ و مالكہ فقير حقير

**عـــزت بـــن مـــرحـــوم ســلــيـمــان**

Gul Hayat Institute

## [٧]

# معراج نامو*

بسم الله الرحمٰن الرحيم

توکي مَڱانْ مُونْ ڏَنِي جو تُون مِهرَبانُ
پَرَهائِيِين پاتَرنِ کي ڏِيئِين ڏَڏَنِيِين ڏانُ
نَکِي پَنڌُ پَروڙِيان نَکِي چاٹانْ چاڻُ
سَچا سو سَنئُون کَرين پِئُمِ جو پَرِياڻُ
يالَ گهٹائِي يايانْ سَچا ربَّ سَنداءِ
مُونکي تُونْ مُلکَ ڏَنِي سائِينْ سَنيُونْ پاءِ (١)
صِفَتَ سَندي مُصْطَفيٰ جيکي کِجي کاءِ
چَئِي چُوندو کيتَرِي اِتِ نہ "جُمي" جاءِ
رازِقَ رَبَ خَلقئُو نَسُهِري نُوراءَ
کوءِ مَ وانجِئِي کَڏهِين مُحمدَ جي ميڙاءَ
مُورُ مِرِيَنِي مُصطفيٰ اگي اُپاياءِ
"جُمعو" چوءِ جَهانَ م پيدا پوءِ کِياءِ.

---

(١) جُمو = جُمعو شاعر

* "معراج نامو" اصل تلمي ڪتاب جي آخر ۾ جن ورقن تي آيل هو، تن مان ڪي ورق زبون ٿي ويل هئا. انهن ورقن مان جيڪي صحيح سلامت الفاظ نقل ڪيا ويا ۽ اهو مواد ساڳي صورت ۾ هت شامل ڪيو ويو آهي ( ن-ب)

پاجهيندڙَ پاجهاءِ، مَلڪُ موڪَلِئو مُون ڏِٺي
جَبرَئِيلَ جَهْتِ ۾ وَڃُ وَهِلو آءُ *
جَبْذِهَ جَبرَئِيل ڪي سَڏُ سُڻايو اِيهُ
مَٿي آئِيهُ مُصطفيٰ جَہ ڏيڪارِيَس ڏِيهُ
آيِئو وَحْيُ وري، جَبَرئِيلُ جَهْتِ ۾
مَهَنْدا اُيو مُصطفيٰ سُڏِي سارِئو ڏِي
هَلُ پَيغامبرَ پادشاهَ توکي قادِرُ ڪوٺائي. *
وَحْيَ اُتو تَهِ وارَ، جَبرئِيلُ جَهْتِ ۾
هَلُ مُحمدَ مُصطفيٰ تو ڪوٺِيو ڪَلتارَ
عَرشُ ڪُرسِي آسِمانَ سَيِنَ ڪِيا سِيڻگارُ. *
مَٿي اِيڻدو مُصطفيٰ مُشْهَدو مَلڪَنِ
عَرشَ ڪُرسِي آسِمانَ ڪِيا سِيڻگارَ سَيِنِ.
پِغامَبَر مَڻِ پاڪَ، مَلڪُ موڪَلئو مُون ڏَٺي
هُئو مُحمدُ مُصطفيٰ بِيبِي اُمّهانِي اوتاڪَ. *
سَتايَهِين سُومارَ جي، رَجَبَ ماهَ ۾ راتِ
مَٿي وِئو مُصطفيٰ ڏِيهُ لَڏائِينْ ڏاتِ.
جِينْ پِيغابَرُ پاڪُ، جَنْبِئو جَبَرئيلَ سِينْ
آنْدو مَلڪَ الله جي سَنْدو بِهشتَ بُراقُ. *

* تاري جي نشان وارا بيت سناه جي لحاظ کان "آڳاٽي سنڌي بيت" آهن، جيڪي هن منقولمين ۾ پنجن ڇهن سٿن سان به آيل آهن.

آندرِ بِهشتَ بُراق کي جڻبي رَسؤ جَتِ
صِفُون سَندِيون مُصطفيٰ تانْ پِي ڏِٺاءِ تَتِ
صِفون سَندِئُون مُصطفيٰ سَرَبَ سُونْهاري تاءِ
هَندَ اُنِي ۾ هِيکَڙو رُونْدو رَتُ ڏٺاءِ
مَهنْدا اَچِي تَهِ کِئو جَبرِئيلَ جوابُ
هيکُ ڏِسَڻَ ۾ ڏُٺُره اکِينْ اوتِئي آبُ
کِهِينْ بابِ بُراقَ تو نہ خوشِي نہ خوابُ
آؤُن خالِقَ خَلقِئو جَڏِه جَبرِئيلُ
مُونْ سِينْ عَهدُ کِئو رازِقَ رُبَ جَليلَ
مُونْ سِينْ آهي اَگِهِين اِهو عَهدُ سَندوسِ
نوازي نَبِيَّ جو پَيدا پوءِ کندوسِ *
توکي مُهَڙُ مُرسَلين مُحَمدُ مِلِيندوسِ
کارَڻِ جَگُ جَهِينْ، خَلقَٿهارَ خَلقِئو
آؤُن پُڻِ عاشِقُ آهِيان سَندو صَحِيُ تَهِين (١)
مُونْ کي مَعلُومُ اِنَ پَرِ اَگِهِينْ ٿِيوءِ
تہ هِيانْ نِبو هِيکَڙو مُحمدُ کارَڻِ کوءِ.
اِيهِي خَبَرَ خُوبَ، ڏِنِيَس مَلَکَ اَللهَ جي
اُٿِي سَنْبَہُ سِيگهہ ۾ اَچُ مِلَنْدِهِ مَحبُوبَ.*

---

(١) ملنده= ملندين

Gul Hayat Institute

بِهشتِ نِياء بُراقُ سو اِنَ پَرِ آندائِينْ
مُحمدَ کي ماڳِ تَهينْ ڏِکي ڏِنائِينْ.
سُجاڻاهُ سَپِينْ پَرِينْ سُڻهُ سَنْدا تَه پارَ (١)
پيرَ اَسپَ جا اُتَ جِينْ خَلقِيا خَلقَٿهارَ
سُونْهارا شَه گوشَ پَرِ کَنَ ڏِنَسِ کَلتارَ
کنڌُ گهوڙي جِيَنْ کِي تَهِين مُنْهُ ماڙهُوءَ جي کارِ
پُهرا پُڇُ سَندوسِ جو ڍِڳي جيهِيءَ ڍارِ
هَرَڻَ جيهِيُون هَڏِهِين تَه جِيُون نَرِيُون نِهارِ
جا پُٺِ خَلقِيَسِ پادشاهَ سا آسْتَرَ جِيءَ آچارِ.
اِيها اُهجاڻاسِ، پاڻِ پيغامبر آچِيا
سُڻِيهُ سَپِئِي مومِناهُ پِيا جي رازِقَ رنگَ ڏِناسِ. *
مُنهُ سُونْهارو سونَ جِينْ آکِينْ گهڻو اُهاءِ
پَسَڻِ پاکيزِيونْ گهڻو ياراهُ يَعقُوتاءِ
سُونْهَنِ کَنَ اُنِ کي موتِينِ جا مَتاءِ
قادِرَ کَنڌُ ڏِنوسِ جو پَسَڻِ فِيروزاءِ
خاصَ کَٿُورِيَ بُتِ تَه عَنْبَرِ اُرَهُ سَندوسِ
کَرِهُ ساراهَ سَنْدي تَهِين جَه ڏِيٺهارَ ڏِنوسِ (٢)
پاکَ پَلاڻي پَنيَئي جُهِ کيڏو جِنسارُ

(٢) سُجاڻاهُ = سجاڻو، سُڻهُ = سُڻو (٣) کرهُ= کريو

مُحمدُ مَتي مُصطَفيٰ سَيّدُ تِيوءِ سوارُ
جُه كَرَ سَيدَ سِرِي، رڪِيو پيرُ رِڪابَ ۾
تانْ آسپُ آڳاهونْ تِيو يَلِي ڪاءِ پِري.

آسپُ آڳاهون تِيو ڪَدي پانُ پَري
چوءِ مُحمدَ مَنجهامِسَ جو آڱرِ واسُ وَري
جَبرَئِيلُ جواب اُتي سيّدَ سارِئو پوءِ
مُحمدَ هِن هَتَنِينْ ڪِنا تو نِهارؤءِ
چَؤ آڪِينْ جَنِ اوڙڪيا ڪَورَنِ بُتِ ڪَري (١)
لعنَتَ اُتيُمِ اُنِ ڪي هَلِي هَتَ ڏري
آئِي بُوءِ پُه اَڳِهِي جي سائِينْ صَحُي وَري
پِرِ آسپُ آڳاهونْ، ڪَدِي پانُ پَرِ ۾ تِيو
جِينْ پِهرو چَڙهِي مُصطفيٰ مَهَنْدا مَتي مُون
تہ آچِي آؤنْ، پُٽَ جَهلِيان پاهِجي. *
اِيهِينْ آرِ ڪِياءِ، اُپِي اُتِ حَبِيبَ سِينْ
سائِين مَجِيَئہ مصطفيٰ پُٽِي پوءِ آڏِياءِ *
جَهِ سِر "جُمو" چوءِ، مُحمدُ چَڙهؤ مُصطفيٰ.
تَعرِيفُون سَنديُون تِهِينْ يَتو يَتِينْ پوءِ
آسِينْ رَسيا ايتَرِي ڳلا ڪري مَ ڪوءِ . *

---

(٢) اصل اٿين

Gul Hayat Institute

وَهُوَ سُنْهارِيءَ وارَ، جُنْبِي جَبرئيلَ سِينْ
دَاري مَلَڪَ مُصطَفيٰ هَلِيا گهڻا هَزار. *
سَتَرِ هَزارينْ جِيَڏِي سَتَرِ ڏائِي ڏاهُ
سَتَرِ مَهَنْدا مُصطفيٰ سَتَرِ پُرِي پُواءِ
پانهِي پيُون پاڄَهِ تِئِي سَيِنْون ڪَرِينْدو شاهُ
آڏو آؤُ اُنِ ڪي آچِو پَٺُ آگِياءِ
پِيرُ پَرُوڙِي پُونْ، مُحَمدَ موتِي پُچِئو
ڪِهڙِي پَتِ پَهُ ڪري آسِينَ آيا سُونءِ
جَبرئيلَ جَهْتَ ۾ ماهِيَتَ ڏِيئِينْ نہ مُونْ! *
اُتو مَلَڪَ الله جي پيغامبرَ ڪي پانَ
هِيءَ آگي آدمَ جي هُئِي پَنِي پَهُچانَ
مِڙِي مَلَڪَنِ گَڏَ، مُحمدُ مهنداهون تِئِي
طُورسينا جو تِتهِينْ آيُنِ ڏُونگرُ آڏَ *
وَحْيِ وڏيرِي پُڇِئو تيڏِي وِيرَ وَرِي
مُونْ ڪي هِنَ هَنڌَ سَنْڌي خَبَرَ ڏِيئِينْ نہ ڪَرِي
چوءِ مِهتَرِ موسيٰ رَبُ سِينْ جَهِ سَرِ ڳالايو
آڏو ڏُونگَرُ آيو طُورسينا جو تو.
هِليو اُنَ هَنْداءِ، جُنْبِي جَبرئيلَ سين
واسُ وَڏِيرِي آيو پُٺِ موچارو مهداءِ. *

اُتِ پيرُ پَروڙي پُونْ، مُحمدَ موتِي پُڇِئو
کِهڙِي يَتِ پَنڌُ ڪري آسِينْ آياسُونْ
جَبرئيلَ جَهْتَ ۾ ماهِيَتُ ڏِيئِينْ نہ مُون *
مَلڪُ اُيو سِينْ مُصطفيٰ ڳُوڙهي ڳالِ ڳَرهِي
فِرعَونَ ڏارِيئِي ڏِيءَڪي دايُون دُرِسُ وَرِي
سَيَدَ سُڻِ سَنڌِيءَ تَهِينْ پَيغابَر پَچارَ
تَہَ ڏَرَ فِرعَونَ ڏِيءَ جا وِيني ڏوتا وارَ
ڦَٽِي ڦِڳِئِي اُنَ کي پِيئي هَٽانْ ڏارَ (١)
بَنڌِيءَ نُوڙِي سا کَنئِي چوءِ اللهُ تو آهارَ.
بِيبِي بَنْڌِيَ ڏاهُ، پُڇِي پولِي جا کِئِي
تو بانِهي پِيو مَنَ ۾ کو آهِي رِءَ اللهُ؟ *
بَنْڌِي بِيبِيَ چوءِ، وِيڻُ ورايو وِيرَ تَہ
مُون سو صاحِبُ سارِئُو جَہِ نہ جوڳو کوءِ. *
تَنڌِ کَهِي کُوارڙِي پِيءُ سِينْ کِئِي پَچارَ (٢)
هِنَ بانِهِيءَ پِيو مَنَ ۾ کو ڏِٺي تُهائِينْ ڏارَ
وِڏوڙو وِيرَ تِهِينْ سَهِي نہ سَگهِياَئِينْ
بَنْڌِي کوٺِي لَعَنتِيَ پَرِ ۾ پُڇِنيائِينْ
تَانْ هَنڌِ اُيِي ۾ هِڪڙِيَ پِئي نہ پوليائِينْ

(١) ڦِڳِئِي= اُجلجي ڪري پئي (٢) کُوارڙِي= ڪنواري

Gul Hayat Institute

ڪَٿاهو ڪوپُ ڪري تاپي تايائين
پَهرائِينْ پُترُ اَنَ جو پُڇي وِڏائِينْ
پُونڊي مَچَ مَتاءِ، بالڪَ بولِي جا ڪِئِي
جو تو مادَرِ مَنَ ۾ آهي سو اَللهُ
ڪَهِ فِڪرِ فِرعَونَ جو دِرجي ڪِجِ مَ دَراءِ
”يا اُمِي عَجِل اِلينا“ سِگهي آسانْ ڏونْهُ آءَ *
وَرَ سيِن پُڇائي، بَنڌِي وِڌي لَعنَتِيَ
مُحمدَ اِتِ مُقامُ اُني جو آهي *
اُتا اِيءُ آواجُ، پَروڙي پَنڌِ تِيئُ (١)
مُقَدِسَ رَسِئو مصطفيٰ سُنْهارو سِرتاجُ. *
جُنْبِي وِيلَ جَهينْ، مُقَدَسِ رَسِئيو مُصطفيٰ
حاضِرُ ٿِيا حَبيبَ کي مُرسَلَ ماڳِ تَهِينْ. *
اُتو مِڙِي مُرسَلِينْ تِتي تِنِي جاءِ
آسان کي امامُ ٿي نَرَ نِمازَ ڪَراءِ
مُورُ مُحمدُ جامُ، مِڙِي سَيني مَچِيو
يَلو هَذِ يَلَنِ جي عاقِلُ ٿِيو اِمامُ. *
”اَلمْ تَرڪَيفَ“ اُپِي ڪري پهريِنْ ۾ پَڙهِياءِ
”لاِيلافُ“ لَگِ ڪري پِيءَ ۾ پُجهاياءِ

(١) آواج= آواز

اصُلِ اِمامَتَ جي پَرِ پُوري پارِياءِ.
تانْ پِي اُنَ ماڳاءِ، موڪَلَ مَڱِي نِڳئو
مُقدّسِ وَتانْ مُصطَفيٰ چَڙِهئو چَرِٽِياءِ * (١)
پُورا ڏاڪا پَنجَ سَئُہ چَڙِٽِيءِ جا چَئجَنِ
جِيَتِي پاراءُ جوڙِئِي مُقَدِسِ ڪي مَلڪَنِ
مَتي آئي مَنْدِيا شامِهانا سَيِنِ (٢)
خَلقَتْهارَ خَلِقئو ڪُونَ ڪَهِينْ جي وَنِ
بِهِشتَنِ جِي بُراقَ ڪِي عَظمَتِ اِيَ ڏِناءِ
مُقَدّسِ وَتان مُصطَفيٰ اُتِي اَيَ تِياءِ
بِهِشتَنِ جو بُراقُ سو عَظمَتِ مَنجهہ اِهو
وِڪَ وِڏائِينْ هيڪَڙِي اُتِي اَيَ وِئو
ڪَنِي ڪِتابَنِ ۾ خَبَر اِيَ ڪَرِي
وِڪَ هيڪَڙِيءِ سِيِن وَءَ چوتِينْ آيِ چَڙهِي
جو نَرُ نَبِيا راءُ، مُحمدَ چَيو مُصطَفيٰ
خالِقَ آيُ خَلِقَؤ پِهِرو فِيروزاءِ *
فِيروزَه جو بادِشاهَ اُوچو آيُ ڪِياءِ
مَتي تہِ مَلڪَ گهٽا خالِقَ خَلِقياءِ
مَلڪَ خَلِقيا مُون ڏَٽِيَ گهاتا ۽ گهٽا

(١) چرٽياءِ= چرٽيءِ تي، ڏاڪڻ تي (٢) شامهانا= شاميانا ، طنبو



Gul Hayat Institute

تِـيـنْ اوڏائِـي أن جـي جِيـنْء ڪُـمَ ڪَـٿـا (١)
اِيَ عـبـارَتَ اِنِ ڪـي ڏِڪي ڏاتِ ڪِـيـاءِ
ڪـوڙيـنْ وَرِهَ قِيامَ سيـنءَ تَـنِ ڪِـي أيـيارِيـاءِ
قـادِرُ ڪَـڪَـرُ هيڪَـڙو خـالِـقَ خَلقِـياءِ
تَحْـتَ ثَـري سِيـن پـيرَ تَهِ مَتو عَـرشِ مُـڪـاءِ
فيـيروزاءِ پَڪَڙا تِيُونْ سـونـئِي چُـهـنْجَ سَنـدِيـاسِ
أيـو عِـبـادَتَ ۾ رازِقَ سَـنـدِيءَ راسِ
سَـدِ أنِـهِـي جِـي سِيڪُڙُو پِيا جي جَڳِ جِهاسِ
”أذكرو اللهَ ياآيهاالغافِلُون“ أنِ جـو ذِڪُـر ايـهُ
غـافِـلَ تِيـومَ غافِـلاءِ نِيـٺـينْ نِتـدَر مَ ڏِيـهُ
آنـو پَـهـرَ اللهَ ڪـي سَـدا يـادِ ڪَـرِيـهُ
اِيَ حَديثَ حبيبَ جِي صَـحِـيُ سَچـوئِي يـاءِ
آيـينْ پاراءِ آجِـڪـو رازِقَ رِزقَ ڪِـيـاءِ
رِزقَ پـاراءِ راجِـٺـي ڪـوءِنَ وِيـسارِيـاءِ
قِسـمـتَ ڪَـري سَيِنِ ڪي وَنـڊِي وِرايَـهـاءِ
”وَفِي السَماءِ رِزِقُكم وَما توعَدوُن“ اِنَ پَرِ فَـرماياءِ
مـوچـارا مُـلـڪَ ڏَتِـيَ مـانـدراٿا مَنْـدِيـاءِ
پِـيـو آيُ ٻـجِـهـي ڪَـري رِٻاءِ ڪِيائِينْ راسِ

---

(١) ڪُم ڪٿا= جيئن ڪُم ۾ اندر داڻا ڳَتيل ۽ گهٽا آهن

پَسو سَگهہ سَندِياس، سونهاري سَيين پَرين ۔
مَلڪُ خَلقؤ مُونْ ڏَنِيَ پاهِجو ڪري پَرِياڻُ
اَڌُ بَرفاءِ اُنَ جو، اَڌُ جِيرائِي جاڻُ (١)
”سُبْحَانَ مَنْ اَلَّفَ بَيْنَ الفلج وَالنّارِ“ سارِؤ چوءِ سُڄاڻُ
واڪاڻِي وَڏو ڏَنِي اِنَ پَرِ پَسئِو پاڻُ
ڏِيئِينْ ربَ رَسُولَ جِيَ اُمَتَ کي ايمانُ
پُڻِ مَتاهونْ مُصطَفيٰ سَيَدَ سَيرُ ڪِئو
آڏو آيُ ڏِناءِ جو تارِن ۾ تِروُ (٢)
ماڻدراڻا مُلڪَهِ ڏَنِيءَ مَنْدِياڻين موتِيارَ
سو خالِقَ خَلقِئو مَنْجِها سونَ سَتارَ
تِيو مَتاهونْ مُصطَفيٰ سَيَدُ سَيرُ ڪَري
مَلَڪُ مُحمدَ گَڏِؤ وَڏو گهٽو وَري
حِسابوءِ هَتَ سِينْ ڪيهِي هاجَ ڪَري
جِينْ ڏَمَرِ ڏُهارِيَن کي ڳِڻِي پُونِ ڳَري (٣)
مَنْجِها جيري مومِناهُ سِپَئِي سَنْباهِي
دائِما دوزَخ جو اُتياري آهِي (٤)
آچي پُڇِئو تَهِ کي سَيَدَ شاهَ سُڄاڻَ
جي تُونْ هِيُ اُپَتَئِينْ تہ آؤن نہ پَسان پاڻَ

(١) اڌ برف جو اڌ باهہ جو (٢) تارِن = تارين (١) ڏهارين کي ڏمر جا ڳڻ ڳچيءَ ۾ پون (٢)
اُتياري= ٻهريدار، درياهہ

مـالِـڪُ مَلَڪُ اللهَ جـو سَـيَدَ سـارِئـو چوءِ
اُپَـتِـيـءَ اُهُـڪـو گـهٽـو ڏِسَـڻِ ڏاڍو هـوءِ
دانـهِـي دوزَخ سَـڏِيءِ ڪَنْبِي سَـيو ڪـوءِ
دائِـمـا دوزَخ جِـيُـونْ پَـرِيا پَـچـارونْ ڪَـنِ
سَـنَهـانْ لُوهانْ سَنداسِ جي ڏَمَـرِ وِيـرَ ڏِسَـنِ
جـارِيءَ جِـيدا مومِـنـاهُ جِـيـهِـيءَ آجَ اُتَـنِ (١)
"شرَرَ كاالـنَصرِ كَانَـهُ جِمالَةُ صُفرُ" ڊراءِ ڊِرڄِجي تَنِ
تِـتـي تـيـهِـيَ ڪـارِ آيـؤ اَمـُرُ اللهَ جـو
موڪَـلُ آهـي مُصطَفـيٰ.......... سـي ڏيكارِ. (٢)
اُپَتائي آڇِـي ڪـري نَـرَ نَـظَـر ڪِـيـاءِ
تَـهِرَ كـامَنْـدا تَـهِ ۾ ڏه تـولا ڏِتـاءِ
مـاهِيَتَ پُڇِـئِي مُصطَـفيٰ تانْ بِي سَـندِي تَـنِ
هِي هاٿي هِنَ تَڪِيئِي تُون ڪَهُ سَـندا ڪَـنِ
مَلَـڪُ اُتو ڪـي مُـصطَـفـيٰ اِيءَ پَـرِ پَرُوَزائـي
جَـنِ نَـئِي نِمازونْ نـ ڪِيُون ڊِرڄِـي ڊَرپِ ڪَـرِي
رِءَ توبَـهَ اِيءُ تَـڪِـيـو اُنِـي جـو آهـي.
مُـحمدَ مالَ زَڪواةَ جي جَنِ سَـيِّدَ ڪِئِي نـ سـارَ
دائِـمــا دوزَخ ۾ پَـسُ تَـنِـي جـا پـارَ

---

(١) اصل اٿين (٢) ورق زبون

فَرمايو فُرقانَ ۾ اِيءُ ڳؤرو ڳالهاءُ
”واَقيِموا الصلواۃَ وَ آتُوا الزکواۃَ“ ساري سُڄِاهُ
يارهُ يَتيمَنِ جو جَنِ مُورِ هِيِنْ کاڌو مالُ
دائِما دوزَخَ ۾ پَسو تَنِي جو حالُ
جَنِي پيتو پاڻَ رَءِ منجها سِڪ شرابُ
گهٽو ڏهلو ڏاڪَڙو اُنِي کي عَذابُ
ظالِمَ زَنِي کَنِ جي هيِجيِنْ حقَ يَجَنِ (۱)
چائُرَ چَروءُ ۾ پِيا جَهِ پَرِ خُوشُ هَرَنِ (۲)
دائِما دوزَخ ۾ سا پَرِ سَنْدِيِ تَنِ
ڳِلا غِيبَتَ کَنِ جي پَرائِي پاڻاءُ
ڏَهَ تولا ڏِناءِ جي اِي پُٺِ اُنِ مَنجهاءُ
جي پاڙِي کي پاهِجي آصل اُهکُ کَرِينِ
اُءِ تولا اُنَ تَکِيِيءِ گهنگهِريا گهارِينِ
جَنِي پاتو پيٽَ ۾ لِيکِي لاپُ وَرِي
مَلکُ تولا اُنَ تَکِيِيءِ کامَهِ کَبِ کَري (۳)
جَنِي رُوحَ رَنجاٽِيا مائِٽَرهِ سَندا مَڌَ
ڏه تولا ڏِناءِ جي اِيُ پُٺِ اُنِي گڏَ
ايهِيءَ پَرِ اِها مُحمدَ ڏِنا مُصطَفيٰ

---

(۱) هيجيين= هيج مان، شوق مان (۲) اصل اٿين (۳) اصل اٿيي



Gul Hayat Institute

آهِين عَورَتُن جا ۾ تولا پِيا
پَٿر مَنجِهه پِٽين جي اُپِيون اوسارِينِ
اُءِ عورَتُون دوزَخَ ۾ گَهڻگهرَيون گهارِينِ
نَظَرِ نا مَحرمَ جي ڏورُاءِ ڏِٺائون
تانْ پاسا پُنيوُن پاهِجِئُون ڍارَ نہ ڍَکِياؤن
اُگهاڙِياُئُونْ آنگڙا پيٽَ پُنيوُنْ ۽ وارَ
دايَما دوزَخ ۾ پَسو تَنِي جا پارَ
۽ جي اِنِ ڏوهَنِ سِينْ تَرسِي تَوبہَ كَنِ
"يااَيُهاالذينَ آمَنوُا تُوبُوا اِلَي اللهِ تَوبَةَ نَصُوحا" تانْ پِي تُنسي تَن
پُٺِ مَتاهُون مُصطَفيٰ سَيَدَ سَيرُ كِئو
چَڙهِي چوٽِينْ آيَ اُتِي وَڏِيرو وِئو
چَڙهيو چوٽِين آيَ اُتِي سَيَدُ سُونْهارو شاهُ
سو خالِقَ خَلقؤُ ياراه يَعْقُوتاهُ
ياراهُ سو يَعْقُوتَ جو اڳِي اُپاياءِ
مُلكُ مُحمدَ جامَ كي ڏِكِي ڏيكارِياءِ
چَڙهِي چوٽِين آيَ كي جَنْبِي رَسيؤ جَتِ
بَيتُ المَعمُورِ مُصطفَيٰ تانْ پِي ڏِٺاءِ تَتِ
كِئو پَيدا پادِشاهَ سَباجهِي سَتارَ
مَنجها موتِي هيكَڙِي خَلقِئو خَلقَڻهارَ

سُـوِنْـهَـنِ سـونا كُنْگِـرا تَهِ چـاڻبُروٺـا چـؤڌارَ
بَـيتُ الْمَعمُورِ قِـبلو سَنْـدو سـو مَـلـڪَـنِ
سُـوِنْهـارا سَـنْـدا تَـهِـيـنْ چـارِيـهَ دَرَ چَـوَنِ (١)
آنـدرِ اُنَ طـوَّافَ كـي آچَـنِ مَـلــڪَ اَپـارَ
دَرانْ سَـيـڪَـهِـيـنْ دائِـمـا چالِيهَ هَـڪـهِ هَـزارَ
وارو وَرِي نـہ آئِـيــو ٻُــجـهـو اُنِـي پِـيهـارَ.
تـانْ پِـي تَـهِ مـاڳـاءِ، نَـبِـيَ نَظَرُ جانْ ڪِـئو
مَنْـبَرُ ڏِنـو مُـصـطَـفيٰ جِـيَـٺِـي پـاراءِ جـاءِ.*
تِـيـڏاهِينْ تَـعْـظِـيـمَ پَـئِي ٻِـيٺِـيـنْ نِـهـارِياءِ
مِـهـتَرِ عِـيـسـيٰ اُتِـهِـيـنْ وِيـنـو وَرِي ڏِنـاءِ
پـيـغـامَـبرَ ڪـي پادشـاه جُـنْـبِـي گـڏِؤ جَـتِ
ڪـبِـي پَچارُونْ پـاڻَ ۾ تَهَـرَ ڪِـيـاؤنْ تـتِ.
چَـڙهِـي چـوٽِـيـنْ آيِ، مُحمدَ پُـڄؤ مصطفيٰ
پـيـغامَـبرَ كي پاهِـجـنُونْ ڳالِـيـنْ ڳـرِهـاءِ سَـيِ.
پـيـغـامَـبر ڪـي پـادِشـاهَ اُيــي اِيءَ اُتــاءِ
جِـيـنْ مـون ڪـي مِعراجَ ڏُونهُ قادِرَ ڪـوِتايـاءِ
چـاڙهــي چوٽِـيـنْ آيَ سِيـنْءَ نَـوازِي نِـيـاءِ.
تِـتـي تِـيـنِـيءَ جـاءِ، اُتـاـئِـيـنْ نَـبِـيءَ كـي

(١) چارِيهَ = چالِيهہ

Gul Hayat Institute

هُئِـي جُـﭔـي ﭙِهـڪَڙِي مون ڪي سَيَدَ سُوئِي ڪاءِ
مُـحـمــدَ مَـتــي نـہ نِــوَ آؤنْ تِـنِـيَ لاءِ.
مــون ڪــي خَـبَرَ مُـنْ ڏَنِي صـاحِبُ سُٺـايـئِي
چــوءِ تُون داخِلُ دُنـيءَ سِيــنْ آجــا پُـٺِ آهِئـي.
تـانْ ڀـي تائِيـنْ پـوءِ، مُـحـمدُ مـتـاهـون تِـيـي
پُـنـو پَنجِئِـيئن آبَ ڪي جـو هِـيـرِي جـو هـوءِ.
تـــان ڀِـي تيـڏيَ وَارا، سَيَـدُ مـتـاڻـهون تِـيو
مُحمــدَ ڏِنِـي مُـصـطَفـيٰ سَنْـدِي ڪَــرَهَ قَطارَ (١)
تـان ڀِـي سَنْدِي تَنِ، ماهيَـتَ پُـڇئِي مُـصـطَفـيٰ
ڪـي جاڻُو ڪِـيـتِـي تِيا، ڪهِڙي ماڳِ مِـڙَنِ
سُوڻـهـاريُون سَـپِـيـنْ پَـرِينْ صَـنـدُوقونْ سِـرِ جَـنِ.
اُتــو مَلَــڪَ اَللهَ جــي تِـيـنـيَ ويـــرَ وَرِي
اَصــلِ آســانْ اِنِ جــي خَـبَـرَ نــاهِ ڪَــرِي
مُـونْ پَـسـنْـدِي مُصطفيٰ وِيـنـدِي وَرِهَ تِـيـانِ
سَــيَــدَ صنــدوقـنِ ﭙِ قــادِرُ لَـهِـي ڪَـرانِ (٢)
ڪـوءِ قـطـاراءَ ڪَرَهو جَـهلِـي جهـوڪـايـاءِ
اَمُــرَ سِيــنْ اَللهَ جــي آچِــي اُپـتــايــاءِ
اُپـتائِــي آچِـــي ڪــري جُــنْـگَ نِـهارِوُ جَـتِ

(١) ڪره = ڪرهن، اُٺن (٢) ڪران= سندن ڪَر، سندن خبر

سَتَرِ عالمِينَ اُنَ ۾ هيڏا هيِهِيءَ يَتِ
بَحر مَنْجهِي بِيدِيُو مَنْجهِي نِيرَ نِيانَ
سِجَ مَنْجهي سُوهَڻا ۽ چَنْدرَهِ چانْدرانَ
مَلڪُ پاهِجو پادشاهُ پاڻِهي جاڻي پارَ
صَحِيُ تَعرِيفَ سَنْدِي تَهِي ڪَهِي نہ پُڄي ڪاءِ
واڪاڻِجي واتِ سِينَ تہ ڪا جوڙَ جُڳاءِ.
چَهِين آپِ چِڳيِرَ، مُحمدُ رَسِئُو مُصطفيٰ
ايڏِي حُجَ حَبِيبَ رِءَ پِيو ڪَرِينْدو ڪيرُ.
مِٺِينَ ماٺدراٺا ڪِيا سَباجهي سَتارَ
مَنْجها موتِيَ هيڪڙي خَلقِئو خَلقَتَهارَ
پاڻِهِي جاڻي پادِشاهُ رازِقُ رَبُ جَلِيلُ
مُحمدَ ڏِنو مُصطفيٰ اُتي عِزرائِيلُ
عَظمَتَ عِزرائيلَ ڪي ايڏِي اِيءَ ڏِناءِ
نِينْدو ساهُ سَيڪَهِين جيڪي عالَمَ اُپاياءِ.
عَظمَتَ عِزرائيلَ جِي اِنَ پَرِ ايهِيءَ هوءِ.
جيڪي خالِقَ بحرَ خَلقِيا تَهِ سِرِ اُوتِي ڪوءِ
اُنَ ڪَپاراءَ ڪَنَنِ سينءَ ڳاڙو ڳَڙِي نہ پُوءَ. (١)
اِنَ پَرِ ايهِيءَ ڪارِ، رازقَ رَبَ خَلقِئُو
آهِينِ عِزرائيلَ جا چَہ مُنہَ چَهِينَ پارِ

---

(١) پوءِ = ڪڍهن به نہ

ڪو آجو عَرشَهِ ڏُونهُ، ڪَهِ پَسي پاتار
رازِقَ ربَ خَلقِيا بِيا چَئِينِي پارينْ چارِ
سوءَ سُونهار نَبِيَهِ............................ (١)
................ڪُهِ حَقِ ڪارَڻِ ڪافِرَهِ ڪو
ڏَمرِ ڏُهارِيَنِ ڳَرِ سَيِهي قَضِيءَ لَڪَٿهارَ
تاءَ آچِي پُڇِؤ تَهِ ڪي پيغامَبرَ پاٽِهي
مَتي جَهِ موتُ تِئي سو ڪِيَ سُڄاڻِي
جو واحدَ قُرانُ خَلقِئو مُنْتَهَيٰ مَتاءَ
عالَمَ سَندا اُنَ ۾ جَمع نالا چاءَ
پَني پَني پاهِجي نالو آهي نِتُ
ڪَڏِهِ مارِنْ لِکِئي اِيءَ سَڄِي ثابتُ
پاٽِهي جاٽي پادشاهُ رازِقُ رُوحِينْ راءَ
پَناءَ تَهِ پَرورِّيا جو مُحمدَ پِوِنءِ مَتاءَ
سيدَ صَحِيُ سَنْدو جَهِينْ پَنو پسانْ پاڪُ
تانْ پِي تَهِينْ ڪي ڪَريانْ فانِي سينْ فراقُ
اِنَ پَرِ عِزرائيلَ جو جابُ سُوائِينْ جَتِ (٢)
ڪي جاٽِينْ روحُ ڪِهو مُحمدَ پُڇِئو تَتِ
اُتو مَلَڪَ اللهَ جي سَيِّدَ ڪي سُڄاڻَ
مُونْ ڪي مَعلُومُ ناهِ ڪا پاٽِهي جاٽي پاڻَ

(١) ورق زبون (٢) جابُ= جواب

سَيّدُ سَتِينْ پَسؤ ..................
ميينْ ماڻدارڻا ڪِيا سَباجهي سَتارَ
مِينهُ خالِق خَلقِؤ ..........
.................. تَتِ چاڻي تو علامَ
توءَ وَهِيڻا تو تِيا پيدا مَنجِهه.........
توءَ تُنهِجيَ باجَهه رِءَ تَنِ پِيژَنِ نه سامَ
نِڪَرنْدا ايمان جِي ڪِهوءَ ڪِي ..........
........... اَمرُ مَجيو تَنِ ۾ لَڳي ڪامَ
وَجو تہ اِيمانَ سِينْ ڪَلِمُو چَيو مُدامَ
لاالہ اِلا الله محمد رسول الله
............. پاتاؤن عامَ کي عُذرَ ڪَيو ڪِيو
پُڇاءِ مُون نِ پادِشاهُ ڪارَڻِ تہ تِيو
اِنِ پاڻِهِي پاڻَ کي چِيرو نارُ وِڌو
جِينْ لَنگهِي ءِ پانَنِ کي مَنگَڻهارَنِ ڏيندو
پَسِئو فَقِيرَن کي مَنْهُ بَچِڙا ڪَريندو
پَسِئو فَقِيرَنِ کي ڪَرِينِ جي پاسَا
.............ڪَمَنِ کي پَسِبا تَماشا
آئي ڏِبَنِ هَتَ ۾ ڪَمَنِ جا ڪاڳَرَ
تَڏِهِ پاڻِهي پَڙهَنْدا پَهجا هَتَ اکَرَ
رويو گهڻو نِڪَري چُونْداهِ ............

Gul Hayat Institute

آسانْ عَمَلَ جي كِيا سي كيدّاهَ وِيا

أُءِ ڏِيارِهُ تَنِ كي سَنْدا جَنِ هُوئا

جِينِي كي پايُوه سي عَمَلَ هِيئَ تِيا

آٿي جِينْ مَيدانَ ۾ كوڙِيي جانٿداراهِ

جيڪِي پِيهَئي سو چَڙِي كَٿِي وجي واءُ

جِهِ هُيَئِي عَمَلَ تَهِڙي..........

"..........عَلَيها غُدُوًا وَعَشِيًا" وينْجهارا وِءُ

دِسرِياؤن .......... كِيو كِيوءُ

.... اري كي دُنِيَ جي كَٿِي جِتِ........

.......... آٿي هَتَ..........................

پُڄائيندُنِ پادشاه ..........................

نِيو مٽاهُون مُصَطفيٰ جِينْ پيغامَبرُ پَنڌِ

جُنْبِي جَبرِئيلَ جي هَلِي رَسِئو هَنڌِ

سِدرَة سِرِي وِيا مُنْتَهيٰ جي ماڳِ

أُتي مَلَكُ آللهَ جو لاهِي أيو لاڳِ

أُتي مَلَكُ آللهَ جي أِيي اِيءَ أُتاهِ

هِناءَ مٽي مُصطَفيٰ مُونْ كي موكَلَ ناهِ.

تِتي تِينِيءَ جاءِ، أُتائِينْ نَبِيءَ كي

وَڃُ مَٽاهونْ مُصطَفيٰ قادِرَ لَهِي كَراءِ.

جَبَرِئيلُ ماگُ جَهِينْ جَهلي أيو پاڻُ
تِيو تِتهِينْ مُصطفيٰ هيڪلو حيرانُ
مَلڪُ موڪَلِئو مُونْ ڏَنِي جو مُورِهين موچارُ
تَه مُحمدُ مَتاهُونْ نِيو جو ڪَرو خَبَردارُ
پَڪَڙاتِيءَ سِرِ پاهِجِيءَ وَرَنَهُ وِهارِياءِ
گَهڻو مَتاهُونْ مُصطفيٰ تانْ پِي تَهِ نِياءِ
مَلڪَ موڪَلِيا مُونْ ڏَنِيَ گهاتا ءِ گهڻا
ڪوڙِ ڪُرسِيءَ رَسِؤ تانْ پِي تَنِي سا
خالِقَ رَبَ خَلِقَئِي ڪُرسِي ڪوڙَ مَنجهاءِ
سِينگارِئِي سَيِينْ پَرِينْ سُونْهارِي سَهجاءِ
واحِدَ گهڻو وڏِي ڪِئِي آگَرِ آيِنِياءِ
هيڪُ آيِنِياءِ آگِرِي وَڏِي گهڻو وَرِي
سِينگارِئِي سَيِينْ پَرِينْ قادِرَ وَڏِ ڪَرِي
مَنْجهاهُ تِينْ هيڪَڙِي آصلِ خَلقِئِي آگِ
تارا سُونَهَ سَنْدا تَهِينْ هِي جي مَٿِي جَگِ
...مُلو ڪَ جي لاتِ مانْ جوڙِينِ
تارا سُونَهَ سَندا تَهِينْ پَرِ اِيهِيءَآهين
......تِياري گهڻو ڏِڪِئِي ڏِنائينْ



Gul Hayat Institute

تيو مَتاهون مُصطفيٰ تانْ پِي تِتائِينْ

...... تِتيهياءِ مُونْ ڏَٺِي تِتي تِنيءَ وارَ

حِجابا حبيبَ کي آيا گهٽا آپارَ

هنڌورا حَبِيبَ کي ........... آتِ کِياءِ

مَلِکَهِ هَتانْ مُصطفيٰ اُتي عَرشِ نِياءِ

خالِقَ عَرشُ خَلقِؤ وَڏو گهٽو وَڙي

تعرِيفون سَنديُون تَهِين سگهِي ڪِيرُ ڪَري

لَکَ آنايَهُ اُن جا پايا پاکَ سُڄِنِ

کِئو جوڙِ هِي مومِناهُ مَتاهون مَلڪَنِ

پاپي پايِي پاڻَ ۾ اِيڏو وِڇُ کَري

لَکَ آنايَه اُنِ جا آهِينِ وَرِهَ وَڙي

پُوئِينْ آيَ آللهَ جا کوڏِ کُرسِياءِ سِيِيءَ

جين مُنڊيِرِي مَيدانَ ۾ ۽ عَرشَ پِنا ڏرايِيءَ

ناهِ قاعِدو کُنگرِينْ، پايَه پاڻدُ نہ کوءِ

عَقُل اُتِ آساهِجو جڙِي نہ "جُمعو" چوءِ

ايڏِي عَرشَ عَظيمَ کي جُنبِي رَسِئو جَتِ

کوءُ سِهِي سِينْ کِيءَ چڙهانْ، تَهِرَ يايائِينْ تَنتِ

دَرِگَهِ پاراءُ دوسَ کي آؤ آمُرَ نجاءُ

---

(١) لک آنايه= اناويهه لک



Gul Hayat Institute

مَتان لاهِئِينْ مُصطَفيٰ اِيءَ پاهِجي پيراءُ
أتي عَرشَ آساهِجي اِنِهي سِينْ آءُ
پوءِ هلندِي هيكَڙو كو كَتَرُ كَفْشَ مَنجهاءُ (١)
اَصْلِ بَرِكَتَ اِنَ جِيءَ جُنْبِشَ ڇَڏي جاءُ
مَچِي ڇَڙِهئو مُصطَفيٰ پُٺِ كي پيرَ كِياءِ
تَڏِهِ عَرشَ اللهَ جي تاهَرَ پُڄِتِي تاءِ
سُڻِيهُ ڳالِ سَنْڌِي تَهِينْ جا پيرَهِ ۾ پوءِ
مِهتَرِ موسيٰ كي لاهِرايَءِ طورِسِينا سِرِ توءِ
تہ لَڳي پٽي پيرَنِ ۾ تِيئِي مَرِهيانْ تو پوءِ
مَرْ جانْ عَرشَ أتي ڇَڙهي مُحمدَ موكَلَ هوءِ
حُرمَتَ اِنَ حبيبَ جِيَ پَلَئُو پانْدُ نہ كوءِ
پاٿِهي جاٿي پادِشاهُ سَپاجهو سائِينْ
مُحمدُ مَتاهونْ تِيئو تانْ پِي تَتائِينْ. (٢)

Gul Hayat Institute

تانْ سو پَنڌُ پَرِكَ، عَرشانْ مَٿي جو تِيو
سُكا نَپانَ سُجانِ كي آنْدو اَلتو لَكُ
صَحِيُ سَيكَهِينْ مُصطَفيٰ داخِل دُرِسُ تِيو
پاٿو آٿو سَيَكو وَرِهي لَكُ وِيو

(١) پوءِ= پوي. كتر= ذرو. كفش= جُتي (٢) اصل ائين

ڳھڻو ڏِنائين ڏِيہُ، تيو مَتاھون مُصطفيٰ
دَرِڳہ پاراءِ دوسَ کي آؤ آمُرِ اِيہُ
حُرمَتَ سِينْ حَبِيبَ کي اوڏو اُپيارِيہُ.

تَھِرَ پُڇايو پادِشاہ قادِرَ قُدرَتاءِ
......."قابَ قوسَينَ اَو اَدنيٰ" آچا اوڏو آءِ
جِينْ ڪُنڌِيءِ ڪَمانَ جا ٻَئِي گوشا گڏجَنِ
اِنائِينْ اوڏو تِيو مَهَنْدا پانَ ڏَٺِيَنِ
دَرڳہ ۾ دُرسُ ھُئي جا اوڏِي اِيھيءِ يَتِ
جِھلِي رَحَمَ رَسُولَ نِئي تان پِي ....... تي تَتِ

تانْ پِي تائِينْ پوءِ، مُحمدَ پُڇِئو مُصطفيٰ
قادِرُ ھِيءِ توکُ ڪِھو جو ھِھُون اوڏو ھوءِ

آئِيو آمُرُ اللهُ جو سَيِدَ کي سُڄانَ
جِھلِيَ رَحِمَ رسولَ ھِيءِ جا تو پُڇِئِي پانَ
آئِيو آمُرُ اللهُ جو مُحمدَ کي موتِيارُ
جِھلِي رَحمُ جِنِہِ جي آؤنْ اِنياءَ پيزارُ
جِھلِي رَحمُ جِنِہِ جي دَراءِ نہ دِرجَہ ما
گڏِيندِہ سين گڏِيا چِنا چِنَنْدِہ سا
جِھِلي رَحَمُ جِنِي ڳِرِي ھِي جي قَطع ڪَنِ

Gul Hayat Institute

جاءِ جَنَّتي ناهِ ڪا تانْ پِي سَنْڌي تَنِ
"لاتَدخُلُ الجنّة قاطعَ الصّلوة الرَّحِم" عالِمَ اِيءَ چَوَنِ.
تِنتي تِهين ڪارِ، آئِيو آمْرُ اللهَ جو
هيناهُونْ حَبِيبَ تان نَظرُ ڪري نِهارِ
هيناهؤن حَبِيبَ تِينْ نيٺينْ نِهارِياءِ
تان نُوراني نَدَڙِي ڏِيٺِي سِينءَ ڏِناءِ
تَهِرَ پُڇائِينْ پادِشاهَ پاهِجي پِرِياڻِ
ڪِ ڇائِينْ توڪُ ڪِهو هِيُ جو ڏِنوءِ هاڻِ
مُحمدَ پُڇيئو مُصطفيٰ تِنِي تيڏِيءَ وارَ
مُون ڪي مَعلُومُ ناهِ ڪا تُهِجي سَگهه سَتارَ
اِهو اُتاهُونْ مُصطفيٰ سَيَدَ سَيرُ ڪِئوءِ
هُونڊو عَرشُ آساهِجو ڏِيئي جينءَ ڏِنوءِ
مَلَڪُ اُتوءِ مُصطفيٰ تُوڙِي نَبيَ توءِ
مُحمدَ هِنَ مَڪانَ ۾ ڪَهِرَ نہ آنڌُ ڪوءِ
...... سَپِينْ پَرِينْ هُونڊِ هَڏِهِينْ جَنِ
پِهِجا پِيرَ پَرِي سي مَرْ حَجِ هَلَنِ
مِيڙي مالَ زَڪواةَ جي ڪَدِي ڪانَ سَگهنِ
جوڙَ سونهارِ جَنَّتون تانْ پِي ڏِينڊُسِ تَنِ

Gul Hayat Institute

مَجِي موتِيو مُصطفيٰ اِنَ پَرِ ايهِيءَ يَتِ
مِهتَر مُوسيٰ مومِناهُ تانْ يِي گَڏِيُسِ تَتِ
مَهتَر مُوسيٰ پُڇِئو اُتيٰ اُيِي اِيَن
اُمَتَ سَنْڌِيِ اِنَ پَرِتاڪَهُ ڪِيَئِيٰ ڪِيَنْ
سَيَدُ سَنْيائِي وِيو گِوْرِي گِالِهہ گِرِي
مِهتَر مُوسيٰ ماگِهِينْ وَرايو وَرِي
تُون وَڄُ موتِي مُصطفيٰ وَڏِيرا وَرِي
اِيءَ اُمَتَ ڪِي اِنَ پَرِ تَيِنْدي گِالِهہ گِرِي
وِينِدي ڪانِ ڪَرِيمَ ڏُونهُ مَتانْ ڪَرِئِينْ ڪاءِ
.... بادِشاهُ اَڄُ سَيَدَ سَيَ سَنْڌِياءِ
مَجِي موتِيو مُصطفيٰ اُمَتَ جو آڌارُ
جيڪا محمد ........ چائي سَيَ سَتارُ.

وَرِيو سُونهارِيءَ وارَ، اُبِيتو عَرِضُ ڪَري
عِبادَةَ............. سُهِلِي ڪَرِ سَتارَ.

تانْ يِي تائِينْ پوءِ، اُبِيتو عَرضُ ڪري
عِبادَةَ.................سُهِلِي هوءِ
پَنجاهِيا پَنجَ ڪِيا يَتِرَ پِيرا ڏِئِي
مُحمدَ ڪِئو مُصطفيٰ سَهڪوءِ سِيئِي

Gul Hayat Institute

أتي ڏوتُـهُ اوتـاڪَ، مُحمـدَ ڪـي مَـيلُ ٿِـيو
سَـنڌو پـاڻيءِ پاڪَ، أتـو مَـلڪَ اللهَ جـي*
پـيـغامَبَرُ پـاڻِـي گُـهري سَـڀاجها سَتـارَ
آئـو آمـرُ الله جـو تِـنّي تـيهِيءِ ڪـارِ
ڪَـري پُسام بيهارَ، جُـڻبي رَسِئو مُـصطَفيٰ*
......................مـوتِيءِ مَـجهاءِ
پَنجِينْ سَئِينْ جـي پَـنڌَ ۾ دَرَ ڀـاهِـيُون ڀـيئي
جـنِ مُحـمـدُ مَـجِئـو پَـسَنـدا سـيئي
جُـڻبِـي مَـتِبي جنـتَبِـينْ آچِـي أيـو جَـتِ
سَئِينْ شامِـهانا مُـصطفيٰ....... ڏنـاءِ تَـتِ
مُـحمدَ ڏِنـا مُـصطَفيٰ شامِـهانـا سُـجـاڻَ
هُـوئا رَكِـنَ هـيـڪـڙي پَـسَڻِ پاڻـو آڻَ
ڪِـبا سـاتَـرْ سَـيِنِ كي هلي حُـورِينْ ساڻَ
مُـئـيبا ۾ قَـصرِينْ ڪـائـي ڪـاجَ گهـڻـا
موتِـياريُونْ مـومِـنَـنِ جيـونءَ نَيُونْ چـارِ چَـوَنِ
آهِينِ صَـحِيُ سَـيْـڪَـهِـيـن وِيـري تـارَ وَهَـنِ
ڪـا ماكِيَ جـي مومِناهُ، ڪا سَنڌي صَحِيُ شـرابُ
ڪا پُڻِ خاصِي كِيرَ جيَ ۽ ڪا سَنْدِي آبُ



Gul Hayat Institute

ڀَري جامُ جَهتِ ۾ منجها خاصي ڪِيرَ
اُتو مَلڪَ الله جي اِئي پِيءُ اَمِيرَ
پيغامَبَرَ پُڇِي ڪَري مُحمدَ مُنْهِ ڪِياءِ
ڪِي پِيتائِينْ پانَ رَءِ ۾ ڪِي اُبارِياءِ (١)
اُيو مَلڪُ الله جو اِيءُ سَنْيارِؤُ چوءِ
جي مِڙوئِي مُصَطفيٰ پيغامبَرَ پيتوءِ
تہ اُمَتَ وِيئِي اُبِهِي ڪِيهِي آڙِئو نہ ڪوءِ
مُورِ نہ پِيتوءِ مُصطفيٰ سارِي سَڀُ سُڄانَ
آجا ڏُهارِيَنِ ڪي ڪا پُڻِ آهي آڻَ
اُيو ماڳِ مَلڪَ ڪي سَيَدُ سَارِئو چوءِ
جِينِي سَيوئِي پِيانْ جي مُونْ موڪَلَ هوءِ
مَلڪُ اُيو سِينْ مُصَطفيٰ اِنَ پَرِ عَرضُ ڪَري
تانْ ئي پوءِ نَبِيءَ نَظرُ جانْ ڪِيو (٢)
روِيو گهڻو نِڪَرِي چوُنْدا تيانْ هِيتِيءَ
فَضلِ جِنْهُون بادِشاهُ عَدلِ ڪَرِمَ اِيءَ
آسان طاقَتَ ناهِ ڪا هاڻي ڪَرِيُهُ ڪِييءَ
آسين بَنْدا تُهُجا مِنَتَ ڪَرِيُهُ هِييءِ
ڏوهَنِ مَتو ناهِ ڪو ڪرايُهُ شَيطانَ

---

(١) رَءِ= پاڻ لئہ (٢) هن کان پوءِ ورق ڦٽل

Gul Hayat Institute

آسانْ كي اُتاءِ هِيءَ هُونْدِي دُنِي مُدامَ.

تَهِرَ كوٺائي بادِشاه پُڇايو شَيطانَ

تو ڏوهَ كوهُ كارايا هُئِيَهَ مِلَكَنِ جامَ

.......رَحْمَتَ تُهَجِي وِئِي مُونْ مَتاءِ

ڏِٺُهُ لوحُ مَحفُوظَ ۾ لِكِئو كَنِي لاءِ

ءِ ڏِٺُهُ لوحَ مَحفُوظَ ۾ سَجِدو ٻِي نَہ كَهِينْ

اِعتبارُ كِيئُهُ تَهِ اُتي وَڃِي وِيرَ تَهِين

.... پُڇِئِيءَ پاتِشاهُ هِنَ پَرِ هِيءَ ڇيو

جِينْ ڏِٺوءِ لوحُ مَحفُوظَ ۾ توءِ نِي آمُرُ ٿِيو

..... كي وَقتِ جَهِينْ لَفظُ هِيءَ ڇَيو

ٻِئَنِ سُٽِي سَجِدو كِيؤ تو كوهِ نَہ كِيئو

تُون تَهِ وِيرَ تَہ پوءُ لَعَنتِي ٿِيو

كوهِ نَہ كِيئوءِ سَڀِنِ سِيِنْ آدَمَ كي سَجِدو

تہ نَہ ٿِئوءِ سارو اِهَڙِي ڏمَرِ نَہ پِيوءُ

كَرِيان سَجِدو كِي كَڙِي مون جَبِهِي هوءُ (١)

هيكَڙو گُناهُ اِيْ كِئوءِ ٻِئو تو هِيُ كِيوءِ

شَرِيكُ تِينْ اسانْ سِيِنْ آكابِرُ تِيوءِ

ڏِٺوءِ لوحَ مَحفُوظَ ۾ تَڙِبو هيكُ هِتاءِ

---

(١) اصل ائين

Gul Hayat Institute

وَهَمْ آئي هَتَ ۾ تهِرَ ڪِيوءِ ڪاءِ
پايوثئِي هُونْدو ڪو پيو مُونْ نہ تَڙِيڻدا تاءِ.
ڪِينْ ڪَريانْ سَجِدو آدَمَ کي آڳِياءِ
.........خَلقِيو هو مِتي مَنْجهاءِ (١)
"قالَ اَنا خَير مُعَنِهُخَلَقْتِني مِنَ النّار وَخَلَقْتَهُ"
............................... هتاءِ (١)
ڪَمَ سَيِئِي پاڻِهي ڪارِيئِينْ ڏِيئنْ ڏوهَ پِئَنِ
.......... اناءِ اِيُ ڳالهاءِ ڪِيوءِ جِينْ (١)
شَيطانُ ڪَري مُونْ کي پُڇِتوءِ کي ماڙُنِ (٢)
"قالَ فَخْرُجْ مِنهَا فَاِنّکَ رَجِيم وَاِنَکَ عَلَيکَ لَعْنَتِي اِلي
يَومِ الدِينُ" حُکَمَ اِيءِ وَهَنِ
مُونْ وَجَايو اِن کي هو ڪُوڙو شَيطانُ
ڏوهُ ڪَرائِي ڏِيہَ کي ڳهَنْگَهرِ وِڌِمِ پانُ
جَوابُ ڪَرِتَنِ جو جي ڪارائِينِ ڏوهُ
لِيکا چَڏِ پاهِنْجا سَيَرُ ڪِيمَ سوهَ
جِينْ تو يانيو نہ رُوحَ ۾ تہ آؤُنْ ڪَرايانْ ڪِينءَ
مَتانْ سو پُڇِينْ مُونْ سَندو ڏِيہَ ڏَتِيءَ
جي کِي ڳهري سي رکي پِيا ڪارائِي ...

---

(١) ورق زيون (٢) پڇتوءِ =موڪليوئي



Gul Hayat Institute

مَتَنِ مَستِي مامَرا هُونِ آڳِهِينْ اِيئَنْ
حُڪمُ تِيو مالِڪَ کي ڪِي دوزَخُ تَپاءِ
تہ وَرَنَ ڪري وِيهِينْ يَتِينْ واءِ اُنِي کي واءِ
ڳاڙهو ڳاڙهو ٿِي جَهِرَ ........................ (١)
سُفيتُ ٿِيئِي سَيِنْ پَرِينْ وَڃي نہ قِياسُ ڪوءِ
پِرِ حُڪمُ تِيو مالِڪَ کي ........... (١)
جَہ مُنافِقِ ظالِمِ ٿِيئِي سَيِنِي سارَ
ڄِيئُون ڄيري سَنديُون آيہ يُوئِينْ وارَ
ميڙِي نِيائِينْ سَڀ سِي حُڪمُ ڪِيو جَبارَ
وَڃِي پيٽا تہ ۾ آسْفَلَ جَهِينْ جو ناءِ
آوازُ آءِ اِنِ کي آهِنْجو اِهو ٿِي تاءِ
تَڏِهِ. پُورِيا دَرَ آسْفَلَ دوزَخ جا مَلَڪَ ڏَمر مَجهاءِ
گُرجُ وِڌائِسِ هيڪَڙو ڏَمَرِ جي قَهراءِ (٢)
هائِسِ نِڪِرِي هِنَ پَرَ آهاڪَرِ اُپِي تاءِ (٣)
پُڇِئِي مالِڪَ تِينِي گهٽِي ڏَمَرَ مَجهاءِ
چوءِ ڪوهُ ڪِيا ٿي دُنيءَ ۾ جِينْ هِهو آيا ساءِ
نَڪِي ڪُبِيَا تِتهِينْ نَڪِي آڏَ آتاءِ
مِڙِني مُناجاتَ ڪِئِي هَٿَ کَٽِي تہ وارِ

(١) ورق زبون (٢) گُرج= گُرز (٣) اصل ائين

Gul Hayat Institute

اِلـٰهي عبد كي العاصي أُتانْ كارِ
"سقرا بالذنوب ......................*
..........كيوءُ چارِي پَهَرُ دايم پايو دامَ
ڦُرؤ فَقِيرَنِ كي ويتا كِئَ.........
............ ظالِمي ميڙي مالَ حرام
ڏاءُ نَہ ديراپَنِ كِيَهي هِيئِسي نہ چُئِين هامَ (١)
...........اَياڳُ كي لَكا لَبَ لڳامَ
اِنِ ۾ ڏِسَنِ كيتَرا پِيا پُٺِ ڳهٽا خُنامَ
..........پُجَهنِ كِيَهي مُورا جي بَدرامَ
شَرَعَ نہ مَچِينِ سُجَ سِين اوڏا نہ اسلامَ
.........بَكِيو ظالِمي مَچِين نہ اَحكامَ
وِرِسِيا كَنِ وَڏايُون جَرِيا بَكِيَ نَامَ
..........تِيندنِ سامُها اَجُكِ كالَ لَدامَ
هَلائِتَدَنِ ڏِيهَ ڏي كارِي كَري كِمامَ
.........كُورنِ ۾ نِيئِي مَنجِهہ مُقامَ
پُجَهياءِ كَمَنِ كي سَيئِي اَنامَ
...................گُزارِيئِي هيكلي هِيكامَ
واءِ وِيلو تَنِ كي ظُلمُ جَنِي جو عامَ

---

* هي سچو ورق زبون آهي .(١) اصل اِئين

Gul Hayat Institute

........... يـظـلـمـونُ ڪـي جَـنِي وِڌا دامَ
سـي آجـارِئا آهُـونْ......... ڪَـنِ.......مـامَ
...............هِـنَ پَـرِ سِيـنْ اِڪْـرامَ
”لبيڪ لبيڪ يا عَبدک اِن لم احکم بَينکَ وَبَينَ من“
...............هِـي اِنـداسـي آيـامَ
پـولِـبا چَـوگَـانَ ۾ ظـالِـمَ ۽ آظـلامَ
..... ٽِيـندي تِـنِ سِيـن جـا پَـرِ سيـن آنـدامَ
هـارِيَـنِ حِـلْمْ نـِ ڪِـئو هُوئا گَنْڌُ.......
...............صـوابَ ۾ هُـوئـا گُرِئـا پَگامَ

Gul Hayat Institute

# وفات پیغمبر علیه السلام

Gul Hayat Institute

بسم الله الرحمن الرحيم ۝ پيغامبر عليه السلام

سو هيڪڙو هيڪ ڏينهن جو گاهه ماڻڪ بابو ڄاڻي بابي ستار

نيسيتا اندر جي جندر زمين جلاء ابر آدت ٿيو شاڪتي

جهو صبا ٽين نهو انگي ڪو اڪو شڪر باء سو صاحب سيڪي سوا

ٿين ڪاري ڪنڌ ڪي ڪي پيو درويش نبي بحر بينديو ڪي لڪو ڪري ڏيکي

سو صاحب سيڪي سو هيش بعز بانا ڪيار ترت بين جي بدرو

ماڻڪ ڄاڻو دي علم ابابا دروڌ باڄي ابي باري باب جيا

سو جنا سنو سيابا جه جا ري بينگيو اب رڻ تين تا هيرا بو سير دلو دنا

نبي محمد عربي ماڌانا عبديا جدر نارا ڪيتيو اوڇ ابا

سيج سيا ڄي نيڪي اودا بي لا تاره تيري وصا ڪي نيڪي جنتي جو ڪري

ابيني جي سو ڄي آدم ابابا دنور محمد جام جو تعظيم ڪري

ڪيو ڄاڻي باري ڪيتر اجن سنا جنت ڪيار نماري بيج ٿيي دوري

سو صاحب عڪسي جهو درين جنت ڪيا الله عالمي دلي ميعو مهربان

ڏاڍي نيري اجيو سلطاني سلطان امي ايڪ ڪي لابي فرماني

ڪيتي روح رسول ڪي وه بخاري باره نماڻي ڪر اجيو هيرو درقان

## [٨]

# وفات پيغامبر عليه‌السلام

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيمِ

هوءِ هيڪوئِي هيڪُ ڏٺِي جَڏِهن جوڙَ نہ ڪاءِ
ماٺِڪُ اُپايو مُون ڏٺِيءَ پاڻِ جِي سَگهاءِ
نہ سي تارا تَڏِهِين چَنڊُر، نہ رَين چَلاءِ
آنبَرِ آڏِتُ نہ. هُوءِ، نہ سا ڪَتِي ڪاءِ
جِنَ جِياسَڻَ نہ هُوئا نَڪِي گهوڙا گهوٽَ گَهَڙِياءِ
هئوءِ صاحِبَ سَگهہَ سين هوئَڻُ جَنبہِ جُڳاءِ.
نہ سي ڪاڻِي ڪَندِ ڪِي نَڪِي وَٽَنَ ويسَ
نَڪِي بَحرَ بيدِيُون نَڪِي ڏُونگرَ ڏِيسَ
هوءِ صاحِبُ سَگهہَ سين هوندو جو هَميش،
پِهرو پاڻُ ڪِياءِ، پرتِ نَبِيءَ جِيءَ پَڌرو
ماٺِڪَ منجها مُون ڏٺِي عالَمَ اُپاياءِ
دُرودَ پانهجي دوسَ اُتي پاڻِهي پاڻِ چَياءِ
سَچَڻُ سو سَنياياءِ، جَنہِ تارِي ۾ تَڪِيوءِ.
آيَ رِءَ تَنيِي تاهَرِيا، پُنْ سِرِ ڏاندُ ڏناءِ (١)

---

(١) تاهري=ابيهاريا، پکيڙيا (٢) زمين تي ڏاند. ڏناءِ جيڪو هر ڏيئي زمين کي پوک لاءِ تيار ڪري ٿو.

مُهِرَ مُحمَّدُ عَربيَ ماٿاٿا مَندِرياءِ

چَندرُ تارا ۽ ڪَتيُون اوپَرِ اُپاياءِ

سِجُ سَنباهِي سيڳهہ ۾ اُونداهِي لاٿاءِ

ٿَرَ وَهائي نِيرَ جي ڏونگرِ ڏيسِ وِڌاءِ

مِٽِيءَ مَنجها مون ڏِٺي آدمُ اُپاياءِ

نُورُ محمَّدَ جامَ جو تنهِ ۾ رکاياءِ

ڪوڙين تان پِي ڪيترا جِنسا جِنسَ ڪِياءِ (١)

ماري سي مَحوُ ڪري دوري گُهرياءِ (٢)

هوءِ صاحِبَ سگهہ سين چوڏِس چِٽر ڪِياءِ.

الله عالِمَنِ ڏِٺي مِيونْ مِهربانُ

راڄِيئِينْ سِرِ راڄِيو سُلطانين سُلطانُ (٣)

اُتَرِ عزرائِيلَ کي قيرائيٰ فرمانُ (٤)

ڳِنهڻَ رُوحَ رسولَ کي وَڃُ پڪاري پانُ (٥)

چوءِ تو ڪوٺائي راڄِيو رَه رِيڏو رحمانُ.

تان ٿُن آءُ آسان ڳري مُرسلا مَهتبدارَ

پِرين پاتا ڪارَڻِ تو جُورِهِ مُنهِجيءِ هارَ (٦)

قَمُرَ ڪَوثَرَ قِبلا آنديَم تو آهارَ

---

(١) ڪئين جنسون پيدا ڪيئہ (٢) اصل اٿيو (٣) راڄئين سر راڄيو =حاڪمن جي مٿان حاڪم، بادشاهن جو بادشاه (۴) اُترِ= چيائين (۵) پڪاري= پڪ ڪولي، ڪنبي پڪيڙي (٦) حوره منهنجيءِ = منهنجين حورن

حُڪمُ اِيـهُ تيـو، جَـڏهِ عِـزرائيـلَ ڪـي
تہ تـون وَنءُ حبيـبَ ڏونـهُ مولـي پاڻ چَيـو
پَـرِوَرِدگـارَ پـاتِشـاهَ اُتـوِ عِـزرائِيـلَ
صاحِـبَ سَپـاجـها ڏِٺـي رازِقَ رَبَ جَـلِيـلَ
جـوڙِي جِـيمِـيُو جَنَتُـون، ٿِيـءِ وَهـايَئِـي نِـيرَ (١)
عَرشُ ڪُـرسِي تو ڪِيا ڪـارَڻِ مُحمـدَ مِيـرَ
جِـيءُ هِـنيـونْ قُـلُوبَ ۾ سَـاهُ اَنـدرُ سَـرِيرَ
اِيءَ خَـبَر خـارِي ڪَـٽِي ڪِيءَ وَڃـان ڏونهُ وِيـرَ
مِـهَرَ مُحمَـدَ عَرِبِـيءَ ڪـوڙِيـن ڪـوڏَ ڪِـيـاءِ
سَهْس اُپـائي سُـوهَٽا مَجَـلي مَـلَڪَ مُـڪاءِ
........عِزرائِـيلُ چـوءِ ڊِرجان تُـنهجـي ڊَراءِ
ڳِنَـهـڻُ رُوحَ رَسُـولَ جو مِيـانْ مُـون نہ جُـڳـاءِ
دُرُود ڏِجُ دوسَ ڪـي تـون وَنءُ ڏيـج سَـلامُ
چَـوءُ جَـنِ ڪَـلمُـو واتَ ۾ مَڱَـرُ تَـنِ حَـرامُ
تـو جـا مُـهـرِ تِـي سُونَـهَ سِيـنِي نَـبِيَا
فـانِـي جو مَـڪان ۾، دوسَ مُنهجا دُورِ ڪَـرِ
...............۾ مـورَ تـي وَنءُ وَهـلو آءُ (٢)
مَتـي ڪَـرِسي ڪَـپِڙا جي نَبِـيءَ جـي نُوراءِ

(١)جيميون= جي مُيون= جيڪي موڪليون يا پيدا ڪيون (٢) ورق زيون

آعْرَابِي مَنجهانِ تِيءُ جه قِرِينْ نه فاطِمَہ دَراءُ (١)
مُحِبَ مُهَنجا مُون ڳِرَي تون عَرشين اُوبَرِ آءُ
ڪَلمو آندوءِ مُحَمدُ آءُ، ڳَرهِيئهُ دوسَ سِين.
ڪِئي سانباهِي شيرَ، مَلَڪَ اِنَ موتَ جِي،
عِزرائِيلُ آڻدوهِيو وارُو چوءِ تَہِ ويرَ
حَسَنُ ءِ حُسَيَنَ ئَلُ اِيندا آڳِيءَ هيِرَ
اِيَ آمُر خارِي گهڻو ڪَہِ پَرِ پايان پيرَ.
صَحِيُ سَنْيوڙو شيرُ، مَلَڪُ مُحَمَد ڄامَ ڏُونهُ
مُهَڙُ تِيندو مُصطِفيٰ ڄاڄي ڏِٺي ڄِڳيرُ
ويسُوڙائِي يَڳِيُون ڪَنُ......اُو ڪيرُ (٢)
آبِ يُنئِي خَلقِياءِ ڪارَڻِ ڄَڳُ ڄَهِينءَ (٣)
جِيَو جِياسُنَ ڄَهنگَ مِرُو نِڪُنجَ ناڏَ نَيءِ
مَرَڻَ پِيالو مَجِيو تانْ پِبي چاءُ تَهِين
سَهسَ سوا لَڪَ نَبِيَہِ سائِي واتَ سَيئي
پاپِيهو آؤُ سِينهِ پِندو سُرِيو (٤)
تا مُون سَهاؤ، لَکِي لوڪَ نه سَگِهوءُ
ڪَچِ ڪِتِيبُ ڪِياءِ آعَرابِيءَ اُهِجاڻِ ٽِيو (٥)
مَنجها ڪَوثَرَ ڪَپُڙا اَچا گيهڻو اوچِياءِ (٦)

Gul Hayat Institute

---

(١) دراءُ= در كان (٢) اصل ائين (٣) ينئي= يونءِ، ذرتي (۴) پاپيهو= قاصد (۵) ڪتيب= ڪتاب
(٦) اوچياءِ= اوڊيائين

عَرشينْ اُتان اُلهِي دَرَ سِرِ قَدمَ ڌَريَاءِ

جو سِرُ سَياهِ نَبِيا مُحمَدُ سو مَنِياءِ

مَلَكُ مَدينِي ڌارِ،اَعْرابِي تي آيوءُ

مَدينِي جا مَجهِيا پُڇِي ٻالِكَ ٻارَ

جو سِرُ سَيا نَبِيا پيغابرِ ڪِها پارَا!

ٻالِڪَنِ ٻيهارَ، ڌِنُسِ جواب جَتَنِ جو

مَنجها نُورَ نِسهُرِي تَهِ ڌاڙهيءَ يَنيا وارَ

پَسِي مَلَكُ دَهُرِيا كَنبِيا سَي كندارِ. (١)

دُرِسُ دَرازِي پار، آوَ مَلَكَ حَبيِبَ جي

كندو سائِي كارِ، حُكمُ جوءِ حَبِيبَ جو.

بِيبِي ويكيو اَعرابِي اُيو اَگَنَ پارَ

كَرِي اِيءَ تَوارَ، جَہ مُون آهي كَمُ رَءِ. (١)

اَعرابِي اوتاكَ كَرِ، نَبِيءَ كِيو قَرارُ (٢)

جاءِ تو گُهرَنَ وارُ، تہ صَبرُ كَرِن ڌارِ.

صَبرُ كِينَ كَندوس، ٻيبِي آهِيان تَكڙو

هَتِمِ كَمُ رَسولَ سين لاهي..................

جابُ سُٽِي جانْ آكِيو، تِئِي پيغابَرَ سارَ

كَهِ تِي گِالهائي مَڙدُ..................

---

(١) دهريا = دهليا (١) رَءِ = لڻ، لاءِ (٢) هتِم = اتم

Gul Hayat Institute

پيٽرِي يَجي ۽ ڪُري صَدايُون سِرجَڻَ هار (١)
ڌَرُء........ مُنجي پاڻَ ڌي آپڪارُ.
تُون سُڻِ عِزرائِيلَ، عَرضَ مُنهنجو هيڪڙو
تُون جا ميڙَ نہ مَجِي.... آدب عرب جَلِيلَ
حُڪمَ سين حَڪِيمَ جي ڌُوچا ڪِها دَلِيلَ.
.......... تَنِ سينءَ تينءَ ڪِياءِ
هُوا ڪو حَڪِيمَ جو اَمُر اورانگِهياءِ
آعرابيءَ .....آيو... ڪِيا پاتاءِ
شُڪُرُ سَچا راچِيا سِرَ أتي سَناءِ
................. مَجِيُ مَرِمَ مُڪاءِ
زَڪَرِيا ڪي جانِ ۾ ڪَرَتُ قَهرِ وِڌاءِ
.......................... سين قُوڙاوُ ڌِناءِ
يَعقُوبُ يُوسَفَ کي لِڱينُ لُچاياءِ
....... ۾ رَحمَتَ مَنجِهہ رِڪِياءِ
اسماعِيلُ بَڪَرُ جينءَ ڪاتِي ڪُهاياءِ
......ڌيڪاري ڪري قَهرِ قَرِيبَ ڪُناءِ
اُمَتَ مُهنِجي ڌُيرِي تان يَلا ياءِ
عِزرائيلَ رَسُولُ چوءِ، تُون وَنءُ واحِدَ سِينُ

(١) پيٽرِي = ڌيءِ



Gul Hayat Institute

نَبِيءَ سَنڌي نُور جَڏهِ لُوئَا لاڏاٺو ڪِيو
آپِيـنْ اوراڃا ڪِيا وَرَ سِر..............
مَڪي مَديني جا گُنجِيا ڪَهِين گوڙُ
جِتي ڏيندو دوسُ ساڳي پُونْ پَواريءِ
نڪو رائُرِ ڏيهَ ۾ نڪا اُتي..........
پَردي آندر پوشَ ڪا ڳُجهِي آهي ڳالهڙِي
چَپَرُ تِيو شُعاعُ، رَهِئو راءُ رَهِي
جِتي جامَنِ وِهَٽو، تِت مُردَنِ ماڳُ ڪُواءِ
”وَمَاكَانَ اللّهَلِيُعِذبَهُ وَاَنتَ فِيهِمِ“ مولي جِيُون چاءُ
وَجو تہ اِيمانَ سين ڪَلِمو چَئو مَهاءُ
لاالله اِلا الله محمد رسول الله

Gul Hayat Institute

حڪايٰ

ٿيو ٻن ڏينهن ڪريو عشا جي تان ٿا اندر جي الله جا ٻار ليه ٻر جماعت

جيڪو ... ٻيو رو زا ٻريه ڪيه جو ڪي مال ذڪوات ... ٻيو حج ڪري ليه

فاطما محمد ڪي ٻار ڏي ڏيا نيه ۽ جو ڪي ... ٻريه لا اله الا الله محمد رسول

... ڪيو ۽ ٻاڙ بسم الله الرحمن الرحيم

نما لاهي سو ڏيني جيني تا ۽ جبار ته ٻي جنه خلقيو سو هار ۽ سردار

... هو مهتي ڏار ... ٻا آهيما تا ۽ اچي ڪين تا ٻيهي باڪار

اچي ٻيو مهتي ... ڪير و تا سد ڪي ٻاه ڪين ڪهيو اي ڪيڊو

ٻي محي ڪالري ... ڪن آ جم مهجي مصطفيٰ ٻيت ... آن

نجا هتم تڏرا مڪم هجي ورڻي ٻري مو باز ... تن هن

ٻري هو ٻاز ٻيو سد ... ٻيو سيجانو

... ڪهي ... ٻاڙي جيد انجرا جي هو ڪي عاري

ڏيڏ جي آده ورن ... ڪير و ڪب تيام ... هو ... ٻرسيام

الميا مار ... ڪا ... آه ... ٻا ڏجي هو تو ڏي ڏاه

ڪير هو ... ڏاه ڪري ... جديد ... ڏسي مر ڪري

تا مهت ... اچي ابو ٻاج ... ٻاڪي ڏي محجو ڪاه

## [٩]

# معجزو ڳيرو ۽ باز *

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيم

ساراهِجي سو ڏَڻي جيڻي ناڻ ۽ جبّارُ
نَبِيُ جَهِ خَلِقيو سُونهارو سَردارُ
وِيٺا هُوئا مِهتِ ۾ ڌارِي نَبِيءَ يارَ (١)
آسِماناءُ آچِي کِڻِي ٻاپِيهِي ٻاڪارَ (٢)
آچِي پِيو مِهتِ ۾ پَئَي پَچِي ڳِيرو
سُڏُکِي ساهُ کَڻي کُهِيو ۽ ڪِيرو (٣)
نَبِي مُهجي ڳالهڙِي ڏِيئي سُڻِج کَنُ
آجُ مُهجي مُصطفي پِيستِ نہ پِيوءُ آنُ
ٻچا هَتِمِ تَنڊَڙا مُڪَمِ مَنجهہ وَٽِينْ (٤)
پُٺِيءَ مُون بازُ پِيو وِينڊي تَنِ مَٽِينْ
پُٺِيءَ مُون بازُ پِيو سَدَرُ سَتَراڻُو
مُون مارِيندو نِمُٺو پَسِيْ سِيچاڻُو
نَبِيَ کِهِينْ رکُ مُون سَتَراڻاءُ ساڙِي
کِيَنْ جِيَنْدا ٻَچَڙا جِينْ مُون کي مارِي
ڏِينْدي آڏهْ وَٽَنِ سَيَنْ ڪِيرُو کَنيَ تِيامِ (٥)

---

* اصل، قصہ کِيرہ وباز

(١) مهت= مسجد (٢) باپيهو= ڳيرو (٣) کهيو ۽ کيرو= تکل ۽ سائو (۴) مٽين= ڏانهہ

(٥) آنهہ= آڏون

Gul Hayat Institute

پاهِجي هولِ پَئِي ٻَچا وِسَريامِ
ماڙِ نہ پَسانْ ڪا ٻِئِي رِءِ تُهُجِيءِ آئَہَ
يَئِي ٻِچِي بازَ جي مُون تو اِڳيانْ ڏِني داڻَہَ
ڳِيرو وِيو نَبِيءِ ڪي سُرِي دانہَ ڪَري
مون نہ چِڏِيندو بازُ هِيءُ ڏِسِي ڏَمَرِڪَري.
تانْ مِهْتِ دَرِ سِيگهہ ۾ اَچِي اُيو باجُ (١)
نَبِي رَڪُ مَ پاڻَ ڪِي ڏِي مُهُجو ڪاجُ
اِيءُ آهِيڙو مُهُجو ضايا ڪِج مَ تُون (٢)
سَهسِين سَڻُونْ ڏِنيُون اِنهِي ڪارَڻِ مُون
اَڄُ سَڄوئِي اُڃِهيو تانْ مُون اِنَ پُواءُ
اچِي جانَ جَهَبَتِ ۾ تا تن..........واءُ (٣)
آهيڙو اُڃِهي ڪَري اِهو اَڄُ ڪِيومِ
سَڻون ڏِينديِ سِينَهُ جِيَنْ هِيڻُو هَڏُ تِيومِ (٤)
نَبِيءِ چَيو بازَ کي هيڪَرَ آءٌ اوري
ڏِيئِينْ ٻاپِيهِي سَڻُونْ تَنَ مَنجهار توري (٥)
پَڪَڻَ چَڏِينْ پَدَ تي اللهِ جي توري (٦)
پَرَ مارِئو، تُرَ تورِئو، آسِينْ کِيَهُونْ نہ مُولَ (٧)
................ڏِيارِ مُونْ نَبِي چامَ قَبُولَ

---

(١) باج= باز (٢) آهيڙو= شڪار (٣) ورق زبون (۴) سينه= شينهن (٥) منجهار= منجها (٦) پڪڻ= پکي (٧) پرماريو= پرايو ماريل. تُرتورئو= تارازي ۾ تُريل

پَرَ ماريو،تُرَ توريو، كِينَ لُوٺاٺا باجَ (١)
آسان واسُ وَڪَنِ سِينُ مارَٺُ اِها هاجَ
نَبِيءَ چَيو بازَ کي ماهُ مُهُجو جَهلِ
ٻَهَڳُڻَ ٻاپِيهي سَٿُونْ تَنَ آٽُرَنْدو تَلِ
ماهُ جو سَندو نَبِيانْ نہ ساڙِينديِ پُونْ
آئُن ڪِيَن چَوان واتَ سِينْ سَڀِنِي سِرُ تُونْ
سِرُ سَڀِنِي نَبِيانْ مَٿِي اُٿِي مانْ
ڏي ٻاپِيهو پَڌَرو تہ سو ڪوهِيُ ڪِيانْ
نَبِيءَ چَيو تَڏهِين تِيلبُوْ ڪِهڙو
بازُ نہ وٺِين ماهُ پِيو، ڏِٻو نہ ڳِيرو
ٽِريْ سَٺُ اَصحابَنِ جِي چارِ سَٺُ وِيترِ ڏار
ڳِيرِي بَدَرِ بازَ کي ڪارُونْ ڪَنِ اپارَ
آٽِيو آلِي سَيڪو سِيچاٺِي کي پاٺُ (٢)
ماهُ مُهُجو قَبُولُ ڪَرِ پَڪَڻَ ڪَرِ مَ سَٽرانُ
آئُن آهِيڙو سو ڳهران جو مُونْ واتِ جُڳاءِ
ڳِيرو ڏِهُمِ تہ ڪِيانْ پِئِي مَ ڪانْءُ ڪاءِ
ڪِئي مُناجاتَ مُصطفيٰ پِئي هَتَ ڪَٿِي
ماهُ مُهُجو بازَ کي ڪارِ قَبُولُ ڏِٿِي

---

(١) لوٺاٺاباج= لوهون ٽيندڙ باز (٢) الي= آڇ

Gul Hayat Institute

هِيُونْ ڪَرِينْهِيس ڪُونٽُرو هِهو واڏُ جَهِينْ
رِزقُ رَسَائِيِنْ راڄِيا سارِي سَيَڪَهِينْ
ڇَيائِينْ ڪِياءِ تُون ڇوِين ڪاتِي پايانْ تِياءِ
ڏِيان ڏيلُ اللهَ لَڳِ پِيو نہ مَڱِينْ جاءِ
سائِين ڪارَڻَ سَتُ تو جانْ ايڏو ڪِيوءِ
مُنْهَ وارو ماهُ گُهرانْ وَتانِ ڪِينَ پِيوءِ
پَنْجَ وَقتَ ڇُونْدوئِي ڪَرِين ڏِٺِيءَ ثَناءِ
وَڍِي ٻاٻِيهِي سَنڌُونْ توري ڏِينْهِمِ تِياءِ (١)
نَبِي ڪاتِي ڪَڍِئِي تارازِي آٽِي
اَڄِي وِينو ٻازَ وَتِ تانْ ڳِيرو تاٽِي
تِتِ ڳِيري ڳالهايو يا مُحمدَ آؤنْ سو جَبرَئِيلُ
سيچاٽِي جِيءَ صُورَتَ جو مَلَڪُ سو عِزرائِيلُ
ڏِٺِيءَ مُڪاسُونْ پَرکَ ڪي سَچِي رَبَ جَبارَ
دِينُ تُهُجو مُصطفيٰ وِيران وِيرَ اپارَ
دِينُ تُهُجو مُصطفيٰ ٻِڌو ڏِسي ڏِيهَ
ڇَنْڌِيهُونْ سا آڪِنِ سِينْ جا تو لَڳِي ڪِيهَ
موڪِلائي موتِيا مَلَڪَ ڪَرِي مَحضِرُ
سَيئِي يارَ رَسُولَ جا هُوئا سَڀِ حاضِرُ

---

(١) ڳيري جي برابر توري ڏينم

Gul Hayat Institute

پَــڏَنــڊيــنْ ٻاجهــاءِ تُون ڇُــوڙــڊي سُــٽِــيــڊَنِ
مَــرِهِ سَــيِــنِي مومِنيــنْ ڪَــلِمُــو چَيــو جَــنِ.

لاآله الا الله محمد رسول الله

---

Gul Hayat Institute

[۱۰]

## صفت ماهي و دريا

نَبيءِ فرمايوءِ، سَچي واتاءِ پاڻِ جي
عَرشَ مَهنداءِ مون ڏٺيءَ دريا اُپايوءِ.
مَڇِي تَنهِ ۾ هيڪَڙي اُپائي مُڪاءِ
آسِي سَهسَ وَرِهيِنْ پَنڌُ تَنهِ مَڇِيءَ ويلَ ڪِئاءِ (۱)
وَڏائي مُتي تَهِين چالِيه سَهسَ ورهِينِ
بارَهَن سَهسَ وَرَهِين پَنڌُ آهي تَنهِ آنڊَرنِ
تَهِ پيٽَ ۾ تري سَؤ سَٽ سَهَسهِ ڪوتَ ڪِياءِ (۲)
سَدا سائينْ نُور سين ............ سينگارياءِ.
ڪوتَ سَيَڪوءِ پَنڌُ تاءِ سورَهَن سَهسَ وَرِهَينِ
تَهِ ۾ باغَ سَيَڪَهِين ڪِياءِ تري سؤ سَهسَنِ
تَنِ ۾ نَئن سَيڪَهِين تري سؤ سَهسَ وَهَنِ
ڪِيرُ پاڻي ماکي سَرُو چوکيون چارِ چَونِ (۳)
ڪِياءِ نَئن سَيڪَهِين آسِي سَهسَ وَڻن
وَڻِ تاءِ سَيَڪَهِين چَڻَ لَکَ نُورَ چِٽَرنِ.
چَتِر چِتِر چِہ لَکَ بُراقَهِ ڪِيا قُدرَتَ مَنجهاءِ
پيرُ بُراقَ وَڏو ڪِيو سَتَ توکَ دُنياءِ

(۱) ويل = ديگهه(۲) ڪوت=؟ شايد ڪوٽ يا ڳوٺ(۳) سرو= مَڌُ

اُهاريندا ٻيڙيُون، پَڳَهَ ڪَٽي تَڙاءِ
مَٽَنِدا درياءِ، پَسندا ڪوڏَ ڪَنا.
تَتِ دريا ۾ هيڪَڙي مَڇِي نِڪرَندي
واتُ اُپٽي ٻيڙيون هيڪَڙو گِراهُ ڪندي.
ٻيهِي وِيندي پاهَرِئي مَڇِي ۾ دريا
مومِنَ تَتَهِينْ وَڃِئي ڪَندا تماشا.
مَڇَ پيٽِ ۾ جِيمِيُو ٿِري سؤ سَٺَ سَهسَ
لاهِينْدا پَسِي ڪري مومن هَٿَ هَوَسَ.
جِيمِي جيمِيَ مَنْبَرِهِ ٿِري سؤ سَهسَ سَٺَ
سَندا نُورَ فِيروهِي مان سِبي پَسِي هَٿَ.
هوندا اُتي مَنْبَرَهِ نَبِيءَ مَرسَلَ تَنِ
ٻاجَهه تُهجِي مُون ڏَٺِي مؤمِنَ مانَ پَسَنِ.
مَڇَ پيٽَ ۾ هيڪَڙو باغُ سُونهارِي يَتِ
آسِي وَٽنِ قُرَنِ سين تَه ۾ هوندا جَهتِ
قُرَ قُرَ وَڏائِي هيڪَڙي تَنهِ ۾ هوندي جا
سَتَ توڪَ سَيڪو تَنئُون هِنَ ڏُنِيَ جِها.
وَٽَ وَٽَ مَهنداءِ هيڪَڙي آسِي سَهسَهِ ڪوتَ
سَندا نُورَ سُفيدَ سي، مَتي ماٿِڪَ جوتَ.
ڪوتِ ڪوتِ آسِي سَهسَ ڇَتَرسِ سَندا نُورَ

Gul Hayat Institute

چَـتـرِ چَـترِ چَـہ لَــکَ بُراقَـہِ ايِ مِهـمانِـي مُـورَ.
چالـــيِہَ وَرَهيـنْ مـومِـنَ تِتهيـن ڪنــدا تَمـاشـا
حُـورُونْ مِـڙِي حضـرتَ ڏَٺِـيءِ ڪـنـديـون ڳَـاءِ ڳِلا (۱)
آســان ڏِنــاءِ تــاهَ جــي سـائِيـنْ تُسِـي پـاڻِ
پــاٺـهـجِـي ٻـاجَــهـ ڪـري پِرِيـنْ پِـرِيَـہِ رَسـاڻِ (۲)
فَـرمـانَ تِيــنـدو مَـڃَ تَـــہِ ڪَـنـدِيَ اوڏو آءُ
ٻـيـڙِيُـون ٻـاهَــرِ ڪَـڍُ سـي پـاڻِ جـي پـيـٺاءُ.
واتـــاءُ ٻـــاهَــــرِ ٻــيـــڙِيُـــون ڏَرِيـنـــدو ڏارَ
مـومِـــنَ ٻــاهَـــرِ اَلـهِي ڪـنـدا سُـورهِ سـارَ
وجــو تہ ايمـانَ سيـن ڪـلمــي ڪَــرِہُ پَــچـارَ.
لا الـه الا الله محمد رسول الله.

---

(۱) اصل. ڪاءِ ڪِلا (۲) پِريہ= پرينءَ کي



Gul Hayat Institute

[تعليمي سلسلو: درسي ۽ علمي
ڪتاب ۽ موضوعاتي سمجهاڻيون]

Gul Hayat Institute

جڏهن بو جيت ڪري مڃين ڪن ويچ الله و ڪتابن سڀ ٻين صحي سنيج
الاسلام هو الانقياد لاوامر الله تعالي والاجتناب عن النواهي
ڪن ارڪي ديچ اڌ ن ڪند مڃن هيٺو ايه بوڙو اسلام تهجو ڪيئم نام جا ڀاڱي ڏئي
فرض واجب سنتون مستحب مڪروه مباح جين حرام تاريا تن ڪري آه
قيام ڏيه نڪاح حسب لهذا بوڙو لا اله الا الله محمد رسول الله
توکي مڃيا تو ڏني هيا هيڪ ڪري جهتع سڀجع خبر ملڪ
ڪڪ تهجي راجيا ڪري سڀوئي ڦڪڙ جي تعب بابا ڪو تيا هو ڪر تڏهن وڃ ڪن
مين تا تو کي ارک سو ڏني شرڪ جي ڪالا ع بابا تهجي ابها تو نئين ڪيئي سا ه
بلي سوجي ارک عو ڏني نٻا ڪا سورا ع ڪمتيني ڪو ارو ڪفر جي ڪالا
و سجو جان تهجو تو جاني تو جان عالمين جي جار ع مير قران
رڪتي
تو پٽ تو ڏاڻي تو ٻن ڏيچي جن پتي لڳا ڪاڪري منجو ويو
تهجي تو جي جاني تو ڙي پيو تلو عالم الغيب والشهادة
شرع نبي مجيب ڪلمي جي قوة ابا هتا نبيا ويتا ئي سنت
مير با ملڪ جو حديث ترمذي جن اوراڪي اتين الله جي آن
سارا هيو سجو ڏني جا ڪن ڪيتا سا ه تو جو ت ايا ذنبي ڪو جو بو لا اله الا الله محمد رسول الله

# [١١]

# توحيد جو اقرار

## [دعا رد ڪفر]

**اَللّٰهُمَّ اِنِّي**

توکي مَحِيان مُون ڏِٺي هِيانْ هيڪُ ڪري
جَهِ تو سَچوءُ خَبَرون مُڪوءِ مُحَمدَ ڪَرِيمَ کي.

**اَعُوذُ بِڪَ**

رَکَ تُنهجي راڄيا گُهري سَيوئِي جَڳُ (١)
جي تو پاڄها ڪوٺيا مُون ڪَرِ تَنِي وَڳُ.

**مِن اَنا اُشرِڪَ**

مُونکي رکِين مُن ڏِٺي شِرڪ جي ڳالهاءُ
پاڄهه تُهنجِيءَ اُبهان تو يَئِہ ڪَنبي ساهُ.

**بِڪَ شيئا**

مُونکي رکِين مُون ڏٺي سَپاڄها سُوراءُ
ڪِتيبِيِي ڪُوارِئو ڪُفرَ جو ڳالهاءُ.

---

(١) رکَ= پناهہ

Gul Hayat Institute

## وَاَنا اَعلمَ

سَــچــو ڄــاڻُ تُهنــجــو، تُــون ڄــاڻِيــن تــو ڄــاڻُ

عــالِمَــنِ ويــچــارِئــو پــڙهــئــوجَــنِ قُـــرآنُ.

## وَاِستَغْفِرلي

تــوبَــهِ تــوڙائِــي ڪِئِـــي توبَہِ ڊِرْجِـي جَـنِ

پُٺِـــيءَ لَڳــا ڪــارِٽِــيءَ پِـيُـون ڏِيـئِـي پَـنِ.

## مالا اعلم

ڳُجُهہ تُنهجــو تُوئِهِي ڄاڻِيــن، تــو رِءَ پِيــو نہ ڪــوءِ

”عالِمُ الغيَــبُ وَاَلشهــادَةَ“ تــو هِــي مَعلُــوم هــوءِ.

## وَاَقُولُ

شَـــرعَ سَــيِّــئِـــي مَجِــئِـــي ڪَلِمِـــي جِـــيءَ قُــوَّةَ

آپــاهَـــتــا نہ پِــيــا، ويــنــا نَــبِــيءَ سَــتِ

مــيــزِبــا ”مُلــونْ“چــوءِ مَنــدِئــي تُــر مِيــزانَ

جِہ نَ اورانِــگـــهِــي اُتِــيــئِــي اَللهِ جـــي آنَ

ساراهيـــو سچـــو ڏنــي جـــانــڪِي هَتِيــان ســاهُ (١)

وجــو تہ ايمــان سيــن ڪلمــون چــيــو مُــهــاءِ.

لا اِلــَہ اِلا الله محمد رسول الله

---

(١) هتيان= توهان کي آهي

# ایمان مفصل ۱

Gul Hayat Institute

[illegible]

[illegible]

بسم الله الرحمن الرحيم

آمنت بالله [illegible] ايمان [illegible] الله [illegible]

وبي شبه وبي غونه [illegible]

[illegible] لم يولد ولم يكن له كفوا احد [illegible]

الذي ليس كمثله شيء وهو السميع البصير [illegible]

[illegible] هو الاول والآخر والظاهر والباطن [illegible]

[illegible]

الليل والنهار [illegible]

[illegible]

[illegible]

[illegible]

[illegible]

[illegible]

Gul Hayat Institute

[١٢]

## ايمان مفصل -١

بسمہ الله الرحمٰن الرحيم

**آمَنْتُ بِاللهِ اَنَّهٗ اِلٰهٌ واحدٌ**

اِيمانُ آندمِ اُللهَ جِي هيڪڙائِي اُتي بِيچُونُ وِبيچگُونہ
وَبي شُبهٗ وبي نمونه

نہ ڪَهِين جِهو، نہ ڪو جِهُسِ
نہ ڪَهِين جائو نہ ڪو جِينْدُسِ
"لَم يَلدِ وَلَمَ يُولَدِ وَلَمَ يَڪُنْ اَلهُ ڪُفُوَا اَحَدُ" پاڻهِي پاڻِ هُئو
سُٺِي سَيَڪِي ۽ پَسي اَڳاهون اوڏو
"اَلذي لَيسَ ڪَمثلِه شيءٌ وَهُوَ السَمِيعُ البصِير"
تِهَا ڪَين گُجهو
رِي آڪِينْ پَسي گهَٽو ري ڪَنينْ سُٽي
جيڪي وهي وُجود ۾ سو مَعلُوم ميئي ڪري
"عالِمُ الغيب والشهادة ......." حاضِرُ آهي
"هُوَ الاُولُ هولآخِرُ هُو الظَاهِرُ هُوَ الباطِنُ وَآمَامَنِ
دابَةِ ولارضِ اِلاعَلي اللهِ رِزقَها" اِيَ مِيينْ جي واتِ (١)
ساراهيون صفات ڪي پوءِ هُئو جو ناهِ

(١) اصل ائين

ري ٿَنيپن رِي ٿُوٽيبن پُونءِ آيَ ڪِياءِ
پُراڻا نہ ٿِيَنِ ڪَڏهِين اِنَ پَرِ اُپِياريا ءِ
مُساهرانْ موڪَ ڪري سِجُ ۽ چَندُر مُڪاءِ (١)
ڪاجُ ڪونهي تارنِ جو سينگارَ جي ڪارِياءِ
رِي ٿَنيِينِ رِيَ ٿُوٽِيينْ جَهِين اُپايو آيُ
ڪِي ڳجهو ڪِي پَڌَرو گهٽو گُهرجي رَبُ
ڏِٺِي سُڃاڻِ اِنَ پَرِ جِينْ مُلڪُ مِيِينْ جو سَبُ
قُدرتِ ۽ عجبَ اِي سُڃاڻو صاحِبُ
قُدرتِينْ ۽ عَجَبِينِ سُڃاتو سين راءُ
اُپِيَڻِ هارُ آسان ڏِٺي آهي هيڪُ اِللهُ.

## و ملائِڪَتِهِ

اِيمانُ آندمِ اللهَ جَنِ مَلڪَنِ اُتي سِريا جِي نُوراءُ
راتو ڏِينهان رَبُ کي سَدا ڪَنِ ثَناءُ
ڪي رُڪوع ڪي سَجدي ڪي جَلِس قِيامَ
ڪري ڪاهِرائِي ڪَڏهِين ويٺا تان نہ وَرِيامَ
سَهسِين يَتِين سَباجهو مَگَنِ رازقُ رَبُ غَفُورُ
وِيِري تارِ وَحدتَ ۾ آهِين هِيءُ حُضُورُ
نہ جوءِ مُرِسَ سي، نہ تَنِ سَدَ نہ سُورُ
سَجُ منجهان سَچو گُهرَنِ نہ ڳالهِينْدا ڪُوڙ

(١) مساهرن= مسافرن

Gul Hayat Institute

أَجَ نہ بُکَ نہ سَڏَ کا، تَکا نِندرَ کَرِينِ
کا ساعَتَ نہ هيکَڙي واحِدُ وِسارينِ
قادِرَ سَندي کَمَ ۾ اُيائِي آهِينِ
مُهڙُ مُقَرَّبُ سَيِنِ ۾ وڏا چارِ چَوَنِ
کوڙين پَرينْ کَريمَ کي سَبِ صِفتُون کَنِ
لِيکو مِيکائِيل کي، رُوحُ ڳِنهي عِزرائِيلُ
اِسرافِيلُ حُکمُ صُورَ جو، پيارو جَبرَئِيلُ
کِراماً کاتِبِينِ چارِ مَلَکَ آهِينِ
پِن کي حُکمُ ڏِينهَ جو ٻہ راتِ آچِينِ
ٻانَهنِ سندا کَمَ جي کُلئِي تِيانْ لِکَنِ (١)
نَنڍِي وَڏِي ڳالهڙِي قَلَمِ سَيائِي کَنِ
جَنِ کي چِت نہ پونِ سي وارِئو تن جتَنِ (٢)
جِيَٽي لِکي چَڱايُون ڏائِي وارو ڏوهَ
طَلَبَ کَرِهِ طاعَتَ جي گِهڙِي گهَتِ اَندوهَ
اَڳِي آٽِي آنهجون کَندا سامُهِيون
روپِيو گُهرو نہ رَبَ کي وِجهِي ٻَنِ ٻُيون.

## وَکُتُبِهِ

اِيمانُ آندُمِ اللهِ جَنِ کَتِيبَنِ اُتي

(١) کلئي= کُلهين، کلهن تي (٢) جتن= جتائين، بڌائين

**سَچا صَحِي تَورَيتُ مُوسيٰ، اِنجيل عيسيٰ، زُبورُ دائودُ،**
**قُرقانُ مُحمدُ صلعم آياکي يَلَنِ**

صَحِيفا نَبِيَنِ کي وَدِي کي وَدَنِ (١)
صَحِيفا نَبِيَنِ کي آندا جَبرَئيلَ
سي سِپِيئي مَجِئا جي مُکا رَبَ جَليلَ
سَنِيها سيڻنِ جا سَچا سِپِيئي
مُکا نَبَين کي رِپارِي ڏيئِي
هِجِي تَني مَجِيا، آسان هي سيئي
پَنجاهَ صَحِيفا شِيشَ کي، کارَه کي اِدريسَ
جي کوٺي اوڏا کيا تَنِ سين کيهِي رِيسَ
ڏه صحيفا آدمَ کي، پيا ڏه ابراهيمَ
ٽِريا ڏه مهتَر موسيٰ کي، ويتر کَئِي کَرِيمَ
سَٺُ چَوڏِهن صَحِيفا اُلٽا آياءِ
فَرمائِي ڏَٺِي جي گَنڌُ نَ کَنڌُ تِئاءِ
جيکِي کِتابَنِ ۾ سو سَيوِئي سَچُ .
سو تون پُڇِي پَڙهه، کَرِ پاڻا پِيَ مَرَجُ (١)
جيکي کِتابَنِ ۾ پُڇِي پارِجِ پنڌِ
سو تون سِکي صَحِيُ کَرِ پِي نه اِينديَ پَنڌِ

(١) اصل ائين

جيڪي ڪِتابَن ۾ سَچِي هِيپن سُٽِيچ
مَچِج اَمُر اللهَ جو بجا سو آئيجَ
خَرَنِ جو چَيو ڪري پِرِينْ مَ وساريجِ
مپڙي مَنجِهه مَهَندِيئيَ پاڻَ ۾ ٽپلهائيجِ
جيڪي ڪتابِنِ ۾ جيڪي تِئن ڪَرِينِ
سي پاهِنجي اوڏَڙي پاڻهِي پارِينِ
جاهِلَ چارئي وَتَنا وِنگِي پائِينِ سئِينْ
خَرَنِ جو چَيو ڪري سَچَنَ وِسارِينِ
آهي ڪِتابِنِ ۾ سَچِي مِڙِيَ پَچارَ
ڪي وِسِئا نه وِسَهو تہ تِيان واتانْ ڏارَ
مپڙي مَنجِهه مَهدِئين پُچِبا خُوارَ.

## وَرَسِلهِ

اِيمانُ آندمُ اَللهَ جَنِ رَسُولَن اُتي
اَولِ مِهتَر آدَمُ، آخِرَ محمّدٌ مُصطَفيٰ جو نَبِيئِين راءُ
ڪَرِهيندي ڪُوڙن سين جيني تِيو نہ ڏَراءُ (١)
لَکُ چوِيَهِ سَهسَ نَبِيَنِ سَبَ يَلا هُوئا
تَنِي سَندي دِينَ ۾ تُرَنِ تان نہ پِيا
دعوتَ ڪري اِسلامَ جِي پاري سَبِ وِيا

(١) ڪوهيندي= وڙهندي، جنگ ڪندي

Gul Hayat Institute

جَنِي سي نہ مَجِيا مُنجِهئِي كَر مُوئا
جان كِي تان جُڳنِ كي دوزخِي تيا
لَک چويہَ سهس نَبِيَنِ مُرسَلَ تِري سَئُ تيرهَن تَت
دَعوتَ كري دِينَ جي كانہ كِياؤن گهَتِ
دَعوَت كِياؤُن دِينَ جي دُنِي نہ ڏناؤُن (۱)
پارانِيا پِرِيَنِ جا سَچا ڏِناؤُن
اواتا واتَ مَٽِي كُهِئو كوٽياؤُن
وَڙِ هوءُ واحِدَسين اِيهِين چَياؤن
لَکُ چويہَ سَهسَ نَبِيَنِ اَرڙہَ آتِ قَرِيبَ
ويتَر پاتِي تَن ۾ ڏيئي ذاتِ رَقِيب

## واليوم الآخر

ايمان آندُمِ آخِرة جي ڏِينہ اُتي
صَحِيُ تِيندي قِيامَ مِيرَ مَلَكِيَنْ اُمرا وِيندا
سَڀِ وَرِيامَ مِيرَ مَلَكَن اُمرا لَڏِيندا هِتاءُ
تِكَ تيندي ذاكِرِي پُوندا چَتَر مَتاءُ
لِڏو كِتابَنِ ۾ گهٽو لڳندو واءُ
جُهي سين چِچَندا اويَرِ پُونئِي اُتاءُ
جَنِي جِيءَ جانِينِ ۾ كونہ تَڳندو تاءُ
صُورَ لڳندِي جَڏِهين اَتِ آڳانجهہ ڳِرِي

(۱) دُني= دنيا

Gul Hayat Institute

سَـهْـسَ آدارَهَ عـالَمِيـنْ وِينـدا سَـبِ مَـرِي
صُـورَ لـڳـندي جَـڏِهيـن چِـچَندا يُـونْ ڪِـيرَ (۱)
ڏُونـگـر لـڳـي ڏُونـگـريـن وَچَـنـدا وَهَ سِـيرَ
ڏُونگـرَ لَڳِـي ڏُونگـريـن تِـينـدا سَـبِ پَٽِـي
آڌامَـنـــدا اُنَ جِـيـنءَ وينـدَنِ واءُ ڪَـٽِـي
آپ جِيِينْ تـاڪَ ڪَـريـنـدو، رَهـنـدو پـانِ ڏَٽِـي
"ڪُلُّ مَنَ عَلَيَها فانِ ويَبَقبيٰ وَجَهُ بِرَبڪَ ذوالجلال
والاڪرام" پيو نہ رهندو ڪِي
پـانِ رَهـنـدو هيڪَـڙي سَـبِ لَـڏي وينـدا لـوڪَ
خِلقـاءُ خـالِـقَ جِـيَ سَـتَ تَـڪَنـدا تـوڪَ
عَـرشُ ڪُـرسِـي لَـوحُ قَـلمُ پَنـجـانْ رُوحَ
دوزَخِــــي دِوزَخَ ۾، جَـنَّـتَـهِ مَـنـجِـهہ وِرُوہ
حُـورون قَـصـرَ ميوا ماڙِيُـون ڦُلان سُونْـهاري ڦـورَ
وِلِـدانَ، غِلـمانَ، رِضـوانَ مَـنـجـهہ جُـڙُوءُ (۲)
تَـعَـلِقُ جَني بِهشـتَ جـو سـي نہ پَسنـدا هـورَ
سِگهي پُـونـدا سُپِـريـن لاهِـي گهَنگرَ گـهورَ.

**وَالقَدرِ خَيرِهِ وَشَرِهِ مِنَ الله تعاليٰ:**

مُـصِيبتُون مِيپـن پـاراءُ، سـوئـي ڏي صِـحَـتَ

---

(۱) يُون= ڪِير جيل (۲) اصل ائين

Gul Hayat Institute

”ما اَصابَ مِن مُصّيبَةُ اِلا بِاِذْنِ اللهِ“ مَنجِهئا اِيَ صَفَتَ
ڪِي وِسِئا ويَچِنِ ڪَرِ وَجائِينِ گرَتَ
زَحَمتُون ۾ ذِلَتُون لَڏي پوءِ آچَنِ
اُوٺو آڳِرِ نه تِيي پويان پَسِئو چَوَنِ
”اِنَما اَمره اِذا اَراد شيا اَنْ يَقُول لَهُ كُن فَيكَوُن“ اُڙهو قَلَم جَنِ (١)
اُوٺو آڳِرِ نه تِيي لِڏو جو توڙاءُ
سي واتانْ وِرِسيئا جي ياٺِينِ بياءُ
اُوٺو آڳِرِ نه تيي لِڏو جو قَلَمُ
صِحَتَ ڏي ساعَتَ ۾ ”رَبَ وَحِصَينا كَمُ“
مُوئا جِياري ڏِٺي جِيَرا ماري
سُوار پِيادا ڪري پِيادا سُوارَ ڪري
يَريا سَرَ سُڪَئي، سُڪا ساعَتَ يري
كي تَڙيا شَيطانُ جِئن، ڪي پاٺِهي گُهري
”مَنْ يَهدِيَ الله فلا مُضِلَلَهُ وَمَن يُضلِلَهُ فَلا هادِيَ لَهُ“
سَنئِي سُونهائِي
خَيرُ خالِقاءُ يااءُ جو آڇاؤُ آهي (٢)
آواتا واتَ ڪري، مُوڙها موتائِي
تَوفِيقُونْ تَنِ وُجُودَ ۾ پاڻِهي پائي

(١) اُڙهو وڙهو، وهيو (٢) آڇاوءُ= آڇ ڪندڙ، اٿين آڇيو آهي


Gul Hayat Institute

أيـــارِي ۾ اوڏا ڪـــري، وَرَ وِنــگـــا لاهـِـي
ڪَنِـي ذِڪرُ، ڪَنِي فـــڪرُ، ڪـــي پڙهـــنِ قُرآنُ
ڪـــي أيـــا نَـــمازَ ۾ ســـاراهِيـــنِ سُبحـــانُ
مَـــرهِيـــندو ڪـــي مـــؤمِنينْ سَـــباجهـــو رحمـــانُ
فِڪر ڪَنِي، ذِڪرُ ڪَـنِي، ڪـــي قُـــرآنُ پڙهـــنِ
حورون، قَصَـــر، ميـــوا، مـــاڙيـــون، ڏاتِـــي ڏيندو تَنِ (١)
............ لِقـــا يانـــيا جـ سَـــيِي ڪـــي راهُ
پَـــلـــو پَلِيَـــنِ جـــوڳـــو، ڍِلِيـــون نـــاهِ تَـــهِـــياءُ
خَيـــرُ خـــالِـــقـــا يانـئـيـــان شَـــرًّ شـــيطانـــاءُ
"انَ شَـــيْطانُ لِلانِسانِ عَدُوٌ مُبِينٌ" اِيـــهُ وِيرِي تواڙاءُ
آڃـــي آدمِيَـــنِ ڪـــي مَتـــيُـــون مَـــنَ مَنَـــجـــهاءُ
چـــورِيُـــون ۾ ڌاڙِيُـــون خَنـــجَرَ خُـــونَ حـــرامَ
رَضـــا نـــاه رازِقَ جـــي اِي شـــيطـــانَ جـــا دامَ
چـــورِيُـــون ۾ ڌاڙِيُـــون هِـــجـــي مَتيُـــون ڪَـــنِ (٢)
جـــاهِلَ چـــارئـــي وَتـــڙا، سَنـــئين نـ ســـابُ اَچَـــنِ
پـــارا تـــان پـــرِيـــنِ سيـــن وه ســـامهـــون تَـــنِ
جـــي واحِـــدَ وَجـائـــيا ســـي ڪِيـــنءَ واٺَ لَـــهَنِ
مُوڙهـــا ڪـــارَڻِ مَســـتِيَ ســـائِـــي سَـــرو پِـــيَنِ (٣)

---

(١) ڏاتي = ڏتيون (٢) هجي= هي جي (٣) سائي سَرو= سائي ڀنگ جو پيالو

Gul Hayat Institute

پُڇَنِ اَگهه پُستَ جا، آفِينُ نہ تارِينِ (١)
کي کُونا کَنينْ يَري مالُ لايپرو ڏِينِ (٢)
ظالِمَ ظُلمُ کَنِ جي مومِنَ رَنجائِينِ
سندو هَٿَ ڇَيو کري هادي حق يَجِينِ
غافِلَ کَدَهَ ڏِنيا صاحِبُ وِسارِينِ (٣)
هَتان ڏِئو مُوڙيُون، سي دوزَخ ڳِنَهنِ
ري توبَه مَرَنِ جي ڏِينهُ اَياڳو تَنِ.

## والبَعثِ بعد الموت

ماري پُڇبا کَفِنَ کي تان پوءِ نہ مَرنداءِ
حاصل جي گهتي جو مَهدِ پُورينداءِ (٣)
ويسلي ويندو وَهي هيءُ مارُهُو ضاءِ
سَنباهي سهس کي کائِينِ سِيهَ کاءِ
وَه کُن تورائي کوءِ جوابُ ڏِئي ڏِينداءِ
مارُوهُو مَرنِ پُوئاءُ چڱائي ساءِ
اُپِيَئُ جالَ نہ نِبَهِ اسان گهٽو سُهاءِ
بَرِي بَرندِي کيترو پاڻِيءَ اُتي باهِ
"کُلِ نَفسِ ذائِقَة الموتُ" تَهان نہ ڇُٽنداءِ
جو لاڏائُو ساتَرو صَحِيُ هُلندو ماءِ

---

(١) آنين= آنير (٢) کونا= کوندا (٣) هيءَ سٽ ۽ هن بعد حاشي ۾ لکيل پنج سٽون اٿين

مَرَڻُ اچي مُنهَ سامُهون ڳالهه ڪَبِرِيندو ڪاءِ
هاڻِ آئُسِ تو مَتي آڳي نِيئُم ٻياءِ
پُٺَر ڏَير يارَ ۽ ياتِرئا آتڻِ نه اِينداءِ
...............ڪي وارِثن جي سَنداءِ
جِيَري عَمَلَ جي ڪِيَءِ نِبَهَندا سِيناءِ
حُبَ اُنِي سين ڪري ٻِهي سُورُ سَرِيرَ
ڏاڍا ڏُوئا اِنَ طرحَ سندا جي قَديرَ
لِڳين تَنْبَڻ ڇَڏؤ سُٺِي خَبَرون ۾ مِيرَ
جِينْ ڪاسائِي ماهَ ڪي ڪَڍِي ڪاتِي چِيرَ
ٻانهُنِ ٻَرُ ڇَڏِؤ پيرَن............ عزرائيلَ
روحُ رڳنُون نِڪِري حُڪمُ رَبِ جَلِيلَ
روحُ رَضا نه نِڪَري ڪَرِجِيَ قَهَرُ مَنجهاءِ (١)
ڦوڙائي پِرِيَنِ سين سُورَ ڇَڪائي ساءِ
جَسَدا جُدا ٿِيو وِسَرِئُس وِياءِ (٢)
ماڙهو مِڙئا هُلُ ٿِيو ڪِي ڪوسو چاڙِيهُ.
ڪَفَنُ ڌوئي ڦُٽِرو سِگهائِي آئِيهُ
ڪَرِهُ ساٿباهِي سِيگهه ۾ وِهو تانْ مَ وَڙِي
ويرَمَ وِلهامي تَهِرَ مَتان. ٻُت ڳَڙي

(١) اصل اٿين (٢) جَسدا= جسد کان،جسم کان



Gul Hayat Institute

أماڻيهُ عزيزَ کي تاڪِي باھَرو پَري
ڦوڙايو پِرينِ سين ايندو گورِ ڳري
جنازو اُپاڙِوءِ سِگهو ھَلائِينِ
مُئو مِنَتونِ ڇي ڪري ڪانڌِي سي نہ سُٹِينِ
مَيَتَ مَتان جِينْ تينءَ جي چِيرا چاڙِھينِ (١)
رَتِي رَتَ رَڱَنِ ۾ ھوند نہ چاڙِھينِ
سُمَهارِھوسِ سَئِينَ قِبلي پَٽِيون تري چوڙي
وِجهوسِ بارُ پَنْجھُوءَ جو مَتان مَيتُ نِھاري
ڪانڌِي اُتِي ھَلِيا لِنْبِي لوڙهہُ ڪري (٢)
ڪانڌِي اُتِي ھَلِيا لِنْبِي لوڙهہُ مَٿاءِ
تا تَھِين ساعَتَ ۾ پاتُسِ روُحُ پُٺاءِ
"اُدخُل الرُوحُ في العبد في القَبراء"
اُتِي وِينو گورَ ۾ ناٿگو سين سُيا (٣)
ٻہ مَلڪَ پَيدا ٿِيا ڪَر ڏَمرِيا ڏوئا
پَسِي پارَ سَندانِ جِي ڏُپيو ڏَرَ منجهاءِ
ٻاٿھونُ ھُرلي جيڏيون مَٿَھِين..........
تِيُسِ واھِيرو ھيڪَلي کِيَ سَھِبِي سَٿَ
ٻہ مَلڪَ پَيدا ٿِيا..............راَنُ بَرَنِ

(١) چيرا= ڪپڙا (٢) لوڙهہ= قبر (٣) سُيا= پڌڻ سان

........ ڇوُنڊامَ کي هِنيَڙو ناه سُڌَيرُ
صالِحَنِ کي....... جو پَسي آڙاهُ پارايَنِ
ڏُهاريَنِ کي ڏائي پارا ۽ ڪَرِ ڏوئا ڏمَرَ ڪَنِ
................ ياٺيان شَرَّ شَيطاناءِ
ڪِهڙو دِينُ تُهجو ڪِهڙو نَبِي مَڃِيندوءَ
ڪيهبي هُوءِ دِينَ ۾ ڪِهو رَبُ ٿِيوءِ
اَللهُ ڏَٺِي مُنهنجو رازِقُ رَبُ غَفُورُ
دِينَ اِسلامَ مَڃيانْ ۽ محمَّد رسولُ
ڇَئِين جوابُ چِٽو ڪري پَلي جي پالي
آجو ٿِئي جَمَنَ کي آوتڙ اوپالي
ڏُهارِي ڏوهَنِ جي کي ڳَرِي نہ ڪاءِ
جي واڳِئو هوءِ دُنِيءَ کي چِٽو نہ ڳالهاءِ
ڏَمَرِئا ڏوهَنِ جي ڪَٽِوءِ هَٿَنِ کُرِنْج (١)
اَتِروءَ پُونءِ آڳاهِين منجها ميڃالي مِڃَ (٢)
جِينْ پِيچارو پِچِينْ اُڏائي پري
تِينْ ماهُ مَيت جو وَڃي پِتِين وَري
سُڃاتوءِ نہ سو ڏِٺِي جهِ اُپايو تو
ميڙيوءِ مالُ ٻئن کي پانيوءِ آتَرِ اِيندو
مُون چِيو مَ تِئا پايا، چِڏي سَبِ وِياءِ

(١) ڪرنج= گُرز (٢) مڄ= مِک

مَـتـي آئِـي ڏاڪَـڙِيَ پـائِـي تـانَ تِـيـاءِ
مَـتـي آئِـي ڏاڪَـڙِيَ پـائِي تِيَـن نـه مُـورَ
سَـپِـي وِئُـوءِ نِـڪـري ٿـو هـي مَـبتي سُـورَ
مَـتـي آئِـي ڏاڪَـڙِيَ تِـئِـي آهُـڪِـي وِيـرَ
هُـوءَ جـا هُـيَـءِ اڳِـئـي ........ سُـڳَـنِ هِـيـر
ڪَـرِي ڪِـلِئو جَـن سين چِڏي وييسَ ڪـبِـيرَ
دَرمـانـدو دانـهـون ڪـري ويـچـارو تـهِ وِيرَ
وِيـنَـتـي واحِـدَ ڪـي اَرِڙَ ڪـري آپـارَ
تـورَءَ طـاقـتَ نـاهِ ڪـا سـپَاجـهـا سَـتارَ
تون رحمانَ، رحيمُ تـون، تـوئِـي نـالـو غَـفـارُ
جي مُون ڏوهَ بخشِـئي تـه آوُن ڪـو پُـجـان پـارُ
مَرهِـي ڏوڪِـي ڏِينهِ تَـڏِه............ ربُ غـفـارَ
جُـمِـي راتِ جُـو اُتـي پُـرِئـو روحُ بـيـهـارَ
پِـرَمِـي گَـهرگَـهَـرِ سڪـئـوَ نـانـگـو جَـه نـهـارُ
آڪِـيـنْ پَـسَـنْ چِـڏِئـو سُـتَـنْ ڪِينَ ڪَـنَـنِ
چِـپـيَ لَهلاتُ چِـڏوُ نـه سـي ڪِـئا دَرَ ڏِسَـنِ
هِـيـنْ فِـڪـرُ چَـڏئـو پـيـرَ پَـنـدُ نـه ڪَـنِ
ٻانـهِـئِـيـن ٻَـرُ چِـڏئو هَـتَ نـه ڪـاجُـون ڪَـن
پيـرَ مُـنـهُ گَـڏِيـا ڏُورِ مِ، ڏَرُ نـه ڪَـڏهِ ڏُيَـنِ

Gul Hayat Institute

يــاڻــبو ٽِـيو يَـوارِئـو ڦِـڦـرَ يـورَ مُـــڻَـنِ
آدَمِـــيَ جــا اڱـــرا "اَجــرالله تـــرانـــي" ڪَـنِ
جُـــسـڀِي ۾ ٽِـتِ پَئِي ڪَـڙ ڪَـڙ ڪِـيو ڪِـنـڻِـيَـنِ
رَڱـــون رَتُ چَـمُ ٽِـرئـو ڳِـچِـيءَ ڪـاڏائُـون ماهُ
چِـڙهِـئـو پُـونِ هِـپِـينُ تي ڪِـرئـو ڪَـنـڌِيَ ڏاهُ
رَڱـــون رَتُ چَـمُ ڳَـرِئـو جَـهِـرَ نہ لـهـنـدا
ڪِـيــانُ وري ڪِـنـڻـيُـنِ ڪـي پـاڻـهِـي ڪِـيـڻـدا
مَـقــامُ مومِـنـن جـو نَـڪِـي عِـلـتـيِنَ
ڪــافِـرُ ڪـوٺـيَ پـاڻـبـا تَـهِ نـالـو سِـجِـيـن
جي واڱِـيا بِـهشتَ سيـن، هـوءِ دوزخ مَـنـجِـهـيـنِ
قِـيـامَ ٽِـيـنـدي ڪَـڏِهـيـن آسَـرَ اِنَ آهـيـن
قِـيـامَ ٽيـنـدي ڪَـڏِهـيـن، آسَـرَ اِنَ هُـونـدا
جي اڱـيـان جي پـويـان سـيَـيـئـسي اُٺِـيَـنـدا
جِـيَـنـدا جُـڳَـن ڪـي ڪَـڏِهـيـن نہ مَـرنـدا
اُپِـيَـارِيـا اُسَ ۾ وِهَـنُ نہ لَـهـنـدا
سِـجُ تَـپِـي تـاءَ ڪـنـدو يَـڇِـي نہ ڇُـٽـنـدا
ڪي ڇا ٺئي هيٺ عَرشَ جِيَ، ڪي تِـرِڪـي ۾ تَـپَـنـدا
ڪي ڇَـتَـرَ هيٺِ مُـحـمَّـد جـي ڪي ڏُکَـهِ پُـونـدا
مـپـجـالا مُنافِـقَـنِ جـا ڪَـرُ چَـڙهِـئو پَـڙڪَندا

Gul Hayat Institute

پَسِي هولُ حَشَر جو آسارا تِيَندا
دَوزخِي دَوزخَ ۾ هاڪاريو هَڄَندا
"فَباؤ بغضب عَليَ غَضَب والڪافرين" هَميشَهَ هُوندا
پَنجاه پَهرِ جيڏوءِ ڏِينهُ تيندو هيڪَڙو تِتي اُپِيَندا
"في يوم ڪان مقدار خمسين الف سنہ" آرتو اوتِيندا
تِتِ ڏُهارين جا فِي سي سَودِيندا (١)
صالحَنِ ڪي سَڄي هَتِ ساري صَحِيفا ڏبا
ڏُهارِيَنِ ڪي تِي پارا پُٺِياءِ پُوءِ ڪيبار (٢)
ڪونِبا مِيزانَ ڏُونهِ جِتي تَسُو تورِيا
ڪَمِينا قادِرَ سين تِتِ ڪِها لرڪا ڪَندا
"قُل ياعبادي الذين اسرفو علي انفسهم لاتقنطوامن
الرحمة اِن الله يغضر الذبوب جمعيا اِنه هُوالغفور
الرحيم"مومن سي ڇُٽندا
شَفاعَتَ مُحَمدَ ڪي صراطَ لايقَ لَنگهيندا
پاڻي پاڪُ حوض جو مِنو موڪ پِيندا
لَذَتُون لڪين مَنجهيئَي سَهسين سَوادَ پُجهندا
"وَسِيق الذين اَتقُوا ربهمّ الِي الجَنَةَ" اُتي هَلندا
يِهَندا تَهِين بِهشتَ ۾ جتي ڏُکَ نه هُوندا

---

(١) اصل اٿين (٢) اصل اٿين

ڪــوڙيــن پَرِيــن ڪَـــريمَ جـــا مومـــن دانَ لَهنــدا
هِيَ قِصَہ "ڪَنادَ" جوڙِيئو صالِـحَ صَـحُـي سٌٽِـيـنـدا
"آدَمُ" چوءِ الله ڪي هِـجِــي هِـٿـيا هيـڪُ ڪَنَـدا
پَسندا پـانَ پِـرِي، جـان ڪَلـمو شَـهادَتَ چُـونـدا
اشهد اَن لا اِلـه الا الله وحده لا شريڪ لـه و اشهد اَن محـمـد
عبده ورسوله

كاتب و مالكہ فقير حقير عزت بن مرحوم مغفور سليمان
تحرير في الا تاريخ ١٩ ماه شعبان سنہ ١٠٦٩

Gul Hayat Institute

[illegible] حضرت عرش [illegible] تبارك [illegible] حضرت [illegible] دكلدر

[illegible] اكر [illegible] اسبيى [illegible] اسباب [illegible]

[illegible] فباءو بغضب على غضب وللكافرين [illegible]

[illegible] ابدا الى يوم [illegible]

[illegible]

[illegible]

[illegible] قل يا عبادي الذين اسرفوا على انفسهم لا تقنطوا

من رحمة الله ان الله يغفر الذنوب جميعا انه هو الغفور الرحيم [illegible]

شفاعت [illegible]

[illegible]

[illegible]

[illegible]

[illegible] اشهد ان لا اله الا الله وحده لا شريك له

واشهد ان محمدا عبده ورسوله [illegible]

تحريرا [illegible] شعبان سنة ١٠٦٤

Gul Hayat Institute

# [١٣]

# ايمان مفصل - ٢

## آمنة بالله

پِهرائين اَللهُ مَحِيان هِيانْ هيڪُ ڪري
نہ تہ جِهو توڪُ ڪو، نہ سُئو توڪُ ورِي
آهي هُوندو سو ڏِٺي هُوتُنُ تہِ جڳاءِ
سڀِي پَرِينْ پاڪُ سو پانُ ڪري جيڪاءِ.

## و ملائكته

مَلڪَ مِڙِيائي مَحِيا بَندا سڀِ سَنداسِ
مَنْجها نُورَ خَلقِيا پانهپَ مَنجهَ اُياسِ
نِندَ نہ اُڃَ نہ بُکَ ڪا سَڌَ نہ آهي تَنِ
نہ نِيشانِي جوءِ جِي، نَڪا جا مُڙسَنِ .

## وكُتبِهِ

ڪِتيبَ سڀِئِي مَحِيان آيا جي آياءُ
مُڪا نَبِيَّنِ کي سچو اِيهُ ڳالهاءُ
جي نَبِيَہِ مَحِيا آسا هِي سيئي
آواتانْ وارِينِ جي خَبُرون ڏيئي .

## ورُسُلِهِ

سڀِ رَسُولَ مون مَحِيا سَچا ريبارا

Gul Hayat Institute

خَبر سَبِ خَلقَ کي ڏِيَنَ جي وارا
سَيوڻِي سو مَحِيهُ جيکي چَياؤُن
نِياپا نہ اوريان توڙانْ آنداؤُن
جِينْ فَرمايو ڏِٺي تِيهِينْ چَياؤُن .

**واليوم الآخر**

ڏينهُ قِيامَتَ مَچِيان صَحيُ تِينَدو ايهُ
ويندو جڳُ مَرِي ڳَرِي سُجِ تِينَدو ڏِيهُ
صَحِيُ تِيَندو سامُهون سَندو ڏِينهَ قِيامَ
تِکَ تِيَندِي ڏاکَڙِي ڊِرجَندا وَرِيامَ
جِنَ ديوَ ماڙهُو مِرون پکَڻَ سَبَ خَلقَ
رَبُ رهندو هِيکُ ڏِٺي ويندا مَرِي مَلکَ
هُوندا مگر جَنتُو جيکي آهِلُ سَندَنِ
عَرشُ کُرسِي لَوحُ قلمُ ۽ پُڻِ رُوحَ چَوَنِ .

Gul Hayat Institute

**وَالقَدرِ خَيرِهِ وَ شَرِّهِ مِنَ الله تعالي**

خَيروءِ شَروءِ يايان پاهنجي ڏِٺياءِ تہ
واتاءِ وِهَرِي پُوئان جي يانيان پِياءِ
خَيرَ ۾ راضِي مُون ڏِٺي ۽ شَرَّئا بيزارُ
تيهيءَ اِنَ صِفتَ ۾ کَندو کونہ کُوارُ .

## وَالبَعثِ بَعدِ المَوتُ

جِيَارِيا جَڏهِين مَرَڻَ پُڄاڻاءَ
ليکو صَحِيُ ٿِيَندو جو تَڳو ڏَٿِياءَ
نہ مارِيا ڪَڏهِين جِيئَڻُ جاڻيڪِيتا
ميڙي مَنجِهہ مَهِنديئي هُئو مؤمِنين سان
ڏِيَهُو توبَهَ توفيقَ سين ڏوهَنُون ڏاتارَ
سُوڻا شِرڪِئا ڪُفرَ ڪَلماءَ ٿِيَهُ تَنَ بيزارَ (١)
جاڻي ٻُجهِي جي ڪِيَهُ نَنديا وڏا ڏوهَ
تَنِئُون اوباهو ٿِيئِي رَبَ تُنهجي توهَ
رَبَ رکُ مون شِرڪَ ڳُجها پَڌِرا ڏوهَ
جي نَنديا وڏا ڪُفرَ ڪافِرَ ۾ تياءَ
آڄاڻندي ڪِيامِ جي تِتِي لَهان ياءَ
آڄاڻندي جي ڪِيئُ پَسَهُ ڏوهَ آپارَ
مَگُندي مَرهِين تون سَڀاجها ستارَ
ڪي ڳُجها ڪي پَڌرا هِي جي ڏوهَ ڪِيوهُ
سَڀاجها ٻاجَهہ ڪري مَرهِين سَڀ سَندوهُ
عَرِبياءَ سِنڌي ڪِئِي "حاجي" بَيتَ ڪري
تہ سِڪَڻُ سُهڪِي ٿِئي آبوجَهنِ وَري

(١) سوڻا= سُٺا، ڀلا

سِنڌي آهي سُهڪِي سِکڻُ اپوجَهن
پانهجي وائيءَ پَروڙي سِگهائِي سِکَنِ
مَرهي تَني کي مُون ڏٺي ڪملون چيو جَنِ.

لا اله اِلا الله محمد رسول الله.

---

Gul Hayat Institute

[۱۴]

# ايمان مفصل -۳

## آبَقُعي يا قيد وصلاتي نَكتا

پِهرائين اللهُ مَجِيا تانْ ئِـي پـوءِ مَلِـكاسِ

أيـا جـي فَرمـانَ ۾ سَـيَ بَـندا سَنـداسِ.

## وَالكُتُبِهِ

كِيتـبَ سَيئِـي مَـجِيا ۽ مَـجِيا قـرآنْ

مَتـي آيئـو مُـرسَلا اِيـهُ سَـچو فَـرمانُ .

## وَرُسُلِهِ

صِـدقَ مَنـجها مَجـيا سَـيَ سنـداسِ رَسُـولَ

هُـوئـا بُـزرگـوارَ جـي چوكـي مَنجها نُورَ.

## وَاليَومِ الأخِرِ

ذِينهُ مَحشرُ كـي مَـجِـيا، مَـجِـيا ذِينهُ قِيـامَ

كَـسَ تِيَـنـدي ذاكَـرِي بِرْجَـنْـدا وريـامَ .

## وَلقدرِ خيرهِ وِشرِّهِ مِنَ الله تعالىٰ

خَـيروءِ شَـرّوءِ يانـيانْ سـاـئـئِيءَ پـاراءِ سَـيُ

خيـرَ ۾ راضـي ذَئـي، شَـرَ نـه راضـي رَبُ .

## وَالبَعْثُ بَعدِ المَوتِ

جِـيَـنُ هَـتـوئـي پِـري مَـرَڻُ تِيَـنـدو حَـقُ



Gul Hayat Institute

وِيَڙا وَهِي سَيڪَهِين اڳي لِڌو ڏَڪُ
”سَڪَرَ ڏِني“ سِنڌِي ڪِئِي صِفَتَ هِيءَ اِيمانَ
تَنِ سَيئِي پُنيون جي ڪَلمي سانَ.

لا اِله اِلاالله محمد رسول الله

---

Gul Hayat Institute

[١٥]

## عقيدي جو اقرار

### اللهُ رَبّي

اَللهُ ڏِٺي مُـهِـجـو ڄَهين آپائِـيـنـو ڏيـهُ
صِفَتُنِ خالِقَ جي نَـکـو پانـدُ نـہ ڇيهُ
ماڙهو مَلـڪَ جِنَ پَـرِي ۽ جـي اُڏامَـنِ چُرَنِ
جَرِ ڪوڙين لکَ پَدمَ وَرِي سَڀِ صِفَـتون ڪَنِ
ڪَهِ صِفتاءُ هيڪَڙيءَ سَتارَهَ تِـئا نـہ پُـجَـهـنِ .

### و مُحَمَّدَ رسولي

مُحَمَّدُ رَسُـولُ مُهِجو جـوَ سـيـنـگـارُ سَيِـنِ
ڏِئيـو نبـيَنِ ۾ خـاتِـمُ رَسُـولَـنِ
شَفـاعَتَ حَبيبَ جيءَ مَحرُومَ ڪِيمَ تِيَنِ
شَـفـاعَـتَ حبيبَ جي مـتي مؤمِـنَنِ
مُـئي پُـڄـاٺاءُ ڳورَ ۾ پِـيا پُنِ مـاڳَ ڇـوَنِ .

### وَالقرآنُ اِمامي

قُرآنُ مَـهـنـدارُ مُهِـجـو تَـنـهِ نـالـو فُـرقـانُ
نـازِلُ تِـيوءُ نبـيءَ کي خـداءِ جـو فَـرمـانُ
سُئِي جَـنِي مَـڃـئـو پُـورو تَـنِ اِيمـانُ
ڇَـڳـايـون قِـيـامَ جـون تِـئاءُ لَـهـنـدا دانُ

جَنِـي جـو بَـيانُ، چِيـانْ كِيـو نـ ٿِئـي.

## وَالكَعبَةُ قِبلَتِي

كَعَبَةُ الله قِبلو مُهجو، جَـو جـو تَـكـي مـاڳُ
جَـنِي كَهِـي سـو پـيـتِوءِ وڏو تَنِ سـياڳُ
قـارُونـاءِ كـوڙيـن پَـريـن جَـنِي ڏوه كِـيـا
جُـ داخِـلُ ٿِـيـا تـ مَـگَرُ حَـرامُ مومِـنيـن.
"وَمَـنَ دَخَـلَهُ كَـانَ آمَنا" جـانـكـيتا جِـيا .

## وَالْمُؤمِنُون اِخوانِي

مـؤمِـنَ يـارَ مِـنـهـجـا جَـنِ كَلـمو واتِ
نَمـازَ روزا زَكـواةَ حَـجَ پُـٺِ كَنـدا تـاتِ
حُـورُون قَـصَـر ميـوا مازيُون خـداءِ ڏِيـندُنِ ڏاتِ
جُه لِقاءِ حاصـلُ ٿِيـو تـ سَـبِ وانـدايُـون واتِ.

## وَالاِسلامُ دِينِي

اِسلامُ دِيـنُ مُهـجـو ثـابِـتُ كـري سِـكِـيج
سَنٿين واتُ چِڏي كري وِنگيءَ تانَ مَ هَلِيـج
چَـگـايُـون چِـتِ كـري مَنِـيءَ كَـنُ مَ ڏِيـج
لِـڏو كِـتابَـنِ ۾ سـو پُـٺِ صَحـيُ سُٺِـيجَ
"الاِسلامُ هُوَ الاِنقِيادُ الىٰ وامِرَ الله تعـاليٰ وَلاِجتِـناب
عَنِ النَواهِي" كَنُ اِنَ كي ڏِيج

Gul Hayat Institute

آنڌَنُ ڪَنڌُ مَڃَڻُ هِنيو اِيه پورو اسلام
تَهِ جو ڳِنُهه مَ نامُ، جانِئي ڏوهُ پِرائين •
فرضَ وَاجِبَ سُنّتون مُستَحِبَ مَڪروهُ مُباحَ
جَني حرامَ ٿارِيا تَنِ ڳرِ پِرينْ آهَ
قِيامَ ڏينهَ مَنجهاءِ، جُه سَبيُ لهندا پُورِهوءَ •

لا اله الاالله محمد رسول الله

---

Gul Hayat Institute

ذي مو

جيڪي ڪليمن کي خصمي ڪيڪوان ٽنب ٻانجا ڪمڪر يجي تون ڏيا مونو
سڏيو منه ڏنو زجي ڏهو ٿو تو رسبب تني حال جو تني ستم
جيئن دنيا ميهنا موسى کي ٻنڪور وهي منڪر ڪيا ابا تين
نمار جن نگذارئي روزا رکيا ٿو زڪواة جن نا ادا ڪري دلي
تن نصوڏي هڪلي شفاعت رسول عن ٻنتو ڪر جو ڪرا ايني جوه
ڪالانو سڃو ڇجانيو ملڪ جو احسان لنگهي انا نو سهن رسول جي ويو
ٻيئي جو ٻي ڏنو زخمي تيرما ابد تو ٻنين تحرات احمدي شريعتي ڪر جو ڪوڙ
تا اهو ان عنو ڪو ناجي [illegible] جوت ابا انيه ڪلمو با ڪبرو

ڪلمو ڪفر

بسم الله الرحمن الرحيم

جنبر ڪتابيمو للکي هال ڪرعدا اڌو وجهي مصطفى ويتو مات ڪري
اصحابني ٻجو اڄ اڌو وصيها يا رهتت بدري اڌو تڙيئا ابيتا جو دو
اني [illegible] سيدر بابو ر اسوها ارکهي ويندا ڏيو [illegible] سجا ربعالي
جنبا يو ڪافر بري ڪا ان امتين سنهي ابدو هيڪرو زمانو جي تن
زاڻي موون ڦهو دايعه ڪا فرتو ڪفر ڪلما تنڪا بيو بلهدا
ڪفر ڪلمي ڪفر تيبڪي ڪري ٻنڪو تبولي جن اسلام ڪري جحت جهان ڦهو
ڪر

## [١٦]

# كلمات كفر

## [حرام كم]

بسم الله الرحمٰن الرحيم

خَبَرَ كَتابَنِ ۾ لِکَٺَهارُ كري
آنڌوهِجِي مُصطفيٰ وينو ماٿِ كري
اَصحابَنِ ٻُجِهئو اَڄُ آنڌوهِيا اَپارَ
هَتَ ٻَڌِي اَدَبُ كري اُييتا چَودارَ
اي سَپاجها سُپِرين سَرَوَرَ سُونهارا
کِهي وِيٺِ آنڌوهِيِنْ سَچا پيارا
چَيائِين ڳالهِ ٻُڌُ ڪيري كارَڻِ اُمَتِيَنِ
پيهِي اِيندو هيكڙو زَمانو ۾ تَنِ
راتيِنْ مومِنَ هُوندا ڏِينهَ كافِرَ ٿِيندا
كُفِرَ كَلِما تَنِ كانْءِ پِيو نہ لَهَندا
كُفِرَ كَلِمي كُفْرَ ٿِيئِي شال كري م كوءِ
توڙي ۾ اِسلامَ جي حُجَتَ جَهْلُ نہ هوءِ
كُفْرَ كَلِمو جَهِ پَوءَ جوءِ حَرامُ چَوَنِ
تَهِ پَرِ تَنِي گَڏِيءَ كَرِ زِناؤنْ كَنِ
اِي جي تَهِ گَڏِجَڻاءِ حَملُ رَهي كوءِ

Gul Hayat Institute

لِدو ڪِتابَنِ ۾ حَرامِ زادو هوءِ
عِلمَ نہ ڪَندو تورِڙُون ٽِيندو جَهِلُ اَپارَ
ٿُپِيُون ڏِيندا ڪُفرَ ۾ هُونديَنِ سُدِ نہ سارَ
نہ ڄاڻا حالِ ڪَهِينُ ڏِيندا رُوحُ ڳَرِي
مُون تَنُ گهَٽو آندوهِيو ڪارَڻِ تَنِ وَرِي
ڪُفرَ ڪَلِماءُ مومِناهُ ڏِرڄِي رکو پاڻُ
راتِو ڏِينها رَبَ کاءُ مَڱِجاهُ اِيمانُ
هِنِ لَفظَنِ ڪُفرُ ٿِئي سِڪِي يادِ ڏَرِيهُ
جِينُ پاهِجِي رَبَ سين ڪو شَرِيڪُ ڪَرِيهُ
نَبِيَنُونُ هيڪڙو ڪِ مَلڪَنُونُ ڪوءِ
مَڃِهُ ڪِنِ ڪِتابَ سَڀِ ڪِ قِيامَ نہ پوءِ
خيرُ شَرَّ ۽ سَيڪِي ياڻيوءُ نہ تَنهِ ڏانهُ
ڪِ ڪو شَڪُ جِيَڻَ ۾ ڪَرِهُ جو مَرَڻَ پُواءُ
وَڄُ ڇَڱِي هاڄَ ڪَرِ ڪو ڇوءِ ڪَهِين ڪي
ڇوءِ تسوءِ نہ ڪندسِ ڪَڏِهينُ جي رَبُ فرمائي
ڄاڻي ڏَٿِي ڪَمُ ڪيئُمِ ڪِئو نہ هوئِسِ
ڪُوڙِي گُواهِي رَبَ ڏِي سَچِي ڪُفرُ ٿِئوسِ
چارِ جوئِينُ مُڙِسَنِ ڪي رَبَ حَلالِ ڪِيُوءِ
هُوءِ ڇوءِ مُونُ سين ظُلمُ ٿِيو فَرمائي پِيُوءِ

Gul Hayat Institute

ڪو چوءِ پاھِجِي جوءِ کي اِيَ ڪافِر خُوارَ
هُوءَ چوءِ اِيَهِينْ آهِيانْ توڙي ڌارِ مَ ڌار
ڪا مُصِيبَتَ کي ڪَهِينْ رَسِي ڏُونهُ خُداءِ
هُو چوءِ مُون سين ظُلمُ تِيو ڪِيو جو نه جُڳاءِ
۽ پُٽِ ڪو چوي کي ڪَهِين ڪَرِ نِمازَ جَوَاءِ
هُو چوءِ مُون کي ڏَٺِي نمازِيْ نه ڪِٿاءِ
ڪِ وَرِي اِيَهِينْ چوي نه شُگَنِ سُهامِ
نَمازَ ڪَرِيانْ ڪَنِ کي نه جوءِ نه وِيامِ (١)
ڪِ وَرِي کينَ حَرامَ کي بِسمِ الله پَڙهي
ڪِ ڪافِرَ کي مومِناءُ چَڱو چوءِ ڪَري
ڪِ گَڏِجَڻُ تَهِينْ جوءِ سِينْ جا ٽِرْيَ ڇَڏِيياءِ (٢)
۽ ڏِني مُڙِسَ پِٺي حَلالَ ڪِينَ ٿِياءِ
ڪِ ڇَڏِي هُوئِي ٻَيَرَ کِي پِيْ سِي چَوَنِ (٣)
۽ نِڪاح پِيْ مِڙي ته ڪافِرَ لِکَنِ (٤)
مُهْرُ مُسلِمُ آهِيان ڪو چوءِ ڪَهِين کي
هُو چوءِ لَعنَتَ مُسلِمانِيءَ تُهجِي اُتي
هِنِ سَيِنِي لَفظِينْ ڇَٺي مومِنُ ڪافِرُ هوءِ
ڪُفرَ پَٺي نِمازُن روزَا ڪَري قَبُول

---

(١) نه زال اٿم نه اولاد اٿم (٢) ٽري ڇڏيياءِ= ٽي طلاقون ڏيئي ڇڏيل (٣) ٻيرُ= زال (٤) مِڙي= ملي، گڏجي

بازِي نَردِ کِ شِطرِنج کِ قُمارِ رَوَنِ
کَرَنِدي هَتَنِ سيئَن بِسمِ اللهِ چَوَنِ
کِ کَهي پارِ خُداءِ کي اِشارَتَ کَري
کِ تَهِ سَندِي ذاتِ ۾ صُورَتَ فِکرُ ڌَري
کِ چَوَنِ ڏَٺِي نَبيءَ ڄاڻَندا آهِينِ
عِلمُ غَيبُ خُداءِ رِءَ ٻِي کِي کَهِين مَ ڏِينِ
کِ ڦُري اِسلامَ کي پاڻا آڻِي مالُ
کافِرُ ٿِيو تائِين کِي پاڻِي کَري حَلالُ
هاجَ کَمُ تَهِ پاڻَ جي کِ بيع سَندِي تَنِ
جي پاڻِي حَلالُ کَري تَ کافِرُ لِکَنِ
کِ پُٽِ آڻي چورِئي کِ وَرِي تُراڻُ کَري (١)
جين پاڻِي حَلالُ کَري تَ کافِرُ ٿِيو پَري
جوئِين ڏِيَرُ جَنِ جُون پاهَرِ ٿِيُون پَرَنِ
رِيسَ نَ هوءِ تَنِ کي سڀِي ڏيُوسَ لِکَنِ
ڄاڻَندا ڏوهُ کَري تِي ڏيُوسَ کِيا (٢)
پَر جي نَ ڄاڻَندا ڏوهُ کَري تَ کافِرَ ٿِيا
کِ شَرابُ کِ ڀَنگَ ڀَنگِئي کِ پِيو اِهوءِ
پاڻِي جي حَلالُ کَري تَ کافِر ٿِيوءِ

(١)تراڻ= تر. پاتاري (٢) کِيا = خماريا

ڪِ غِيبَتَ حَسَدُ ڪِلَ چِتَرِ ڪِ اَهَلِين ڪِيوءُ
ياڻئِي جي حَلالُ ڪري ت ڪافِرَنيُون تِيوءُ
گَڏِجَڻُ حَيضَ نِفاسَ ۾ ڪِ ڪِيَءِ دُبراءُ
ياڻئِي جي حَلالُ ڪري ت ڪافِرُ تِيو تِياءُ
ڪِ ڪري سَجِدو گورَ ڪي ڪِ وَرِي ڪي بُتَنِ
ڪُفَرُ تِيسڻُس اِنَ پَرِ جِيڻ ڪافِرَ ڪَنِ
سَپاجها پاجَهہ ڪري مُون ڪُفَراءِ رکيجِ
جانْ پَسانْ لِقاءُ تنو، نَبِيَ سين ميڙيجِ
ڪَلِمُو جَنِي وات ۾ سِي سَپْ ڇُوٽائيجِ ۔

لا اله اِلا الله محمّد رسول الله

Gul Hayat Institute

## کلمات کفر کہ در بانگ نماز

بانگَ ۾ کُفرَ بانگِهِ، ڏَهين ماڳين هوءِ
جو چگّي اُستادَ رءَ سِکي صَحِيُ نہ چوءِ
جي اَللهُ ماڳِ آلاه چَوءِ، اکَبرُ ماڳِ اَکبارُ
ايهِ پِئو کُفرَ بانگَ ۾ چوءِ جي چوٿِهارُ
ٽِرؤ اَشهدَ ۾ وَڏِيَ شِيناءُ چُوئَنُ نَنڍِي سِينَ
ايهُ کُفرُ بانگَنِ ۾ جائِنِ سِکہِ جِينَ نہ
۽ اَشهَدُ ۾ هي سين مَٽِي خَلقي حَي
چوٿون کُفرُ ايهُ جانُ بانگو بانگَ چُنڊي چَئِي
پَنجون چوئِينُ شدّ رءَ ۽ جي اِلا اللهُ
ڇَهون اَشهَدُ اَلفُ رءَ پِهرِينِ جي چُونداهُ
سَتوءُ مُحمّدُ مَدَّ سين مُحامَدُ جي چوءِ
بانگَ ۾ بانگن کي ايهُ پُڻِ کُفرُ هوءِ
اَٺوءُ اَلفَ سين حايَ علي الصلواه حَيّ
نوؤن پُڻ تِئي چُوئَنُ حايَ علي الفلاح
ڏهون حيّ شدَ رءُ چُوئَنُ هَر پُئي جي حَيّ
آهي کُفرُ بانگَ ۾ خَطا کَرِهُ مَ کِي.

---

اسلامي شريعت جي سکيا لاءِ ڪتاب

Gul Hayat Institute

[١٨]

## كتاب شريعت

بسم الله الرحمٰن الرحيم

عِلمُ شَرِيعتَ جو سِکَڻُ فرضُ سَيِنِ
توحِيدُ، نِمازَ، روزا، حَيضُ ۽ نفِاسُ ڇوَنِ.
پاڙهايُوهُ جوئِنِ کي، ڏِيئُنِ پيٺُنِ ڏاهَ
جيُتا جن سيکارِيو، بِي پَرواهَ نہ آهَ
پُڇائِبا اِن لَڳِ گهڻو عِتابُ کري
"کُلّکم راعٍ کُلُکُمُ مَسئولٌ عَن رَعِيَتہ" نَبِيُ فَرمائي.
جوئِين ڏِيرُ ڇَگِيان پَردي رکيجِ
توڙي وِلها ڏِينهَڙا تہ پِرُ هِمَتَ ڏيجِ
جوئِين ڏِيبيرُ ڇَنِ جِيُون باهَرِ ٿِيُون پِرَن
رِيسَ نہ پوءِ تَنِ کي سي ڏُيُوسَ لِکَن (١)
جي جاڻَنِ ڏوهُ کَري، تي ڏيُوسَ ٿِيا
جي نہ جاڻَنِ ڏوه کري، تہ کافِرَ ٿِيا.
بِنهِي پَتِين پُڇِبا نَظَرُ کري نِهارِ
جي مَنجهان اِنِي هُئِين تہ نمَازَ مَ کارِ
کائِون، کارايُہُ خلالُ. پَڇُون کانءُ حرامَ
مَتان لُڏِئِين لِکَ سِيِنءَ وِهاٽيءَ وَريامَ.

---

(١) ريس= غيرت، ساڙ

رکڻُ حَقُ اَللهَ جو اِيندو ڏوهُ نہ ڪوءِ
سُٽِـهُ هِيين ڪنَنِ سين مُخبِرُ صادِقُ چوءِ.
ڪُنجُ قِناعَتَ صبر ٻجهُ، رِزقُ رازِقَ ڏانھُ ياءِ
مُتوَڪِلُ وَس ڏَٿيءَ، مَ واجھاءِ ٻِئاءِ
جِين ٺَڪڻِ سين چِڏِيءُ نَنديا وَڏا ڪاجَ
مَ يانئِيجِ ڪہ ٻِئي ڏانھُ اَللهَ جي هاجَ.
جيڪي رَسي رَبَ ڏانھُ تہ ۾ گَهرُ اَڏيجِ
هِيَهِين جَهلُ ڪري پاڻَ مَ وِجائيجِ.
پِريتَ رکِي رَبَ سين جي حَدُون اورانگهِين
لِکيوءِ آهي نَصَ ۾ پُڇُ تہ خَبرَ ڏِينِ.
سَلامتَ ساري ڏِجاهُ اَمانتَ ڏَٿِين
پرائي ڏُرهَنِ جي رَبُ نہ تُسي تَنِ (١).
عذابَنِ ۾ نِڪتُو ڪبو تَنِ عذابُ
حَقُ پَرائو جي ڏُرهَنِ ڪوري ڪَن خَرابُ.
ڏِجاهُ قرضُ اَللهَ لڳِ سُودُ مَ مَجِيجاهُ
تَنَ پانهجي پاٹِهِي مَگَرُ مَ ڏِيجاهُ
ڏِجاهُ اَنُ اَگهِہِ کِري ڪ حبَہِ جِهو پُوءِ
پُوري ڪاسين ڦُتِرو جو اَگهُہ بازارِ هوءِ.
جي ڏِئي ڏهہَ جُوارِ کو، اُتي ڏهہ ڳُهَنِ (٢).

(١) ڏرهن= تکين. تُسيَ= مَرهي، بخش ڪري. (٢) ڳُهَنِ= ڪٽڪ.

Gul Hayat Institute

ڪِ تہ وَرِي ڏِئي ڏہ جُوارِ ڪو اُتي ڏہَ جَوَنِ.
بِنهِي پَتين مُجِرو ڏِبو اَگهُ بازارِ
جي نہ تہ جَوَ جَونِ سين، جُوارِ سين جُوارِ.
گَهٽِي چيٽراڻُ ڪري هِي جي پوڪِينِ پُون (١)
ڪيترِيون خُواربون تَن ۾ لِکِئون ڏِنئُون مون
پُون جَنِي جِينَ پوڪِيُون اَهڙِي تَنِي ڏِيہُ
پاهجي حَلالَ ڪي مَ ضائِعا ڪَرِيہُ.

[روزا]

روزا نِيَتُنِ سين ٽِري وِيهُون فَرضَنِ
واروآرَ سَيڪَهِين سنَيارِي نِيَتَ ڪَنِ (٢)
جي ٽِريهَنَ ۾ هيڪَڙِي ڪو نِيَتَ ڪري
تہ روزي رِءَ هيڪڙِي بِئَنِوءُ پوءِ پڙهي.
ٽِري توڪَ روزو پَجي، ڪِيئُ، پِيئُ، جَماعُ چوَنِ
اِنِ رِءَ بِئا مَڪرُوه جيِاءُ روزو جي نہ پَجَنِ.
صُبحَ صادِقُ اُيري تا اُلهندو سِيءَ
اِنِ وِچِ ۾ روزو فرضُ هوءِ نَبِيَ فرمايو اِيءَ
رَحمتي ڪِ سَفرِ، جو ٽِري ڏِينهين هوءِ
جي رکي سَگهي تہ رکي، جي نہ تہ موڪَلَ چوءِ.
موٽي جُہ گهرِ آيو ڪِ چڱو ٽيئوءِ

Gul Hayat Institute

(١) چيٽراڻ= جدائي. پُون= زمين (٢) واروآر= ڏينهون ڏينهن، هرهڪ ڏينهن

سوا تان قضا ڪري اُتسِ ڪونہ پئوءِ (١)
جان نَنڍڙي ڪيرُ ڏيِ، ڪِ وَرِ حامِلَ هوءِ
ڪِ بَنديخاني ڏاڪڙيِ، تن حق پُٽِ ايَ چوءِ.
مَگرِ صاحِبَ حَيضَ جا، ڪِ نِفاسَ وَري
سا مَ رکي روزا، مَ نِمازَ ڪَري
چُٽاءُ چَڱَي ٿيئي سوا تان سا ڏَري
نِمازُون بَخش ٿِيوُن مُورِ مَ گُذاري.
مِڙِي مَ مُڙسَ سين اِنِ بِنهِي حالَنِ
جي يائِنِ حلالُ سو تہ ڪافِرَ ٿِيَنِ.

[نماز]

پنَرَهَ فرضَ نِمازَ ۾، ٽِري غُسلَ ۾ چَونِ
ٽِرِي تَيمَمِ، چارِ مَسَحي، ساري ڪجاهُ تَنِ.
سَترَهَ رَڪعَتُون فرضَ، وِترُ واجِبُ ٽري
قَضا حَقِ وِترَ ڪِي، حُڪمَ فرضَ جيَ ڏي.
جہُ وِترُ قضا ٿِيو، جان جاڳَندي ۾ سُئو
گذارِءَ نہ پَري تہ تہ رءَ وقتُ پِئو.
جي وقتُ تَنگِ ٿِيو ڪِ وِسرِ ٿِياسِ
جہَ وقتَ لَگِ وِيا ساقِطُ تَرتيِنباس.
سَتَ فرضَ اِيمانَ جا ۽ مَذهبَ چارِ

(١) سوا= سوئي

پُنيون چارِ رسولَ جيُون، پَنجَ قبلا سارِ.
نَنديَ وَڏيَ شَهادَ جي معنيٰ فرضُ سِڪيج (١)
رِءَ واحِدَ خُداءِ، شَرِيڪُسِ نہ ڪو ٻيو
جَہ ٻانهِپَ جُڳاءِ، ناهِ ڏَٿي مَوجُودُ ڪو.
گَواهِي ڏِيان ڪو ناهِ ڏَٿي مَگرِ هيڪُ اَللهُ
مُحمدُ آيوءُ حقِ ڳَري ريٻارو تہ ڏاهُ (٢).
مُسلماني پَنجَ توڪَ، جا ٻِناهَ چوَنِ
شَهادَ، نِمازَ، روزا، زڪواهَ پنجوءُ حجِ وَجَنِ.

[زڪواه]

مالَ زڪواهَ حجُ فرضُ آهي سَگهہَ جَهين
تان جي سَگهي نہ ڪري تہ ڪونهس ڪِين.
مومنُ ڪيني هاجَ ۾ ڪو دَرماندو پوءِ
ياري ڏِهو ڪي تَهِني جيڪا واڳِئا هوءِ (٢).
جي دَرماندا هيڪڙا، اُيا ٻِيا ڪلَنِ
گهٽو ڪوجهِي ۽ ڪُوڙي اِيَ پَرِ مومِنِ
هيڪ ٻِئي جو اَگرو، ٿُڙُ هيڪُ سَيِنِ
جِين ڪو تاءُ ڏُکويو تہ وَجي سُکُ ٻِئَنِ.
جي تو گُوندرُ نہ ٿِيئيُ ڪَنِي جي سُوراءُ

---

(١) شهاد= ڪلمو طيب (٢) ڳري= ڪان، وٿان (٣) ياري ڏِهو= سات ڏيو، همراهي ڪريو. واڳِئا هوءِ= تعلق هجي، مصروف هجو.

Gul Hayat Institute

تہ تنُون ياءُ نہ مومِنا، نہ آدمَ وِياءُ (١)
ساهيئي سان واتَ ۾ ڪرين نفاقُ مَ ڪوءِ (٢)
ليڪي چوڪو ياپِي جِئن سَوائِي هوءِ.
عِلمُ سَيوئِي اِنَ ۾ ڳالهِين چئِين لِڪَنِ
سِڪِي اُتنِ ڪمُ ڪَرِ، چَيو عالِمَنِ.
هُشيارِي فرضَ ڪرِ، نَفلُ ڪَري تجارَ
بِئِي جاڻاءِ حَلالَ ۾، تِيُ حراماءُ ڏار (٣)
تِرِيئي جاڻاءِ ڳالهاءُ سِچَ، ڪُوڙُ مَ ڳالهائيجِ
چوٿِين جاڻاءِ نَفعي لَگِ، ڪوءِ مَ ڏکوئيجِ.
فَرضُ ڪِفايہَ تَنَ ڪي چَيو عالِمَنِ
جي ڳُذارِينِ هيڪڙا، اُتاءُ لهِي بِئَنِ.
چِڪَ جَوابُ سَلامَ چَوءُ پَرَ جِينَ هُئي سٌتِينِ (٤)
عِيدَ نِمازَ مَيتَ پَڻِ اَمرُ نَهِي ڪَرِينِ.
عزاَ ڪافِرَنِ سيِنِ، پُڇَڻُ رَنجُورَنِ
تان جين اُتي ڪافِرا مومنَ چڙهِي وَڃَنِ
ڪجِينِ اُتي مومِنا ڪافِر چڙهِي اچن
وِڙهڻُ فرَضُ عَينُ چوءِ جوئِين ۽ مڙسَنِ
بِڌِئو پاڻِياءُ ڪَڏُ، واتَ- موڙهي ڪَڻُ هَٿُ
بُڪِئي ڪِڻُ، اُجِئي پاڻِي، نيهَرَڻُ مَيَتُ.

---

(١) وياءُ= اولادُ (٢) ساهيئي= لهڻيدار (٣) جاڻاءِ= جاڻ، شمار ڪرڻ (٤) چِڪ= زور سان.

جڏهن مَرڻُ اوڏو ٿيو مُنهُ قبلي ڪريجِ
سَڄو پاسو پَرَ سُمهاري ڪَلِمو شهادت چئيجِ.
پِهرِائِين طهارتَ ڏيهِسِ جو فائدَ ڪري
مُنهُ هَٿَ ڌوئِي، پيرَ ڌوئِس، پاڻِي نَڪِ واتُ مَ ڏئِي.
سَڄو پاسو اڳ ڌوئِي تاءُ پوءِ کَٻو ڌوئِس
جَهلي وِهاري سَئون پاڻِي پاءِ هيِسِ
آسَڻِ آسَڻِ پيٽَ کي ڪِي پڻ آڏِيس
جيڪِي تائِين نِڪري سوئِي هنڌ ڌوئِس.
موتِي مَٿاءُ ٿِي بِيهَرَ غُسلُ مَ ڏيهِسِ
پاڻِيَ پائي بيرَپَن، ڪِي ڪوسو ڪِجاهِس.
اُوناهَرو ڪِ ضرورُ هوءِ تازو آڻيجاهِسِ
سُرهائِي نَڪَ ڪَفَنِ سين ساري لائِهِس
لِفافُ اِزارَ پيراهَڻُ سَريئِي تہ ويڙهِسِ
جي نہ تہ جِهوئِي لَهِين تِهوئي ڏيهَس
جوئِنِ کي پَنجَ چوي جي سَرَندو هوءِ
ٽري اِهيئي، چوٿِين دامَنِي، سِينابند پَنجوءِ
اِيندا رُوحَ مِڙِي ڪري سَندا مائِٽرَنِ
پَسِي پانهِجا ڪَپڙا مَرڪَندو م تَنِ
وِيندا سي ايمانَ سين ڪَلمو چَيو جَنِ.

لا اله الا الله محمد رسول الله



Gul Hayat Institute

چار علم

Gul Hayat Institute

[١٩]

## چار علم

(علم توحيد، نماز، روزا، حيض نفاس)

ساراهِجي بِسو ذَٽِي جو خالِقُ خَلقَ
تہ سَندِي فرمانَ ۾ ماڻهو، مِروُ، مَلکَ.
تہ اوڙکَنِ کيترا کوڙين پَدمَ لَکَ
اَتِ اُپايا پاتِشاهَ عالَمَ گهڻا اَلکَ
کي هَلَنِ، سرَن کي، کَنِي ڏِنائين پکَ
کي عالِمَ، عاقِلَ کي، کي کِيائين بَکَ.
کنِي گُندرَ گُذري ڦوڙائو ۽ بُکَ
کي سَرها سيٽَنِ سين، کَنِي ڏنائين ڏکَ.
کي کوجها، کي ڳورڙا، کَنِي مُنهَن ۾ ڏِک
اِيَ پرِ پَسِي کيتَرا وَه چڙهيا ۽ تِکَ.
اسان واري واتَ کرِ، سائين لاهِين شَکَ
مُنجهہَ متان تِنهِين ٿِيندي جتِ پرکَ.
مَولِيٰ مُحتاجَنِ کي تِتِ تُنهِجي رکَ
اَوگُڻَ کنجِ مَ پدَرا واچايءَ وَرَق.
مُکا نَبِيَ مُرسَلَ ريبارا رَحمانَ
خَبرَ کَنِ خَلقَ کي سُونها مَتِ سُجان.

Gul Hayat Institute

سندا سايءَ سُپرِين هُوئا مِهربانَ
ڪَنبيا نہ ڪوڙنِ پَئي پسي پَهلوانَ.
سَپِ چپاؤن اُنِ ڪي مولي جا فرمانَ
ڪي اُپا اِسلامَ ۾، ڪي نَيا نہ نادانَ.
اَوتَڙِ ۾ اَياگِيا جوڙِيئي جُهگا ياڻَ
جيڪي وارِين سي وَرَنِ، ڪونہ وَهِيٽو پاڻَ
اِتِ اَندازو ناهِ ڪو اَسانهِجي چاڻَ.
آهي ڪِتابنَ ۾ خَبَرَ اِيَ ڪَرِي
جہ پُڇِيا ڪَمنِ ڪي ماڙهُو، جِنّ، پَرِي
متان وِجهبہ وِچَ ۾ نَندِي بِڌُ پَرِي
اوڪارٽو اُڪِري لَنگهِيئين مانَ تَرِي. (١)
عِلمُ شَرِيعَتَ جو سِکُ ڪِي، وَڃِين جان نہ مَرِي
چوٽَڪي جِي سِيني ڏِسين اِيَ گِرِي (٢)
اِلاهي "عثمان" چوءِ تا ڪِي ڏِيهُون چاڻُ
نہ اُتي اِکَيَين پِندَ جو پُڇُهون ڪو پَرِياڻُ.
اَسان ڪي شَرِيعَتَ جو عِلمُ ڪَرِ آسانُ
نہ سِکَهُون ۽ پَڙهُون، توفِيقَ ڏِيهُون ڏانُ.
ڪوهِ نہ سِکو ماڙهُوئا عِلمُ شَرِيعَتَ جو
تَنهِ ريءَ ناهِ ڏِکُ، غافِلَ مَ ٿِئو.

---

(١) اوڪارٽو= ٽڪ، لانگهو (٢) چوٽڪو= ڇوٽڪارو، نجات. ڳري= ڳلي، وات

مُسلماني مُورُ جي سي ٿوڪائِي پَنجَ
سِڪو گهٽي يقِينَ سين مَنجها لاهي رَنجَ
تان پِي وِيندي پِريَ ڏُونهُ وچان پوءِ نہ ڪَنجُ.
هيڪڙو شهادَه ڪَلِمو، ٻيو پَنجَ اَوقاتَ نِمازَ
ٽِرئو روزا رَمضانَ جا، چوٿِينَ مالَ زَڪواه
پَنجوءُ هَلَڻُ حَجَ ڏُونهُ جِين هوءِ وَهيا واٽَ.
زڪواه ڏِيڻُ، حَجِ ڪرڻُ، مَٿي ياڳِ پَرِيَنِ
فَرضُ نہ آهِينِ اِي ٻِئو اُتي فَقِيرَنِ
سَيَت شَهادَه ڪَلِمو يَقِينَ سين چَيوءُ
تَہ سَندِي مَعنيٰ جَا، پُڇِي سَبِ سِڪوءُ
"لا اِلہ اِلا الله" هَنَ پَرِ سا ٻُڌوءُ.
ناه ذَٽِي ڪو ڪِيتَهِين ڙءَ هيڪڙي الله
سِجُ چَندرُ تارا ڪَنيُون پُونئي اَپَ گُواهَ.
"مُحَمدُ رَسُولُ الله" موڪَلِئو الله جو مُحَمدُ ريبارو
سَيَنِي سو ڪارَڻِي سانئِيَ پيارو.
"اَشهِدُاَن لاَ اِلہ اِلاَ الله" گُواهِي ڏِيان سَچَ سين،
سَچِي سَچَ مَنجهاءُ
جِين ڪونهي ٻيو اِلہُ، هُئو ۽ هُوندو، جو آهي سو اَللہُ.
"وحَدَہُ لا شَرِيڪَ لَہُ" واحِدُ ذَٽِي سو هيڪڙو، تَہِ ياٽِي
نہ ڪوءِ (١)

(١) ياٽِي= ياٽيوار، شريڪ

نہ تنه سين وزيرُ ڪو، جيڪي ڪري سو هوءِ.
”وَاَشهَدُ اَنّ مُحمدُ عَبدُہٗ ورسُولُہٗ“ ۽ پُڻ گُواهِي ڏيان
سَچَ سين، سَچِي سَچَ مَنجهاءُ
مُحَمدُ بانِهو اَللهَ جو مُڪائِس پاجهاءُ
سَيِني سو ڪارَڻِي سَيِنِي سو راءُ.
چارِ عِلمَ فَرضَ جي سِکڻُ سَيِنِي کي
اِعانَتَ اَللهَ جِيَ بيانُ ڪِيا سي.
جيڪِي گُهري پاتِشاهُ تَنِ توفيقُون ڏي
”يَهدِي مَنّ يَشاءُ“ مُوڙها واتَ ڪري.
پَر مَنجها اِنِي سَيڪُو ڪِيو ڏارَ بَيانُ
تہ سِکڻُ سُهڪو تِنِي اَبوجَهِن آسانُ.

[علم توحيد]

تَنِي مَنجها پِهرو عِلمُ توحِيدُ چاڻُ
سَيِي پَرين هيڪڙو سائِينءَ ڪي سُڃاڻُ.
جِيان چوءِ ڏَنِي هيڪڙو هِيين ۾ ڪرِ ويساهُ
اَللهُ آهي هيڪڙو ڪونهي ٻيو اَللهُ
تَهِ سين شَرِيڪُ ناهِ ڪو مُلِڪَ تي سواهُ.
ٻائِي هئو تَه سين جي ڪو ٻيو اَللهُ
تہ پُونئي اَيَ ڏِرهِي پيا، تِئُن پاڻَ ۾ ڪاهُ
”لوَكانَ فِيهِمَا آلِهَه اِلاّ الله لَفسَدَتا“ مگر هيڪُ اَللهُ.

نہ تَهِين شَرِيڪُ ڪوءِ، نَڪو پَہَ پَرِياڻُ
”ڪُن“ وچَ ۾ سَيڪو سَندو تہ فَرمانُ
”اِذا اَرادَ شَيئا اَن يَقُولَ لَہُ ڪُنْ فَيڪُونُ“ ايڏوئي سُلطانُ.
وَڻَ تِڻَ اويڙِ اَپِ يُوني‌ءِ نَئِي نہ نِندُرون ڪَنِ
تَرَ ڏُونگرَ بَحرَ پِيٽِيُون نڪُو پاندُ پَٽَنِ.
ڳاجُ نہ لَيئي پَڪَٽا، ڀَهُون ڀَهڄڻَ ڪن (١)
سُرَنِ سَهسِين سرُٽا، نَڪو ڇيہُ مرُنِ.
خَلقَتُون خالِقَ جِيُون پَتو پِتِ ڏِسَنِ
اِي سَيئِي ذَاتِي ڪي راتو ڏِينہَ گُهُرَن.
سَپِ اُپايا پاتِشاهَ، سَپَنِي سَو مَنِ
هيڪَڙائِيَ اُتي ذَاتِيَ جي سَپِ دَلالَت ڪَنِ
”وَدلّت عَليٰ وحَدانِيَتہِ آياتُہُ“ نيشانِيون مُوڙهنِ.

## [علمِ نماز]

پِيو علمُ نمازَ جو چَئجي، ڪَجي گَهٽي دَرياءُ
نہ لَبِي سوپَ سَپِين پَرين مولي جي دَراءُ.
تَہِ ۾ آهِينِ ڪيتَرا فَرضَ ۽ واجِبَ
سُنَتون ۽ مَڪرُوہ مُستَحَبَ اَدَبَ.
پُڇِي سِڪو سَيڪي سَچِي ڪري طَلَبَ
تہ نِمازاءِ پُورِي تَئِي جِين فرمائي رَبَ.

---

(١) ڳاج= ڳاڻيٽو، شمار. ڀهون= تمام گهڻا. ڀهڄڻ= گهڻو وياءُ.

جاڙِي نِمازَ هيڪڙِي جِين ڪو وڃائي
اَسِي حُقبَهِ دوزَخَ ۾ وِجهبو تائي (١)
آها ٿِينِ ڪيترا نَظَرُ ڪري نِهارِ
ڇِهَ هَزارَ ۽ چارِ سَئُ، ليڪِين ۾ شُمارِ
اِنِ پُڄاڻاءُ ڪَڏِهين تيلا پُوندو پارِ.
جاڙِي وَقتُ هيڪڙو وَڃايو جَهِين
عَذابُ مُدتَ هيتري هُوندو ڪي تَهِين،
جَني وَقتَ وَڃايا قَضا تا نہ ڪِياءِ
ڪِيَ ڇُٽندا ڪَهِ پَرِ، واءِ تَنِي ڪي واءِ!
جيڪو موتي سَچَ سين ۽ توبَهَ ڪري
ڏوهَ تَهِ جا پاتِشاهُ اَڳيان سَڀِ مَرَهي.
پَرَ نِماز اُتائُسِ نہ لهي، قضا جا نہ ڪري.
گُواهِي بي نِمازَ جِي سُڄِي نہ ڪيهِين
پُڇو گَهڻو پُڇَڻَ ۾ جي ڪري تيهِين
نِمازُون ۽ مُستَحَبَ ساري جَنِ ڪِيا
سي وِيندا جَنّتَ ۾ رِءَ حِسابَ وَهِيا (٢)

[علم روزا]

تِرئُو عِلمُ رَمضانَ جو روزا رکڻُ جاڻُ
تہ توسين تُوهُ ڪري، اَرهَو ٿِئي شَيطانُ.

---

(١) تائي= ڪٽي، تپائي. (٢) وهيا= هليا

حَدَ روزي جي ليکِ سا ڳاڙهائِي کِيڻَ سِيڻَ
اَسُورا ئِي ڏِينهُ سَڀُ، سِجُ اُلهندو سِيڻَ.
کِيڻاءُ پِيڻاءُ، پَتِرِ سُمهڻاءُ هِيَ جهلجي پاڻُ
روزي ۾ سيکهين نِيتَ فرضُ ڄاڻُ
نہ رِهاءِ نيتَ رِءَ، مَتان تِئي اَڄاڻُ.
جيڪو نيتَ نہ ڪري ۽ روزا ڏري (١)
سو پاڻَ کي پاڻهِي جَفا جارَ ڪري (١)
جي کَہِ کاوءُ ڪ پِيو ڪ پَتِرِ سُتو
اِنِ تِرِنيائِيَ هيڪڙو جي جاڻِي کَہِ کيو
سَيِنِ کِتابَنِ ۾ روزو تَہِ پيڳو
کفارَہ پيِس تہِ جي، جي نيَتَ سين هُئو.
کَفارَہ ناهِ نِيبَتَ رِءَ اِيَ پڻِ ڳالهِ بُجهو
مَتو کَفارَہ جو پڇِي سو سِکو
جي هوءِ سو سَگهَ سين تہ بانهو آزادُ ڪري
ناهَ تہ روزا ٻہِ ماهَ لڳو لَڳِ ڏري
تان جي يَڇي وِچَ ۾ کو روزو جارِ ڪري
تہ اِڳِيان سندسِ نہ پرَنِ، بيهارَ سَڀِ ڏرَي. (٣)
جوءِ کي جي وِچَ ۾ عُذرُ ڏسائي
تہ بارِ جَڻِ اڳِيان، پوينِ ۾ يانئي

(١) ڏري= رکي (٢) جفاجار= سختي ۽ جٺ (٣) ڏسائي= ڏسي، ڏيکائي ڏئي.



Gul Hayat Institute

جـتـتَـڻَ نـ آهـي اِنِ كـي جُ وِجـهـجـنِ لاهي
۽ جي روزا رکي نہ سگهي کهين عذرِ ڪري
تـ سـٺِـنِ فـقـيـرنِ کـي کـارائـي وري.
کفاره روزي جي ڏيئي تان جي ٻيو ڀڳاءِ
ٻيهارِهِ پوئـسِ اِنِ پـرِ، مـ٦ـتو ڪـمِ ڪـياءِ.
پـرَ جي کـفـاره نـ ڏناءِ، روزا گـهـٽـا ڪـاءِ
تـ کفاره هـيـڪـڙي ٻـي نـ پـوئـسِ کـاءِ
پـرَ قـضـا سـپـِ ڏرينـدو جيـکـي کـي ڀڳاءِ.
ويساري ۾ جي کهين کاوءُ ڪ پيو ڪِ پٽر سٺو
کـهـيـن گـهـاءِ نـ يـجي روزو تـہ سـنـدو (١)
کـفـاره پوءِ نـ تـہ کـي مـنـجـهِ ڪـتـابَ لـڌو.
پـرئـو مُڙسُ پيـنـدو جي کـهـيـن روزي ۾ ڏنـو
پـرَ ويساري ۾ جي پـيـئي هوءِ گـهـٽو اُجيو
نـ چـئجي اُن کي، ”مَ پيءُ تـو روزو“
مـتـان جـيّڏي اُجـيـو ٿـئي آتـانـگـو (٢)
جي کو اُجيو ڪِ ٻـکيـو ڪِ آتانگو ٿيو
سو مَ مري، مَرُ پـئي هيءُ حيـلو ڪـيو.
ڪـڪُ ڪِ ڪانـي ڪِ ڪـڙو ڪِ پـهـڻَ پـورو

(١) گهاءِ طرح، سبب (٢) اتانگو= وياڪل، بيچين

اِنـيِ مـَنـجـهـا هـيـكـڙو جـي ڳـِهـي پـِهـرو
تـان پـِي مـرَ كـاءِ پـئـِي، تـهِ كـفـارهَ نـه پـوءِ مـنـجـهِ
كـِتـابَ لـِڏو.
جـي كـهِـيـن جـاٽـِي هـيـكـڙو روزو جـارَ پـِگـو
تـهِ پـانَ كـي پـاٽـِهـِي مـكـرُ وِهـايـو (١)
[علم حيض نفاس]
(٢) چـوٿـون عـلـمُ لـيـكـِيـان حـيـضُ ۽ نـفـاسُ
رَحـِمَ مـنـجـهـا جـوءِ جـي، جُـهِ رِڙهـي رتُ نـراسُ
(٣) رِءَ پـرهَـڻ ڍولَ سـيـن وَجـِي ڏي مَ پـاسُ
وَرَ وِيـجـِهـي مَ سـمَـهـي مـتـان كـري ڳـِراسُ
بـئـِي پـُونِ حـرامَ م ڍُهـِلـو ٿـيـئـَنِ خـلاصُ.
حـيـضَ م جـي جـوءِ سـيـن كـهِـيـن دُخـول كـيـو
وِڏاءِ هـتـُ حـرامَ م ڍُهـاري ٿـيـو.
تـوبـهَ زاري مـرَ كـري كـي صـدقـو ڏي
تـه بـاجـِهـيـنـدڙُ بـاجـهـه كـري تـُسـي تـهِـيـن كـي.
مُـڙسـَنِ اوڏيـون م ٿـيـنِ جـان جـان اِيءُ جـالـونِ
جـي مـِـڙن مـنـهُ كـهِـيـن تـه مـكـرُ مـاڳـونِ.
حـيـضَ ٿـورائـِي ڏيـنـهَ تـري، ڏهَ ڏيـنـهَ تـه مـٿـو
اِنـا اُوٿـو اَڳـرو حـيـضُ نـه چـئـجـي، مـنـجـهـه كـِتـابَ لـِڏو (٤)

---

(١) وهايو= پرايو (٢) نراس= نرن مان (٣) ڳراس= كيس(٤) اوٿو= تورو. اڳرو= گهٽ، وڌ

Gul Hayat Institute

جي ڏِنَاءِ ڏِينهِ هيڪڙي، ٻِئي ڏِينهِ ڪِينَ ڏِنَاءِ
تا پي پاهُون ئي وَرِي ٽرئي ڏِينهِ پُٺِ ڏِنَاءِ
ٽريئي ڏِينهَ حَيضَ تيا مَنجهِ ڪِتابَ چيَاءِ.
تان جي اَجُ ڏِنائين، صَبَاحَ پُٺِ ڏِناءِ (۱)
پُڄاڻاءِ ڏهنِ سين ٻِيهارَ ڪينَ ڏِنَاءِ
تہ اِيُ حَيضُ نہ چئجي مَنجهہِ ڪِتابَ لِڏاءِ
جي هُئو ڏِينهِ هيڪڙي ٻي ڏِينهِ نہ هوءِ
ڏَساِياءِ تِري ڏِينهِ، چوٿَين پُٺِ وِيوءُ
پَنجين ڏِينهِ پَيدا ٿيو، ڇهين نہ ڏِٺوءُ
وَجي ايهِيَ پَرِ سين ڏهنِ کي رَسيوءُ
ڏهئِي ڏِينهَ حَيضُ تِيا، پُڇِي سَبِ سِکو.
پَرَ جي هُوئا پاڪَ ڏِينهَ اُني مَنجهہِ وَري
تَنِي ۾ غُسلُ ڪري ۽ روزا ڏَري
وَرَ ويجهي مَ سُمَهيءِ ۽ جُہ نمازَ ڪري.
ڏهنِ پُڄاڻاءِ جي ڏِناءِ تہ اِيُ حَيضُ نہ هوءِ
اِنَ وَهندي راتِ ڏِينهَ توڙي وِڄُ نہ پوءِ.
ڳَڙَ چِڪِي چاڪُ ٿيو، ڪِ نَڪيري هوءِ (۲)
جَهِ کي عادَتَ سَتَ ڏِينهَ حيضَ سندي هوءِ
جي پَنجِيَ پاڪَ ٿِئي تہ مَرُ مَتو ڏوءِ

---

(۱) صباح= سڀاڻي (۲) نڪيري= ناڪيلي، نکهيري



Gul Hayat Institute

نِمازَ ڪري، روزا رکي، شَڪُ مَ پائِئي ڪوءِ.
اُوٽو تِئي عادَتَ ۾، جيڪِي اَڳِرِ پوءِ
مُستَحاضو چَئجي تَهِ ڪي جو رَتُ هِنَ پَرِ هوءِ.
ترِنِ ڏينهَنِئُن ٿورڙو، ڪِ ڏهَنِئُن گهٽوءِ
تَهِ ڪي حَيضُ نہ چَئجي، عُذر آهي ڪوءِ
دايَمُ وَهي جَهِ ڪي راتو ڏينهَ ٿيو.
بِئَنِ ۾ نِمازَ ڪري، حَيَضَ جا ٿاروءُ
وَقتُ ڪري سَيڪو، نَئُون مَسحو ڪيوءُ
پَرَ ڏينهَ حَيضَ جا وِسرِي تان جي تَهِين ويا
تہ عَمَنَ سندا گونسدرَبن تَهَ سِرِ مِينهَ ٿيا.
وَقتَ سين سَيَڪهِين غُسلُ ڪري سا
پاسو ڏي مَ ڍولَ سين، ويجهايا وِيا (١)
رِکي رَمَضاناءُ پوءِ بِئا پڻ وِيهَ روزا
تہ ٿريهَ ٿينَسِ پاڪيَ سندا، ويهَ حَيضَ جا.
جيڪا جوءِ پاڪَ ٿِئي ڏهين ڏينهِ حيضاءُ
جي سا سُنتِي ڍولَ سين اَڳِهِيَ غُسلاءُ
تہ رِهائِسِ اِنَ پَرِ بُڌو ڪتيباءُ.
پَرَ جيڪا جوءِ پاڪَ ٿِئي اَڳِهي ڏهَنياءُ
نہ رِهاءِ غُسلَ رِءَ تَهِ سين ڪَرڻُ جَماعُ

(١) ويجهايا ويا= ويم جي ڏينهن کي ويجهو.

جيڪي رکي تيترو پاڪيءَ پڄاڻاءُ
جنهِ ۾ وِهجي اُڪَري، ڪ تَسبِيحَ چوءِ مُهاءُ
تان پِي پُڻ رِهاءِ سا اِڳهي غُسلاءُ.
ٿوڪَ نہ رِهين ڪيترا حَيضَ وارِيَ ڪي
متان ڪِي غافِلِ ٿِئين، پُڇِي سِڪين سي.
نِمازَ ڪَرَڻُ، روزا رکڻُ، ترِوءِ پڙهڻُ قرآنُ
مِهت پِهڻاءُ، مڙِسَ گڏجڻاءُ، پُڻِ رکندي پاڻُ (۱)
وَڃِي ڪعبہ اللهَ ڪي متان ڪري طوافُ
حَيضَ ۾ هٿِن سين پُڃي مَ مُصَحافُ
پِئي وِينتِي سَيَڪا ويني مَر ڪري
اَستغفارُ چوءِ، دُعائون پڙهي، ڪلِمو پُڻ پِري.
حَيضاءُ جُ پاڪَ ٿِئي تہ ڪِيَ ڪندي سا
نِمازَ قضا مَ ڪري، پَرَ روزا ڏرَي قضا.
پِنِ حَيضَنِ وِچُ جو سو پُڻ ياد ڪَرِيہُ
تہ ٿورائِي ڏِينہَ پنرَه، ناه گهٽائِي ڇيہُ.
ڇِهين يَتين وَنڪُون حَيضَ جيُون ڏسَن (۲)
ڪارو، ڳاڙهو، ساوءُ، زَردو، پَنجوءُ ڦُلهارَ وَنَ
ڇِهين وَنڪ خاڪِ جين مَنجهِ ڪتابَ لِکَنِ

Gul Hayat Institute

---

(۱) مهت پهڻ= مسجد ۾ گهڙڻ. رکندي پاڻ= پرهيز ڪندي(۲) ونڪون= (واحد ونڪ) رنگ، ورن.

جو آچو ٿيي نڪري حيض سو نہ چوَن.
نفاسُ چئجي رَتَ کي جو جوءِ وِياءَ هوءِ
تہ متو چاليہَ ڏينہَ، هِيَ سا حد نہ کوءِ
جي پهرهين پاڪَ ٿئي تہ مرُ متو ڏوءِ
نمازَ ڪري، روزا رکي، شَڪُ مَ پانئي کوءِ.
رَتُ نفاسَ جو جهِ کي ڪي ڪيترائي ڏينہَ
تان پي پاڪَ هُوئي سا تُوڙي وِيہَ ڪ ٽريہَ
تہ پُڄاڻاءُ جي ڏنائين وِيندي سين چاليہَ
مِڙيائي نفاسُ ٿيا اِي سڀيئي ڏينہَ.
عادت هئي سَتَ ڏينہَ نفاسَ منجهہ جهين
جي پنجيَ پاڪَ ٿئي وئس رَتُ وَهي
وِهنجي سا نمازَ ڪري، رکڻُ ناهِ تهين.
عادت هُئي ڏہ ڏينہَ نفاسَ منجهہ جهين
چاليہ ڏينہ هُوئا تهين بي پيري ڪهين
چاليهئي نفاسَ ٿيا، پڙهيا پُڄُ لهي (١)
پر جي چاليهاءُ پوءِ رِڙهئو رتُ تهين (٢)
تہ عادت اُتي اڳين نفاسُ ڏہَ تهين
بيا سڀيئي پاڪَ چوءِ جيڪي ويا وهي (٣).
جا صُورتَ حيضَ ۾ نفاسَ پڻ سائي

---

(١) لهي= ڳولي هٿ ڪري (٢) رڙهيو= وهيَ نڪتو (٣) وهي= گذري



Gul Hayat Institute

بِنهِي حُڪُمَ هيڪَڙو سِڪِجاهُ بائي (١)
غُسِلَ ۾ فرَضَ جي سي ٿوڪائِي ترِي
ڪَنِي ڪِتابَنِ ۾ سَت پُڻِ لِکَنِ ڪي
هيڪڙو پاٽِي واتَ ڪي، ٻِئو نَڪَ ڪي ڏي
ٽرِوءُ سَپِيئِي اَگِرا ڌوئِي پاڪَ ڪري
سوڙهِي مُندِي جَهِ ڪي سوبُڻِ سانپيري (٢)
غُسِلَ ۾ گَهَٽِي پرَين اِحتِياطُ ڪري
ڪَچُنِ وِچُ، ڪَنَنِ وَرَ، دُنُ پُڻِ پُسائي
تَلِيَ ڪاڪِڙو ماڳُ جو تَه وَرَ پُڻِ مَهٽِي
بُندا پُڏا ٽُرونِربُون جَهِ کني صابِڻِ سين چوري
نَنهَنِ هيٺَ، وارَنِ پاڙُون، ڏَندَ پُڻِ سو ساري
تان جي هيڪَڙِيءَ پاڙَ ڪي آبَ نه رَساٽي
تہ تَهِ کي غُسِلُ نه لهي جُنُبِيوءُ آهي
تيلائِين پاڪُ ٿِئي جِين سي پُسائي.
تان جي جوءِ غُسلَ ۾ جَڙها نه کولي (٣)
تہ تَهِ کي باڪَ ناهِ جي پاڙُون پُسائي.
غُسِلَ سَيئِي ڪارِهِين پَتِين لِکِئا لِکٽهارِ
تَنِي مَنجها چارِ فرضَ ۽ .سُنتُون چارِ
بہ واجِبَ، مُستحَبُ ٽرِوءُ، ڪارَهِين تِيا نِهارِ،

(١) بائي= مائي (؟) (٢) اصل ائين (٣) جڙها= جندا، ميندا

Gul Hayat Institute

لِکِئا ڏِسَنِ ڪيتِهِيَنِ ٻِيا پُڻ ٻہ ۽ چارِ
ڇَهِي نہ سَتوءِ اڳيونِ مُستحَبُ شُمارِ
هاڻي ٿِيَنِ سَترَہَ ليکو ڪري نهارِ.
تني مَنجها فرضَ جي پُهروءِ ڇيائي چارِ
پَرِ پانهجيَ سَيُڪو جُدا ڪري وِيچارِ
سي ڇُٽا پُڇَنِ جي، جَهلُ ڪُوڙي ڪارِ
اِلاهي "عثمان" ڇوءِ تون وجهَون پارِ.
غُسلَ ڪي وِجَهنِ جي سي پُڻِ ٿوکَ ٻُڌو
عُذرُ ناهِ اِسلامَ ۾ پُڇِي سَڀِ سِڪو.
هيڪڙو مَنِي شَهَوه سَيِن جي هِنَ پر ڪَہِ نڳيوءُ (١)
نظرَ سين ڪِ ڇُهَڻِ ڪري ڪِ ڳالِهاءُ سُٽيوءُ
تان پي گهٽِي لَذتَ سين جي ڪَہِ هَٿُ اُٿوءُ
مَنِي تہِ مُهتِ ۾ اُٿلِي پيوءُ (٢)
غُسلَ ڪرڻُ تہِ ڪي تتِ فَرضُ ٿيو.
مَنيُ نِڳَتوءُ جَہِ ڪي سُهٽِي مَنجِهہ سُتي
غسلُ تہِ فرضُ ٿيو اِهَ شَيطانُ ڏُتي (٣)
ٻيوءُ جي گَڏِيا پانَ ۾ هيڪ مَڙِسِ ۽ جوءِ
ٻِنهِي ڪي فرضُ ٿيو غُسلُ گڏيا پوءِ.
توڙي آبُ نہ نِڳَتوءُ، سَڀُ نہ پينو هوءِ (۴)

---

(١) نڳيو= نڪتو (٢) مهت ۾= مهل ۾، وقت ۾ (٣) ڏتي= ڏتاري (۴) پينو= داخل ٿيو

Gul Hayat Institute

ٻنهين کي فرضُ ٿيو غسلُ ڪندا توءِ.
جوءِ مُيَ سين جي ڪَهي تان جي ڪيو جَماعُ
ڪِ جيئنديَ سين ڪيو ڳهٽيَ سُهِندِ منجهاءِ (١)
ماهنديَ پوئيَ واٽَ رءَ ڪِ ڪَهي ٻئي ماڳاءِ
ڪِ ڪيائين ڊورَ سين اهَ پَرِ ٻُڇاياءِ (٢)
تان پي ڇڏئائين ڪٽي اَکيهين کيڙُٽاءِ
غسلُ پوءِ نہ انَ پرِ ڇُٽو وهنجٽاءِ
ٽِرئو جيڪا جوءِ پاڪَ ٿِيي حَيضَ پُڄاٽاءِ
غُسِلُ تنہ فرض ُ ٿئي ٻڌو ڪِتيباءِ.
چوٿون غسلُ تنہ کي جا وِيائي جوءِ
جُہ تَهِئا پاڪَ ٿِئي تہ مَرُّ مَتو ڏوءِ.
ٻہ غُسلَ واجِبَ جي سُڻِ تنِي ٻَيانُ
هيڪڙو ڏجي مَيتَ کي جَہِ هَلَڻَ پَرِياڻُ (٣)
ٻِيو ڪافِرُ جُنُبَ سين جي ٿِيو مُسلِمانُ
غسلُ ڪرڻُ تنہ کي واجِبُ ڪري سُڃاڻُ.
چار ڇِياءِ سُنَتون سي جان تان ڳُهرجنِ
هيڪڙو جُمعي ڏِينهَ ۾ ٻيو ٻِين عيدُنِ
ٽِرئو غسلُ حجَ ڏِينهِ مَنجِهہ ڪِتابَ لِکَنِ
چوٿون تاءُ حاجِينِ کي جي اِحرامُ ٻڌنِ.

---

(١) سهند= شوق، چاه (٢) ٻچايا= ٻيڙائي. (٣) پرياڻ= اهڃاڻ

Gul Hayat Institute

مَنجها اِني سَتَ جَيَ مُستحب چَياؤُن
ڏِسي ڪِتابَنِ ۾ هِنَ پَرِ ڳَٽياؤُن.
جي ڪافِرُ جُنُبُ ٿِيءَ مُسلِمانُ ٿِيوءُ
غسلُ ڪرڻُ تَهِ ڪَيَ مُستحَبُ پِيوءُ
بيو جي ڪَهِين وِرِهَ پَنرَهَ جيَٽاءُ پوءِ ٿِين (١)
ڪاءِ پَيدا ڪا نہ ٿِئِيَ مَنجهاءُ نِيشانِيَنِ
غسلُ ڪرڻُ تَهِ ڪَئِيَ مُستحَبُ چَوَنِ.
حَيضُ، حَمِلُ، سُهُٽو ٽرِيئِي لِيکِياؤُن
آهِينِ بِلاغَتَ جؤن اِيهِي نِيشانيُون.
تان جي پَيدا نہ ٿِئِي نِيشانِيَنُو ڪاءِ
پَنرَهِي وَرِهَ بالِغُ ٿِئِي نَنڍو ۽ نَنڍياءِ (٢)
نوئِي وَرِهِ جي نِينگَرِيَ حَيضُ ڏِٺو هوءِ
سَيِنِ ڪِتابَنِ ۾ بالغ ٿِئِي سا پوءِ.
بارِهيءِ وَرِهِ بالڪَ جي سُهُٽو لَڌو ڪوءِ
ڪِ حَملُ رَهوءُ پيٽ ۾ تَهِياءُ ڪَهِين جوءِ
سَيِنِ ڪِتابَنِ ۾ بالِغُ ٿِيو سوءِ.
ٽرِئو شَبَ بَرات جو، چوٿون قَدَرَ راتِ
"لَيلَةُ القدرِ خَيرٌ مِن اَلفِ شَهرٍ" جَهِ ۾ ايڏي ذاتِ.
عاشورِي ڏِينهِ پَنجوءُ، ڇَهون حَجَ جي راتِ

(١) جيٽاءُ پوءِ= جمڻ کان پوءِ (٢) نَنڍو ۽ نَنڍياءِ= ڇوڪرو ۽ ڇوڪري



Gul Hayat Institute

نہ لاهِجي لِکَ. سينءَ سِکَنڻَ سَندِي تاتِ.
سَتوءُ مَرُ سو کري جو حَجامَتَ کاري
رُما هَٽائي کَهِين پرِ کِ سِيرُون ڇوڙائي (١)
هِي سَتئِي پويان مُستحَبُ پانئي
ويندا سي ايمان سين کَلِمو جَنِ چائي (٢)

لا اله الا الله محمد رسول الله

تمام شد چار علم

---

(١) رُما= رُميون هٽائڻ= سگّيون هٽائڻ (٢) چائي= چوائي.

Gul Hayat Institute

## سادِيون ڇه ويهون فرض

Gul Hayat Institute

بسم الله الرحمن الرحيم

جيڪو سادو فرض صلوات جماد جاده باني پيغمبر فرض

جا هڪ ته جا ڪري ۽ جا پنج مباني تريه روز ڪيترائي نيت تيرهه ارڪان

نجي سنگ پاڪ ڪري نماز پڙهي مان پنج تڪبير فرض صحيح ست جيڪي ايمان

تيرهه رڪعتون نماز جون سارين سڀ سبحان تنهن جيتي تنهن جي تيرهن تان

بنهي مسلمانن پنج علم جا جاري فرض وضو اي مذهب جا

تيري فرض غسل اري تيمم تيرهن جا ريتا محمد جو ساري سڪو بيهي

محمد بن عبد الله بن عبد المطلب بن هاشم بن مناف اهو مصطفى

ست فرض ڪفايت جيڪي سکو ڪيهي اسلام ڪري نماز جنازه پيو جواب سلام

ٽيون جواب جڪي جو نجي ساري باري بادشاه ڪي اهي ڪافر ديار

جهو اثر ڪري تون جنهن جڪي ڪا ستون ڪي تڪليف جهڙي منتقو ڪن

جاني پوڙهو ڪريپ جي ڪوتا بلڪه فرض نماز جو ڪاڪر جهڙي

جايو جي بالغ تيا ثابت ميت تن تي مجاهد ڪر ۽ هيئين مجاور

نماز نماز ۽ تنهنجو عالم اي جو ڏاڪر جا ريلي ڪن

قبول تنهنجو وضو ڪاڪي جي شڪ جو حرام تن

تن مجاهد باجو ڪري تني جي بليغ



Gul Hayat Institute

[٢٠]

## ساڍيون ڇهہ ويهون فرضن

بِسمِ اللہِ الرَّحمٰنِ الرَّحيمِ

ڇهہ وِيهون ساڍِئون فَرضَنِ جي صِدقَ مَنجها ڄاڻُ
بانسَهنِ مَٿي آيو سَچو اِيهُ فَرمانُ
جاهِلُ ٿِي جاڙَ ڪَري وَجائيج مَ پاڻُ
ٽِريہ روزا ٽِريہ نِبيَنُون تيرَه اَرڪانَ
پُڇِي سِکِي يادِ ڪرِ تہ ماءِ پَهُچي مانَ
پَنجَ تَڪبِيرُون فَرضِ جُون، سَتَ صِفَتَ اِيمانَ
سَتَره رَڪَعتُون نِمازَ جُون ساري سِکُ سُڄاڻَ
تہ تُون چِٽِين تِتهِين جتِ ٿِيندي تاڻَ
بِنِهِ مُسلِمانِي پَنجَ فرضَ ۽ بي عِلمَ چارِ
چارِ فَرضَ وُضُوءَ ۾، ۽ بي مَذهَبَ چارِ
ٽري فَرَضَ غُسلَ ۾ ۽ بي تَيَمم ٽِري
چارِ پُٺِين مُحمَدَ جُون ساري سِکو سي.
مُحمَدُ بِن عبدالله بِن عَبدالمُطَلِبُ بِن ھاشِمُ بِن مَنَافُ
....... آئو مُصطَفيٰ دِينُ ڪيائِين صافُ
سَتَ فَرضَ ڪِفايَتَ جي سِکو ڪي اِسلامَ
ڪَرِهو نِمازَ جَنازي بِيو جَوابُ سَلامَ
ٽِرئو جَوابُ ڇِڪَ جو، چوٿُون جَدُو سارِ

پَنجَئِي يارِي بادِشاهَ کي اُتي ڪافِرَهِ دَيارِ
ڇَهُون اَمرُ ڪَرَ تُون مَٿي چڱِي ڪارِ
سَتوءُ نَهِي ڪِجي تَنِ ڪي هِي جي مَنِيُون ڪَنِ
جاڻي، ڏوهَ ڪَرِينِ جي ڏِينهُ اَياڳو تِنِ
پَنَرَهَ فَرضَ نِمازَ ۾ سَڀ جوڳا ڳُهرِجَنِ
جائي جِين بالِغَ ٿِيا ثابِتُ مَٿي تِنِ
تَنِئي مَنجها هيڪَڙو هي جي نہ جاڻَنِ
ناهِ نِمازُون تَنِ جُون عالِمَ اِيَ چَوَنِ
سي هيهِين ڏاڪَڙا ڪُجاڙي ڪي ڪَنِ
قَبُولُ ٿِئي نہ تِنِ جو تَوڙي حَجَ وَجَنِ
نِڪاحَنِ ۾ شَڪُ پِي جوئين حَرامُ تَنِ
تَنِي مَنجها مَنجهِ ڪي ڪي ٻاهَرِ آهِينِ
فَضلُ ڪَندو تَنِ سِين پُڇِي جي پارِينِ
سَتَ فَرضَ جي ٻاهَرِيان تَن نالو اَحڪامَ
عاقِلُ سِکي يادِ ڪَرِ چُئِين ڏِينهِ قِيامَ
پِهرو ڪان نِمازَ کي وَقتُ سُڃاڻيجِ
ڏِيلُ ماڳُ ڪَپَڙو ٽِرِيئِي پاڪَ ڪَرِيجِ
پَنجُون عورَت ڍَڪِ تَنُ، ڇَهُون قِبلو سُڃاڻُ
سَتَوءُ نِيَتَ ڪَرِ تَهِي ٿِئي مُسلِمانُ
اَٺَ فَرضَ جي مَنجهِيا تَنِ نالو اَرڪانَ

سبي نہ پسَندا ڏاڪـڙو پـارئـا جَنِ فـرمانَ
پـهـرو ئـِي تـَڪبير جو بـيو اُيـينُ چانُ
وٽي ڪجي عُذرَ سين ترؤ پڙهـڻُ قرآنُ
چوٿان رُڪُوعَ نِمازِ ۾ ساري سي ڪجيہ
(۱) اِيہ لـنگـهي تہ پارِ تـئي ڪُنَ ڏهـلا ڏِيـنہَ
پَنجان سـجدا نِـمـازَ ۾ ڪج يـلي يـت
فَرضَ سڪِي ڪـرِ تُون سَتوءُ پـوبـُون وِهـڻُ چانُ
(۲) اَنـؤن نـڪـئہ فـعـلَ سيـن جـہ بُتـنـئي رَحـمانَ
چاٿِي فـرضا هـيـڪـڙي جو مـُڪـرُ تـيو
طلاق پـيـسِ جوءِ سيـن پـاڻ ڪافـرُ تيو
”عـثـمـانُ“ چوءِ عِـلـمَ رءِ عَـقلُ مُـورِ نہ ڪوءِ
سِـنـڌِي اَپـوجَهـنِ ڪي ڳـهـتو سُهلي هوءِ
رءِ فـرضيـن پـرئي مُـورِ مَ مـرَڪي ڪوءِ
هَلائـبو هـايَ مـتي تـوڙي عابـدُ ٿـئو.
لـذو ڪِتابـنِ ۾ شـڪ مَ يـانـئي ڪوءِ
”عُثمانُ“ چوءِ عـالـمَ ڏٽِي پَانـها اُميدوارَ
مَرهِ تـنـي ڪي مُـون ڏٽِي فـضـلُ ڪـري جَـبارَ
لا اله الا الله محمد رسول الله
ڪيداني ڪتيب ۾ ايـڪـيہ واجب ڳڻـيـائـون

(۱) اصل ائين (۲) اصل ائين

جِين فرمايو عالمين تيهَين چيائون
تني منجها عام سي ٻي ست ..........
ڪَني حق نماز جا چوڏهه خاص جي
ست منجهائن عام جي سو.........
ايڪه واجب جي نماز ۾ ساري سي سڪيج
لفظ تڪبير تحريم ۾ اڪبر چَؤ پيو وچ وجهيج
ٻِين قَعدَنِ مَنجِهہ جي اَلتَّحِيَاتُ پڙهيجِ
مَنجهِہ رڪوع سَجِدهي ڪي آرامُ ڪَريج
فرض ڪر فرض هند واجب اِي ڪريج
ٻہ سجدا هند هيڪڙي سي ٻِي ساري ڏيج
جي نمازاء نڪرين تہ لفظ سلام چئيج
چوڏهه پويان خاص جي چوءِ تينءَ.............
پِهرِين ٻِي رَڪعَتين ۾ قِراه قرآن پڙهيج
۽ پڻ پهريئي ٻي فاتِحَ تعين ڪَريج
فاتحہ پيرو هيڪڙو ٻيهار ساريج
الحمد سين هيڪڙي سُورت ضمُ ڪريج
آيتون ناهت وڏي هيڪ پڙهيج
پهرائين الحمد پڙهي تيڪان ٻي پڙهيج
۽ اِنَ پَر پڙَهڻُ واجب آهي ڪه اهي [ڳرهيج]
جي امام ڪان ڏار هُئين تہ واري ڪريج

نَاهَتُ هُوءِ اَمامُ سو نَاهَتَ ذارِ ڪري
وتر ۾ واجب جو دعا قنوت پڙهيج
هن اتنؤُ سَهوَ پنوي پويا تا مَ پڙهيج
جت پڏرو پارؤ تت م ڳجهہ ڳرهيج
ڳُجهي هَندِ پَڌرو پڙهي ڪهين م سٺائيج
جني سَهوَ نہ پوء هاٽي سي سڪيج
جي امام پڌرو پڙهي تہ [تون] ڪيم ڪُڇيج
متابعت امام جي سيين پرين ڪريج
جهِينَ حال امام هوء تهين حال مڙيج
تان جي ليڪي نہ مڙين تہ ايذانہ جت سمذيج
سجدو تلاوت امام اتي ۽ چوذار ڪريج
واجب ان پنهي ڪي هيڪڙي هنڌ ڪريج
تڪبيرون عيدن جون ۽ رُڪوع ڪي ڪريج
سجدي سَهوَ امام سين هيڪلي پي ڏيج
جي واجب وساربي تہ تون اي ڪريج
چوڏنہ پوَيان خاص جي سڪي سو ساريج
ات نؤ سَهوَ پوءِ چهنوءُ م ڏيج

---

مومن پچي پار تون پورا سپ شرط
متان ميڙي منجهہ تون هنجون روئين رت

وَاجِبَ سَڀِ نمازَ ۾ وِيَهَ ۽ پَنجَ لِڪَنِ

هينڪُ پهرِيَنِ تَڪبيرُ سَان اَڪبَرُ لَفظُ چوَڻِ

ٻِيئو جي فَاتِحہ.......... ۽ سُورَتَ پڙَهڻُ

ٽِريو چوٿون الحَمد اَگي پڙَهَڻُ پنجئو ضَمَ چوَڻُ

ڇهوُن.......... جي پڙهندو قُرآنُ

اَلتّحيَاتَ ٻيئِي پڙَهڻُ وِچِيون وَهڻِ جَاڻُ

پويَنِ ۾ الحمدَ پَڙهَڻُ........ سَلاَمُ.

فَرضَ فَرضَ هَندِ وَاجِبُ سَاري سِڪُ تمامُ

نِڪَرِي.......... آسَڻِ مَاگِ

ہَ سَجِدا رَڪعَ هيڪُ، ٻِي اِي پنِ وَاجِبَ لاَگِ

هِنِ سَترَهَنِۇُ هيڪڙو تان جي ڪري نَ ڪهِ

هنيگلي اِمامَ سَان سَجِدي سَهَوَ پوءِ

ٻِيَا هِنِ رِيَ اَنَ جي تَنِۇُ ڪونَ ڪَرِي

عَالِمَنِ فرمايو سَجِدي سَهوَ مَ ڏِي

ويرمَ ڪَرَڻِ رُڪُوعَ ۾ ۽ سَجِدي چوَڻِ

ڪَندَا مَاٺِ جَماعَتِي جُ اِمَامَ پڙهڻِ

چوٿُون وَحيَڻُ اِمَامَ سان جِهين ڪهين حَالِ

پَنجِوُن سجِدو جي پوءِ پڙهي اِمَامُ سَنيَالِ

تَڪبيرُون عِيدُونِ ٻين پَرڪا رُڪوعَنِ

اَنوُن سَجِدو سَهوَ ڪَنِ مِلِي جَمَاعتيَن

وِيــــرُ ويـَسارو سـَنـِيـَرِ ۽ سـَهـَوَ جـُڳاءِ
ڄاڻـي وِئُــسِ تـَنَ پـَوَءِ سـَا نـُقـصـَانِ رِهـبَاءِ
سـُجِدي ســــهـَوَ هــيِـنءَ ڪـَرِي ڇـَيـو عـالـِمَنِ
الـتـَّحـيـاتَ پـويـُون پـَڙهِـي سـبـَجي سـلاَمُ ڏيـَنِ
بـِہ سـَجِدا ڏيــئِـي بـِيـا الـتـَّحِـيـاتُ پـَڙهـيـجِ
سـَجي پـَارِ سـَلاَمُ ڏيئـِي تـان پــوءِ ڪـَبي ڏيجِ
سـَپِ مُــرَادوُن پـُنِـيـوُن هـَائـِي دُعـَا مـَگـّيـجِ

---

Gul Hayat Institute

مجاز وفرمان سڀ جو قادر جيو تن اسان جي نگهو ڪالاهه اميد
ڏهلا يهر اد ڏا اگر اتي بج سبحاني نتي سيءِ تيل ڪرنو رحمت رباني
ڪيو تمادر ابين وباجه جاري نڪين سيگار ونڪين تو سنج
ان نبرا ديو ڪيئو رب اتيج منجه تنين سدر ڪجه نلوات نناي
هو هو وهو ئي ذات خالق خلقن جهان تين سدي داهن بحر قلم سينا
اوتي جو دعا ايه جڪر جي باد تهانجو وجود ايمان منجه ڪلمو جيڪي لا اله الا الله محمد رسول الله

باب آب
بسم الله الرحمن الرحيم
باني هو جو نو جي سڀو لڪي لي بت ده دهني هيڪرو بيو تنا هي دوست
ده دهنو جو ندرو تهمي وصفو نکي نيجا وهي نڪ ڪي تاڙي ڪري جڳ
نرا نا نڪ هڪ ڪوڻ ڪبر باڪ تجار دو نبيري لڪ ڪر جيڪي رهاري
بو بلبيتي هي تهي ده دهمي لوي بجي بارا ڏبنو ڪرو صفو جيني وسدڙو هو
ڪه منتر مالو ڪي بيع دبه جنن بيوجيدا ها بو نسو بلبيت بناڙو بين بيع
مگر صفت هيڪري ونجي بجي تن ڪڪ ڪر بوڙ ڪرسا ءِ نه بلبيث لڪي
ده دهه ڪن جاري ڪلع وڙه دره جوڻا و نائي ات اگر سنت ڪه جهمر هو
جو ڪڻيا زو جو هو سو ڪر ڪجا ڙيلا بر منو جيڪو هو تسو ڙه اڙو ڙيه
رابو

## [۲۱]

## آبَ دَه دَر دَه (ڏه گز چورس)

بسم الله الرحمن الرحيم

پاڻي موجُون نہ وَهي سو لِکني بِي پَتِ
دَه دَهنِ ۾ هيڪڙو، بِيو تَنائِي گهَٽِ
ڏه ڏهنُوَ جو نَنيڙو تَهِ ۾ وُضو مَ ڪَنِ
جِيني وَهي نِڪَ ڪي تانئِي ڪَري چوَنِ
نہ رَچُ نہ نِڪَ هَنَڌُ ڪوءِ، ڪَپڙُ پاڪُ پِچاءِ
ڏُونِ پيريسن لِڳَ سَپ ڪَر جيڪِي رِهاءِ
پُوءِ پَليتِي ۾ تَهِي ڏه ڏهنِ ۾ پوءِ
بِي پاراءُ بِيو ڪَرِ وُضُو جِين نہ ڏِسَندو هوءِ
ڪِ مُتَرُ ماڙهوءَ ڪي پِيو ڏِسي جِين تہ بِيو
جيڏاهَ پوءِ نہ سو پَليتُ، نَہ پاروسِ بِيو
رنگُ ڪِ بُوءِ ڪِ ساءُ تَهِ تَرُ پَليتُ لِکَنِ
ڏه ڏه گَز چاري ڪُندُون "دَه دَرِ دَه" چوءِ
اُونهائِي اَٿَ آگُر سَتَ ڪِ چِئَ مَرُ هوءِ
چؤ ڪُنديارو جو هوءِ سو گَز ڪَرِ ٻچاليهَ
بَرَ ۾ نرو جيڪو هوءِ تَنَ سورَهَ ۽ وِيهَ
صابُڻُ ميتُ بَئِي گِرِي پاڻِي گهاتو ڪَنِ
توڙِي ڏه ڏهنُو نَنيڙو صَفتُون تِرءِ وِجَنِ

Gul Hayat Institute

پاڻِي پاڪُ پائي تري پِرِڪا آچِلائيوءُ تَنِ
ٿِينو پاڪُ رِهاءِ وُضُو غُسلُ تِئاءُ پيَنِ
تان جي تَهِيءُ ٿورڙو هارِئو مَنجِهسِ ڪِي
پَرَ جي اَصلُ پَلِيتي باقِي رَهِئي نَڪِي
ڪَبُوترُ جِهرڪِي ڪوئو ۾ ڪُوهَ پَئِي مَرَنِ
نہ سي سُجَنِ نہَ سڙَنِ تہ ترِيہَ چڙهَ ڪَڍَنِ (١)
ڳِيرو ڪَبَرَ وَهِيو چِٽُون جيڪِي اِهَڙو هوءِ
هيڪَڙي مُوئي تِريہَ چڙهَ ڪَڍُ، ٻي مُوئي سَتِ چوءِ
تان جي سُجِنِ ڪِہ سڙَنِ تہ پاڻِي سَڀُ ڪَڍُ
پَرَ پِهرُوئِي سين ڪَڍِي تان پوءِ ڪُوهَرَ وَڍُ
نہ وَڏي نہ نَنڍڙِي چڙهَ وِچِيا سين ڪَسِ
جي هيڪَڙو ترِيهَنِ جو هوءِ تہ هيڪَڙائِي بَسِ
ٻہَ ٽري چار ڪُوا مَرَنِ تہ ترِيہَ چڙهَ ڪَڍِيجِ
پَنجَنُو تَا نوَنِ سين تَہ چالِيہَ سِنجِيجِ
تان جي پَئِي ڏهَ مَرَن تہ پاڻِي سَڀُ ڪَڍُ
پَرَ جي سُجَئي ڪِہ سڙَنِ تہ تہِ هيڪَڙائِي وَڍُ
جي ٻِجُ پوءِ ڳوهيريءَ سُورِي چالِيہَ چڙهَ ڪَڍُ
ڪُڪُڙَ مُوئِي، ڦُڙِي رَتَ، ڦِهِنگَ مُتر ماڙُهوءَ گهوڙي پوءِ
پاڻِي ڪُوهَ پَلِيتُ ٿِيو ڪَڍُ سَيُوئِي جوءِ

---

(١) چڙهَ= کوه مان پاڻي ڪيڍڻ لاءِ چم جو ٻوڪو

مَاڙُهو بَکري ٻيو جِهُسِ کُوهَرَ پوءِ مَرِي
توڙي سُڄي نہ، سَپُ کَڏُ، پُڇِج ڪاءِ مَ گَرِي
ڪتو سِينهُ بَگهِياڙُ سورُ جيڪي اِهڙو هوءِ
پاڻِي کي واتُ رَسِئُسِ کَڏُ سَيوئِي جوءِ
مُتُرُ ماڙهُوءَ گَڏَهَ کُتي ٻِلي يا سورَ جِهوءِ
پاڻِي کُوه پَليتُ ٿِيو کَڏُ سَيوئِي جوءِ
ٻِلي کوئو مَنجهاءُ کُوهَ جِيئَوندا کَڍِنِ
جَان کَهِ دَکُ تان سَپ گَڏُ، ناهَتَ کِينَ چَوَنِ
تان جي ٻَئِي ٻِئو مَرَنِ، کِہ وَرِ ٻِنوءُ کُوءِ (١)
ٽِريہَ کُوئي پَنجاهَ ٻِلِي ٻِنهي اَسِي چوءِ
کَڍِئُو کُئو ٻِلِي کُکُڙُ سُوٽا کُوهَ مَنجهاءُ
ڦِيرائي وَقتَ نِمازُون سارِيَ سَپِ کِجاهُ
سا وِيرَ مَعلُومُ نہ ٿِئي پَنرَهَ وَقتَ ڦِيراءِ
۽ جي سُوٽا نہ هُونِ تہ پَنجَ وَقتَ موٽاءِ
بَهنُو جهِ کُوهَرَ ٿوڙَڙو ۽ ڍِرِيگهوسِ پَرِي
ڏَه ڏهنِ ۾ تِيَ پَرِ وُضو غُسلُ کَرِي
"فَتاوَي سَرَاجِيَ" ۾ لِکي هِئِيَ پَتِ
"مَجمُوعِ خانِي" آبُ بابُ مُون هِي ڏِٺو تَتِ
هيکُ بہ پولَڙِي کَيرَ ۾ رِڌَ ڏِيَندي پوءِ

---

(١) ٻني ٻيو= ٻئي ۾

ڪَسُ نہ چِڏي نَہ سَڙَءِ، ڪِيرُ پَلِيتُ نہ هوءِ
پَرَ پوءِ ڏِهي سَيگهہَ ۾ جي سِگهِيُون ڪَڍِنِ
مَڏُ مُئو ڪَسُ سِين چَڱِي وِيرَمَ نہ ڪَنِ (١)
ڏِيَنديِ رِڍَ پولَڙِيُون ڪري ضَرورتَ
پاڪُ چوءِ ڪاءِ سو رِهاءِ تَہ صُورتَ
اُٺَ گهوڙِي رِڍَ بَڪرِي پولَڙِيُون ڪُوهَ پَوَنِ
هَرِيُون سُڪِيُون ثورڙِيُون پُرِي پَلِيتُ نَہ ڪَنِ
ثورِڙي ڪُوهرُ گُوٺَ ۾ ثورِڙي باهرِ هوءِ
پَرَ جي ڪَڏهِين گهٽِيُون پَوَنِ پاٽِي پَلِيتُ چوءِ
رِءَ پولَڙِي خالِي چِڙَهُ مُورِ نہ ڪوءِ ڏِسَنِ
پَرَ جي پاٽِي رِڃَ ۾ پولَڙِي هيڪڙِي پوءِ
نہ پاٽِي پَلِيتُ ثِيو پِئي ثِنان مَ ڪوءِ
جِهرڪِي گِيرا پارِڙ اِهڙا بِيا هُئَنِ (٢)
وِنِيُون سَندِيُنِ ڪُوهَ ۾ پَئي پَلِيتُ نہ ڪَنِ
پَرَ وِٺِ ڪُڪُڙَءِ بَدَڪَ جِي جي ڪُوهَ ۾ پوءِ
ثورِڙي پوءِ ثورَڙِي پاٽِي پَلِيتُ چوءِ
ڪِئان پَڪِنَ حَرامُ جي وِٺِ پاٽِيَ ۾ ڏِينِ
ڪي چَوَنِ مَڪرُوه ثِئي ڪي پَلِيتُ ڪَرِينِ
اُٺَ گهوڙِي جي لِيڏُڙاءُ سَجواَنُ ڪَڍِنِ

---

(١) اصل ائين (٢) پارڙ= پارَيلَ ، پاريهل

ترِي ٿرِي پيرا ڏوئِي سُڪاءِ ڪاءِ پاڪُ. لِڪَنِ
۽ جي سَچو نِڪرِي ڳوُن مينهِ جي پيٿاءُ
تورِي ڏوئِي توءِ پلِيتُ، پرَ پوڪَڻُ تيِاءُ
ڳوُن مينهِ ڏِيي بَڪِرِي ڪُوهرَ مُٿري پوءِ
قَولِ اِمامَ پَلِيتُ چوءِ، پاڪُ مُحمدُ چوءِ
مَگرَ جي پاٽِيا گَهتُو مُتُر ته نه رِهاءِ
مُتُر پاڪُ حلالَ ماهَ مُحَمدُ فرَماءِ
پاڪَ سُڪِي ڪَلَ سيَڪاءِ رِءَ مَاڙُهو ۽ سورَ
هِيءُ ڳورئِي آت گَهٽِي، هوءُ پَلِيتِيءَ فورَ
وِجو ته اِيمانَ سين ڪرِهُو ڪلِمي ورَّ

لاَ اِلَهَ اِلاَّ الله مُحَمدُ رَسُول الله

---

Gul Hayat Institute

كتاب تحقيقي علمي بابت فقه

Gul Hayat Institute

بسم الله الرحمن الرحيم

سماراه وا كاتوكريا جوتوربا الد رازق رزق توديه سكالين ساه
الي تبين تودي هاريين جياريين باي طاقت ناه كاسيكي سكارين
تكهين جهو تودوين بيوكون جهو ماكنا باي توكهي تكو زيمو كر
ليا ليا توكرا توبرا بان شفاعة كلذو سين سنو جو شيا سلطان
جهو درو دبين ناه ابتدهين الحافر تين جهنبو رين هت نجي جاك
اساس المصلي كيتب مشتغيا مو سندي كالا يار بدين سنكهي نماز بعلوه ساه
تكري فر فاريسي فاريسي سندي فرتوي تنايي سنبا جاهو ديا سكهي سنو كوهر
اساس المفتي كيتب جهو تيوا هندي جرار جتيكا خطاهي تمعي كرن سكالا
سسنه الكي هندري رو جي رجي كر سبادي لوك كيتر افرض تجتي سنايي كفايت لوك
ركعتيا واجب عارمي سنتوكي مستحب نماز ملك كيتر الاككي اهد
ملكه قبلي يادكر مرمان سدا ربب يعقو عار كه كيه مري
اصليار تعيين كي شرط كينن كي تكبير رور كوع كي كي مو عا تلد اه
كي سلام كي ستيع كي جلس كي سجدا كي اولم عار ن بجن كيه تيغ كم

[٢٢]

# كتاب أَساسُ المُصَلي

بِسمِ اللهِ الرّحمنِ الرّحِيمِ

ساراهَ واكانَ تـو كَريان جو تُـون رَبُ اِللهُ
رازِقَ رِزقُ تُـونَ ڏِيـئِـينِ پَـسان ڳِـنِـهي ساهُ
أَيِين نِـبِين تُـون ڏَتِي مـارِيـنءَ جِيارِيـنءَ
بـانـهي طاقـَتَ نـاهِ كا سَگهين سِـينگاريـنءَ
كَـهِين نـہ جِهو تُـون ڏَتِي بِـيو كـونَ جِهـوءِ
ماڳَ نـہ أُتي تُـون كَـهِين، نَـكـو وَزِيـروءِ
تـو ڳالِهيَان تـو گهُران تـو پـرَنـان پـاڻُ
شَـفاعـتَ كـنـدو سَيِن سو جو نَـبِيَان سُلطانُ
چوءِ دُرُودُ نَـبِيَ نـانءِ ۾ سَـنـدِهَـس آلَ
حاضِرُ تِيُ حُضُور ۾ سَـتُ نہ مُـنـجِهي جالَ.
"اَساسَ المُصَلي" كـتـيبُ مُـتـقـيا مُون سِنڌي ڳالـهـاءُ
يـا رَبَ ڏِيـئي سَـڀ كَـهِي نِـمازَ سَـنـدو سـاءُ
عَـرَبِي فـرَ فـارِسِي، فـارِسِي سِـنڌي فـرمـوءِ
سـائِيَ سـباجـها مُـون ڏَتِي سِـكي سَـيوكـوءِ
اَسـاسَ المُصَلي كـتِـيبُ جـوڙِيـو اَرهِـداني حـرارِ
جِـيـكا خَـطا لَـهِـيـن تَـهِـيءَ كَـرَي سـاوارِ (١)

---

(١) ساوار= سنوار، درستي ٢. سا وار= اها سڌي كر

سُؤالُ ڪَي مَنزِلين رُوحُ رکجي، ڪُڙه بُنِيادُ ڪَي ٿوڪَ
ڪيتَرا فَرضَ عَينُ ٿِيا، ڪَي ڪِفايَتَ لوڪَ
ڪيتَرا واجِبَ نِمازَ ۾، سُنّتُون ڪَي مُستَحَبَ
نِمازَ مَڪروُه ڪيتَرا، رکي ڪَي اَدَب
.......سِکِي يادِ ڪَرِ فَرمانَ سَندا رَبَ
پِهرُو نِمازَ ڪَهِ ڪِئِي پُڇوءُ مُنَ.......
اَصلِ نِمازَ ڪيتري ڪي شَرطين ڪِينُ
ڪَي تَڪبِيرُون رُڪَوعَ ڪي، ڪي [تَهِ] مُون قاعِدا
ڪَي سَلامَ ڪَي تَسبِيحوُن ڪَي جَلِسَ ڪَي سَجِدا
ڪَي اَندامَ نِمازَ پَجِن، ڪَي مَنجِهس حَرامَ
چَ سوءُ سَتَ مَڪرُهِ جَا بائِيتالِيهَ اَدَبَ
اِي تُون سِکِي يادِ ڪَرَ سَندِي دِينَ طَلَبَ
پَنجين نَبِيئي مُرَسلين ڪِيا پَنجَ وَقتَ
سي پَنجَوءُ فَرضُ ٿِيا مُحَمدَ جِي اُمَتَ
سَتَ اڳِيَ سَتَ نَرِيَ سَتَ مَنجِهِ عَقَدَ
جَنِي پُڇِي پارِيا مِڙِيا سي مُحَمدَ
پَنجَ اڳي پَنجَ ٻَادَ پَنجَ وِهَڻَ سُمَهڻَ پَنجَ
پَنجَ پيرَ پَنجَ ڳاٺِ، پَنجَ اکَرَ، پَنجَ نُو واوا ڇَهَ ڇَهاسِ
ٿِري سَوَ سَتَ رِڳِنِ جا سَپِي رَتَ ڳِراسَ.
نَوَ لَکَ اَسِي سَهَسين چوئيتالِيهَ وارَ

(۱) ڪو سُوراءُ نہ ڏارَ، ياٽُو آٽو سَيڪوءِ
ڪارَہ غُسلَ ڪِتيبَنِ ۾ سورَۃَ مَسحا نُو بابَ
مَسلَهين چَئِين اِمامُ تيا ڪاريا اِيَ نِماز.
(۲) ڏِينہُ سِراَنَ اَصِلَي ماہَ سادِا ڏہَ
پيرَ جيتري پاٽِي پاڪَ تِئي پاٽِي چوڏہَ سيرَ
ڏٽِي مُحمدَ ميڙِيءِ مُون ڪَهين سوجهِيَ ويرَ.
(۳) جواب پِهروُ هُوئا پِيءُ پُٽِ ۾، پِيو مَاحَاٽِي ڪڪِ
تا پوءِ آيا دُنِيَ ۾ جِتِي پِيا سُڪِ
چوٿِيَ مَنزِلَ گورَ جا، پَنجوءُ حَشرَ ڏِينہَ
ڇَهين مَنزِلَ آخِرَتِ جا نيباهُو نِينہَ
مَغزُ مِجَ هڏَ بِيءُ پاٽياءُ چوتان چَوَنِ وارَ
رگُون رَتُ کَلَ ٽرِيئِي ماہُ ماجاٽِي سارَ.
پاٽِي مِٽِي واءُ، چوٿُون جيرو گنڏِوءُ
مَتاءُ آدَمَ کِي آٽِي ڪَرِي ساءِيءَ ڪيو پَساہُ
اَکِين ڪَنَ واتُ هيٺُون پَنجوءُ مُنہَ ۾ نَڪُ
اِي پاڻَ قُدرَتَ اَللہ ڪِيا اِتِ نہ مَلَڪَنِ مَپُ
جواب، سَلامُ وُرانُ هيڪَڙو بِيو نِمَاز وَقتُ
ٽِروءُ جَوابَ جِڪَ جو، چوٿين گِرِ رَحمَتَ
چارِ ڪِفايَتَ سڪِيہِ پَنجوءُ اَمرُ ڪَرِيجِ

(۱) اصل اٿين (۲) سراڻ= ساوڻ مهينو (۳) ماجاٽي= ماياٽي، ماءُ جي

Gul Hayat Institute

پُڇِي جنَنِي پارِئا چِٽَا ڏِينهِ قيامَ
ڪيتَرا وَقت تعِينُ ٿِيا، نَاهِ سَجدُو جتِ
ڪيتَرا مَحلَ وَرِي پِيَا نَفلُ ڪجِ مَ تتِ (١)
ڪَي اَڳِي، ڪي باتَ، ڪَي وِهَڻَ سمُهَڻَ (٢)
ڪَي ڪَي پيرَ ڪَي ڳاٽَ، ڪَي وقتَ، اڪَرَ ڪَي واوا، ڪَي جاسَ
ڪيتَرِيُون رڳُون ڏِيلَ ۾ ڪيتَرا وارَ وِياسَ
سوجهي سو سُڃاڻُ ڏَٽِي سَندي جيِنِي آسَ
ڪيتِرا غُسلَ ڪتيِبَنِ ۾ ڪَي مَسحا ڪَي بابَ
مَسلهين ڪَي اِمامُ تِئي ڪارِيئِي ڪَي نِماز
ڪيتِرين پيرين اَصلِي ڪيتِري پاٽِيءَ پَاڪُ
جَنِ اِي پُڇِي پارِئا سي نہ لَهَندا داڪ
حَيضَ تورائِي ڏِينهَ ڪَي ۾ ڪَي مَنجِهہ نِفاسَ
جَدِيَ رڪَڻُ ڪيتَرو، ڪَي مُوءِ ٿِياسَ
پاندُ پلِيتيَ ڪيتَرو جَائِي ڪاري جَهلَ
هَلَڻُ ڏِينهي ڪيتِري، ڪيتِري پائِين پَلَ
ڪيتري مَاڳِين پَلَ پوءِ حُتِ نہ ڳالهائوءِ
ڪيتِري هنڌين جَهلَ ٿِئِي ڪيِڻَ پيَڻَ جوءِ
ڪَي صِحتَ، ڪُفرَ ڪَي، اَڪَرَ ڪَي چَئِجَنِ
ڪَي شبُهَ شُبُهَ رِي ڪَي رَڪعَتُون فرَضَنِ

---

(١) محل= مهل، وقت (٢) بات= بعد

كَي موكَدُون غيرِ موكَدُوكَي رَكعَتُون سُنَنِ
عَقدئا كَي شرط كَي، كَي مَنجِهہ نَريِنِ
نَنديِ كنا كيرُ ٿئِي، وَڏِي كيرُ رَنُنِ
كَي كِتِيبَ، كَي قبِلاَ، كَي پاكَ خَوفَنِ
كَي ...... كَي...... كَي ۽ كَي سِيرَ رَسنِ
سِكَڻُ ٿِيو سَيكَهِي چوءَ ..............

**جواب:** ڇِهَين مَنزِلين رُوحُ رَكِجي كُڙهِ بُنِيادُ سَتَرہ ٿوكَ

چوٿرِيه فَرَضَ عَيَنُ ٿِيا............ لوكَ
فَرَضَ يادِ كَرَ ۽ ايكِيهَ واجِبَ
پُورِيُون پَنجاهَ سُنَتُون اُوٺِيهَ مُستَحَبَ
ڇِهُون وِڙهڻُ كافِرَهِ، سَتوءُ بِوڄُ پَليج
سَبِ مُرادُون پُنِيُون هاٿِي دُعا مَگِيج

**جواب:** پنجَ فرَضَ ۾ مَسحي ڇَ جي مَنجهہ نمازَ
ڇَ جي بِنهِي وِڃِياءِ پڇِي پارِيهُ حاجَ

**جواب** بِنِہِ مُسلِمانِي پَنجَ فرضَ، سَتَ صِفَتَ اِيمانَ
ٽري غُسِلَ، تيَمَمَ ٽري، چوٿرِينهَ سِكَ.....
پِهرُو كَلِمُو شَهادة چوءُ ٽاءَ پِوءِ پَنجَ وَقت
ڏرِ روزا رَمضانَ جا، چوٿين مالَ زَكواة
پَنجوءُ هَلَڻُ حَجَ ڏُونهُ اُٿِي كَرِ هِمَتَ

.......ڏائو هَٽُ ڏري پيرَ پَر ڏائي ڏيجِ (؟)
ليڪو ڪجِ مَ چِتَ ۾ ڏرمَ م ساريجِ
ليڪا ڪَڏُمَ يُون سِر نِگِي نَظَرُ مَگِيج
اُگَهڻُ ٺُڪَ نہ پَنڌَڙي سَترُ ڪاڪڙي ڪَريج
نَڪا گارَ نہ ڳالهاءُ ڪِي، مَ ڏندَڻُ ڦيريج
جيَٽُو پيرُ ڪڍِي ڪري نِگُوءُ ڏائي رکيج
سَڀِ تَتائين فارِغُ تيِہ لاَحولَ چَئيج
سَڀِ مُرادُون پُنِيُون هاٿي دُعا مَگِيج
**جواب:** ڪارَهَ ٿوڪَ مَڪرُوهَ تہ سي سُٽِي سِڪيج
ڪيِڻُ لُوڻُ ڇيٽُو گاهُ هَڏا نِڪَرَ آگارَ مَتائيج
حَقَ پَرائي ڏونهُ قبِلي مَ جيَٽِي ڳِنيج
ماڙُهوئين ۾ جو پَڌَرو ڪارَهُون اِيُ ڏِکيج (٣)
جَهنَ ڪَرُو جرُ وَرِي جہ وَتِي خاڪِ ڳِنيج (۴)
آسانَ شَرطَنَ تري تيا حَنفِي قَولُ سِڪيج
**جواب:** وِڪُو ڏِجاهُ بيِنيُون ۾ رِڳوءِ ڏُهيج (۵)
هيڪَ نَ چِڪي هيُون هَٽِي تَہ پاٽِيءَ چَتيج
تان جي تيهين نہ رَهي تہ ڪَپاهُ ڳِنهيج
ڏِيلِ چِڪنَدِي جوءِ جَا تَہِ پَردو ٿَري مَحَلَ (٦)

---

(٢) ڪارهون= هاسيڪار (٣) جَہ نہ ڪَرو جَرُ وري جہ وتي خاڪ ڳنهيج ؟ (۴) جواب. وِنگون ڏجان بيٺيون ۾ رڳونَ ڏُهيج (؟) (۵) اصل ائين (٦) ڏِيل چِڪَندي جوءِ جا تَہ پرندو تري مهل

جَان رَهي تـَـان مـَهندَ ۾ نـاهـَتَ جِتي جَهلَ
ڏِيـلِ چِڪـندَي چوءِ جَا تـَـ پـَردو فَـــرضُ (١)
جَهِ نـ ـ چِڪِي آمُـتِـنَةَ تـَـهِ وَسـوَسـي واجِبُ
سـَا پارِبندِي تـِيهـيـن جَهِ جِيـنِي صِفـتَ
اِيَ سُـنَـتَ مـادَرِ مومـِنـاءَ سَـندِي عـائـِشـة
جــواب: نو مَڪروهُ ۾ مَسحي سي مُورِهِين م ڪج
پـهِـــرُو ڳالـهـاءُ پاڻِي گهَـٽُو مَ اَڳِي پو ٿيـجِ
ٽـــرِي پِـيرَنُو وِتـــرو مَ نـڪرِي هــٽـيـجِ
پـاڻِي ٻـتـنـو سـجَ تـاءِ مَتِرا مـاءُ ڪـرَبيجِ
جِتي ڪَدِيَهِ ڪاڪـرِي تـِـت طَهـارة مَ ڪيجِ
جِت طَهـارَةَ تـو ڪـئِي تـِت وُضُو مَ ڪيـجِ
**جواب:** ڏوئِي هَـٿَ دُعـا گُهرُ وَڏِي ڏَٽـي مُلاءُ
نِمازَ لائـقُ جَـ تـيـئِي پاڻِي پاڪَ مَنجهاءُ
پاڪُ ٿِي پـرَ گُهرُ سـندا جي عـرَشَ ڏو واتُ (٢)
تـَـهِ ڪري جين پُـچِنديـن ............
ڏُو نـَـڪُ نـيـتَ ڪـري سـَندِي جَـنَـهِ فـورَ
مُنـهُ ڏُوڪـي قـِبلـي جو هُـونـدوءِ ۾ گـورَ
............ اَڪـرِين پـَسـتَـهِ ٿــانَ لـقـنـاءَ
سـرِ سُـونـهـارِي مـَسـحي فَـرمـائـي ڏَٽـيـاءَ

---

(١) ڏيل چِڪندي جوءِ جا تنه پرندو فرض (٢) اصل ائين



Gul Hayat Institute

آگِرِين پيرِين کَنَ ڏُوجَہ سُٺِئِين بِلالَ ثَناءُ
پيرَ پَڪاري پِيچِ تَہِ پُٺِ چُٽِين مَگَراءُ
"پُسوءِ" چوءِ باتُ چَوانِ جِين کو لهسِ پِاءُ.
**جواب:** پِهرُو سَيِيئِي هَٿَ ڌُو پوءِ طهارَةَ ڪيجِ
بِيهارِ ڌُو سِين کَرائِيِين اَللّٰهَ نالو گِنيجِ
کَرِ ڏُندُنُ گُرِڙِيُون پاٽِي نَکَ ڏئيجِ
سوئِنُ نَکُ وُضوءَ مِ نِيتَ تَرتِيبَ کَرِيجِ
تِري پيرا ڌُو اَگَرا ڏاڙِهِيَ ڏُندِين ڏيجِ
ڏُنديري ڏُندِين ڏي ڏاڙِهِيَ خِلالُ کَرِيجِ (١)
مَٿي سَنبَهِي سَرَ کَنَ، جِيتِيَ ڏي گِنيجِ
هَري اُتان هَرِيو پاٽِي واتِ کَرِيجِ
آگِرِين ڌُو وِيجهارا گَرِدَنِ سَرَ کَدِيجِ
**جواب:** مُستَحَبَ مِ مَسحِي سورَه سي سَکِيجِ
وَقتا جو اَنگَ سي وُضُو مَ تُون اُگهاڙِيجِ
مُنهُ مُهاڙ ڌُونهُ قِبلِي کَلمُو شَهدَ چَئِيجِ
ڌُو سَيِيئِي اَگَرا دُعا دُرِسُ پِڙهيجِ
پاٽِي ڏِيِنَ جِيتِي ڏائي نَکُ مَٽِيجِ
آگِرِين مَٿَهِ کَنَ ڌُو ءِ مُندِري ڦيرِيجِ
مَسحي اُتي مَسحو وُضو پاٺِ کَرِيجِ

(١) ڏنديري= ڏنديلي، ڏند کوتٽي

خالِي پاٽِيَاءُ جي تِئِي نہ پاھُون پائِيجِ.
جيڪِي فاضِلُ اُپَڙِي تِيَان ٽري ڏُڪَ پَرِيجِ
سُورَةَ القَدرِ فارغ ٿي پيرا ٽري پڙھيجِ
آيَةَ الكُرسِي اِخلاصَ سين ۽ صَلَوٰاة چَئِيجِ
بہ رَڪَعَتُون نَفلُ جا مَسحي نِيَتَ ڪَرِيجِ
سَڀِ مُرَادُون پُنِيُون ھاٿي دُعَا مَڱِيجِ
**جواب:** مُنہ ڌُوئَڻُ ۾ مَسحي پاھُون پيرَ سُڃاڻَ
چوٿين مَسحي سَرِ ڪَڍُي لِڌو مَنجھہ قُرآنَ
اِي پارِبندا چارِ فَرضَ جوئين ۽ جُوئانَ
پانھجو قِياسُ ڏارِيَا ڌُوئَڻُ چوٿُون وِچُ
سوڙھي مُندِرِي جَہ ڪي سو قيروءُ ڌُوئيجِ
نالاَ فَرضَنِ ھَندِ پُٺِ سِڪَڻُ فَرضُ چوَنِ
رِءَ جاٽَندي نہ پَڙَنِ ڪِيُون نِمازُون تَنِ
جِين پُورا فَرضَ تِيَنِ پاٽُو آٽِي ھَندِ
رِءَ فَرضَنِ اَدَا ڪَئِي نِمازَ نہ اَچِي پَندِ
فَرضَ واجِبَ سُنَتُون مُستَحَبُ چوَنِ
تَڪبِيرَ سَلامَ وِچَ ۾ چوراسِي حَقنِ.
**جواب:** پھرو وَقتُ سُڃاڻُ، بِيو تَنُ ڪرڻُ پاڪُ
پَنجوءُ پَرھَڻُ ڪَپَڙَا ناھِيَ مُونہ سِينيَ
ھيڪُ مُڙسَہِ پاٽِيَہ پَرِئا جِيَہِ نہ اِيسءَ



Gul Hayat Institute

هيجي جوئين آجيُون تن سَيوئي قدُ
هتِني پيرن سِيني مُنهُ اُگهاڙَنُ اَڌُ
جوءِ مُڙس کي سَڀِ لِڳُ ڍَڪڻُ فرضُ آهينِ
مُنهُ هٿَ پيرَ نِمازَ حَقِ ترئي اُگهاڙِينِ
بانهي رکڻُ مُڙسَ جهِ مَعلُومُ کِيومِ پُڇِي
۽ پُٺِ اُتي فرضُ تهِ ڍَڪڻُ پيٽُ پُٺي
ڇهين سا جاءِ قِبلي، سَتينءَ نيتَ سارَ
هڻُ تڪبيرَ اَٺئين لاهِ دُنيائي دارَ
نُووءُ سَئُون اُپِيڻُ، ڏهُون پڙهڻُ قرآنُ
ڪارَهُون نَئِي رُڪُوعُ ڪَرِ جهَ تُسَيءِ رَحمانُ
بارَهُون ڏيجِ سَجدو، تيرَهُون آخِرِ ويهُ
چوڏهُو نِڪرُ فِعلَ سين جهَ تِييءِ سُهلو ڏيهُ
مومِنَ پُڇي پارِ تُون پُورا سَڀِ شرطَ
تہ ميڙي مَنجهِ مَهدِيي هَنجُون رُوئي نہ رَتَ
تَڪبيرِ هَٽُندو ڏَٽِي پَس، ڏَٽِي پَسِيءِ تہ سَجُ
حاضِرُ تِيُ حُضُورَ ۾ بِئو مَ ڪِينِي رَجُ
ڏائي دوزَخ جي جِين مَٽيءُ جيٽِي جَنهَراءِ
اُتي پيرَ صِراطَ جا پاسي مَلَڪَ اُياءِ
اَڳي جيڻُ مرڻُ پوءِ هيان ڇڏِ مَ سارَ
طُوبا ۽ حيراة نَئِي تہ تو مَنجهِ جَنتَ اَپارَ

Gul Hayat Institute

سَــبِ مُــرادُون پُنِيُونَ هاڻي دُعَـا مَـگَيِـجِ
**جواب:** سُـنَـتُون اِمامَ کي لازِمُ جي گهرجَنِ
پـهـرُوئِـي وُضُــوءَ ۾ اِحـتِـيـاطُ چوَنِ
سُـنَـتَ دُسـتـاراءُ کـڻِـي کُـلِـ وِجهـڻِ وارَ (۱)
ڏِنــاؤُن نِـمازَ ۾ نَـبِـيَ اِهـا پـارَ
آچا سادا کـپِـڙا کـرِيـاءُ مَـٿي پـَرهِيـنِ
قَـومَ جَلـسَـتَ تَـمامُ اَدا حَـرفَ کـَرِيـنِ
بُراتــاءُ بُرُوجِ سـيـنءَ فـَجرِ ظُهرِ پـڙهـيـجِ
بُرُوجاءُ "لَمِ يـَکُ" سينءَ عَـرِ عِـشا ڳِنيجِ
سانـجهِـيَ تـائـين آخرِ قُرآنُ جي جاڻـيِـي تـہ پڙهيجِ
پـرَ جي سُورَ سَجِيَ پڙهين وڏِي کـَجَ مَ کـَنِ
"وِ خَائِـفُ" هـوءِ پرَهيزگارُ پـاهـرِ کـَدِي مَ جوءِ
کـاري نِمازَ اَلهَ لَـڳِ جاڻِي مَ چِـڏي کـي کـوءِ
گهــڻـو اُبـسـَنَ نـکـَنـي لاکُ نـجِـي هـوءِ (۲)
بي حَدِ سَـتَرُ نـہ نَـکـِڙو صَبرِي مَ اِيَ کـوءِ
ساري حَـقَ نِـمـازَ جا سَـيِ پُورا کـِجَنِ
جاڻي پاڻِ تـہ چَـگَـيـا جي نـہ تـہ پُـچِـي عالـِمَـنِ
پُـٺِـي هِـهِي اِمامَ جي مـلَـکَ نِـمـازُون کـَنِ
ملِـي جَـمـاعَــتَ سان سـي سَـيِ مَـرِهَ گهـرَنِ

---

(۱) کُلِ= کُلو (۲) اصل ائين

سائِين خالِي نہ ڪَرِي دُعا سَندِي مَلَڪَن.

**جواب:** ٻترِيہ سُنَتُون نِماز ۾ تائِين آٿَ قِيامَ
ٻِيون آٿَ رُڪُوعَ ۾ سَجِدِي سَتَ اَندامَ
سَتَ اَندامَ سَجدي آٿ سُنَتُون سِيرانِ
پويُون آٿَ قَعدِي ڪِي سوجَها پارِبندانِ
ڪَٽَڻُ هٿَ تَڪبِيرَ ڪِي ٻِيو جِين نَاهِيَاءَ هيٺِ (١)
جِيَٽُو هَٿَ مَٿي ڏَري ڏائُو اُتي وِينٺِ
پَڙَهُ ثَنَاءُ اَعُوذَ سِين بِسمِ اللهِ آمِينَ
اُيو پَسُ نِراڙَ ماڪَبُ اَٿَئِي اِيَ يقِينَ
چُوئِي ڪَنَنُ ڪُلَهنِ سِين اُتي تَنا ٻَڌَڻِ
مَحَلِ سَجِدي پيرَ ٻَئِي سَجِي پارِ ڪَدِنِ
اُتِي اُرَنِ تَنُ رڪَنِ اُوچو ڪَنَ مَ پانُ
لائِبِين لِڪَ لِڳَنِ سِين پارِبنِ اِيُ فَرمانُ
چَوءُ تَڪبِيرَ رُڪُوعَ ڪِي ٻِيو جِين مُونہِ هَٿَ
مَٿو پُنِي هيڪَ سا پُورِي اِي سُنَتَ
پَڙَهُ تَسبِيحَ رُڪُوعَ ۾ پيرَهِ ڏُونهُ نِهارِ
مُنهُ سامهُون قَومَ ڪَرِ اَڪِين ٻِيُو اُگهاڙِ (٢)
چَوءُ تَڪبِيرَ سَجِدي ٻہ هَٿَ نَڪُ نِراڙُ
ٻِنِهي ڪُلَهنِ وِچِ ڌَرِ جہ تُسيءِ جَبَّارُ

---

(١) هِياءَ= هِنيون، سينو (٢) اکِين ٻِيُو= ٻئي اکيون

پـڙهه تـسبـيحَ سـجدي نِهارِ نـکَ کـبَريـجِ
مُـنـهَ سَندا جي آگريـن قـبلـي ڏونـهُ ڏريجِ
اکـيـنِ اُڳـهـاڙي کري اَنـئِي جَلسَ کَريـجِ
چَوءِ تَـکبيرَ قَـعدي سَـنوءُ تِـي وِهـيجِ
جِيـتُو پيرُ اُپو کـري ڏاوُ پـتـريـجِ
بـاهُون بِيُون کَـئِي کري جوتُـرهِ هـٿَ ڏريـجِ
مُنهُ سَنداَ جي آگريـن قِـبلـي پـارِ کَريـجِ
نـهـارِ کَرِ اُرهَ ڏونـهُ ۾ صَلَواة پـڙهـيجِ
جِيـتـِياءُ جَهتَ ۾ مُـنـهُ ڏائـي ڦـيـريـجِ
پـتريـهَيءِ سـنـتَ سَلامُ جا کُلَـم اُتان ڏيـجِ
سـپ مـرادون پـُسـنـيـون هـاٿي دعا مگيج
**جواب:** ٽري آيـتُون مُستَحَبُ جَان اِڳي نِمازاءُ
پـڙهـڻُ بـيـُون نِمازَ ۾ ويـتـرِ جي فـرضـاءُ
ٽـروءُ جي پوپـيءِ قـعدي اَڳرِ صـلـواتـاءُ
ٽري مُستَحبُ نمازَ ۾ سوجها اَهَـندا سـاءُ.
**جواب:** اَدَبُ آسـتـِيـنَ کَـڻُ ٽُـون آگـونـا کـئِـي
نـيـتَ کَـنـدو کَـنـڌُ نـاءِ اُپِـيـيءُ چَـئِـن آگريــن
جَهلَـڻ واتُ اُباکـيـان ڏائـِي پُـنِـي ڏيـجِ
مُوني اُتـي هـٿَ جي آگريــن ٽـيـڙيـجِ
جا سَکِي مَکَـکُکِي پَـرُ هَـٽـيـن سـنـوءُ نـراڙَ (١)

(١) اصل ائين

ماڳُو آڳِ ذِڪرُ جو سَندو چَوءِ جبّارَ
اَڪِين مُونَا هـَتَ پوءِ، نَڪان پوءِ نراڙُ
پِهرائِي ڪَنُ پويان ساراهي سَتّارُ
آءُن اِمامَ تو چوَانَ پيرَهبَنِ پيرَ رکيج
صِفَ سُٽِينديَ پِهرِيءَ وَڏئِي اِيَ پَڙهيج
سَنوءِ اُيِيَنُ نِمازَ ۾ نَڪِي جُنبَنُ تَتِ
سُورَ سَيائِي بَادُ سِين پَڙهجي ۾ مَتِ (١)
رُڪُوعُ ۽ سَجِدي تَسبِيحِ سَئِين پَڙهيج
ڏِيندو سَلامَ نِمازَ ۾ پويُون پانَ پَسيج
پِهرِين سَلاماءُ پوِيَءَ مَتان وِهَنُ ڪَريج
سَيِ مُرادُون پُنِيُون هاٿي دُعا مَڱيج
**جواب:** شُڪراني جي نَبِيَا ڪِئِي نِمازَ قَدِيمَ
صُباحُوني آدَمَ ڪِئِي اَڳِيَنءِ اِبراهِيمَ
وِچِينءِ تاءُ يُونُسَ ڪئِي ۽ سانجهي عيسي
وِترُ آوُ مُحمّدَ ڪي سُمهَنِي مُوسيٰ
**جواب:** ٻَترِيهَ رَڪعَتُون نِمازَ ۾ سَجدي چوهَٺَ
سَترَهَ فَرضَنِ وِترِ ٽري، چارِ سُنَّتَ ۽ اَٺَ
چوهَٺَ سَجِديِن نِمازَ ۾ تا فَرضين چوٽريهَ
ڇَهَ وِترَ واجِبَ ۾ سُنتين چوويِهَ

(١) باد= بعد

ٽري ٻٽريھي ڇھانوءِ قيامَ رُڪُوعَ قومَ
اَنوتَرُ سڄُوَ جلسَ سڀنَ سڪو ڇڳا ڪمَ (١)
ڪارَهَ تڪبيرُون فرضُ ٽيُون سُنّتين سڄو سَتِ
اِي ٽُون سڪي يادِ ڪرِ ٻالِي ٻرِي هَتِ (٢)
تا اَٺَ ڳڌياٽا ساڍا فرضَنِ ۾، ڇهَ ڳڌياٽا سُنَنِ
ڏيڍُ ڳڌياٽو وِترَ ۾ پُوئِي وِترِ تَنِ
پَنج تڪبيرُون قعدَنِ ۾ اِي جي اِنيُون ڏارَ
ڏٺي مُحمّدَ ميڙِ مُون جي ڏوهامِ اَپارَ
ٻارهين اُوٺا ٽري سڄُوءُ تسبيحَنِ چوَنِ
تا ڏيڍُسَوءُ ٽري اَڳرو مُتجهِ فرضَنِ پڙهَنِ
سَتاايهَ وِترَ ۾ اَنوتَرُسَوءُ سُنَنِ (٣)
سَتَرَهَ، قَعدا نِمازَ ۾ تَنان نُو ۾ فرضَنِ (٤)
ٻه قعدا وِترَ ۾ پويانَ ڇهَ سُنَنِ ........
ڪارَهَ سَلامَ نمازا پوياڻِ تا پَنجَ ۾ فرضَنِ
هيڪڙو وِترَ واجبَ ۾ پُويان پَنج سُنَنِ
ٻَ مُونا مَٿو ٽرڙ ٻَ پيرِ ٻَ هَٿَ
جَنِ ڏِني پُوري ٽئي نمازَ اَندامَ سَتَ
**جواب:** نُو وِيهون سَتَ مڪروهِ نمازاءُ نه ڏارَ
باهرِ ٻيا ويهَ چوان شڪو تني پارَ

---

(١) اصل اٺين (٢) اصل اٺين (٣) ستا ايه = ستاويهه (٤) نَو = نو

Gul Hayat Institute

نُو مَڪَرُوه ۾ مَسنحي ڪارَه مَنجهہ وَتَنِ
سَوءُ سَتاسِي مَڪرُوه نِمازَ مَنجهہ لَهنِ
تا ٻَترِيهَ پَرهَڻَ مَڪرُوه ٻائيتالِيهَ مُقامَ
سَتَ مَڪرُوه تَحرِيمَ ۾ پَنَرَه مَنجهہ قِيامَ
پِيا پَنَرَهِ قِراَه ۾ تيرَه مَنجهہ رُڪُوعَ
ٻارَه مَڪرُوه ۾ سَجدِي، چوڏَه قَعدي ڏُونه
ٽيترِيهَ مَڪرُوه عامَ ٿِيا پَنجَ تِنائِي رُوحَ
تہ مُون اِي يادِ ٿِيَه جي اَللهُ ڏيمِ اَسُوهَ

**جواب:** ٻيترِيهَ پَرهَڻَ مَڪرُوهَ مَنجهہ نِمازَ چَوَنِ
لارَهاءِ پَڌري پَٽُ قَرِينُو سي ...... (١)
ڪِهڙِي ٿَراڻِ جوڙِينءَ سَندِي ڪافِرَنِ
مَٿي اُگهاڙي جو ڪَري اُتي ڪِينَ ڪُلهنِ
سُٿَڻَ رِءَ پهراڻَ ۾ ڪُلَهِ رِءَ دُستارَ
چَگِي هُوندي نَبِرَ ڪري تہ مَڪرُوه نہ ڏارَ
پارِسي هُوندي هِندُوِي هِجي مَنجهہ خُمارَ
ڪَسِيءِ بَاهِيءِ داءُ جي جِهمِي گَندِي جَنِ
گَندِيئِن هُونديئي حاضِرِي جي سُٿَڻَ ۾ ڪَنِ
ڪلَهنو لاهي ڪَري هِجي وِٿِ ٻَڌَنِ
گَندِي ٻي نِمازَ جي ڪَهِيُو نہ ٻَڌِي جامَنِ

---

(١) اصل ائين



Gul Hayat Institute

اَڏوبَنڌِ مَتي بَڌِي پُوهُرَا پانڌَ لُڏَنِ (١)
ڪلَها ڍَڪي پاسا سِينءَ اُرُهُ اُگهاڙو جَنِ
مَتو ڍَڪي جوءِ جِيَ آسِينَ جِينَ ڪَڍَنِ
**جواب:** بائيتالِيهَ ماڳَ مَڪروُه جِتِ نِمازَ نہ ڪَنِ
ڪيڙِي تَراڻِ چَپَ ۾ يَهُودَ تَرسايَنِ
ڪَافِرَ مُغَ مُبارِڪَ سَنِهيَ سِيرِيَ ڪَنِ (٢)
ڪَرَجِ ڪَجَرِي بَدبُوءِ ماڙهُوءِ سَنَڌِي نِيتِ (٣)
گَهرِ هيڪَلو جو ڪري سُٽِي پاڪَ مَسِيتِ
هُوندي ماڳَ مِهتِ ۾ بَلَنڌِيَ جي چَڙهَنِ
مَتي چَڙِهيا نِمازَ ۾ اُپِيَا جِي جُنبَنِ
ڪاهَرَ بُرڪِي رهلِ سَهنَاءِ تہ بُراءِ ڌَدَرِ ڪَنِ (٤)
شَطرَنجِ چِترِ ڪرڪِي ڪَنِڪَرِي ۽ پڻ بُتَ خَانَنَ (٥)
چَوءُ پائي قبلي جو ڪَري دَايہ ڪُج اَڏا ايَنِ (٦)
گَرماءِ بَاهِ ڏِئي تي چَندَرِ هَرِ گَهر گَهرِ نہ ڪَاري
**جواب:** آستِينَ جَنِ نہ ڪَڍِئي آگُوٺَا ڪَنَنِ
ڪُلهي اُتي جَهلِيا موڪَرا آگَرِيَنِ
مَاڳَا مُورهِي نہ ڪَرَنِ ڪہ مُنِي پِي پيڙِبنِ
تَڪبِيرَ هَٽَندا تَحرِيمَ ۾ بانهُون جي لاڙِبنِ.

---

(١) بُوهرا (؟) (٢) سنهي سِينڌُ ڪڍين (٣) ڪَرَجَ ڪچري بدبوءِ (؟) (۴) اصل ائين. (٥) ڳائڻ دهل شرناء بُراني ڌَڌن ڪن (؟) (٦) ائين

Gul Hayat Institute

جواب: چوءِ نہ تڪبير رُڪُوعَ ڪي مُونہ ھَٿَ نہ ڏِيـن (۱)

مُونَہِ اُتي ھَٿَ جي تو آگُرَن ٽيڙِين.

رُڪُوعُ ڪَري نِمازَ ۾ مَٿو سَنوءُ نہ ڪَرِين

رِجِيَ جِيَ ريڙُ ڪري ڪَنڌُ ھيناھُون نِين (۲)

ڏہ تَسبِيحُون فَرضَنِ ۾ ڪِہ ٽرنئُون گھٽ ڪَرِين

رُڪُوعُ نہ ڪَنِ امامَ سان ڪِ لَڳِي ڪَنڌُ ڪَٽِين

مُونَہِ اُتا ڪَپڙُو سيروءُ مَٿي نِين

نَظَرُ نہ پيرہِ ڏُونہِ نہ قَومَ ڪَرِين.

اَکِين بُوتِيو رُڪُوعَ ۾ اَگَرَ جي چورِين

"سَمِعَ اللہ" سِين لاھيو ڏارَ ڏَرِين

تيرہَ مَڪرُوہ نِمازَ ۾ سوجَھا ڪي تاڙِين

اَللہ مَرِھي تَنِ ڪي جي مُون سيڪارِين.

**جواب:** چوءِ نہ تڪبيرَ سَجدي، پيرَ پِئو نہ ڪوڙي

اَکِين بُوتي سَجدي ۾ نَڪُ نہ نِھاري

مُنہَ سَندا جي آگُرين ڏُونہُ قِبلي نہ ني

اُرِہ اُتي پيٽُ ڏَري ڪَڇَ نہ اُگھاڙي

ٻاھُون ٻِيُون پو سرِ نيو جو جوڙي

سَجِدو ڪيو نِمازَ ۾ جَلسہَ جو نہ ڪَري

جَلسہَ ڪري نِمازَ ۾ اُرِہ ھَٿَ نہ ڏي

---

(۱) مونہ = گوڏن (۲) رجيَ = ريڙھ ٿئي، نڪ وھي

Gul Hayat Institute

ڏه تَسبيحُون فَرضَنِ ۾ ڪِ تِرنوءُ گَهِتِ ڪري
ٻارَهَ مَڪرُوه سَجدِي ۾ سُوجهو ڪو ساري.
**جواب:** ٻيڻيِ پيرَ جوئِنِ جِي هيڪَڙِي پارِ مُيئَنَ
ڪتو جين قَعدو ڪري هِجي نِمازَ ڪَنِ
ڪَندِي پَلِٿَ قَعدِي چَنبو جِنءَ ڪوڙِينِ
ٻاهُون ٻِيُون ڪَنِي ڪري جوتِرهِ هَٿَ نَه ڏِينِ (١)
مُنهَ سَندا جي آگُرِين قِبلِي نه آڻِينِ
نِهارِ ڪَنِ نه اُرهِ ڏُونهُ نَه صَلَوات پَرِينِ
صَلَواتاءُ مَثي تِيان دُعائُون تا نه پَڙهِينِ
دُعائُون پَڙهِيو نِمازَ ۾ ويِنا مُنهَ سوئِينِ
ديوالِ مورِي تَنبَ تِريَ ڪي آڌارَ ڪَرِينِ
ڏِيندا سَلامُ نِمازَ ۾ ڪُلَهنِ اُتا نه ڏِينِ
سَلامُ ڏوءُ نِمازَ ۾ وِيَتا تَرَ توهِينِ
جِيَٿاءُ جَهتِ ۾ ڏائِي نه ڦيرِينِ
چوڏهَ مَڪرو قَعدِي سُوجَها ڪِي تارِينِ
**جواب:** آويرَ نِمازَ جو ڪري ڪِ ڪَرَبَ ڏارَ ڏَرِي (٢)
چوتِي وِيڙهِي جو مُئِي ڪِ ڪَپارَ ڪَندِ ڪري (٣)
رِءَ عُذرِ ڪَنگهِي گهِٽُو ڪِ پَه ڪنهَڻَ ڪري
اکِينِ پاهِيُون جو مُئِي ڪِ پُوچِڙِيا نِهاري

---

(١) ٻِيون = ٻيڻي (٢) اصل ائين (٣) مئي = موڪلي

ڪي اَني ڪَنَ ڏي ٻاڻَ تنِ ڏارَ ڏَري

مَٿو لوڏي نِمازَ ۾ ڪِر لاڙِوءُ هَٿَ ٻڌَنِ

ڏندَڻُ ڏنديري نِمازَ ۾ آڱُرَ هٽَنِ ڪَٽَنِ

هَٿَ آرِسي ڪَنِ جي نِيَٽوءُ نِندرَ لُڏَنِ

ڪاڪُڙي پِچَڙِ جَهلِيوَ ڪايو ڏُونِ نہ واتُ

پَڌَرِ اُو دَرُ نہ ڪَنِ جي تنِ پُٺِ مڪرُوهاتُ

چوري چَپَ نِمازَ ۾ ڪِر نَظَرُ ڏِيلِ ڪَري

نِهارِ ڪَري لِڏي ڏُونہُ ڪِر جو مَنِ تِهي

ڪِيٺِ سَيُوڙي ٻُڪِئو جو نِمازَ ڪَري

اُڳهيءِ ٿُڪَ نَڪُ سوئِي مَٿو جو ڍَڪي

جَنگهُہ موڪِريشہ اُپِئي ڪر سوڙها پيرَ ڪري

قَياماءُ رُڪوعَ سِيَ پَڙهَندو اَچي

رُڪُوعاءُ سَجدي مَٽي وِيندو ڪِينَ ڪُچي

سَمِعَ اللهُ اَڪبَرَ سَين لاهُوءُ ڏارَ ڏَري

ٻَترِيہَ مَڪرُوه عامَ جَا سوجهو ڪو تاري

الـہ مَرِهي تہِ ڪي جو مَتُون سِيڪاري

**جوابُ۔** نِيَتَ نَارِي ڪَنِ جي ٻُروءِ ٻُرائِيَ جُوهُ

يَنگَ ٻَڪِني ۽ سَرِي هِيوَن لِتو تہِ ڏُوهِ (١)

دُعا اَرهِڏي ڪَنِ جي ڪِبَا گهَٽو خُوارَ (٢)

---

(١)اصل ائين (٢) اَرهِڏي = علحدي، جدا

Gul Hayat Institute

پَنجَ مَڪرُوه رُوحَ جا سوجَهـا لَهـنـدا سـارَ،

جواب ـ مَڪرُوه مُباحَ سـَب هـٽـِي، ناٺو واتِ ڪَري (۱)

ٽِروءُ سوئـِي نِـراڙ ماڳُ، چوٿُون سُورِهِ بـَادَ گَـڏي (۲)

پَنجَوءُ پـُوچِڙِي جـو هـٽِي، ڇَهـوءُ پَرُ دِيـوَالِ ڏي

نـَـفـَـلَ ۾ عـُــذرِءَ فَــرضِ عـُــذرِ وَري

سَتوءِ هُوندو هَٿَ ۾ جو نه زبـانُ ڪَـري

اَٺوءُ پَردو نَفَلَ ۾ ٽـورو گـهـَٽو ڪـَدِي

نووءُ پَڙَهندو نـيـهَ سـِي ڪـي اِلحـَانُ ڪَـري

ڏهــُون ڪَــدِي جَــبَ ۾ لاهـِيـو ڏارَ ڏَري (۳)

ڪارَهـو پـَاڪَ پـَتِ پـيـئي ڏَائـي هـَتِ ڏَري (۴)

ٻارَهُو امامَ شـَـڪُ ٿـِئـِي تَه نَظـرُ.........

ٻارَهَ مَڪرُوه مُباحُ نِمازَ ۾ سوجهـو ڪـو سـاري

آلـه مـَرهـي تـَهِ ڪي جو مُون سـيـڪاري.

جواب. پَڙي بِسمِ اللهِ حَرامُ نِمازَ ۾ ۽ آمِينَ اِيي

وِيتَرِ تَڪبِيرَ ثَنـَاءَ ۾ فَـرضَ تَسبِيحُـون تِـيَ

پَنجُوءُ پَسي اَيُ جـو، ڇَهـُون ٻـانـهَ ڪـوڙي

سَتَوءُ ڪَپڙَ راندِ ڪـري، اَٺـوءُ مـُنـهُ ڦـيـري

نووءُ نه آڏو هـَت ڪَـٽي، ڏهـُون تـَنُ چوري

ڪارَهُون ڪُتو جِيَ قَعدو ڪـري، ٻارَهُون سَلامَ نه ڏي

(۱) ڪان (۴) اصل ائين

هِي جو آڪُرِ اُڳهَٽِي تيرَهُو سو ليڪي
وَاجِبُ چَڏي جاٽندو وِتَرُ رِءَ قُنُوتَ
ڏائو هَٿُ مَٿانَ ڏَري بِـڏي هَتَ مَضبُوطَ
پَنرَهَ حَرامَ نِمازَ ۾ سِڪِي ڪَرِ ثُبُوتَ،
**جواب** ـ بَتِرِيهَ ٿوڪَ نِگِّيا مَسحُوجي يَجنِ
رتُ پُونءِ نِيتِ ڪَاڪِبُڙي اوڏائِي سِينَنِ
وارُو واءُ مَدُڪِيُو بَهنِيو سِي تَنِ (١)
چَرِيا ڪِيا نِندرَ گهَٽِي نِمازَ منجهه ڪِلَنِ
نَفسَ بِئي گَڏِيا جوئِين ۽ مُرُسَنِ
جِڪِي جَالَوُ وَاجِي بِي ڪَنُ وَهدُو جَنِ (٢)
ميجالو چِٽِي نِڪري اُوٽِيهَ اِي ٿِيَنِ
تيرَهَ اُوٽِهِين گَڏِيا وَصلُ ٿِيَا وَجَنِ،
**جواب** ـ سَتايِهَ ٿوڪَ نِمازَ ۾ نِيَتَ ڪِي يَجَنِ
جَهلِڻُ ڪِيَنَ ڳالهِيَنُ، تري پيرا ڪَنهَن
ڏانهَ ڏُڪندي ڪَنِ جِين چِڪَ بَرِتَرُ ڏِينِ
ڊِڪَڻُ ڪَڍي اُڳهاڙَ جَا، پانَ ڪِلَ پانِ سَٽِينِ
بَڏَنُ پاڪَ اِزارِيَندُ قُرآن جِهِيڻَ نَه پڙهَنِ
هِجي منجهه اَبوجهِيَ آڪبرَ ڪِ اِڪبارُ چَون
پيئِي پاڪَ پَٽَ ۾ هَٿين بِين ڪَڙَنِ

Gul Hayat Institute

---

(١) اصل . بَهنيو (٢) اصل اٿين

ناٽي مَنجهہ ڪَتُورِيُ هَٽِي جِين بَدَنِ
اُبِينا سُوارُ نِمازَ ۾ چابُڪَ ٽَري هٽنِ
ڏِيلُ اُگهاڙو پاهِنجو ڪَرِي سَندو بِي پَسَنِ
نِيَتُون نِمازَ ۾ نَظَرِ جي پَرَنِ
اُبِينا نِمازَ ۾ هِتجي خَطَ ڪَڍَنِ
نَڪارا نِمازَ ۾ حرفَ پَيدا ڪَنِ
ٽِڙِي سوئِينِ، ڦِيرين مُنهُ، ڏَندُ ڏنديِرِيَ ڪَنِ
تَڪبِيرَ تَحرِيمَ نِمازَ ۾ ٿُوڙَندا هَٽَنِ
تَيَمَمَ ڪَنِيَ نِمازَ ۾ پاڻِي وِچ پَسَنِ
چوڻُون پاڳُو اَگَڙين ٿِئِي اُگهاڙو جَنِ
هوءِ اَڳِي اِمامَ پوءِ نِمازَ پڄي تَنِ.

**جواب** - چَوْبَهِ شَرطين ڪِينُ ڪاڄِي پِهرُو تاءُ حَلالُ
ڏِنُو ڪَرِي ڏَٿِيا پانءِ ٿورُيِ گهٽي قَرارُ
ڪَائِي ڪِينُ ڏوهُ ڪَرِينءَ تہ پاَنئِيجِ حَرامُ
اِي چَارِي فَرَضَ ٿِيا جو ڪاجي طَعامُ (١)
پانُ پائي ڦُٽرو مَنَت تَہ ڪئِيجِ
ڏوئِي هَٿَ بِسمِ الله چَوءُ سُنت پَرِ وِهيج
ڳَالهاءُ ڪَرَنُ نہ وِتَڙو عَورَتَ اَنُ مَرهيج
پِهروُ لُونَ چَاشِنِي ۽ بُوهِي سارِيج

(١) چاري = چارئي

پيري پيري بِسمِ الله جپوءِ شُڪرُ پوءِ ڪَريج
ٻيو گهڻ رچاهيتيوُن ۽ چڱيءَ چَنيج
ڪِيندو ڪِيئن مَهندا ڪان مَ وڏو ڳِنهيج
سَجو مُوئَڻ نه سَرِيَ مِ مَ حَدَثُ ڪَريِيج
وِچان ڪِيئن مَ ڪاءُ تُون مَ ڪوسو ڦُوڪيج
ڪائِي ڪِيئن فارغ ٿِيئِهِ ته فَاتِحہَ پوءِ پڙهيج
سَڀ مَرادوُن پُنيون هاٿي دُعا مڱيج.
**جواب** ـ پِرَه ڦُٽي پُڄاڻاءُ ۽ اُيَرندي سِج
مَٿي آئي سِجَ پُٺِ وِچِين سانجهيَ وِچِ
نه ڏِجي سَجِدو نفلُ ڪيمَ ڪِجِ
اِي مَڪرُوه ڪَرَآ ڳَهٽو سَارِي سي سِڪج.
**جواب** ـ سَرهِي اڪ قُرآنِ ڏُونه، پِٽِي عِلمِ، ٽِئي ماءُ
چوٿِي ڏُوهاءُ جَهلِئي، پَنجَئي رُوءِ دَرياءُ
**جواب** ـ پنهرو بعدُ عِلمُ ...... راءُ
چوٿو ٻَاتُ ڪَبِرُو جان پَنجهوءُ ڏُوهَنِ ڏاءُ، (١)
**جواب** ـ هيڪَڙو وِهڻُ .................
چوٿُون وِهَڻُ مَڪرِيو پنجو ، پَنجوءُ ڏوهَنِ ڏاهُ.
**جواب** ـ سَنوءُ سُمهَڻُ نَبِيا، ٻِيو وَلِي، ٽِروءُ وِيجَ
چوٿون سُمَهَنُ چورَ جان، پَنجوءُ ڏُوهُ پانئيج

(١) اصل ائين

Gul Hayat Institute

جواب - مَلَڪُ مُنيدِيَ ۾ ٽِيو رَاتِيون پِپَهِري
سائِيَ سَچا ڪوئِيا صَالِحَ جي ساري
۾ ياڱَا ٽري گُذَرِيا باقِي چوٿون مَاڳِ
صُبوحَ جَني سارِيا سِڪَنِ سي سُهاڳِ
جواب - پِرَهَ ڦُٽي جي اُٿِيا پاري فَرمانا سِ
ڏاتِيِن تَنِي لَڏِيُون ڇَيو جي ڪَنداسِ
سِج اُيَرِئي اُٿِيا نَئِي نِمازَ نہ ڪَنِ
رَحمَتائُسِ وانجِهيا رِزقَ بسُوءِ ڇَپَنِ
"پُسِوءُ" چوءِ بَاتُ ڇَوان وَڏو ڇِيو تَنِ.
جواب - پِهروُ پيرُ صَفَ مَهنديءِ بُڪِي ڏُڪي ڏيجِ
چوٿون مُوڙهو واتَ ڪَرِ پَنجُوءُ ڪَرَ لهِيجِ.
جواب - ڏَندَنُ ڏَنديرِي ڦَٽي تَسبِيحِ لَٿ ڳِنيجِ
اِي پَنجَوءُ پاري ڪَري ڏَٽِيا دُعا مَڱيجِ،
جواب - سَرِ ڏُنُ، صَبَاحَ ڏُنُ، لُرِؤ پيو مَٿاءُ (١)
وِبتَرِ ڪَرِ وِچِينءَ سِين سانجِهي لَهِي تَساءُ
سِنسو سُمَهِٽيَ ڪَرِ هِيَان جيڏ مَرڏراءُ.
جواب - چِيتَ آڳَرُ وِچِئِين آڱوٺو شَهادِ (٢)
اِي پَنجَوءُ آڱُهَرَ ٿِيَا سُونهان سَچِيَ هاجَ
جواب - واوُون واتُ نَڪُ ڪَنِ جا ڇَپَ چِئيجي اَڪِ

(١) اصل ائين (٢) چِيٽ = چِيچ

Gul Hayat Institute

نُوواوا ·سوراخَ نُو تان تُون اِيهِي لِکَ
نُو واوا سوراخَ نُو پاٹُو آڻَ وَهَن
کَارِي ڦِکِيَ مورِي مِنِي تِکِي ڪَڙِي ڇَهِي ڇَاشِ ڇَوَنِ
جِيُ سَپِنِي هيکَڙو ٽِري سَئو سَٺِ رڳُنِ
نُوُ لَکَ ................ چوئيتَاليهَ وارَنِ
**جواب** ـ ڪارَهہ غُسِلَ ڪِتابَنَ ۾ پِهرُو تاءُ فَرضُ
ڪر ............ سَپُڪوءِ ................
بِيو واجِبُ، سُنَتَ ٽِروءُ وِتُر مُسَتَحَبُ
فَرضُ جَنَابَتَ هيکَڙو بِيو سَنَدو شَيطانَ
ٽِروُ حَيضُ نِفاسَ جو لِڌو مَنجهہِ قُرآنَ
واجِبُ غُسلُ سَپِنئِي ٿِيو ڌِجي جو مَيّتَ
لاهِ وَڌَائِي سُوءَ تَنَ جَہ وِهِين نَبِيئِين سَٺَ
بِيو ڪافِرُ جُنُبَ سِين اِيمانُ آٹي جِتِ
غُسُلَ ڪَرَڻُ تَہِ ڪِي واجِبُ ٿِيو تِتِ
بہ عِيدُون، جُمُون ٽِروءُ، عَرِفُو ۽ اِحرامُ
اِي پَنجُوءُ سُنَتَ ٿِيا نَبِي ڪِيا مُدامُ
گهڙاءِ ڦِرِهِي ڪِتابِ پَڙُهہ سَچِي ڌِبِجِ حَطَبُ
ڪافِرُ رءَ جُنُبِ مُسِلمان ٿِيو تَہِ ڪارَهُو مُستحَبُ
جَنِي پُڇِي پَارِئا تَنِي تُٿو رَبُ
**جواب** ـ سُورَہِ ڪِجَہِ مَسحَا تَنِ صِفَتُون چارِ

سوجهي اِي سُجاڻُ سي ته تون لنگھيءِ پارِ
مَسحو فَرضُ نِمازَ کي بِيو چُھڻُ قُرآنَ
ٽِروءُ تلاوَتَ کي ساري سِکُ ٽِي سُجاڻَ
واجِبُ تَنِي مَسحو ڪَعبَ طَوافُ جي ڪَندا
اُجِيا بُکِيا کُھِيا ڏوھَنُون ڇُٽَندا
مَسحو سُنت سُمهَڻَ کي پِيو جي پَڙهڻُ يادِ
ٽِروءُ چُھڻُ فِقهَ کي چوٿون مِهتِ مُرادِ
پَنجوءُ وَڃڻَ مُقامَ ڏي سُتا جي سوڙهاندِ
دُعا گُھرجي تَنِ کي ڏيئِي هَٿان پاندِ
مَسحو مُستَحَبُ کِينَ کي پِيو جي عِلمَ زارَ (١)
زارَتُ ٽِروءُ خَلُوتِيا چوٿون مَيتَ ڏوئارَ (٢)
ڪَچو پَرائو جو ڪري ۽ ڳالهاءُ کُوڙوسِ (٣)
واتُ اُپَٽي ٿهڪُ ڏي مَسحو مُستَحَبوسِ،
**جواب** ـ فَرضُ واجِبُ سُنَتَ ٽروءُ چوٿون مُستَحَبُ
پَنجوءُ بابُ شِکنندہ حَرامُ مَکرُوهاتُ اَدَبُ
نوءُن بابُ اِستنجا جو پُڇي سِکو سَبُ
**جواب** ـ نِمازَ ڪَريئَه پاهِنجي ڪِ اسانهجي ڪَريئه
اَسان نَيتوءُ تو پوءِ ۽ تُنهجِي ڪيئَه (۴)
اَسان دُرسُ تُون ڪَرين، ۽ تُون کي دَرسُ

(١) اصل ائين (٢) اصل ائين (٣) ڪچو = عيب اگھاڙ (۴) اصل ائين

Gul Hayat Institute

مـاهَ مـاهَ ۾ ٽِريهَ ڏِينهَ ٽـريـهَ اَصـلِيـُو ٿـي
سِـجُ نَـئين هـَنڌا أُيـرِيَ نَـئيـن واٽَ اچـي
مَـٿي آئـي سِـجُ يـُون نئِي اصلي ڪري
چوڏهين پيرين وَقتُ نِڪري صَحـابـا چَـونِ
اِمامَ اَعـظمَ اَصِلـي جـوڙي منٿـا پـاتــِي تـَنِ (١)
چوڏهين پيرين وَقتُ نـِڪـِري سِينَ اَصلي وَري
اَڳِـئيـن اَڳاهـِي ٿـِئـي ۽ وِچيـنءَ اَچي،
**جواب** ـ حَيضَ ٿـورائـي ڏيـنـهَ ٽِري، گهَٽائي ڏهَ ڏِينهَ
تان جي تِنهِين نہ رهي تہ عَلَتَ سَندي نيـهَ
نـِفـاسُ ٿـورائِـيءَ جـو اگهـائـِي چاليـهَ
جي پهرِهِينءَ پاڪ ٿِئي تہ نہ ڳڻِيندي ڏينهَ
**جواب** ـ ٽِري طَلاقين جو پِري سو ڪَندو ڪُجاڙو
ٻَـِنَ ڏِنـي هيـڪـَڙي اِي پـُٽ اُگـهاڙو
سـو مومنُ جَنتَ لَهي جو ڏڪي ويچارو
ٽـِري طَلاقـيـن وِچ حَلالو ٻَينُ ناه مُدتَ
ڇَڏيِين رکَڻُ حيضَ ٽري، چار ماهَ ڏهَ ڏِيـنـهَ مُوئيتَ
بانِهي بہ ماهَ پنجَ ڏينهَ سَجِي اِيَ صِفـَتَ.
**جواب** ـ پَلِيتيءَ دَرماهُ اَڳِري تہ نہ رِهاءِ نـمازَ
جُـ دَرَمُ پَليتي جيتَرو لِڳَ لَهي مَرَيَج حاجَ

---

(١) أصل ائين

جُ دَرَمُ پَليتياءَ آڳرو تہ اُوٿائي منجھہ ثوابُ

ڏوھہ جيترا تيترا سارئين نہ سارِ آياڳَ

تہ تو مُورَھين نہ تِيِيءَ اُوٿائِيَ منجھہِ ثوابُ.

جواب ـ اُربعا اُتِر اَنجُ آڪارين، ڪُھ خميسَ مَ لارِ (١)

جُنبَ مَ جُمي ڏينہَ مِ، اَلهندي سُومارِ (٢)

چَنچَر چيہِ مَ نِڪَرو اُيتَرندي آچارِ

اِهين پارين ڪاجُ نہ سَجي چَيو شيخ جَلالِ.

جواب ـ سَتينِ ماڳين پَلَ چوءِ جِت نہ ڳالهاؤسِ

قُرآنُ جَنازو پاڪ چَوان مِهتِ ماڳُ سَندوسِ

جِتِ سُوارِي جوءِ سين مَسحُو پيشابوسِ.

جواب ـ ماہُ رَمضانُ فرضُ جا نڳئاءِ جي ڏينہَ (٣)

پانِيَ ڪُڏَنَ جُوءِ جُھَلَ ٿوري اُوٿي تيہ (٤)

جواب ـ سَتَ صِحتَ، ڪُفرَ سَتَ، چوڏهَ نہ پَڙهجَنِ

مَنجها صِحتَ وَصلُ هُوءِ الحمدَ مَنجھہِ لهَنِ

پَڙهيِيءَ شِين نَرِّيءَ خ فِي ث جيم نہ جُنبِنِ جِتِ

سَتَ اَڪرَ صِحتَ ڪَيِ نہ پَڙهبا تَتِ

دُلِلَ حِرَبَ ڪِيو ڪَنحَ ڪفيل تَعَل بَعَلَ سَتَ خَوفَ الحمدَ

مِ تائين ڳچي پَسَنِ

جواب ـ ڪارَهَ پَنرهَ سَتَره رِءَ شُبُہِ هُوئَنِ

---

(١) اصل = اربا (٢) جمي = جمعي (٣) اصل ائين (٤) اصل ائين

شــُبهِ بـِي وِيـهَ ٽِيـَنِ رَڪَعتُون فَرضَنِ
ڪــارَهَ سَفَرِ پَـنَره جُمـي سـَـتَره سَـِپيئي
وِترِ بِي وِيهَ ٽِيـنِ رَڪـَعتـون سيـن ايهِي
جواب ـ ..........................
سَتَ اَڳي شَرطَ بُنَڌُ جنسُ جَـوَ ڪـِ ڳهُون
(١) ٻِيو شَـرطُ مِينهَ چَوان ڪکِرِيَ ڪـِ نيوءِ
ٽِروءِ شَرطُ جَهڪا ڪـِ وِڇيا ڪـِ ڇِتَرا ڪجَنَ
اَدا ڪـِ ياءِ ڪيـو چوٿان ڪـِ مَنَ ڪهَ چَـونِ
پَنجَوُ مـُدتَ مـاهَ ۾ نـاٽو جـي لـِهـنِ
مَجلِسـهُ ۾ روڪَڙو ڇَهـون ڇـوڙو ڏِيــن
سَتوَن شَرطُ مانُ ڪـَرِ جَنهِ سين ڪـَتا مَئِين.
(٢) جواب ـ ڪري پِهرو تُوڪَلِ سارِ سوجِهه ۾ ساههَ رڳُوءِ
چانَ صِفتَ بِـسمِ اللهِ جو گهَـرِ ڇَگو نه مَگوءِ
(٣) نَندِيَ وَڏِيَ جوءِ هَتا رهاءِ اَجان جه نه پرٽيوءِ
جواب ـ نَندِيَ وَڪيلُ وَلي ٿِئي، وَڏِيَ وَڪـالَتَ وِيئي
وَڪيلَ وَنيِ مُهـان ٽِيا قَبُـولُ هُـنِ ڪـئِي
شَرطَ صِفتَ مَهَرُ مُقابِلِ دُعا پَڙهَندي تـَهِ ٿِيئي
جوابُ ـ تَوريتُ ڪِتيبُ مُوسي ڪي عيسي ڪي اِنجيلُ
فُرقانُ آيوءِ مُحمَدَ ڪـي، داؤدَ ڪـي زَبُـورُ

---

(١) اصل اٿين (٢) ساهه رڳون (٣) اصل اٿين

جواب ـ عَرشُ، ڪُرسِي، مُقَدِسُ ترؤُ، چوٿون مَعمُورُ
پَنجَوءُ قِبلو ڪَعبَ جانَ جتي وَسي نورُ
عَرشُ اُآيو نُور ڳري، ڪُرسِي سونَ مَنجهاءُ
مُقدّسُ ياقُوتِ ڳَرِي، مَعمُورِ لَعلاءُ
پَنجَوءُ قِبلو ڪَعبَ جان جو گَهتِوءُ پَهٽاءُ
عَرشُ قِبلو حامِلان، ڪُرِسي ڪُرُوبيان
مُقَدِسُ سَندو پَيغابِران، مَعمُورِ فريشتگانِ
پَنجوءُ قِبلو ڪَعَبَ جان جو چئني مَذهبان،
جواب ـ بانگا تو بانگ چَوان جِڪي سُڻِي سِڪيجِ
ڏه خوفَ ڏُورِ ڪري، پيا ساري سَي پڙهيجِ
اَڪبرُ اُڪبارَ مَ تِيان نَندِيو وَڏي ماڳِ
اَلف چِڏي سِينَ پڙهِي، چَيان ڪِنِي راڳِ
اَشهَدُ اُتِي شدّ پڙهي لَڏو ڪَهِ اَياڳِ
مُحَمَدَ اُتِي مَدُ پڙهي........ وَڏي ياڳِ
جواب ـ حَنَبلُ مالِڪَ شافِعَي ترِوءُ چوٿون اَعظَمُ
چار مَذهَبَ مُون مَجِيا پَرَ پاهِجي ڪَمُ
جواب ـ شَريعَتَ سَچِي واٽِ جا، طريقت ڪَرِ پَندُ
مَعرفَتَ مَنُ ميڙِي ڪَري، حَقيقت هِنيو بَندُ
ثابِتُ ٿِي شَريعتَ ۾ طَريقتَ تَنُ تاءِ
مَعرفَتَ مَنِ ميڙِي ڪَري، حَقيقَتَ حَقُ پاءِ.

Gul Hayat Institute

جواب ـ لَهي لَجَ طَمَعِ كَري، اُوٽو دِينُ حَسَدِ
وَجي مَتِ، ڪُوڙِ ڪَري، ڪَمائِي غِيبَتَ بَدِ
جواب ـ ڏَنُ سُجو ڏَٽينِ رءَ، پُون سُجِي رءِ ڏاجَ
ماڙُهو سُجا دِينَ رءِ، توڙِي مَتِ اَڳاجَ.
جواب ـ مَڪِين مَڪ، واءِ وبساري ڪَنِ، پائِنج مَ جَهلَ
شَيطانَ واچي، بوءِ بوسَ، ڏُند نَه پِجي مِصرِي، سوئيري نَه جَهَل
بارَه مُباحَ روزي ۾ تـَن پانِـئج مَ پِلَ
بـَارِهـدِي زَحَمَتِي راهوءَ رَهَگزارُ
حَيضُ نِفاسُ بَه ٽِيا تـَنِ نَنـديڙائِي بارُ
جَنِ نه ڏَنـو تِريهـي، پِـئـي ڪـائي اُو بارُ
بَندِيخاني ڏاڪٽِري ڪِرِ حـامِـلَ بـي قـرارُ
تَنِ ڪُفارَهَ نه پوءِ ٽِيو مُور ڪـو بارُ،
جواب ـ جُنُوبِي زِنِي جا حَيـضَ نه اوڏائِي رِيتِ
هَٿُ پاهِنجو چوءِ ڪري ءِ پاٽِيَ ۾ نـيـتِ
حَدِيثَ چوءِ مُحمدُ اِيَ نه مُـهـنِجـي رِيـت.
جواب ـ پادَرُ لاهي پَٽِ تي چِيئَٽو پيـرُ رکـَنِ
"بِسـمِ اللهِ دَخلَنـا و عَلـي اللهِ تَوَڪّلـنـا نَويَتُ اَنَ
اَعتَڪِفَ مادُمَتُ فِي هـٰذالمَسَجِدِ" چَونِ
ڏِئـي سـَلامِ دَرِ مـهـِتَ جي قابُو نِمازَ ڪَنِ
ڪِيَـڻُ پِيَڻُ، ڳَالهيوُن، ٽُـڪَ نه سِنـگـهَـ وِجهَنِ

پيئي پيرَ پانهي ڪَري اَدَبَ سين وهَنِ
ڏائو پيرُ ڪڍي ڪَري لاحولَ چوَنِ
جان اُٿيا باهرَ تي پادرِ پيرُ پائينِ
سَترَهَ حقَ مهتَ جا سوجها ڪي پارينِ
اَلله مَرهي تَنِ ڪي جي مُون سيڪارينِ،
**جواب** - ٻه رَڪعتُون سُنَت صَباحُوٽيَ، ٻه اڳين، ٻه
سانجهي، ٻه سُمهَٽيَ
اِي مُؤڪدو سُنَتون پارج جَني..........
چارِ وِچينءَ، سُمهَٽيَ چَارِ، چارِ حَاجاتِ چوَنِ
اِي غيرِ موُڪَدوُ بارهي سِڪي، سُنَتون جان سَاري ڪَنِ.
**جواب** - نه ماتريچي سَسُ ٻيَنَبي، اِي دائِي ڏاراءُ
دايَ ڏِيَ ۽ جوءِ اڳيائي سي ڀُڻِ ته وَڏاءُ
جوءِ جيندي سَالِ جَنا. اِي سَتوءُ سَبَباءُ
ماءُ - ڏيَ، ڀُڦي، ماسِي، ڀَنجيي يين ياٺاءُ
يينُ - ڏي ۽ ياٺريءَ اِي ٻنِ اِن مَنجهاءُ
ڏوهٽرِ پوٽِري تَنِ سين اِيَ رنوئي نَسباءُ
ڏاڏي نـاني گَڏئي اِي ڪارَهين ڪُراءُ
”پُسوءُ“ جوءِ باتَ چَوان جي ڪو لَهِسِ ياءُ.
**جواب** - سُمَهندو توبَه ڪَرِ ڀَرِ ڪَلمو ڪُفراءُ
سُمِهي جاڳي شُڪرُ ڪَرِ پيوءُ شُڪرُ مُوراءُ

Gul Hayat Institute

بَہ طائِفا شُڪُر تِرِؤُ چوٿون ـ ڪُفراءُ
پَنجَوءُ شُڪُرُ مُحَمداءُ ڪَرِ جو فرمايو ڏٿِياءُ
اِي سَتَوءُ صَحُي ٿِيا تہ تو تـُـٿو راءُ
”پُسِؤُ“ چوءِ باتُ چوان جي ڪو لَهِس ياءُ،
**جواب** ـ وِهارِيو جِيَ اُنڙوهُ، بِيو مَ ڪونيج
پارِين اُتـِـي پَاڻ ڪِيا، بِي ڳُر مَ جهوڪيـَج
مَ ڪَٺُ ماءُ ڳَرا ڏاڪِـَـڙُو تنبِيهِ ڳرا ڪِي هوءِ
پَنَڏُ ٿورِئِي ڏاڪـَـڙو ڏنو ٿوروئِي توءِ
ڏاڪــَـڙِي ۾ ڏاڪـَـڙو جُہ وَهِيٽِي جوءِ
سَيا ڏاڪُڙا اِيُ سِرِجُندي نہ سُڪِي هوءِ،
**جواب** ـ ٽِري پِيرا ڏِينِهَ هيڪَڙِي جو سُتو سِين جوءِ
پاسي پاٽـِيَ پَڌَرو تَہ اَڳِ اُدَيڪُ نہ ڪوءِ (١)
تَہ ڏِينِهِ غُسلُ نہ ڪِياءِ پِينو مَنجهہ مَسِيتِ
پَنجَ وَقتَ اِمامَ سين ڪِياءِ رِهنِديَ رِيتِ
**جواب** ـ جاءُ تي چارِ ڪَرِيا ناوِجهِباءِ جاهُ سَتِ (٢)
ڪاءِ جاهُ بِيجاهُ غُسلَ مَنحا ڪِجاهَ ڪا مَ پَتَ
تاءُ جاءُ چارِ ڪَٽَرِيا اُناپِيئہ اَڳُرُ چارِ
جبُ چِٽِينو بِيَ ٿِيَنو تہ وَهَندو نِهار (٣)
**جواب** ـ پُنِيون چارِ مُحمدَ جون سِڪِي يادِ ڏَرِيجِ

---

(١) اُدِيڪُ (؟) (٢) ڪرِيا = ڪرا، ڪنڙرا (٣) اصل ائين

Gul Hayat Institute

مُحمدُ بِن عَبدُاللهِ بن عَبدُالمُطلِبُ بِن هاشِمُ بن مَنافُ
گِلاڪا مَ ڪريج.

**جواب** ـ ”لاَ لـهِ الاَ اللهُ المُلکُ الحَقُ المُبِين“ صَبَاُحوٽي
چَوءُ ۽ آڳي پَڙهِ صَلوات
اَستغَفرُالله وِچِينءَ چوءُ، سانجَهيَ پـَڙه شـِهادَ
سُبحانَ اللهِ سُمَهِٽي چوءُ چوي جَنب پُجَنِي ڪاجَ

**جواب** ـ ايڪَتِربهَ ڪَلِما نِمازَ ۾ تان ڪلما پَنجَ شَهادَ
ڇَيهَ ڪَلما طَيبَ چوءُ جَ پُورِي پُجئِي حاجَ
تان ڏه ڪلما صبَاحُوٽِي چوءُ، اَڳِين ۾ چارِ
چارِ ڪَلما وِچِيءَ چوءُ، سانجهي ايَ سنَيارِ
چار ڪَلما سُمَهِٽِيءَ چوءُ ساري سَبِ نِهارِ

**جواب** ـ جُ بِنيوءُ تِري ٿِيا تہ پُٺ جَماعَت تَنِ
وبتَر لَهَنِ وَرِهَنِ جي تان جي ڏهہ ٿيِنَ
جُ ڏَهَنُون ڪارَه ٿيِا وَڏا دَرَجا تَنِ
اوپـَڙ سبِ قَلمَ ڪَرِي دريِا مَسُون ڪِجَنِ
ماڙهُو، مَلَڪَ ۽ پـَرِي سَيِيَ تسي لِکَنِ
تان نہ ثواب پَلءُ ڪَوءِ دريِا قَلمَ ڪُٽَن.

**جواب** ـ مَرِي چِڏيا ماءَ ماياءُ مُڙسُ چِڏِيا پِيا
ڪَفنَاٽو ڳوراٽو تائين پُونءِ سِيا
جيڪي تائِين اُپَڙِي سو بارَه وٿَ ڪِجَنِ

چار ماءُ ۽ ماياءُ ڇَهه، ٻيا مـُڙسَ وِجَهـنِ
بابُ تَماشو ديکـُ تـون جي ڀائرُ چاءِ وَجَنِ
جواب - مِهتِ ٻيڙي جَہ ڀَجي ساڳا هُوسِ امــامُ
پاکِي لاهُواري کـِئِي تہ چَڙهَئِسِ عــامُ
اِمــامُ اَسـُونهــوءِ اَهـُکــو پَـنـدُ اِکَيسِ
جيکي کَپَرَ سين هٽي ناه تہ وِيرُ جَهـتيـسِ
کَپَرَ وبل سوجها جَهِـي اُونهـي تانـگـهـي سَپَ
تہ نـيـسِ تـَہ سِـيرَ کـري جا فَرمائِي رَبَ
فَرضَ واجِبَ چونِ جاٽي توڙي حافِظُ هـوءِ
جاهِلُ کونِجي نِمازَ ۾ مـُلُ سـُجي لوءِ
چُٽِين تہ پارِ ٿيـو کـَلـمو پـــاکُ چوءِ.

لا اِلـه اِلاالله محمد رسول الله

تحرير التاريخ ۴ شهر شعبان ۱۰۶۹

حق و مِلک عزت بن سليمان

Gul Hayat Institute

كتاب نظامي، ازكيداني

Gul Hayat Institute

تڏهن ڪُو سير ڪري جا فرمائي رب غرض لوا ڪتب جوڻ جاڻي لوڻ
جا هلڪو تحفو اُن ۾ علم تعليم لوءِ جتي تبار ٿيو ڪلمو پاڪ جو مولوي

بحر سواري الفارخ عو سلخ شعبان سنه ۱۱۹۹

حق و ملك عبد

بن سليمان

كتاب نظام ... بن نيغو

بسم الله الرحمن الرحيم

آغاز ڪريان ذِي ناءِ جو سارا آهه ابر سبا جو عالم دي لکو بخشڻهار
سيئي سارا آهن جي جڪيو جا ڪن ڪين ڏيوا هين ڏيا ڪي ودي واڪا ٿو
جو جنهين ٿئي جا ٿيو عالمان فريد ڏهار ٿيا ۽ ڏوري غفار
وحي پهچايل الي جي محمد نام ان جو نبي آل اي تي مجيد جيڪو مدام
جا ڏي صفح سچ پاتو ٿي ڪا ٿيو سدي ٿو سارا آهڪي جيڪي آبا ٿيو
جيئا ري فرمان ٿو تعدو بن محاسب يفسر اني جي ڪري فهم دين
اُن ڪا ٿيئي نيري تڪا بعد و مشروع ٿو باسيءَ آهي بيعو جو غير مشروع
تعمير ٿيا ري سدي مشروعات اِي ٿيا سو هجو ٿيو غير المشروع
اُو تيان معين تحقيق حڪم ٿيا سدا بن جنهن ڪو ٿيو ٽيري طالب ياد ڪري
ٿيو

[۲۳]

# ڪتاب نظامي، ازڪيداني

بسم الله الرحمٰن الرحيم

آغاز ڪريان ڏڻي نانءِ، جو ساراهَ اَپارُ
سڀاجهو عالمَ ڏِڻي گهڻو بخشڻهارُ
سَپِي ساراهُون، جي چڱيُون چاڳِ گهڻي
ڏيُون آهِينِ ڏڻيَ کي وَڏِي واکاڻونْ،
جو اُپيئَڻهارُ، نَبِيَنَ عالِمِيانْ
مَرهِيندَڙُ ڏُهاريان وَڏو رَبُ غَفارُ.
رَحْمَتَ رَسولَ اُتيِي جَهِينْ مُحَمدُ نامُ
۽ پِئِي آلَ اُتي تَهِينَ مَجيو جِيهَ مُدامُ
چاڻُ پُجُهه صحيحُ سَچُ بانهو آزمايوءُ
سَندِي ته ساراهَ کي جِينِي اُپايوءُ
جي پاري فرمانَ تَهِ ته هوئِس ثوابُ
پِي فَرمانِي جي ڪَري ته هُوندوس عِتابُ
آزمايو پِي يَري تانءُ پِهرو مَشروُع
تَهِ پاسي آهي پِيو جو غيرِ مَشروعُ
نہ سَري بَيانَ رِءَ، سَنْدي مَشرُوعاتِ

Gul Hayat Institute

اِي پِيَٿاسِ هِجو پِيو غَيرُ المشرُوعاتِ (١)
۽ بِيانَ معنيٰ تَهِين حُڪمَ پيا سَنداسِ
جَہ سُهڪو تَنِي تئي طالِبَ يادِ ڪنداسِ
توفيقَ ڳُهران ڏٿِيَ ڳرا ڊِرڇِي پاتُم هتُ
وڏو ڏاتِينْ وَڏيءَ جو ڏِيَنْ سَمَرَتُ
تانْءَ مَشرُوعُ چَئِينْ پَرينْ سُٺِي ثوابَ ڪَرِ لَبُ
فَرْضُ واجِبُ سُنَةَ تِري، چوٿون مُستَحَبُ
پَنْجَؤ مُباحُ تَنِ سِنْ مُتَصَلُ آهي
طالِبَ سِڪُ سِنڌِي ڪِيا، ويهي وَرَ لاهي
غيرِ مَشرُوعُ ٻي پَرينْ پِيو جو اِنِ مَجهاءَ
حَرامُ مَڪروهُ ٻَہ تِيا، آهي ٻَلَ اِياءَ
تِروُ مُفْسِدُ تَنِ سين آڳي وَصْلُ ڪيو
جو پَنْجي رِهينْدِي عَمَلَ ۾ پيو
اِي مِڙَيائي پَنجَتري بابِي آتَ تيا (٢)
مُصنفَ مَشقَتَ ڪَري سڀي جَمَعَ ڪِيا
فَرضُ ثابت دَليلِ تِيو ناهِ شُبُهُ مَنجهيسِ
ڪي مَر ثوابُ اَنَ ڪي عُقُوبَتَ ڪُفرُ انِ ڪاريسِ
واجب پوءِ ثابِتُ دَليل ڪري پر شُبهُ مَنجهيسِ

---

(١) اصل اٿين (٢) بابي = بابن ۾

Gul Hayat Institute

حُڪْمُ سَنْدوسِ فرضَ جِهو ڪامِلُ نِتُ ڪِيُس
ڪرڻِ ڪَري فَرضَ جِهو اِعْتِقادِ نہ تِيئَيءَ
مُنڪِرَ آناءُ نہ تِييءُ ڪُفْرُ فَرضَ جِييءَ
سُنَتَ رَسُولاءُ تئي جَهِينْ اُتي هوءِ
تَرڪِ ڪِيائِسِ بہ پِرڪا ڪِ هِيڪَڙو پيروءِ
حُڪْمُ سَندوسِ ثَوابُ ڪِيءِ جارِيَ اُبارَو (١)
اِيهُ آهي مؤڪَدَ ۾ سُنتَ سي چارَو (٢)
مُستَحَبِ نبيَ ڪِيو پيرو بہ پيرا
پِري سُرَ ڪِيو پُوِييءُ عالَمِ جي هُوئا
جيڪو ڪري ثَوابُ تہِ نہ ڪَذهِ ڪي ڪِينَ
جيڪي ڪندا جِينَ تَنِ نہ هُوندو تاءُ ڪِي
مُباح جي مُخَيَّرَ پاڻا توڙي ڪَنِ نہ ڪَنِ
نہ ثوابُ ڪي ان ڪي نہ اويارو تَنِ
.......... ثابِتُ تِيو پَلِيئُون پَلَ ڪري
رِيءَ دَليلِ اِباحَتَ سَندِي اِيندِي مَهْدِ وَري
ثوابُ تہِ تَرڪ ڪِئي ءِ ڪِي عُقُوبَتَ هوءِ
ڪُفْرُ حَلالِ جا تِي مُصَنِّفُ اِيهِينْ چوءِ
مَ بُرو هوءِ پَلَ ڪري ثابتُ تِيو قليلِ

(١) - (٢) اصل ائين

مَهندان اِيندي هيڪڙي اِباحَتَ دَليلِ
ڇَڏيهِس ثوابُ هوءِ ڪيو تہ ڏرپُ عَتابَ
ڪُفرُ ناهِ حَلالِ ياٿئي وِسَہُ اِنَ جَوابَ
................ سو جو پَنجَنؤُ ڪي مَشروُعَ
ڪِيَ عَقُوبتَ ڇاڻندي ويساري نہ هوءِ
ڇانُ ٻُجُهہ سَجُ نِمازَ ڪَٽِئِي پِهِرا چارِ (١)
پُوري تِيءِ ڇَئِنْ پُوئِي تَني سَجِ نِهارِ (٢)
نَہ سَري ڪِيَ رِءَ سَيْڪَهِينْ پاٺُو آئِي ڏارَ
پاٺُو آئِي ماڳِ ۾ ڪري سِيني سارَ
يَرِ ڪوتاه مُرتَبُ تِيو اِيہُ آئِي بابِي (٣)
آسان تِيءِ ڪِي مومِنہِ اِني آدا آبي
داعي سِندِيَ ۾ ڪِئِي مُوسِي ڪَيدانِي
شاهَ نِظامَ عَهْدَ ڪِيءِ نالوس نِظامِي.

Gul Hayat Institute

## باب اول

### فرائض

پِهرو باب جو فرضن سندو هِجي مَنجهہِ نِمازَ
ڪَيدانِي ۾ پَنرَهَ ڪَرِجَہ پُڇَنِي ڪاجَ

---

(١) اصل ائين (٢) اصل ائين (٣) اصل ائين

تَنِئُون ٻاهَرِ هيڪڙا ڪي مَنجِهيا آفِينِ
نِمازَ دُرستُ تَني تِئِي سِڪِئَو جي پارِينِ
تاءُ ٻاهَرِيان اَٿَ جِيَ تہ چَئِي مُبہِ اَحڪامَ
پَنرَهَنُؤنْ جي پُوئا سَتَ آهِينِ اَرڪانَ
ٻاهرَيَنئون هيڪَڙو پِهرو وَقتُ سُڃاڻُ
ٻِيو طَهارَةَ پاڪُ تَنُ اَحڪامَنؤن ڄاڻُ
ٽِرؤ ڪَپَڙُ پاڪُ ڪَرڻُ، چوٿون چوڪو ماڳُ
پَنجوءُ عَورَتَ ڍَڪ تَنُ، ڄَہ هوئِي سُهاڳُ
ڇَهوءُ ساڄاءِ قِبلي، سَتوءُ نِيَتَ ڄاڻُ
اِٺونءَ تَڪِبيرَ تَحريمَ اَللهَ چَئِي يَدُ ٻانهپَ سين ياڻُ
مَنجِهيا مَسِيتَ جي تاءُ پِهرو قِيامُ (١)
ٻِيو پَڙهڻُ قُرآن جي، ٽِروءُ رُڪوعُ تَمامُ
چوٿون سجدَہ سَئِينَ اَنگَڙين ڪِجي ٻَرپَ مَنجهاءُ
پَنجؤن پويون وِهٽو سَلامُ جَہِ پُواءُ
ڇَهون ٽَرتيب تِيَ ڪَرَڻُ جِئَن فَرمائو
سَتوءُ ٻاهَرِ نِڪَرَڻُ فِعلُ مُصَليّ جو
پِهرو ٻاهرِيائن چَئِي مَنجِهيا پوءِ لِڌامِ
ڪيدانيَ ڏٽام جي پَنَرَهِي نَجبَيامِ.

---

(١) اصل ائين



Gul Hayat Institute

## باب ٻيو

بيانُ واجبَہِ سَندوُ منجِهہ جَهِينْ
سِنڌِي ۾ سَهُڪا تِيا سِڪَڻُ سيِکَهِينْ
واجبَ نَمازَ ايکَهِيَ کَيدانِيَ ڏِنامِ
سَتَ عامَ چوڏه جي خاصَ سِنڌِيَ سَبِ ڪِيامِ
سَتَ جي ايکَهِينُو عاَلمِ عامَ چَوَنِ
سَيَہِ نَمازَياءِ ڪي ۽ سَيَہِ نَمازَنِ
ايکَهِنوُن چوڏهِن جي خاصَ تِيا
نَمازَہِ نَمازِيَہِ ڪَہِ ڪِيْ ڪِيا (١)
لَفظُ تَڪبِيرَ تَحرِيم ۾ اَڪبَرِ اِيہُ پِهرؤ
وِهڻُ قَعْدي وِچِئِن واجِبُ بِيو تِيو
تِروُ تَشَهْدُ اَلتحِيّاتُ بِي وِهَڻِي پَڙهَنِ
چوتون اَداءِ رُڪوعَ ۽ ۾ سُجُودَنِ
آٺڻُ فَرضُ سَيُڪوءِ پاٺو آٺِي هَنڌِ
اِيہُ پَنْجَؤن واجُب تون سِڪُ سِيني ساءِ
واجبُ تِئِي سَيُڪوءِ پاٺو آٺِي ماڳِ
چَهَئِي واجِبَ اِنَ پَرِ نَمازِيَ سين لاڳِ
سَتوُنءِ ڪَري سَلامُ تِين نِڪَرُ نَمازاءِ

Gul Hayat Institute

(١) اصل ائين

اِيهُ عامَنِ منجهاءِ سِڪُ چڱي چيتُ ڪري
هاڻي چوڏهه خاص واجِبَ سُڻِ سِنڌِي ڪِياهُ
الله جِي آسَ ڪري جِتَيُوهُ چَياهُ (۱)
رَڪعَتِيءَ ٻِي پهرِئينْ قرآة تَعْيُّنِ ڪَريج
ٻِي جو واجِبُ فاتِحہَ ٻيِهي مَنجِهہ پڙهيج
ٽِروءِ واجِبُ پَڙهہُ فاتِحہَ رَڪْعَتَ ۾ يَڪبارِ
چوٿون واجِبُ حَمْد سِين سُورَةَ ٻِي نِهارِ
وَڏي آيت هِيڪَڙيِ ناهَ ته ننڍيُون ٽِري
پَڙهہَ قُرآنُ نَمازَ ۾ مانَ قَبُول پَوِي
جي مَهنڊَ ۾ فاتِحہَ، پَنجوُن واجِبُ اِيهُ
اِيَ پَرِ پَڙهڻَهارِ "مُوسو" چوءِ سُٺيا
ڇَهِين دُعا قُنوتَ پَڙهي واجِبُ وِترَ ۾
لِڏائي سَهُڪا ڪري، جي ڪوءِ عَيبُ نہ ني
پَڌَري ماڳِينْ پَڌَرو سَتوءِ واجَبُ آرِ
ڳُجهو پَڙهہ ڳُجهي هَنڌين آٺين ڪَرِ نِهارِ
مُقْتَدِي اِمامَ پوءِ ڳُجهي ڪِينَ مُهاءِ
نوئُونْ واجِبُ اِنَ پَرِ لِڌو ڪَيدانِياءِ
ڏهونْ نَمازَ ۾ واجِبُ نہ اِيُ اِيهِين سوءِ

(۱) اصل اٿين

ڳـڏجَـڻُ اِمـامَ سِيـن پَـڙهـ جيِـهِــيَ تَـهِ هــوءِ سَـجـدي تِـلاوَةَ ڪـارَهِـيـنْ جـي اِمـامَ پَـڙهَـنِ هِيــڪُ اِمــامُ ۽ مُـقْـتَـدَي پانْهِيـنْ سَـبِ تِـيَـنِ پـارهــون بِنِ عِـيـدُنِ سَـنـدِيُـون تَـڪـبِـيـروُن پَڙهـجَـنِ تيـرهــوءِ پُڻِ تَـڪـبِـيرُونْ رُڪـوعِ مَـنـجِـهـ عِـيـدُنِ جـي سَـجِــدَهَ اِمــامُ ڏي سُـٽِـيـنـدَڙ پُـڻِ ڏِيـنِ پانِـهِـيـنْ بِي ۾ سَـبِ بَـرابَـرِ اِمـامَ پُـٺـا ڪِـيـنِ ايــڪَـهِــيَ واجِـبَ مُـون لِـڏا طبعَ خـامَ سَـيِـيِـيءِ ڪِـلَـنـداَ ڳـهَـٽـو سُـٽِـيـنــدَڙَ وَرِيــامَ پِــهـروئِــي عـامَ چَئِـي پُـهْـرِي خـاصَ لِــڏامِ "مُـوسـو" چـوءِ آبـوجـهـَ جـي ڪـارَڻِ تَـنِ ڪِـيامِ پُـجَـهـئِـيـنْ جــاءِ اِمـامَ ڪـي فَـرْضَ واجـبَ پِــي جـي اِيـهِ يــادِ ڪَـري اِمــامَــتَ دُرسَــتُ ٿِـي.

Gul Hayat Institute

## باب سيوم

## سُنّتها

هاڻـي پِهـروئِـي چَـانْ عَــامـو تَــنِ مَنجـهـاءِ لَهـان آتَ سِـنـڌِي جوڙِيـان جِـي تَوفِـيـقَ ڏَئِـياءِ پِـهــرؤ تَـڪـبِـيـرَ تَحْـريـمَ ۾ هِــجي هَــٿَ کَـجَـنِ پِـيـو کَـٿَـڻْ دُعا قُـنُـوتَ جِـي وِتـرَ مَـنـجِـهـ پَڙهَـنِ

ٽِروُ تَڪبِيرَهِ عِيدَهِ سَنڌِينءَ جي پُڻ هَٿَ ڪَٽَڻِ
جِيهِي اڳِي جوڙيا عالِمَ اِيَ چَوَڻِ
چوٿون ڳُجهِي آڳَرِين هَٿَهِينءَ موڪِريُون (۱)
سِبُڻَ ڪَرَڻُ سُنَّتَ اِيهِ قِبلي سامُهيون
ۦ جِي رڪَڻُ جِيَٽو ڌائي اُتِي اُرهْ جماعتيَنِ
ڇَهِين سُنَّتَ اِيهَ سُڻِ جِي مِڙوُ جماعَتَ ڪَنِ
نِبِيرو اِنْتَقالَ جي سِي تَڪِييئي ڪي هَٿَ (۱)
سَتيِنءَ سُنَّتَ اِيهَ تُون ڪَندو ڪِج ۾ ڪَٿَ
چوءُ تَڪبيرُ رُڪُوعَ ۾ نوئِي ٽِري ڀيرو قُنُوتَ
آٺئِينْ سُنَتَ پارِ اِيهَ سَرْها ڪَرِ مَلڪُوتَ
ڪارَهون ڪَٽَڻُ رُڪُوعَ ۾ آڱُرِي تو نَتَ سارِ (۱)
ڏَهِينْ مُونا جهَلَڻُ رُڪوعَ مَنجِهه نِهارِ
سَٺيئنْ اُپيَڻُ پارهِينْ .................... ڳِريو
سُنَتون نَمازَ ۾ اِيهِ آڳِي ٽِيو
سَجِدَه سَتِينْ آڱِرِينْ ڪي رُڪُوعاءُ
وِهَڻُ ٽِئِي تيرهِين سينءَ سَجِدَه مَنجهاءُ
تَسِجو سَجِدَنِ ۾ هُلي ............ مُهاڙِ (۱)
چوڏهِينْ سُنَّتَ اِيهَ تون سِکينْ چڱِي پارِ

(۱) اصل اٿين (۲) اصل اٿين

Gul Hayat Institute

هُـونـدو راد..........آثِ پـيـرا جـي جَـنِ (١)
پَـنـرَهي جـوكاتِـيـو دِرِجـيـُن جــي نُــويَـنِ (٢)
..........مُرسَنِ كي........ اِيـهَ سـورَهِـيـنْ سنَـتَ
جَـہ هئِيـن جَـنَـتَ ۾ تـونَ تَـن سَـنـدي هَـتَ
..................... ۽ پـاڻـاءُ پِـيـئَـنِ (٣)
ڏِئِـي تَبـي مَـجـيِ ڪَـري اِيـمـانُ آنـدو جَـنِ
سـلامُ چِـيَـئِـن .......... وَرائـي تـي واتَ (٤)
جَـہ پَارِيَن فرمانَ اِيـہِ لَنـگهينـدهِ صِـراطَ
.......... تہ تـوجـي خـاصـيُـون آهِـيـنِ
نَـمـازَ درُسْـت تَـنـين ٿِـئـي سِـكِـئـو جي پـارِيـنِ
پـهِـروُ .......... اِمـامَ جَـمـاعِـتِـيَـنِ
پِـيءَ مُتـابِعَتَ مُقْـتَدِيَہِ اِمامَ سين قبله مَنجهہ بِيهَنِ
ٿِريءَ قَـعُـودُ چُـوئَـڻُ گُجـهِـيَ جـيَ مَـنـجـهاءُ
چــوتـيـن تَـشْـمِـيَـةَ چـوئَـڻُ پُـڻ تِـيـهِـي تَـتـاءُ
پَنــجـيـنءَ آمِـيـنَ چُـوئـڻُ گُـجـهِـي پِنـهِـي اِنِ
ڇَهِـيـن اِمامَ..............گُجهِي..........
سَـمِـعَ اللهُ اِمامُ چـوءِ سَتَـئِـيـنْ سُـنَـةَ اِيــهُ
سِنـڌِي وَائِـيَ سُهكا تِيا سِكِي.........ڏِيهُ

(١) ورق بون (٢) اصل اٿين (٣) ورق زبون (٤) ورق زبون

جَماعَتِيَهِ اِي هيكَڙيَ تَحمِيدُ چُوئِڻُ اِتِ
آنئَيِن سنَّتَ اِنَ پَرِ سِڪي دَرجَتِ
نوئِينْ ڏوُ پَترَي اُتي وِهي پيرَ اُپيارِ
تِينْ جِيَٽو پيرُ وِهَڻَ بِرَ......... (١)
ڏهِين جوئِينْ جِيَٽِيَ بيئِي پيرَ مُوَنِ
اُروء اُتي پاٿرِي وِهَٽِيَ جي وِهَنِ

## باب چهارم

### مستحبات

مُستَحِبَ ڏِنامِ ...................... عامِ
خاص تِري اِيهَ سَبِ سِندِيَ ۾ ڪِيَامِ (٢)
تانْ اِي چوڏه عامَ، نُو بِيا خاصَ تِيا
جي عربِيَ ۾ خامَ سِڪهِ مانَ سِندِي ڪِيا
پهِروُ مستحبُ.................. عامَ
سَيِي سِندِيَ ۾ ڪري هِئِينْ لَهَندِي هامَ
...................... نَدايَ پاهاءِ
دَڪَڻُ واتَ اُباڪِيَ پِيو اِيُ اِنَ پُوئَا
جهَلَڻُ ڪَنگهه اِي تِروُ جانْ ڪي سِيَ سَگهِنِ
چوٿون تري آسي.......... هي وِترو..............

(١) ورق بون (٢) تري اِيه = تريويه

پنجوءَ صِحَتَ حُروفَ جِي قِرَآةَ مَنجهہ چِوَنِ
چَِهون متو..............................
سَتونءَ موتيا اَلهَنُ سَجِدَه کي سَرِيو هَتَ تاءِ
پوءِ نہ اُٿائي نراڙ.........................
آتئون پيرُ ڪَٺَڻُ اُپِيَڻ کي پوڻون پِهرائِينْ
جُہ سَجِدَه پوريَ نہ ڪجي.............. تائِينْ
نُووُ سَجِدَه جي ڪري بِنهي وِچ هَٿَنِ (١)
ڏهون قِبلي ڏنهُ اکري هَٿُهِ پَيرَنِ
سَيو ٽوڪَنَه پَڳهَرُ نہ اُگهي ڪارهون نِراڙاءِ (٢)
رَکي آدَبُ اِنَ پَرِ اگ سَلاماءِ
وِيجهارو پيرَنِ بِينْ چِڏائي آڱرَ چارِ
اُپِيئي ثابِتُ تِي اِيهُ پارهون نِهار
تيرهون هَتَ ڌرَڻُ ۽ اُٿي اُروئَنِ (٣)
وِهَڻَ ۾ مُنہَ آڱرِ مَنجَهِ سِين موتَنِ
جُہ وَرائَڻُ جِيئَي ڏائي نَمازَ ڪِي تَمامُ
چوڏهون اِيُ اِنَ پَرِ وَرايءِ سَلامُ
مِلائبي سونُو خاصَ جي تِري اِيهُنو ٿِيا (٤)
عَربي واياءِ سي سِنڌِيَ ۾ سُهڪا ڪِيا

---

(١) نوئو = نائئون(٢) ٽوڪنه = عضون تان (٣) اُروئن= اُره تي زور ڏيئي (٤) ٽري ايهنو= ٽريويهنون

هَتَ ڪَٽَڻُ سُنَةَ پَرِ ڪَنَهِ سين مُرسَنِ (١)
جوءِ ڪي ڪُلهَنِ سين اِنهُ پِهرو خاصَنِ
ٻَڌَڻُ هتُ مُرسَنِ ڪي ناهِيانْءُ هيٺِ
ٻيو جوئِينْ ڪي اُتي اُرَہَ مُستحَبُ ٿِيوءُ
ٻَڌَڻُ هَٿ ٻانهوينئون نڪرِيمَ ۾ مُرسَنِ
چوٿون قراه مرْوِيٌ آهي ڪي مُرسَنِ
پَنْجَهُ وينَل نرنِيُو ڇُوئَڻ تَسبِيحوُن
عالمن جاڻِ ڪري اِيهِ اَڳِي ڪِيوُن
ڇَهون ڏؤنرا ڏيو ڪرَڻُ ٻانهون ٻيُون پيٺاءُ
پيٽُ اُروئنئون اُرو ٻڪَينندؤ گوڏي پوياءُ (٢)
مَنَهي مُرسَن ڪي اهي رءِ جوئِن
جوئِيوُن جُري آڱرين رُڪوع سجدو ڪَن (٣)
. ................ هحي ٻُوءِ رهن (۴)
ابهَ پَر پڙهتهاره اُسي ورخِنُ ڪَرَن
اُيا ڪي عُذر زءِ ڪه مهند پڙهنِ
اي حُڪمُ سَيڪهِينْ آهي رڪعتَنِ
ٽِريهِيؤ ڪَدِڻُ آڱُر امامَ سين جِيئَن
جيئَن فرماؤ اڳِهينءَ پاربو تيئَن.

(١) ڪنه سين = ڪَنَن تائين هٿ کڻڻ (٢) اصل ائين ٢٣) اصل ائين (۴) ورق بون

# باب پنجم
## حرامها

مستحب............... پڙهه منجهه حرامَ
سِکَڻ تِيا سِيکَهِينْ جي خاصَ جي عامَ
پِهرو تَسْمِيَہ پَڙهِي، بِيو چُوڻُ آمِينَ
تِروُ نِهارَڻُ جِيَٽي ڏائي مُونهُ بِرکارَڻ کِينَ
نَظرُ کَرَڻُ اَيَنِ ڏُنّهُ چوتون مَنجهہِ نَمازَ
پنجوءُ تَنبَ دِيوال يَرُ کاهِلَ ڏِينِ اَکاجَ
رِءَ عُذرِ حَرامُ اِيهُ، عُذرَ سِين مُباحُ
جَنِ کي سِکِي پار تُون جُہ تُسَيءَ اِللهُ
چَهون جِينْ هَتَ کَٽَڻُ مَتي مَشروُعاءُ
سَتوءُ آگُرِي رُکُوعَ سُجودَ ۾ پُٺِ کَٽَڻُ پُوئاءُ
آٺونءُ ۽ جي وِهجي نہ نَہِ اُتي پيرَنِ
نووُن بازِي کَبرِي اَي جيسِي اَکِرَنِ (۱)
رِءَ تِري پيري هيکَڙي، پي سِين هوءِ حرامُ
جُہ پوءِ پورا تِري تِيا تہ ياںءِ تِٺِي تمامُ
اِشارَةِ آگُرِ شَهْدَ سين ڏهون اَهلِ حَدِيث
سِکَڻَ کي اِيَہ مَسئِلها کائِن گُجِهي ريت

(۱) اصل ائين

ڪَنڌُ وَرائڻُ ڪارهون جي هيڪَڙي ڦيراءُ
سَلامَ وِيرَ سَيِّڪَهِينءَ ڪَنِي نَمازَ پوڻاءُ
۽ وِتر نَمازَ ۾ ٻارهون پَڙهَڻُ قُنُوتُ
سِڪي جِنِهينْ پارِيا ثابِتَ ڏِينِ ثُبُوتُ
وِترِ جي تَڪَبِيرَ ۾ ثَنا ۽ تسبيحَنِ
وِهَڻِيَ ۾ سُنَتاءُ مَتي تيرهون اِيهُ چَوَنِ
چَڏَڻُ واجِبُ چوڏهو واجِبَنِ منجهاءُ
حرامَ اِيهِ سمجهي..........................

## باب ششم

## مكروهات

ڪيدانيَ ۾ نَتِيه چوءِ مَهند ۽..................
سيئي سِنڌيَ..............................
ٻائيتالِهَ عامَ ٽيا سَتَره خاص ٽِيا
عَربِياءُ عامِي ......................
ٻائيتالِيه تَه ۾ جي.......................
تَڪرارُ تڪبِيرَ پِهرو، ٻيو ڳِنَڻُ آيتُون هَتِ
اُتي چيلهه هَتَ ......................
چوتون ڪَنگهڻُ ۽ عُذرِ جي، ۽ هوءِ حُروفَ
پنجوءُ ٿُڪَ، ڇهون سِنگهَ لاهَڻُ ۽ آوازِ سُڪوتُ



Gul Hayat Institute

سَتِئونْ رَكَڻُ ناڻو ۽ هجي ۾ واتَ
تانْ جي تيئن هوءِ سو جَلي چُوئڻِ قِراُتَ
اَتونءِ نَظَرُ اَيَنِ ڎُنهُ رُكوعُ سُجُودَ پُواءُ
نووُنْ ڳِهَڻُ وَڙُوسِ جيكي ڎُندَنِ وِچاءُ
ڃَڎَنُ سُنَتَ هَيكڙِي سُنَتُنِ مَنجهاءُ
اِيهُ ڎَهون مُكروهُ تِيو لِڌو كَيدانِياءُ
كارهون قِراۃَ پَجَئي، ۽ جي مَنجهه رُكوعَ
بارهون تَكبِيرَ مَهَلَ رِءَ چُوئَڻُ پُڻِ مَمنُوعَ
ڎَرَڻُ هَتَ مونَنوُن اڳي ۽ جي اُتي بو
رِءَ عُذرِ اِيهُ تيرهون سَجَده كَريئي تو
۽ كَڻَڻُ اِيهُ چوڎهون هَتُ مُونَنِ پواءُ
اُتي اُيو جي تِيي سوءُ سَجِدَه منجهاءُ
پَنرهون كُتو جِي جِيَنْ وِهَٽِي. وِهَنِ
ڍَكَڻُ واتُ اُباكِيَ رِءَ اِيهُ سورهون چَوَنِ
سَتَرهون آكِينْ بُوتَڻُ نَمازَ ۾ مُكرُوهُ
چِيتا كَري نَمازَ كَرِ، رَئِي نہ مُنجهي رُوحُ
لاهَہ، پَهَڻَ ۽ كَڙا جي سَجِدَه ماڳاءُ
اَرڙهون سَجِدَه جَہ نِوءُ كري نہ سَگهي جاءُ
اوڻيهوءُ نَمازَ ۾ جي اُگهي كِهَ پَگهرِ نِرار

كَرَڻُ نہ هُو ٻئي ٻاجهہَ رِءَ سِنڌِي آساهارُ
ڪَڏَڻ.................. ٻِيڻُ رُڪُوعَ پوَاءِ
ويهؤن موڙي آڳِرا جِي رَسمَ سَهْجاءِ
اُٻاڪِي عُذرِ رِءَ.........ايڪَهِيون آهي
يَحَڻُ لِگٗ اِيہُ ٻاهِيئون ۽ جي ٽِريڙا سباهي
ٽِريهيئون ڪَڏَڻُ آڳَرِي پاڻِ جي هَٽاءِ
چوهيئون ڏِيَڻُ ٻِيڙَ ٻَرِ جي هيڪڙِي ٻِياءِ
پنجِيهؤ رُڪُوعَ رِءَ آڳَرِئِيڻُ موڪَرِيونُ
ڇَهَيِئو قِرآة جِيڻُ پَڙِهي سِڪو سِيگهِ گهٽو
سَتاهِيون سَرِپُٺهِ سين هِجي سَئِين نہ ڪَنِ
آٺاهيؤن وِڪُون ٽَري ڪي ويٽَرِ يَرجَنِ
آهي اِيہُ عُذرَ رِءَ هَلَڻُ حِرصَ منجهناء (١)
توڙي وِڪَ پُوئاءِ يَرِؤ اُٻِيءَ هيڪَڙي
۽ چُرَڻ اُوٺريهوءَ جِيٽِي ڏائِي پاهاءِ
ٽِريهونءِ جِيڻُ مارِجي جو ڪَبَرِي آڪاءِ (٢)
ايڪٽِريهوءِ ڏِڪَڻُ جو پَسِي پاڻَ تَناءِ
ٻَٽرِيهوءِ ڦِيٽو آڪِيُنِ جي ڪَنَ ڪي وِڌاءِ
ڪَڏَڻُ موڙا توڙي عَمَلِ ٽِريٽرِيهونءِ سنيارِ

---

(١) اصل، حِرسَ منجهاءِ (٢) ۽ (٣) اصل اٿين (۴) يعني؛ سورتن مان هڪڙي سُورت.



Gul Hayat Institute

ڪَنْدَنهُ پيرهو هَتَ سين چوٿريهون نِهارِ

پَنجَتريهون جي واءُ گِچيَ ڪَپڙِ وِجُنيَ (١)

اُوٿو ٿِري پيرنوءُ مَڪروُهَنِ منجهاءُ

چَتريهوءُ تَعِيُن ڪري سُورَنوءُ سُوراءِ (٢)

هِجي نَمازَ ۾ تَنهِ رِءَ پِيءَ نه ڪاءَ

سَتٽريهوءَ جَمْعَ ڪري اِي جِينْ پِينْ سُورَنِ (٣)

وِچاءُ چَڏي هيڪَڙِي جي رَڪْعَتَ ۾ پَڙهَنِ

اَٺرِٽريهوءُ جي آيَتَ هيڪَڙِي نِجِي مَٽي پيءَ

تَنِ وچَ ۾ هيڪَڙي تانْ جي هوءِ ٿِريءَ

اُوٺي تارِيهئِين اَگِينْ پَڙهي پوٺئي مهاٺدياءُ (٤)

توڙي رَڪعتُنِ پِنِ ۾ جُوا ۽ جو اِياءُ (٥)

سُورَةَ مَهَندِ سَيْ ڪَهِين جي تَسمِيهَ پَڙهَنِ

رِيءَ عُذرِ جي گاپِروُ نِمازَ..................

هاٺي جي خاص ٿِيا سَتَرَه تَنِ مَنجهاءُ

ڏيئي ڪَنُ سِڪُ سُٽِي............... سداءُ

جِينْ اِمامَ گُهَرُ ڪانءُ سُٽِي پاند ۾ پوئِينْ

پِهِروئي مَڪروُهُ اِيهُ سُٺِ خاصَنِ منجهاءُ

پيو وَڏي آيَتَ پَڙهَڻُ پوئٺيَ ۾ پِهرِياءُ

(١) اصل اٺين (٢) يعني: سورتن مان هڪڙي سُورت. (٣) سُورن= سورتن (٤) يعني: اُوٺيتاليهين (٥) اصل اٺين

Gul Hayat Institute

فَرضَہِ ۾ آهي اِيہَ ڙِ نفلِ سُنَتاءِ
تِروُ تَوَقُف جي ڪري آيتَ پڙهؤ اِمامُ
جَهِينْ ۾ دَربُ اُميدَ هوءِ وِرَمُيءَ ڪري تمامُ
مُقتَدِيَ مُطلقَ اِيهُ اِمامَ سين هوءِ
هيڪَلي فَرضَنِ ۾ تان اُيهُ آهي توءِ
چوتون جِينْ سَجِدَه ڪَرَڻُ سَيوسَہِ پاڪَنِ
ليپَڻُ پيٽُ آروڻِ سين پنجؤن ڪي مُڙسَنِ
چَهون لاهَڻُ پيراهَڻُ ڪِہِ قُلہَ مَتاءِ
پرَهَڻُ پُڻِ اِيہُ سَتونءِ مَڪرُوهُ پُجہ اياءِ
آتوءِ پَڙهي اِمامُ جِيئَن آيَتَ دَرازَ
هِجي جماعَتَ ڪي ڪَرئينْ تِئِينْ نَمازَ
سِگهو پَڙهي اِمامُ جِينْ ڪارَڻِ جَماعَتِيَنِ
نوؤن مَڪرُوَهَ ايهُ سُڻ تَڪَرائي ڪي تَنِ
ڏهؤ سَبَقُ اِمامَ ڪي جَماعَتِيَنِ نہ جُڳاءَ
جي پَڙهِيائِين تيترو جَهِين نَمازَ رِهاءِ
ڪارهون پَڙهي جُہ پَدرو نَمازَ نَفلَ ڏِيہُ
اِيہِ سِڪہِ طالِبَ سي جَن نَمازَ سين نَيہُ
يارهَون قَراة جِينْ پَڙهِي اِمامُ سَجدَه واري

Gul Hayat Institute

جُہ تِيهِيـنْ ڳـجُهو پَڙهَـڻُ مَ ڪَـرِ پوِئِـيائِـي
تـيرهـون تَڪرارُ آيـتَ سَـرهائِـيَ ڪِہ حُـزُنَ
قَـرضَـہِ ۾ آهــي اِيَ ري نَـفْـلِ رِيَ سُـنَـنِ (١)
تَـڪــرار سُورَةَ چـوڏهون جـي رڪَـعَـتَ ۾ هـوءِ
قَـرضَہِ ۾ نَـفَـلَ رِيءَ تان اِيِيَ ڪـري نہ ڪـوءِ
پَنـَرهــون نَـمـازَ ڪَـرَڻُ ڪَـئِـي باڻـهُـڙِيَـنِ
جــي اَجَــہِ اِرڪِـنِ سِيـنءَ آهـي ڪــي مُڙسَـنِ
ڇُوڱَـڻُ جَماعَتيہِ آيـتَ ويرا تَرغيـبَ ڪِہ ترهِـيبَ
"صَـدَقَ الله وبَلغَـتُ رُسُلُـہِ" سـورهـون تـادِيـبَ
يَـرُ ڏِيَـڻُ تَنـيَ رِيَ عُـذرِ ڪِہ وري ديـوارِ
سَـتَـرهـون مَـڪَـروهُ اِيـہُ رِيَ نَـفـلِ نِـهـارِ.

## باب هفتم
## مباحات

مُبَــاحَ جــي نَـمــازَ ۾ اِڪــارَهــن آهــيـنِ
آتَ عـــامَ اِي خاصَـن تِـري، ڪَـيـدانِـي ليڪيـنِ
عـامِنَـؤن نَـظَـرِ پـهـرو اِڪِـيـپـنْ ڇُـوچَـڙيـاءِ
مُباحُ تِيـو سَـيَـڪَـهِيـن مِـڙيَ وَرَنـدي مُـهاءِ
سَـنـؤن ڪَـرَڻُ مـاڳُ سَـجِـدَہ پـيـرو ٻہ پـيـرا

(١) اصل. سُڻُ (؟)

Gul Hayat Institute

عُـذرَ سيـن مُباحُ پيوءِ سُـڻِ سَجِـدَه ويــرا
مـارَڻُ سَـپَ مُـطـلَـقُ تــروءِ اِيُ اوڏي مــاڳـاءِ
جِي ڪَــرَنَ نـمازَ کـي هِنْيـيءِ ۾ هوئِسُ ڊَراءِ
چوتـون ۽ جيـڪـي ڪــري واتَ ۾ نــاڙاءِ (١)
جَلِـي چُـوڻَ قِـرءَتَ تَــهِ پَـرِ پَـڙهَـڻَ سُـنَـتاءِ
پَـنـجـوُ پَڙهَـڻُ قُرآنُ عَلـيَ التّالِـفـيِنَ تَـرتِيـبَ سي
ڪَـڏِهَڻُ ڪَـپَـڙُ پـاڻُ جي ساري سَـجَده ڪَــري (٢)
سَتـوءِ رَڪـعَـتَ هيـڪـڙِي سُــورَة بــادُ پَــڙهَـنِ (٣)
ٻـيِ رَڪـعَــتَ بـادُ ٻِيـُـون پُــڻِ تِيــهِـي تَـبـنِ
جَـاڻُ هِــيَ خـاصِ تِـري، پِهـرو تـانْءِ تَـڪـرارُ
ڪـِجــي سُـورَةَ نَـفلَ ۾ ثــوابُ تِـيـي اَپارُ پيـو
ڏِيَــڻُ ديــوالِ پَـرُ تَـنـبَ ڪِ تـوڪَ ڪَـهِـين رِيءَ
عُـذرِ نَـفـلَ ۾ جـي ڪــوءِ ڪَــري تَـهِـيـن
پَــسَڻُ اِمــامَ پـويـان تَــن ۾ سَــگـهَ تِـئِـي
ڪِ وِهَــڻَ ڪَ اُتِـيَـڻِ ڪِ ڪَـهِـين ڳـالهِ ٻِئِـي.

## بابت هشتم

## مِفسدات

مُفِـدَ پَـنـجَ نَـمــاز ۾ ڪَــيـدانِــيَ ڏِتــامِ

---

(١) ناڙاءِ = ناڙا چوڙ (٢) اصل: ڪُڏَن ڪَبَلَ بانُ جي (٣) باد= بعد

عَربياءُ عامَنِ کي سِنڌِيَ سَهلَ کيامِ
پهروئن دُنياؤ، ڳالهاءُ ڪَرَڻ نمازَ ۾
مُطِلقُ هوءِ حَقيقي توڙي حُڪِماؤُ
ڪِلَڻُ بيوءُ نَمازَ ۾ جي پاسي سِين سُٽِينِ
تِروؤ عَمَلُ گهڻو ڪَرڻُ رِيَ اِصلاحَ اُنيِنِ
چوتون چَڏَڻُ فَرضُ فَرضنَوءُ رِيءَ عُذر تِيو
آچاٽنَدي پَرِ ڪَهِيڻ جي توڙي وِيٺو
چاٽندوئِي جي ڪَري مَنجهه نَمازَ حَدثَ
پنجئون مُفسِدُ اِيهُ سُڻِ سِڪَڻَ ڪِج هَوَسَ
نظامِي تَمام توفيق تِئي جَلِيلَ جِيَ
سُلطانُ شاهُ نِظامُ چَئي خَنِه وارِي ڪِئي
ڪَرڻ صَبُر قانُونِي پُورو نہ هُئوسِ
پَسِي سَندا شاعِرَہِ نَظمُ نَظَرِ پِئوسِ
چَئيومَ چِتاءُ چِتَئِي ڪَهِين وِرمَ ڪَراءُ
فاتِحَہ ڏيئي مانَ ڪِي پَسِي مُئِي پوئُاءُ
”مُوسو“ چوءِ مُئِي پوئُاءِ پَسسو ڪوءِ مُحِتاج
ڏِجي ڪاڻِ نہ ڪِجي سَيُرئِين ثوابُ.



Gul Hayat Institute

# [اخلاقي تعليم]

Gul Hayat Institute

فرمان ٿيندو مجھ ته ڪُليا اُو دوا مينهن پيئو باھر ڪڍنيو پلڪ سبيت ٿيو
ونيا تما باهر پيئو مجھ درينو دار مؤمن باھر اُلهي ڪڍا مؤمن سار
مؤمن ست ايمان جي سبب ڪلمي ڪره بجا لاالٰه الا الله محمد رسول الله ڪلمات ڪفر ڪرن ٻانڌن
پاڪ مين ڪفر پاڪ دهي ماڪي هو ٿيو جيڪي اُستاد ره سيکي جيجي جو
الله ماک الاه جو اڪبر ماڪ ڪيا رائي پئو ڪفر پاڪ مين جو جي جو ڪافر
جنس اشهد مين وديه شنا جو ٿين پڙهي سين الله ڪفر پاڪ جي
اهي اشهد مين هيئي سبب مين حق جي جو ٿئو ڪفر اليه جي پاڪ جاڪ جڏهن
پيجھو جو ٿين شدر اِي لاالٰه جو اشهد ان لا پڙهي جو ٿيو داھ
سنتو محمد مد سبب محامد جي جو پاڪ مين پاڪ جي اليه ٿيو ڪفر هو
اتيو جي الغ سبب حايي على الفلاح دهو جين شدر جو ٿيو هر ڪل
اهي ڪفر پاڪ مين خطا ڪره هڪي

ڪين ملڪه قلعه ديا متي دين ذات ڪي هيڪڙي ڪراه ڪي هنڌ ديهي رات
ڪين ماريو دور هر جهه سبب سوهڻ ڪي ٻرائي جائي پيئو ٻساه ڪين
ڪين پانا پائيو ڪورا مال ڏنا مڪي اڳارا پڪيا تن محتاج ڪيا
پيئو را پر هيش ڪي انجه لڳا اوٺ ڪين اڱر پاريو لنگو مين هيٺ

[٢٤]

## (الف) نصيحت ۽ هدايت

### چند بيت پنديات سنڌي

ڪنِي مُلڪَ قُلهَ ڏِٽيَ مَتي ڏِني ڏاتِ
ڪي هيڪڙي گِراهَ ڪي هَنڌَهِ ڏِينهين راتِ
ڪَنِي ماڙِيون دورَ هَر جهَجهِہ سي سُونهَنِ
ڪي پرائِي جائيين پِيئَو سِاهَ ڪٽِنِ
ڪَني بانها ٻانهيون گهوڙا مال ڏناءِ
ڪي اُگهاڙا بُڪيا تَنِ مُحتاجَ ڪِياءِ
پَٽورا پَرهِين ڪي اَنجُ ڪَتارا ويتِ
(١) ڪَنِي اَنگرِياريُون لِينگُون مَتي هيتِ
ڪي تازِيءَ چڙهَنِ ساختِ سونَ پَلاڻِينِ
ڪي سڳارِيهَ ڪاتِيو پيرين پُرِئو وَجَنِ
(٢) ڪَنِي پاسُ پَلنگَ سِرِ سَرهايُون ۽ سُڪَ
(٣) ڪي ارهائِي اَنَرا ڏِيِل اَمانگرَ ڏُڪ
ڪي آهِينِ بَرابَر ڪي هجِي جانَ اَجانَ
”قُل هَل يَستَوِي الذّين يعلمون الذين
لايعلمون“ ساراهيان سبحان.

---

(١) اصل ائين (٢) اصل ائين (٣) امانگر = جهجهي، گهٽي

ماگ ري مَرهَيائِته جِها نہ هونـدا
"لايَستوِي أصحابُ النّارَ اصحاب الجنه" ذَؤُن
ذسي رُوندا.

راتِ أودِکو ذِينهَ کي، ذينهَ أودِکو رات
"يُکَوِرُ الليلَ علي النهارِ علي الليل" پئو پائه کي راتِ
مـنـدِبو مِيزانُ کَمَه سَندِيَ نُورَ کي (۱)
" وَوَضـع الميزان أن لاّ تَطفُو ميزان"
بارو سَندو مالَ بِيوءُ نہ هوندو پالَ رءِ
هَل جزاء الاحسان اِلاّ الاحسان جِيءُ تال چالَ.

---

(۱) اصل ائين



Gul Hayat Institute

## ٽريہ اکري ـ ١

حَرفُ چَوءِ ڪُو (سـه) ٽرَيه اکري بَيتَ ٿيام
مُناسِبَ مُوسو چوءِ آيَتَ پَڙهي لِذامِ
الف الله هيڪُ ڏَٿِي ناهِ ٻيو تَنه ري
”لا الله اِلاالله هُو يُحيِ و يُميِت“ ماري جيِاري
بي ٿون باقِي دُنيَ ۾ هُوئَڻُ جي هوءِ
”فَلَوڪَانَ فِي الدّنيا بَقاءُ لِساڪِنٍ، لَڪانَ رسول
الله فِيها تَتَبِي“ رهوءُ
تي ٿون توبَه ڏَٽِيَ پَٽي سَچِي ڪَرِهُ چِتاءَ
”فَتوبوُ الي اللهُ تَوبَهُ نَصُوحَا“ بچي جانِ هِتاءُ،
ثي ثون سُٽاءُ ڏَٽِيَ ڪي سَيَهِي حالِ ڳَريهُ
”اَدعُو الله سِرِا و علانِيهَ“ مُورِ مَ وِساريه
جيِم ٿون جيَڻُ ۽ مَرڻُ گهڙيءَ سين پِئو ڪياءِ
”خَلقَ المَوت وَالحَياهِ لِيبَڪُو ڪُمَ“ آدمي ازماياءِ،
حي ٿون حَلالُ پاڪُ جي ڪَيَڻ پَسِي ڪاءُ تُون
”تاڪلوا مِما فِي الاَرِض حَلالاً طَيِبَا“ جو آهي ۾ پُون
خي ٿون خَيرُ گهُربِنءَ جي باطِلُ مَ ڪَرِ پاڻِ
”لا تُبطلوُا صَدقاتِ ڪُم بالمَنِ وَالاذِي مُنِهَ اُتي مَ آڻِ
دال ٿون دنيائُون آيُ تارين سينگارئوءُ

Gul Hayat Institute

"اِنّا زَينا السماءَ الدُنيا بِزِينَـةِ الكَواكِبُ" كي
ساراهَ ڪيوءُ

ذال ئـون ذِڪرَ ڪَرِهُ گـهـڻو چائـي اُبَهـنداهُ
"اُذكر و اللهَ ذِكرا كَثِيرا" جان ڪِي تَن ۾ ساهُ.

ري ئِون روزيءَ ڏيندڙ ڏَڻي پاڻَهِ سِپِني ڪي
"وَمامِن دابَه في الاَرضِ الا عَلي الله رِزقُها" جو جِتي آهي.

زيٰ ئون زِينَتَ دنيَ ۾ ماڙهُـوئان مالُ وِياءُ
"اَلمالُ وَالبَنُونَ زِينَتَ الحَيَواةِ الدّنيا" پاڻا بُجهہ اِياءُ.

سين ئـون سُڃَڻُ ڏنو ڏَڻِيَ سَيَنُ پَڙِ بانَهن
"وَجَعل لكُم السَمعُ وَالاَبصَارَ" سچي سُجانَن.

شين ئون شُڪرَتَ جي ڪَرِهُ چوڏِس ڏرِهُ نہ چتَ
"لئِن شكرتُم لازِيانكُم" وبتر تِئي جَنتَ

صادئون صَبُر ڪريين جي اُتي اُهـكايَن
"اِن الله مَع الصابِرين" پاجهَ ڏَڻِيَ جي تَنِ

ضادئون ضايع نہ ڪَرِيين ڏَڻِي يَلارِهِ يالَ
"اِن الله لايُضِيعُ اَجرَ المُحسنين" جيئِي تان ڪَرِ جال.

طـوئُـون طاعَـتَ ڏَڻِـيَ كي ۽ نَبِيَ ڪَرِينهُ
"اَطِيعُو الله و اَطيعُو الرسولَ" سِڪِي سَچُ مَڻِيهُ.

ظوئُونِ ظالمَنِ ڪـي سَنباهيو عـذابُ
"بِالظالِمِينَ اَعديهُم عَذاباً اَليما" ڪندا ڪيرُ جـوابُ.

عين ئون علم سِکَڻَ کي پڙهيا پُڇيجاهُ
"فَاَسالوا اَهلَ الذِکرِ اِن کُنتُمِ لاتعَلمونَ" کارُون
کَن کِجاهُ.
غَين ئون غِيبَتَ مَ کَرِهُ، ٻُجهين گهڻو زِناءُ
"اَلغيبت اشَدُّ مِنَ الزِنا" هِيَ جا پُٽ پُواءُ
فِي ئون جَنِي فسقَ ۾ چڱو پانيو چاڪُ
"واَما الذِينَ فَسقُوا فَماوٰيهِمُ النَارُ" مَکَرُ تَنِي ماڪُ.
قافئون قِيامَ سَچُ مَڃِ ايندي شَڪُ مَ پانءِ
"وَاَنَ السّاعَت اَتِيتهُ لارَيبُ فِيها" اَکِين اَنجِ کِياءِ (١)
کافئون کِبرِ کَرِينِ جي توڙي ذَرو توءِ
"لايَدخُلُ اَلجَـنتہَ مَن کَانَ فِي قبلِہِ مِثقالَ ذَرَةَ مِن اَلکِبرِ"
جنَ نہ تَنِي هوءِ.
لامئون لَهِي نہ پاڻِ جو پَتاندَرُ پَرياءُ
انّا خَلَقنَا الانسانُ من نُطفه امشاج نَبتّليه" کيو کني قَطراءُ.
ميم ئون مَهدِ گهمئين جِي کارَڻ هَٿَ هِنَاءُ
"وَما تُقدِمُوا لانفُسکم مِن خَيرِ تجدوه" يالَ لَهنداهُ ياءُ.
نونَ ئون نيَتَ اُتي کَمُ هوءِ سَپوئِي کوءِ
"انما الاعمالُ بِالنيات" هيجان هِئين ۾ هوءِ.
واوئون وَعدا ڏَتِيَ جا سَچا آهين حَقُ

(١) اصل ائين : اکِي اَجِ کِياءِ



Gul Hayat Institute

"اِنّ وَعدَ الله حَقًا" هُوندا سَيَہَ سَمَڪ (١)
هي ئون هِجي مؤمنين ڪِ ڪِي فاسِقَ جِيِنءَ
"اَنِهَن كانَ مومِناً كَانَ فَاسِقا دُني لايستَوُون برابر نہ تيِنءَ
اَلف لام ئون دفترَ ۾ لِيَئي جِي ڱالهاءُ ڪريہُ
"وَكُل شيءٍ اَحصَنياهُ كتابا" جوابُ گهرِئوئا ايہُ
بيِ ئون يَتيِمن جو ڪنو مالُ مَ ڪاهُ
وَلاتاكِلوُ مال اليَتامِي" وڌو تانءُ وِٺاهُ.
وَجو تہ ايمانَ سين كَلمو چيو مُهاءُ
لا الہ الا لله محمد رسول الله

---

(١) اصل ائين



Gul Hayat Institute

## تربيه اکري – ٣

الف اوڙکو سو ذاتيءَ جو هوندو آهي
ساراهجي سچ سين ٻيون سڀ لاهي.
هيڪُ اُپائي ۽ نپائي، ماري جياري
پُڇي پلي ستيَ کنهين روزي رسائي (١)
رزقَ پاراءُ راڄيو کوءِ نہ وساري
ڪنِي اُوٺو اڳرو پَر سيئني ڏي
"اِنّ الله يَبَسُطُ الرزقَ لِمَن يَشاءَ" پاڻهي پاڻ ڪري.
بي ٿون باطِلَ جا دُني تته سِين هنيون مرَ ٻنڌُ
انڌا خوفَ خطرا گهٽو ڏهلو پنڌُ
تہ تون رسِين تنهين جو پِريان جو هنڌُ
کني ڪوجهي ڪُوڙِي آهين اکهي ٽنڌُ
نِباهُ ناهِس نہ سي ڦيرئو پُونيءُ ڦنڌُ (١)
جنِي سين يارِ تئي پيجي تنين ڪنڌُ
کي تُسارين گهٽي پرين کو جو آهيس منڌُ
۽ جو اِگهين ساري ڪجاهُ سنڌرُ
"وَهِي مَکارَهُ خائنَتُ" سنڌو ڪُوڙَ ڪرنڌر.
تي ئون توبَهَ جي ڪرين دِرجي ڏوه پُوئاءُ

(١) پچي پلي: سنيالي پالي (٢) اصل نيباه ناهِس نِسيَ فيرئو بُوني فَندُ

تہ لِڪائي پاتِشاهُ عَمَل تَنه مَنجهاءِ
ڪَرِ وِبِنَتي تَنه کي جو ايذَوئي راءُ
ڪَئين خَطائُون وَڏيون سَپاجهو سَپِناءُ
جاٽِي پَلي پاتِشاهُ توبَهَ ڪِجي تاءُ
تہ لَبِي سوپَ سَپِين پَرين اَڳي اوپالاءُ
”تُوبُوا اِلي الله توبَةً نَصُوحا“ اوباهو اِياءُ.
ٿي ٿون جي ٿُبور پَئي دِرجِئو پانُ رکَنِ
اُيا فَرمانَتَ ۾ پِئي ڪَنِ نہ ڪَنِ
چارِي پَهَرَ چِتَ ۾ مَولو جَنِي مَنِ
راتين ڏِينه رُوئَن سي پَئي قَهارَ ڪَنبَنِ
اُوسِيڙي جِي اَڳَ ۾ وَڏي وِئَن تَنِ
سائين ڳهَٽو سَنباهيوءُ تَنِي کي بانَهنِ
”اَعدُ اللهُ لَهُم مَغفِرَةَ واَجرا عَظِيمَا“ ايڏا ڏانَ ڏِبَنِ.
جِيمون جَنِي رڪِيئو بي فَرمانياءُ پانَ
خالِقُ خالِي نہ ڪري تَنِي سَندا پانَ
مِلَندا ماڳِ تَهِين جِتِ تِڪي تيندي تانَ
ماٽِيندا مُهڳَ ۾ پَريا نِيهَ نِڌان
رَحمَتَ سَندا راجِيئي مَئي مَتا مَهرانَ
پُوجَ پِيندا پانَ رَءِ تاءُ لَهندا ڏانَ (١)

---

(١) پانَ رَءِ = پانَ لئہ

"لَهُمر جـنات تجرِي مِن تَحتهِا الانهار" اِهان پيئيُون پانَ.

حي ئون حالتَ جا ڪِتيِ دِرجيِ ياد ڪَريهُ
ڳُجُهہ ٿِيَندو پَڌرو واجهاءِ ٻوليهُ
پَڙهبا پوءِ اڳيان اِيهيُو تہ تون سُک مِر وِيهُ
لَڌبو تَنه مَٽيِ جو اَنَ ڏِنو ڏِيهُ
ڪَرِين سُهلو ساٽئين سائين سو ساٽيهُ
موليٰ تُهنجِي ٻاجهہَ جو نَکو پاند نہ ڇيهُ
"فَاللهُ خَيرٌ حافِظا وَهُو الرَحمُ الراحَمِين" آسان اَڳهُ ايـهُ

خي ئون خالِقُ يادِ ڪَرَ جو ڏوهَ بخشڻ هارُ
ماري جِياري ڪري ڏٿي ڪارِيندو پارُ
ڪَنِي ميوا مازِيُون، ڪَنِي بُرو هارُ (۲)
ٻجهي ڇڏي پاٽهيَ قادِرِ آءِ قهار
ڪَرِهُ سَبِ ڪريمَ سين نِرتوَن نيهُ نِبارُ
سويُون صالِحَنِ کي ڪاٽِيارَنِ ڪُوئارِ
ڪَرِهُ ڪُوڪَ ڪَهين کي مَتان ڳَرو بارُ
"وَمَن خَفَت مَوازِينهُ فَاوُلائِک الذين خَسِرُو
اَنفُسهُمر" پَڙهہ پِڻ رَب غَفارُ.

دال ئون هُوئي دِينَ مِرجَنِي رکيو پانُ
کري تَنِي سين پاتشاهُ اڳي پوءِ آسانُ

---

(۲) بُرو هارُ = بُرو حالُ

وَرَ چڏي واڻَ ٿيا مَجيائون فرمانُ
پَسي لَبُ نہ لوپيا پَکو تَنِ پَرباڻُ
ڪندو وڏيون ويتري تَنِي سِين رحمانُ
پاڙو پرينءَ رسول سِين ۽ پَسَڻُ راڄاڻُ
"وَمَن كَانَ يَر جُولِقاءَ رَبِّيهِ فَلْيَعمَلُ عمَلاً صالِحاً"
تَوفيقَ ڏيہو ڏاڻُ.

ذال ئون ذِڪرُ ڪنِ جي رويو مَنجها نيهُ
سانئينءَ سَپاڳا ڪِيا تَني سَندا ڏينهَ
ماٽيندا مَنَ چنديُون جِيئين پَنان مِينهَ
مَرڪندا مَحشرَ ۾ جِت تِڪِي ٿيندي تيهَ
ڏِسي ڏهارِيَن ڪي تِت راڙو ۽ رِبهَ
اڳي ڪو سانباهُ ڪَرِ تنهِ لَڪَنَ لَڳِي لِيهِ
"اِنَ زَنُوبِهِ الساعَةِ سِين عَظِيم" ڪا ڪا ٿيندي ڪيهَ

ري ئون رُوئين نہ پاڻَ ڪي جان جان آهين هتِ
گهڻا هٿنده هٿڙا جُر پُپِنهِ ۾ چِتِ
ڪَدِي ڪَدِي سامُهون جِيڪي ناهي جِتِ (١)
تو اڳي اِن ڳالهِ جي آهي ڪانہ نِرتِ
متان ڪَڇِي پائِيين پَڪِي ڪِجِ پِرتِ
ڪَم نہ اِينديئِي ڪڏهين رِءَ ساڃاءِ سُرتِ

---

(١) اصل ائين

”وَمَن كانَ ما هذهِ إعمي فهُوَ فيِ الآخرة ِ اَعمي“ کي سِکبيج هِــت.

زي ئون زارِيون نہ ڪَرئين جان جان آهيئِي ڇِپاءِ
اُوٹا ٿِين اُگهتَ ۾ متان ڳُڻَ سَندا
تان ٻِي پُوندهِ مامَري ڪُڇڻُ نہ ڏِينداءِ
اُهِکيَ ۾ عزيزَ جي يَجي ڇَڏيندا‏ءِ
تِکِيَ لَڳِيَ تارِ ۾ اوڏا نہ اِينداءِ
هيَکلي هيکامَ تِي وَه مَتي لڙهنداءِ
”يوۡمَ يَفِرُالمَرۡءُ مِن اَخيه وَ اُمه اَبيه“ کوءِ ڳُڻُ نہ ڪَنداءِ.
سين ئون سَنَيهُ سيگهہَ ۾ وِهَڻُ تو نہ جڳاءِ
ڪَرِ وَهلو ويسَلا هَلَڻَ سَندِي ڪاءِ
آڏاءُ سُجَ يَئُہُ گهٽو ڏُوارِي سُجي ماءِ
اتِي ٻُجُ پِرِيَنِ ڳَرَ موزِيَ سَمَرُ پاَءِ
جــان ئـي لَـپـيـن مهٽو ســا نہ ڪجـي كــاءِ
جو اُپائي ۽ نِپائي دِرجحي تَنهِ دِراءِ
”اِنَّ خيرُ الزاد التقوىٰ“ اِيَ هِيين سِيـن لاءِ.
شيـن ئـون شُڪر ڪَنِ جي پَسِي پَلي پـالَ
ڏاتين تَنِي لَڏِيون خَزانا ۽ مـالَ
ڏِيهُ ڏِئبا تَن کي ماٹِيندا مَنَ جالَ
کِيا چوڏِهِينءَ چَندرُ جِين سُونهَ سُونهارا لالَ



Gul Hayat Institute

ڏِرگها ڳورا ڳاڙهِ ڳلا پاڪيزا جَمالَ
جانڪِيتان جُوئانُ سي پَريا ٿِيِنِ نہ زالَ
"اَهل الجَنتهِ لايُهرَمونَ ڪريما قَدَ طُوالُ".
صادئـون صَبرُ ڪِهرِ سو جَنهِ ۾ نـاهِ رِيـاءُ
اُهَڪي آيَٿي ڏاڪَڙِيَ ڪُڇَڻُ ڪيا نہ مُهاءُ
وَڏا وَظيفا لَهِين تہ تون سُلطاناءُ
مانُ لَهَندا مَڱَٿا مولي جي دَراءُ
پورِهيا ڏِيندُنِ پاتِشاهُ تُسِي پاجهہَ مَنجهاءُ
لَنگهي بِسي پارِ ٿِيا تُٿو جَنِي راءُ
"اِنَمايُوفي الصابِرُون اَجرَهُم بِغير حساب" معلومُ ڪَرِاياءُ
ضادئون ضَلالَت جو جَنِي دِرجَڻُ هوءِ
وِنڱِي پوءِ ۾ ڪَڏهِين تَني منجها ڪوءِ
ساڻُ سَلامَتَ اُبهي تِني سنَدو لـوءِ
اَوتَڙِ ۾ اَبـوجهيَ ڪَـٽِي پيرُ مَ پوءِ
آسائِتو سَيَڪو جي ڏهاري توءِ
اِيَ پَرِ پَسِي پانهجي جيڪو روءِ سُوروءِ
"يَهدِي مَن يَشاءُ وَيُضَل مَن يشاءَ" يِنَي مَ لاهي ڪوءِ.
طوئون طاعَتَ جي ڪرين سَچي سَچَ مَنجهاءُ
تہ تِهان سيـئي ذانَ لَهين مـَڱِين جي مُنجهاءُ
هُوندي دولَتَ دائِما پَسَڻُ پِريَ لِقاءُ

سَرهايون سَيئي پَسيِ، نہ کو ڏُک ڏُواءُ
واسَٽِيوءُ وڏو ڏٽيِ باٽِهنَ کي باجهاءُ
لَٽا ڏُک سُکَ ٿِيا پريِن گڏيو سوجهاءُ
"الحمدلله الذيِ اَذهبَ عَناالحُزنَ" گوندرَ وِيا وِڇاءُ
ظوئون ظلمُ ڪِنِ جي اوڏو تَنِ م آءُ
مَتان بوڇُ پِرائيين پاڳو عذاباءُ
سُٽِج هِيين ڪنِ سيٖن سَچو ايهَ ڳالهاءُ
گهٽا هَٽنده هَتڙا وِهاٽِيَ پُوئاءُ
جَنِي پانُ نہ پَلِيئو دِرجي مَنا ياءُ
مَ ڪرِ ميڙو تَنِ سين هِيينءُ مِر هيجاءُ
"وَلا تَرکَنوا اِلي الذِين ظَلمُو فَتَمسَکُم النار" بُجهو پَندِ هياءُ.
عين ئون عاقِلَ يادِ ڪرِ سَندو حَشَرُ ڏِينهُ
غمَنِ سَندو ڪورَيِ جِت وَسندو مِينهُ
رِءَ رَحمتَ رَبَ جيَ سَپِ چِنندا نِينهُ
جيِنءَ ڪنبي ءِ ڪَڙهي سِيرُ پَسِي سِينهُ
ايَ بِرِ پَسِي پانهجي جي پيهيِ تہ پَسينهُ
تَنه هَيبتَ حامِلُون رويو چِڏِيهُ رِيهُ
"وَتَضعَ کُلَ ذاتِ حَمَل حَمَلهَا هَيهيَ ڏَسي اِيهُ.
غين ئون غافِلَنِ جي مَتي پوءِ پَچارَ
جَنِي مَتي ايهيُون بِرَ تَنِي جي هارَ

Gul Hayat Institute

رُنَائون رَتَ ڦُڙا جي ڪا هُيَنِ سارَ
ڄِيِبُون ڄيري سَدْيون چِمڪنديون ڇِوِڏارَ
اِيان رکِهُون راڄِيا فضلُ ڪرين جَبارَ
تۇفِيقَ ڏِيهُون پاتِشاهَ اَسِين تو آهارَ
"وَما تَوفيقِي اِلاّ بِاللهِ" ڏيهُون تُون ڏاتارَ.
في ئون فَقرُ نہ گهُرِين پِئوهِ کِهين چارِ
لنگهي ويندا ڏِينهڙا جهِڙي تهِڙي هارِ
هَلَڻُ هارو ساٿڙو پُوڻِي جَڳُ نِهارِ
هَٿُ هَڪلي واتَ ڪَرِ جِيَڻُ ڏينه بہ چارِ
لَهہُ سُجاڻِي پيچرو مانَ پَهُچين پارِ
"هذا صراط المُستقيمُ" مَتان پَئِين پهارِ.
قاف ئون قانِعُ جي تِينءِ چِڏي حِرصُ هَٽاءُ
تہ لَهَنِ سپيئي لَبَ جِيوُن تَنون هِيين مَنجهاءُ
تان پِي طَمَعَ نہ ڪَرِين ڪَڏهنه ڪَنه مُلاءُ
سَڏُون لاهي سَڀَ ڪَهِين مولو ڏنِي اُتاءُ
توبَہ مَجيندو پاتشاه سَيوئي تُهاءُ
اِلاهِي عَفوُ ڪَرِ بانَهنِ کي باجهاءُ
"فاعفُ عَنا وَاغفرِلَنا وَارحمنا اَنتَ مولينا" گهُرهُ تو ڳِراءُ.
ڪاف ئون ڪَرِيمُ سو ڏاٽي جو ڏوهَ بَخشڻهارُ

Gul Hayat Institute

كئـبي خَطاؤُن وَڏيون ايڏوئي ڏاتارُ
ڏيندو ڏُهارينِ کي تُسِي ڏِيهُ اَپارُ
ٻاجهِيندَڙُ ٻاجهہَ ڪري ڏيڪاريندُنِ پارُ
توڙي ڏُهارَينِ کي ڪو هوءِ جَرجَلو جارُ
توءِ تُسَندو تَنِ کي سائِين رَبُ غَفارُ
”اِنَ الله يَغفِرُ الذنوبُ جَمِيعا“ مولو مَرهَڻ هارُ.
لام ئون لعنتَ مَ ڪَرِهَ رِيءَ ڪافِرَ ڪَهِين
توڙي ڏُهارَينِ کي اُهڪي هوءِ گَهَٽِي
توءِ تُسندَو تَنِ کي ٻاجهائي ڏَٽِي
واري وِڌءِ وير ۾ جَنِي هَٿُ هَٽِي
تاري مُڪو تارِ ۾ تَنِي پاڻُ ڪَٽِي
اُهڪِيَ ۾ اَڙينِ کي آهي هِيَ تَٽِي
”وَالله ذُوالفَضلِ العظِيمُ“ وَڏِيَ ٻاجهہ ڏَٽِي.
ميم ئون محبتَ رَبَ سين جَنِي هوءِ گَهَٽِي
لويو لويان مَنهَ سين تَنِي جي پَٽِي
مان مُؤئي تُسي ڏوهُ ٻاجهاءُ هَٽَ ڪَٽِي
سبي ڪَنبَنِ قَهارَ پَئِہ مَٽِي جَنِ مَٽِي
تَرسَنِ تاسوبَنِ جِينءَ رِڙها دِين وَٽِي
لَنگهي ويندو سَيڪو اَجُ ڪِ ڪالَهہ ڪَٽِي
”وَعُدَ نَفسُڪَ من اَصحابُ القبوَر“ مر وِہ، هَل هَٽِي.

Gul Hayat Institute

نـون ئـون نـفسُ پَلِئو جَنِي مَناياءُ
توهُ ٿِيندو تَنِ سين اَڳي ٻِيءَ دُنياءُ
وڏو ياڳو تَنِ کي ڏِبو ڏيهَ مَنجهاءُ
ڏاتِين تـَنِي لَڌيون گهڙئا سَئيَ مُنهاءُ
سي لنگهي پارِ ٿِيا اُڪـتا آراءُ
جَنِي هَٿُ هَڪَلِئو دِرجي دِراءُ - هِياءُ
"وَاَمامَنِ خافَ مَقامَ رَبهِ وَنَهي النَفسِ عَنِ الهَواي" جِتُا عذاباءُ.
واوئون ويندو سَپَڪو هَلِي هِن دُنياءُ
سَڳَرَ لائي ساٿَڙا لَڌيندا لُوئاءُ
ڏِيهاڻِي سَڌُ ٿِئي بانَهنِ کي مَتاءُ
اُٿِي کوهِ نہ سَنبَهو هَلبو هِياءُ
ڦوڙائِيندو پاڻَ مِ مـائِترَ ۽ وِياءُ
"کُل شيءِ هالِکَ الا وَجهَهُ" سَچو اِيهُ ڳالهاءُ.
هي ئون هَلڻ هالَ، سَمَرُ کـٽو ساٿِياهُ
اوچتي سَڌُ ٿِئي مَتان اَڄُ کِ کالَ
اَهُکِي هوءِ رِيءَ عَمَلِي رِيَ پَلي جي پالَ
جي جاري کَرِي ڏَٽِيَ سين بانهـي ناهِ مَجال
"انشا عذا وَ اِنشاعَفِي" نکا قِيل نہ قالَ.
بِي ئـون يا رَبَ مَون ڏَٽِي تُسِي ڏيـهو ڏانَ
باجهہَ تُنهـِنجي اَڳِري سـاوَڻُ جِين مِهرانَ



Gul Hayat Institute

آسان سيبئي پُنِيُون تُنِّي تو رحمانَ
"اَرحم عَلَينا يا اَرحَمُ الراحِمِينَ" سڀاجها سلطانَ
وَجون ته ايمان سين ڪلمو چَيو رَوانَ
لااِلہ اِلااللہُ مُحمد رسول اللهِ

Gul Hayat Institute

# ڳَهَٽا ڪُوڙَ- زيور ڪوڙ

بِسمِ اللہ الرّحمَنِ الرّحِيمِ

ڪَرِ ساراهَ سُلطان جي جَهِ اُپايا جَڳَ
ڏَنڍي پِئا ڏُنِي جي ڪِئا نُورِي ۽ نَڳَ
سَنِيُوڙا ساڙَيهَ ڏُونهُ وِيندا پَسِي وَڳَ
وَجي سُتا سوڙِهيين پِينگا ڪَرَي پَڳَ (١)
ياڪُرَ پائي پِتِ سين ڳَرِ لاياؤُن ڳورَ
چوءِ وِهُ مُهُجا وَلَهَا وارو ڪَرِيهُون ووڙَ
ڪي قَرارِيا تَنِهِ سين ڪَنِي هَتَرَ هُورَ (٢)
ڏَنَ ڏُوبِي تَنِ لايا ڏِيتِ ڏُهارِي ڏورَ (٣)
ڪَڙا پايو ڪيتَرا مَرَڪَنِ مَانجهِي مورَ
ڪانڍَ ڪَنبَندو آهِ تو عَجَب پَسِي اَتورَ
واهِ وَناهِيا دِلِ ۾ ڳَهَٽِي پَتين ڳهورَ
جان سيجَ چاڙِهيني سُپرِين دانَهَ چَڳِي جوڙَ
مَتان وِهين ويَسَرو آهي ڳَالهِ اَڳهورَ
"يَمحُ اللہ مَا يَشَاءُ وَ يُثبِتُ" دَرِڳَهَ قِرَنِ دورَ.
ڳِنهوءِ ڪَرِيا ڏِينهَ، پورا وِهين ويسَرو
آهين پاڙي آسِيا ناهِيئَن ڪَرين نِيهَ

---

(١) اصل. سُتا سُوريثي (٢) اصل اثين (٣) اصل اثين.

مُهرُ مَعرفتَ جو ڪو آندَرَ گهتَ گهڙاءِ
چيرو چڱايُون ڪرِ ۽ موتِي اِسلامَ
تان پِي اِيُ ڳلِ پائي ڳهڻا سَدا ڏيجِ سلامَ
باهيِن ٻُندا ٽرونٽيُون ساري سَيِئي ٽوڪَ
زيورَ ڪي زڪوات جا موڳِي آئجِ موڪَ
تہ چُٽيِنءَ پاڪَ پدمٽِي لالَ وِچانئِي لوڪَ
پائِج عِلمَ پتٽرڙِيُون اڪران ڏي اخلاصَ
روزنِ رَتا ڪپڙا ڪي ڪُهنبا خاصَ
ساجَنَ سِينگاريج مُون ڏيئِي لالَ لِباسَ
تہ ڏِيان پاهِجي ورَ سين سرِ پلنگين پاسَ
مُون ڪي ڪانذَ قُرآنَ جو ڪو هيجان آئجِ هارُ
وُضُوئاءُ جَنهِ ويترِ ۾ اَپرِ هوءِ اوجارُ
تہ پرِين تِيئُن پانَ ۾ جِهو ڪوڏِ قرارُ
واريُون سَنديُون وينتِي اَشهدَ سِينڌِ ڪراءِ
لوڏِ لڙهُ ذِڪرَ جو پِرت چَنگلا پاءِ
جہ بَهارجِي باغُ ٿئِي مَرڪَڻَ مُنڌَ سَنديِاءِ
دُعَا دُئاريُون آڻِ تُون سَندو توبہ طوقُ
تہ ڪرُ ڪامِي باهِ جيُون سجِي ٿئي سوڪُ (١)
"يَاَيُهَاالَّذِينَ آمَنُوَ تَوبو اِلَي اللهِ تُوبَہ نَصُوحا" ٻهڳڻ ٻجهي لوڪُ

---

(١) اصل تَخرُ خامِي بَاهِجيُو

سَندي صدق سَنگهري کَنبَ ايماني آڻِ (١)
مُوريُو خَوفُ خُدائِي جو پاءِ جيجرُو جان (٢)
"اَنَانِ اَو حفرَه مِن حفرَه النيران" کَڻُ کِي جيري کاڻِ
اُميداءُ آگُرِ ۾ کو وَارُو وِبنديو واڻِ
تان پِي جوڙَ جَنتَ جي مَنجها مُون هِي ماڻِ
سَياڳيِنِ سَهلِي ٿِئي اَياڳيِنِ اَناڻِ
"اَلقبرَ روضهُ مِنَ رِياضِ الجَنه" پِريان اُتو پاڻِ
مُندِريُون سَنَدِيُون مامِري چَلا سَندا چوهَ
کَرِيُون آتِ قلوبَ ۾ پَسؤ پاهِجا ڏوهَ
تان پِي نَظَرُ کِيو نِيهَ جو تُسِي مَنجها توهَ
"اَلايمانُ بَينَ الخَوفِ والرّجَا" آسَرَ ۽ اَندوهَ
سَگِيُون سَخاوَتَ جُون پُرِيُون پاکَ حَلالَ
پاءِ مَرُوَتَ مُنهَ ۾ قورو قُلان مالَ
آءُ وَناهِيا وَلَها هاٿي چُٽُهِ چالَ
سَيَرُ چِڙهِين سيجڙِي اي پِلي جا پالَ
ساءِ سنباهي گهوتيا جاءُ کا آنديِي جالَ
کونيءَ ۾ کوڏَ پَئِي سُمُهُ ۾ سُکِ پالَ
مانجهي اِيندي مَهدا کِي دانهَ دابُ کري

---

(١) ٻي پڙهڻي : صبر سندي سنگهري ڳچيءَ پائين پاڻ (٢) اصل ائين. شايد "موريون" ۽ "جهِينجهرو" ڳهر آهن



Gul Hayat Institute

هيرا ڏينديِ هـڏهين ٽرين وَراٺئين ٽِري
آهـِيئين ڪَنهِ اُپايو ڪهـڙو نَبِيءُ توءِ
ڏِينُ تُهجو ڪهڙو سِگهو سَلئُ سوءِ
ڪو سَرِبَ سُونهارو تَنِ کي جوڙي رکُ جَوابُ
چَوءُ اَلله آهي هيڪڙو واحِدُ رَبُ وَهابُ
خالِقُ سڀَ خَلقَ جو اَنُ اُپائي آبُ
جِياري جَڳتَر ۾ ڪَندو هِيءُ حسابُ
"اِنّ اَلينَا اِيَابَهُم ثُمّ اِنّ عَلينا حِسَابَهُم" اِيءُ مَولي ڏُونهُ عِتَابُ
نَبِي مُحمدُ مَجِيان سَندو رَبّ رَسُولُ
آيُون آياتُون اِنَ کي مَتِّيَانِ نُورَ نُزُولُ
لَولاڪَ سين مُلڪَ ذَاتِيَ مَولي ڪِيو محڪُولُ
"لَولاڪَ ما خَلَقَ الاَفلاَڪَ خَالِقُهَا" هِي تَه حَقِ مَقُولُ
دِينُ اِسلامُ مَجِيان مومِنَ مُون پيائِي
دوسَ دُنيائي نگيا وارو ڪَري وائِي
ڪِئاؤن ڪلمو پاڻَ سين سَمرُ سانباهي
لاَ اله الا الله محمد رسول الله مُون ڪَرِ تَنِ پِائِي.

---



Gul Hayat Institute

شتاعلم بياي توجوبي كاتي بابا تبا ماديا ديل الله لكبيو نمكي جانم

سايب فارن ست توجا ايدوكلو نمه وار وماه كراعي تاكيي بليو

بنج وقت جود جمنا كري دي تتاو ودي بابيص سو توري ديهم تباو

بنج كاني كدير تا رازي الي اجي قريتو بازوت تاكيرو تالي

تيت كيمري كالاي با محمد او [illegible] سيجا ليجيا جودرت جو ملك سو عزرائيل

نجي مكا بسو بزركي بنجي [illegible] دين نبي مصطفى وتيرا اجو بابكر

دين نبي مصطفى بدرو ديبه جوبا [illegible] اكين بنج جاتو لا كيبه

موكلاي مونيا [illegible] كري محجر [illegible] يا رسول الله [illegible]

بدوي با جاء توجودي ليبدر مره بنج مومنيا كم عجوجن لا اله الا الله محمد رسول الله

[illegible] زنا بسم الله الرحمن الرحيم بدكود الا [illegible]

سارا اه او كرنسب كي كرو دكي كرو معنا ريل سنو [illegible] دنيكر [illegible]

اما توجنس [illegible] بتو بت كرما تجيه يكليو جبر ورسول كري

تنا [illegible] بك جوا سنه سباي ستا جن سا ربا كنا [illegible]

علي بيلب فاطما هنكري كرا [illegible] ايي هليا بسن جيما دا

الكدمجي اسما [illegible] الا الداو وبل نعي حجبر رسول الله

[۲۸]

## [قصو زالن کي نصيحتَ *]

بِسمِ اللهِ الرَّحمٰنِ الرَّحِيمِ

ساراهَ اوڙکَ رَبَ کي "گُھرئو" چوءِ گَھٽي
گَھُرون مَ وِساريھُون سو ھيکڙو ڏٽي
جَنھِين اُپايو جَڳُ سَيوئي پَتو پَتِ کَري
تيني مُکيُون خَبرون رَسُولَنِ ڳَري
تَتائين کي چَوان سُٽِهُ سَيائِي سَتَ
جَنِي سُٽِي نہ پاريا گَھٽا ھَٽندا ھَتَ
عَلِي بيبي فاطِما ھيکڙي وَقت گَھراءُ
بيَئي اُٺِي ھَلِيا پَسَڻَ نَبِيان راءُ
اُکَندِ مَنجھائِي تَنهِ ويرَ جُہ وَهِي سَڏاءُ (۱)
لِڏائُون ويلَ تَهين خَبَرَ رسولاءُ
جان اَچِي حاضِرُ ٿيا تان پيغامبر روءِ
ڳِرھياؤن ويلَ تَهين آھي خَيرُ نہ کوءِ
رُوحُ جِندُو قُربانُ تو اُتاؤن تَنهِ ويرَ
يا مُحمدَ مصطفيٰ خَبَرَ ڏِيھُون خيرَ
فرمايو کي فاطِما سُٽِي مُحمَدَ پانَ
جِين مونکي مِعراجَ ڏُونهُ کونايو رَحمانَ

* اصل عنوان "قصہ عتاب زنان بدکرداران" جيکو کاتب صحيح نہ لکيو آھي

قــدرَتُـون پـاهِجِيُون مُـون کي پُـوئـيـن آپَ
ڏيکارِيـائـيـن جَنهـرَ مَگرَ هـيـبـتَ سـپَ
جان دَوزَخُ نـهـارِيـان تـان جوئِيـن ڏه تـولَ
هيکَلـيون کامَنِ سي پاسي تـنِ نـه ڊولَ ...
مُڙسَنِ جي مـوکـلَ رءَ جَنِ ڌارايـو کـيـرُ
هُـونـدِيُـون هايَ وِچَ ۾ رَتُ رُونـدِيُـون نـيـرُ ......
حـرامَ کـئاؤن پاڻِ سـيـن چَڏي پاڻَ پـتارِ
مـرِي لـهـنـدي سـيـکـا سا پـاهِجِي سارَ .....
(۱) جَنِي مُـڙسَ رَنجاڻـيا ڏِنـا جَـن جَوابَ
تـنَ پـاڻِ جا مـگرين تـنِي کـيا خَرابَ .....
کِلـنِ کُـڏَنِ وِياهَ ۾ گـهـٽـو اُچَلِـيـنِ بـانـهَ
هـيرا ڏِيـن حُجَ کـئو نَظَـرَ کَـنِ بِـيـاهُ
ويـٽـاءُ ويـٽـاءُ هـيـکـڙي نَـظَـراءُ سـهـسُ
وَرِهين هُونـدِيـون مَگرِي هي سي جوئين پَسُ .....
اوسارِيـنـدي ڏُنِي ۾ جَنِي تـيـو نـه ڊَراءُ
مـگـرُ تـنِ جوئـنِ کـي جاڙُون ڏي قـهـراءُ
جَنِي ڏنـا مـيـهـٽـا مُـڙسَ کـي مـامُـورَ
وَهِي مـگـرَ ۾ آيـا تـنِي مَـٽي سُـورَ
نَمازَ جَنِ نـه گُـذارئِي روزا رکـيـا نـه پُـورَ

زَڪــواتَ جَنِ نـہ آدا ڪـئِي ڏِنـــي نـہ مامُور (١)
تــَنِ نــہ هــُونـدِي هَـڪـئِي شـَفـاعـَـتَ رَسُـولَ
عـُـمـَـر پُٽُر گهُــرِئــو چوءِ آسِــيـن چوهُ نـہ پـاڻَ
ٻَالـَهـاءُ سـو وِيـجـايُـونـہُ مُـڪــو جــو رَحـمـانَ (٢)
جيڪـي اِنَ نـہ وِسـَهـَنِ رسُــولَ جـي ويــڻَ
سـي جوئـِيـن دَوزَخ ۾ تـِـرمـائـِيـنديُون نـيـڻَ
واڻَ اَحـمدي شـَرِيـعَتِي گهُــرِئو چــوءِ گهُــرو
تــان آن هوءِ نـہ خوفَ ڪـو تان جي ”مُوتـُـوا قـبـل
اَنــت مـُــوتـُــوا“ مـــرو
وجـو تـہ اِيــمانَ سـيـن ڪَـلِـمـو پـاڪُ پــڙِهـوءُ
لا اله الا الله محمد رسول الله

---

(١) ورق زبون (٢) شاعر گهُرئو پٽ عمر جو

Gul Hayat Institute

[٢٩]

## مستزاد صنعت وارو نظم

جَنهِ جيئُون ڪَنِ وِماسُون وِيرَ
سو پَنڌُ مَرَتِئي مون حَقِيرَ
صَباحَ سَنجهَ ٿِيندو سِيرَ - الله تو آهارَ
نہ تَنهِ سَمَرُ نہ ساندارو
پارِ پِريان جي هَلِيو بارو
اَڳيان ڏِسي ڏيهُ پَوارو - نَڪا تِت تَوارَ
تُهُجو بانُهو تو دَرِ آيو
پَسِي پاهِجا ڏوهُ لَجايو
رَحمَتَ مَڱي پَلَئُ پايو - سَبَاجها سَتارَ
تورَڙي ڏُهارِي تُهُجو بانُهو
ڪِيوءِ هُوءِ دُنِيَ ديوانو
هاڻي جاڳِيوءِ هَٽي جانو - تو دَرِ ڪَرِي ڪُوارَ
ڪِئا عاصِي نا اَعمالَ
توءِ وَهِيئُو يَلا يالَ
باجهَ تُهُجِي چُٽي چالَ - اوڏَنِ جا آڌارَ
پِهرُو اَچي جِي شَيطانُ
تَنهِ کي ڪَرِين پِشيمانُ
مَرَتِئي سَلبُ مون اِيمانُ - وِيندي جان جَبّارَ

Gul Hayat Institute

سُهِڪي ڪَرِينَ تُون سَڪراتَ
وائِي ڪَلِمُو آندِر واتَ
باجهاءُ بانهي اِدامَاتَ - غَرِيبَ کي غفّارَ
پاڪَ پاٽِيَ سين وِهِنجارِجي
رُوحُ تُهِجي دَرِگَهِ نِجي
عاصِي بانهي عَفوُ ڪِجي- ڏَڏَنِ جا ڏاتارَ
سِينگارِجي ڏانهُ ساڙِيهَ
ڪَئُون پِرِيَنِ مَٿي ڏِيهَ
ڳوڙها ڳاڙِيئِين آبَ اَچِيهَ - ڦوڙائِيندي يارَ
جِتِ جَنازي ڪَنِ نِمازُون
اُيا دَرِگَهَ بَدِي بانهُون
مَرِهين خاطِي کي خَطاؤُن- ڏوهَ بَخشَڻَ هارَ
قَبَرَ ڪَنڌِي ڪَٽِي نِجي
ڏُوبِي دَڙُڪو دَمي ڏجي (١)
مَٿان تان پِير تاڪ پُورِجي - لِتو لوڙُهم ڪُنيارَ
هيڪَ هيڪلي ۽ اُونداهِي
سا تُون ڪَرِين سَچا سَهائِي
سائِين سَباجها رَبَ اِلهِي- مِ ڪَرِ وَحدَ کي وِيچارَ
سِرِ پيرين پَجي پيو هَڏ

---

(١) اصل. ڏُوبِي دَرِڪو.



Gul Hayat Institute

مَستان آڏنِ ڪيئڙي اَڏَ
توري ڪيرُ سُٽيندو سدَ -مَڱي مِهرَ اَپارَ
سامهُون اِيندو مَلَڪُ نظَرِ ني
چُوندو لِڪُ ڪَمايوءِ جي
نہ مُون هسُ نہ ڪاڳَرُ ڪي - لِکان ڪِيَ قَلماءُ ڏارَ
آڱرِ قَلَمُ واتُ دَواتِ
ڪاڳَرُ ڪَفَنُ ڏِيندو تنہ ساتِ
جيڪِي ڏِينہ ڪَمايوءِ راتِ - ٿِيندِي تِتِ سَيِنِي سارَ
ڪِئمِ ڏِيهاٽِي ڏوهَ ڪَبِيرَ
تورا خَيرَ شَرَّ ڪَثِيرَ
رِڙهي رَحمَتَ سَندِي هِيرَ - اَچَنِ عَمَلَ مَنجهِہ بَهارَ
اَچِي مُنِڪرُ ۽ نَڪِيرُ
هَتاءُ هَيبَتَ گَرُجَ ڪَيِرُ (١)
مَهندا ماڙهو ٿئي دِلگيرُ - پَسي پَلَ پَوارَ
ڪَنہ اُپايہ ڪيرِ ڏَٽِيوءِ
ڪِهڙو نَبِيُ مَجِيبوءِ
سِگهو سَلَءُ دِينُ سَندوءِ - مُنجَهنِ رَحمَتَ رِءِ مَتارَ
رِءَ رَحمَتَ چُٽہ ڪيرُ
بي دِلِ ٿِئي اُتِ دِلِيرُ

---

(١) يعني گُرزَ ۽ ڀالا.



Gul Hayat Institute

ڏيئِي جِيَ کي پَلءُ پيرُ- ٻولاءِ جَوابَ سان سُونهارَ
الله پَلو رَبُ ڏَٺِيومِ
نَبِيُ مُحمدُ رَسُولومِ
اِسلامُ آهي دِينُ سندومِ- ڏيهُون قَبرَ مَنجهه قَرارَ
ماڙُهو سُجي ٿِئي سِيٽاهِ
اَکِين نَکُ نہ آڏو آهِ
مَٿان پانهي ٻاجَهہ ۾ لاهِ- نَظرُ رَحمتَ ڪَرِ نِهارِ
سَنڌين سَڙي سَپِ ڳَرنديون
ڳورَ ڳِليِ ۾ خاڪ ٿِينديون
چَڳايَنِ سين مَولاَ مَرهيُون- ڪوجها مَتِ ڪُوارَ
ڪني ڏِيهين دَر سين ڳورَ
مِتُر مَهيلِي يارَ اَگهورَ
هُئِي جَنِي سين وِندُرَ وَرڙَ- ڪَري ڪون پَچارَ
نہ سو نَڪُ جو آهي قنارِ
نہ سي نيڻَ ڪَٿوري ڪارِ
نہ سا پِرَنِ ڪاري بارِ- نہ سي پِرِين لَهنُون سارَ
نہ سي اَهُرَ اَرتي وَنِ
نہ سي پاتا ڳَلَ پِرِيَنِ
نہ سي ڏَندَ جِها مُکرِيَنِ- نہ سي سَجَڻَ ڪَنِ سَنيارَ
نہ سا پاڪِيزِي پيشاني

نہ ساکَنَنِ جي نيشاني

نہ سو مُنہُ موتِيارُ نوراني- نہ سي ياد ڪَرِينُون يارَ

سَجِي يائِي سَيِڪو سِٿَر

يَجِّيَ يَجّا مُحِبَ مِٿَرَ

نہ سو وَجَہُ ۽ وَهِٿر- ڪِهي وِئا خِذمَتگارَ

هِي جي مُرِّياَ مَٿي گهَٽَ

پَسو پاسا پَسارِئا پَٽَ

مَٿان لِگَنِ پيئِي لَٽَ- يُون ۾ يُتائِيءَ يَتارَ (١)

جَنہِ پانهي جو اِي وُجُودُ

تَنہِ سين ڪَرِڪو سائين جُودُ

هَرچہِ زَند ڪَرِدَه بُود- بَخشِ تُون نَروءُ نار

هِهو حالُ جَهِين جو حِين

ڪِيَ ڪَرِئين مَنجها تون ڪِينَ

يا ارحمُ الرّاحمينَ- باجهاءُ بانهي ڪي اُڪارَ

سَندِي بانهي ذاتِ ضَعِيفَ

هُئِي دُنِيَ ۾ جانِ عَفيفَ

لُطفُ تَنہِ سين ڪَرِ لَطِيفَ- مَ تِئِي خَلقَ مَنجهہِ خُوارَ

ڪري ڏوهَ پاتائين ڪانڌِ

تِئو بائُوءِ باتاژو هانڌِ

---

(١) اصل. بُومِي بُڌابہ بَتارَ.



Gul Hayat Institute

تَنه سيٖــن واحِدَ ڪَرِ وَراڻِ- ٻاجهاءِ ٻانهي گُنهگارَ
ڳــورُنِ مـــنـجهــا اُٿِيـارِبا
حـَشرگـاهَ ۾ حـــاضِــرُ ڪـبِـا
ٽولا ڪَري اُپِيارِبا- هُوئَـهُ سَعِيدَنِ سين تَنهِ وارَ
دُنـيـا دَفــتـرَ جِـتِ آڻـبِا
سَيڪَـهِـين ڪـي پاڙهائـبِـا
ڪَٽِي ڏائي جيئٽي ڏِبا- مَ ڏِيئين مُونکي مَنجِهه يَسارَ
آڻــي عـمَـلَ جَـهِـيـن آنَ
پــائــي تورِبا مَـنجِهـه مِـيزانَ
پُٽرُ پاهِجو اوڏو ماءُ نہ- لَهي ڪونَ ڪَهِين جِي سـارَ
رَحمَـتَ ڪَـرِين تُـون رَحـمـانَ
تَنهِ مُـشـڪِـلَ مَـنـجِهه مَـڪـانَ
شَـفِيعُ ٿِـئي مُـحـمدُ مانَ- مِڙان مِهتَرين مَـهَـندارَ
وِڳَـــا واري نَـبِـيـرِبـا
ڏِڪِــي ڏُهـارِي ڏارَ ڪـبِـا
مَــٿـي مگرَ سَناهِـبا - ڪَيِي ظالِمَ زِبانَ ڪارَ
لائِقُ عَدلَ سيـن عِـقابَ
ڪـري عـفـو رِي عـتِـابَ
مَ ٿــئـي اَهـلُ هـِنَ خِطـابَ، - وامـتاز والـيـوم اَيـهُا
المجرمون نِــبا اندر نار

تِڪِي تَرارنِيــاءُ واراءُ سِــنَــهِـي
لَـڪُ لَـنگـهـنَدو تـاءُ سَـيـنِـي
مُون ڪي ميڙِي مَولاءُ تَنِي- وِڄُ جِيـنءَ وِيندا جي تَنه وارَ
ڪـنِي مَـنجـهـ جَـنتـِي مـيـڙُ
ڪَـنِـي سـَـندو سـوزُ سِـعِـيـرَ
ڪي اَعُرافَ مَنجهِ اَسِيرَ- مـوتِي مَرِبو تاءُ نہ بِـيهارَ
تُـهُـجو پـانُـهـو تـو اُپـايـو
تـَنہِ جوڳو جَنـّتَ ڪِـيـنَ ڪَمايو
لاَ تَقـنَطُوا مِـــن رَحمَتِ اللهِ آسِئون آس رَلايـو- مان
مُشرَفُ تِئِي دِيـدارَ
صـالِـحَ عَـمَـلَ ڪِـيـنَ سَنِيائِيان
وارُو آسَـرَ لَـــڳـو آهِـيـان
لا اِلہ اِلا الله جو وڏو پَرُوسو پايان- سَچا ڪَرِيمَ رَبَ سَتارَ
پَـــرَوَرُ سـَـپا تــو اُپـايـو
دوسُ تـُهـنـجو سَـچـو آيـو
مُحَمدُ رسول الله اَسانِ ڪي شَفِيعِ پَسايو- ميڙِهُونِ مُحمدُ ڪي مُختارَ
وِيندا سي اِيمانَ سِين جَنِ ڪَلِمي سارَ
لا الـہ الا الله مـحـمـد رسـول الله

---

# موت، قبر ۽ قيامت جي سختي جو بيان

Gul Hayat Institute

## مناجات موت نامہ

بسم الله الرحمن الرحيم

اِلهِي رَبَ سَڀاجها رَحمَتَ مَگّا مُحمدَ اُتي ۽ سَندهِس آلَ
فَضلُ کَرِ سَڀِنِ سين جُمُلَہ مومِنِہِ جالَ.
اِلهِي رَبَ سَڀاجها رَحمَتَ مَگّا اوچتي مَرڻاءُ
رءَ توبَہَ جو وجي لَڌي دُنِيَ مَنجهاءُ
تازِي توبَہَ نہ کَري، کَلِمُو چوءِ نہ مُهاءُ
سُورَبِس نہ سُٽي، خَبرَ پِيءُ نہ ماءُ
سائِين رکي سَيِکو اِهِين عَذاباءُ.
اِلهِي رَبَ سَڀاجها رَحمَتَ مَگّا جَهِ ويرَ تِئي ڏُوارِ
لَهِٽي وارا لَهِٽي کارَڻِ اَچَنِ اَگَڻَ پارِ
قَرضُ مُهُجو مُونِ ڏَٽِي جِيَري اَدا کارِ
شَرعَ اُتي ثابِتُ کَري رَبَ وِنگايان وارِ
پِيرَ اُستادَ ما پِيءُ مُهنجا خُشنُودَ کَري،
تان پوءِ مُونکي مارِ.
اِلهِي رَبَ سَڀاجها رَحمَتَ مَگّا سَندِيَ مَرَڻَ ويرَ
جِين پَگهرُ نِراڙاءُ نِکري اَکِين اُبَتا پيرَ
هِڏِکِي هَٽِي حلقَ ۾ چَڏي نَرَهِ پيرَ (١)

---

(١) نَرهِ پير= پير نِري وجن، يعني ساهه ڇڏي وجن.

آسين بانَها تُون ڏَتِي خطائُون بَخشيج.
الٰهي رَبَ سَباجها رَحمَتَ مَڱا تَه ڏهلي وير
جين بانهُون بـَدِي پيرَ هَلاڻجي قبرَ متي.
(١) جتي سرگس پاٽيو، سَرِيَ پُڻ سيئي سير
جان جيرا هُوئاس جي پِنِي سائِي پير.
الٰهي رَبَ سباجها رَحمَتَ مَڱا گهران مَرِهَ سَپن
جَنازي پوءِ جَهتَ ۾ جين نِمازون ڪَنِ
مُون ڪي تَنِي ميڙئين مُومِنَ جي چَئيجَن
الٰهي رَبَ سَباجها رَحمت مَڱا تَنه ڏهلي ماڳ
جين رکجي قبرَ ۾ رُوحَ سين چِني لاڳ
(٢) الٰهي رَبَ سَباجها رَحمتَ مَڱا اَڏا جين ڏِيندامِ
پِنجهو واري دِهُ ڪري ڇَڏي پرين وِيندامِ
(٣) مَنجهِ اونداهِي ٻُورڙِيَ پُڇَن ڪي ايندامِ
الٰهي رَبَ سَباجها رَحمتَ مَڱا تو ڳُرهيان حالُ
جين هيڪلِي قبرَ ۾ پُڇبو سُوالُ
مَلَڪَ مُوَڪَلَ هيبتَ هُئَنان هيبتَ پَر پُڇَنِ
جَهين اَڳي جُدا جِيَ نَه وَهَي واتُ اُپَٽيو سي
ڪَئا ڏَندَ ڏِسَنِ

---

(١) جنازو مقام ڏانهن هلي تہ سيراندي مقام طرف ۽ پير جيئرن ماٺهن ڏانهن ٿين
(٢) اَڏا= سامي کي ڏِڪڻ لاءِ ڏڪ (٣) ٻُورڙي= قبر، گور

اِيهِيَ پَرِ جو ضَعِيفُ ٻانُهو ڪوهُ ڇُوندو تَنِ
فَضلِ تُهجي اُبَهِي، تُون سَڀاجهو سَيِنِ
اَکِيِنِ ڪَنَ سُوراخا نَڪَ جا، وٽِ پَرِجِي ڪِيَهَ
سَڀَ پَٽُونها ماڪوڙِيُون اُهِڪِي سُڃي ايَهَ
آئُن سايَلُ سَيِن پَرِين، تُون ڏاتارُ سَڀَهِين ڏِيَهَ.
اِلهِي رَبَ سَڀاجها رَحمَتَ مَڱا تَنهِ ڍُهلِي هَنڌِ
جِيِن مَيَتُ ڇَڏي ڳورَ ۾ عَزِيزَ تِيِنِ پَنڌ.
اِلهِي رَبَ سَڀاجها رَحمَتَ مَڱا جِين ڦوڙائنِ سينُ
پَسِي حالُ مَيَتَ جو وَجَهِ تِرمايُو نينُ
نِعمَتُون ترڪِ ڪَرِي پَتو پَتيِن ڪِينُ
لِيڪَنوُ بَسِ تِئِي پِتِ نہ پُوٽو وِينُ.
اِلهِي رَبَ سَڀاجها رَحمَتَ مَڱا جِين پِرِيَ نہ سُڃي ناءُ
پَيرَ پُرِي پُڪُ تِئِي ڳورَ نہ لَپِي تاءُ
سَڙِي هَڏَ، ڳورَ دِرهِي، پِرِي پَچارَ نہ پوءِ
ڪيتهِين ڪوءِ نہ چوءِ، تہ ڪي هُيڙا ڪَڏهِين.
اِلهِي رَبَ سڀاجها رحمَتَ مَڱا سَندي ڏِينهِ قِيامَ
پَلَهِ جِتِ پَيءُ تِپَندو دِرجَندا وَرِيامَ (۱)
مُلا قاضِي سَما سُومَرا نَڪِي هُوندا جامَ
مومِنَ سَڀ چُٽَندا وَٽِي مُحمدَ نامَ.

(۱) پله = پَلن ڪي

الـهي رَبَ سَباجهـا رَحمتَ مـَگّا جِين آتِبا ليهَ
چَگّا مَنا ڪاگِرَ ڪَڍِي سـامَهـان ڪـِبـا ڏيـهَ .
اِلهِي رَبَ سـَباجَها رَحـمَتَ مَگّا جِتِ ٺيـَنـدِي تانَ
”فَرِيقُ فِي الجَنهِ وَ فَرِيقُ فِي النّارِ“ وِيندا پاٽُو آنَ.
اِلهِي رَبَ سَباجها رَحمَتَ مَگّا جِين مَندِبو مِيزانُ
عـَمَلَ تـورِيا تـَهِ ۾ سَگهـَ تُهُجِيَ سـانُ
ڏوهَ ڏيهاٽِي مـون ڪـِيا چَگو چِتِ نـہ پـوءِ
جو تـُـراڙِي ۾ تـُـرِي عـَمـَلَ نـہ پَسـان ڪـوءِ
جَنِي عـَمـَلَ نـہ ڪـِيا شـَرعَ چَڏيائـون پـيرَ
سـي جِيارِجِهِ جَگَ ۾ ڪَهـِين مَ ٿِيَ ڪِي ويـرَ
”ڪـَنـڌرُ“ چوءِ قـادِرَ ذَاتِي سَبِ پُجائـِين مـان
بـِهشـتَ ۾ لـِقاءَ تُهُجو پَسـَهُون مُحـمـَدَ سـان
وَجوُن تـہ اِيـمانَ سـين ڪـَلـِمُو چَيو رَوان

لا اله الا الله محمد رسول الله

Gul Hayat Institute

## قصو ٻِگورَ جو

(١) پَڙ هوءِ ...... پار ، ڳالِين سُٽِوءُ ٻِگورَ جيوُن
سُجي سوڙهِي سَڱرِيِ اُونداهِي پَنوارَ
هوءِ هَڏهِين ڏورِ جِين سَپَ پَٿُوهَ ساجهارَ
ڏِيهاڙِي سَڏَ ڪري مِنا گهَٽو موچارَ
پيئِي گهارِيان پَٽَ ۾ آسَري اَپارَ
اَجهوءُ ڪو هِنَ مئون ڪري سَمرَ ڪري سانپارَ
جَهرَ جوڙِيندِيَسِ هَڪِئِي سَنديِ وَرَ پَتارَ
ڏَڙَ اندرِ ڏُوڙِ ۾ هوڏاهُ وِيهون وَرِهَ نار
مُئِي پُڇاڻاءَ ڪَڏهِين ڪوءِ نہ لهندو سارَ
هيڪُ ڏهارئِي ڏهِلِي ۽ مَرهياتِنِ موچارَ
(٢) هِنَ ڪي مَلَڪَ ماٺِيٽا گهَٽو، هُنَ ڪي ڏمَرِيردارَ
هِنِ ڪي سُوالُ جوابُ سُهُڪو پُڇَنِ، هُنَ ڪي ڏِينِ مُحڪَمُ مارَ
هِنِ ڪي چُونِ سُمُهُ سُڪَ پئي، هُنَ ڪي ڪئونسَنِ منجها ڪارَ
هُنَ ڪي جَرَ جيري جي اُيري هُن ڪي قُبا سندا نورَ نِبارَ
هُنِ ڪي دوزخ ديوارا ڪري، هِنِ ڪي ميوا گهٽو موچارَ
هوءِ پيا ڪامَنِ ڪَڏ ۾، هِي وِهُسَنِ ويري تارَ
هِي مَنَ چِندِؤ ماٺِين ٿا ، هُنِ جيرو سَپَ چمارَ

---

(١) ٻِگور = گور قبر (٢) اصل ائين

هِن سَهائِي ”سَيدُ“ چوءِ، هُنِ اُونداهِي اَپارَ
هُنِ جِيئي پيئي ۾ پَيئُ تِين۽ هِن اڳيان باغَ بهارَ
هُنِ کي دُونهون دوزخ جو، تِين۽ هِنِ کي ٿَڌِي جَنُ وَسِڪارَ
هُوءِ هيڪُلا هورَ ۾، هِنِ کي وِندُرُون ويري تارَ
هُنِ ڳِرِسَپَ پَٽوها سَهِڙَنِ، هِنِ کي حُورون پايو اَچَنِ هارَ
هُن سجدا ڪِيا بُتَنِ کي، هِي ڪَنبيا پَئه قَهارَ
هِت پوکيندا هُت لُڻَدا، سَمَرُ سُهَندا سارَ
وِينهِين وِڙا ڪَڏِ ۾ ڪَندي سُورَ توارَ
وِهاڻِيءَ وڳر جِي ٿِيندي سَپَ سنيارَ
وجو تہ اِيمان سين ڪَلمو چيو جَبارَ
لا اِلہ اِلا اللہُ محمد رسول للاللہُ

---

Gul Hayat Institute

حشر نامه بسم الله الرحمن الرحيم

ساراهجي سو ڌڻي جو اٻاڻ ڏاڻ اول آخر تو ڏني ٻيو ڪنهن سبب

وڏا ملڪ الله جا جڳ جا ڄاڻ جوڻ الله ڪتاب ۾ فرمايو ڏنين

جنهن ۾ ملڪن مان وڏو جبرئيل ڪاغذ قلم هٿ جنهن ۾ ٻيو ميڪائيل

ڪڍي روح سڀ ڪنهن جا ٻيو عزرائيل ڏني صور هٿ جنهن جو اسرافيل

مٿا صور مهلين ٻولي اهي دڙجي دراڙ ٻنهي ڏني ترا تا ڪلر اهي

جهم ۽ جنتون لڳي ڏور ليو ڪاراڻ جي ڏيڻو جو ڏيندي پڌرو سڀ ڪو ڪار

مٿا اچي جو تڙو پڌرو سڀ نه ڪاڻ ڏانءُ بود ڌڻي ڪارڻ جي قهار

عرش ڏيندي ڏاڪري ٻتر ڪڍندو ڪاڻ ڪا هٿ ٻاجهه ڪري گناهگار ٻيا

خاڪ خلق جي ڪري بو ميدو ڏيندو ڳليا ڏو ڪري سڀ ڪيا

جي سا برف ۽ سڀ ڪاڏي سٻاري ڏو ڪو ڪا ڀنڊو ٻري ارهي ٻاري

دراهي لکو ٻڌر سٻوني ميدان ٻوائي سا هيئي جي سوڙ ڪو گاه

بود ٻڌي ڏو ڏهو جي سو ڪا جو رحمت جي ٺيهي اي تماشو سه

جاڙيه وره صيفن ڪجي ڪلو جي فرمان ٻو ڏو ڏيندي ڏو هنو جيت محمد

ڪيني رهدو ڪيتهي هو ڏو ڏواڻ الله طلب جو ٻي فاطما ٻڌو جو ڏي سيا

لمرو

Gul Hayat Institute

[٣٢]

## حشر نامو

بِسمِ اللهِ الرّحمٰنِ الرّحِيمَ

ساراهِجي سو ڏَٿِي جو اُپائِيندَڙُ اَپُ
اَوَلِ آخِرِ تُون ڏَٿِي بِيو ڪنبَندو سَپُ
وَڏا مَلَڪَ اَللهَ جا چَڱا چارِ چَوَنِ
لِڏو ڪِتابَنِ ۾ فَرمايو ڏَٿيِنَ
چِئِنِي مَلَڪَنِ ۾ وَڏو جَبرئِيلُ
ڪاغَذُ قَلَمَ هَٿِ جَهِين پِيو سو مِيڪائِيلُ
ڪَڍي رُوحُ سَيِڪَهِين تِرئو سو عِزرائِيلُ
ڏِنِي صُور هَٿِ جَهِين چوٿون اسرافِيلُ
مَٿان صُورَ مُنهِ ڪِيو اُيو ئي آهي
دِرِجي دِراءِ يَئي ڏَٿِيَ واتان نہ لاهي
جِمَ اوچِتو ڪَڏهِين ڏُوڙيو ڪارائي
جُمي ڏِينهِ جوڙَ تِينَدِي بُڌوسُون ڳالهاءُ
مَٿان آچِي موتَندو ڏِيندو سِجُ تَڪاءُ
چَٽِي پُوندو پَٽَ ۾ ڪارو تِي قَهراءُ
ويرَ تِينِدِي ڏاڪَڙِي پُٽُر نہ مڙَندو ماءُ
رڪِجاهُون باجَهہ ڪري سائِين تَنهِ ويراءُ
ماري خَلقَ خاڪِ ڪري پوءِ مُئِيندو رِبهَ



Gul Hayat Institute

ڏونگرَ لَڳي ڏونگرين سَڀِ تِينَدا ڪِيهَ
جِين سا بـرفَ وَسي ڳاري سِياري
ڏونگرَ ڳارِيندو بَرين اهِيئَي پاري
ڊراهي ڪِبو پڌرو سَپوئِي مَيدانُ
يُون اِيـن سـاهِـبِي جِين سو وِكو ڳاهُ (١)
يُون ڏُبَندي ڏوهَنُو جِين سو ڪانجهو رَڄُ (٢)
مَانجِبِي مِينهَن سِين اِيءُ تَماشو پَسُ
چاريهَ وَرِهَ مِينهَنِ كي ڪِبو جِين فَرمانُ (٣)
يُون ڏُبندي ڏوهَنو جِتِ مُحمَدُ چامُ
ڪِينَ رَهندو ڪِيئِهين، هُوندو پاڻِ الله
طَلَبِبو پِيءُ فاطما، "بُديو" چوءِ سَباهُ
پِهرو جَبرئيلَ كي سائِين ڪوئائي
سونهون اُتيارِ ساتَنِ جو امَتَ ميڙائي
نَظرَ اَڳِياءُ رَبَ جي آڻبو بُراقُ
چاڙِهبو پِيءُ فاطِما جو نَبِيَان سُهاڳُ
چولُون ڏي سَمُوندُر جِين جَنهِ مُنهَ ۾ ياڳُ
بارَهَن هَزارَ مَلڪَنِ جا جُلهه جَنهِ اڳياءُ
بَ بارَهُون پاسَنِ ۾ پُٺِ بارَهن پُوئاءُ
چَئِين بارِهين اَنيتاليهه سَهسَ هَلَنِ جيٽي ساڻُ

---

(١) اصل ائين (٢) يعني جئن كنجهي جوتانءُ وجي (٣) چاريهَ= چاليهه

ڪوٺائِبو ڪارڪي واساٽِيو رَحمانُ
ٻُجهي واڳَ ٻُراقَ جي اِيندو جَبرئِيلُ
پُڇائِبو پُون کي ڪيٿي مُحمدُ مِيرُ
پُون ڪَرِينديِ دانهَ پوءِ تہ آئُن لَهان نہ ياءُ
ڏونگرَ لَڳِي ڏونگرين ڪو جو لَڳُنهِ واءُ
جُهي سِين چِتُون تِيا لڳِي صُور مٿاءُ
لَڳِندي لَڪَنِ سين وِئُمرِ هَتُ وَهاءُ
تان مُون خَبرَ ناهِ ڪا سَچي مُحمّدَ ڪاءُ
خَبرَ ٻُڌِڙ پُون ڪَناءُ اُبِينو باڏي
سائِين خَبَرَ نہ لَهان آئُن وَجان ڪاڏي
پَيدا ڪَرِينهِس ڏيهَ ڏَٽي پاهِجِي باجَهہ ڪَري
وَنءُ جَبرئِيلَ تِتهِين جِتي وَسي نُورُ
تِتي اُمَتَ ڪارڻِي پِيءَ فاطِمَا رَسُولُ
ٻِيو پيرو ٻُراقَ کي آٽِبو پيري
سَندا اُمَتَ ڪارڻِي اُتِي چڙهَ گهوڙي
سَندا اُمَتَ ڪارڻِي تو ڪوٺائي راءُ
اُٿِيَندي هِي اُمَتَ ڪَرَ نَبِيءُ پُڇائي
اي يا جَبرئِيلَ اُمَتَ جِي ڪا خَبرَ آهي
اي يا جبرئيلَ اُمَتَ سين قادِرَ ڪوهُ ڪِيو
توڙي تُرِ مِيزانَ ۾ ڪو حِسابُ ٿِيو

GulHayat Institute

يا مُحمدُ مُصطفيٰ چڙهي وَهلو آءُ
ليکو ڪَريهُون پاڻَ ۾ فَرمائي اَللهُ
سڀَ ڪاريُون پڌرو نَبيَ تو اڳياءُ
مُبارَڪُ پيرَ پَري اوڏو جان وِيوءُ
سِرِي سَيِني گڏِئو سَيَنا سَهنجائو
وِيندو عَرشَ هيٺِ پوءِ پَري مُبارَڪُ پيرَ
ڏِينهِمِ ڏاڻَ وَڏا ڏِني مُون وينَتِيَ وِيرَ
حاجِي غازِي عالِماَ ۽ تايبَ جُوآنَ
تَنِي کي رکَ گهُران سَپاجها رَحمانَ
اِنِ چَئِين تولَنِ سين جين عذابُ نہ هوءِ
تُون قادِرُ سَچو ڏِنِي وڏو مُلڪُ سَندوءِ
خَبرَ آيَسِ رَبَ جي نَبِيَ بُڌِي پاڻَ
تَنِي سين توهُ ڪِيو سَپاجِهي رَحمانَ
تَڏِهن صَحِي سَجِدي ۾ نَبِيءُ پُوندو پوءِ
آؤُن وَجان آدَمَ کي جي مُون موڪَلَ هوءِ
خَبرَ آيَسِ رَبَ جي وَنءُ وَهِلو آءُ
ليکو ڪَرِيهُون پاڻَ ۾ فَرمائي اَللهُ
مُبارَڪُ پيرَ پَري وِيوءُ کي آدَمَ
ڏَمَرِيو ڏِيهُ ڏِنِي وَڏا ڪري ڪَمَ
اُٿِي آدَمَ اڳِي تِيُ تُون آسان وَڏيرو



Gul Hayat Institute

مانَ تُسي توهُ كري پَسِي تو پيرو
يا مُحمدَ مُصطفيٰ تُون پاڻهِي جانُ
ڏمرؤُ ڏيهَ ڏَٽِي سَتَراٽو ديوانُ
کِهَوءَ کَٽِي بِيراءُ جِين مُون کَڍِئائِين (١)
اَسان کاڻِ اکِينِ ۾ آهي تَتائِيِن
ڏمرِ ڏاڍي يَئي ڏَٽِي آوُ دِرجان تِيان ني
نہَ جاڻان کِينءَ وَهي رَضا رَبانِي
نہ جاڻان کِينءَ وَهي رَبانِي پاراءُ
ڏِئي ڏوهَ پِئنِ کي کَرَي کَمَ اَللہ.
وِيندو اِبراهِيمَ کي پَرَي مُبارَکُ پِيرَ (٢)
سَتَراٽِي قَضہَ تِئي اَجُ تُهنجِي وِيرَ
اُتِي اِبراهِيمَ اَڳِي تِي تون اَسان وَڏيرو
مانَ تُسِي توهُ کَرَي پَسِي تو پيرو
يا مُحمَد مُصطفيٰ تُون پاڻهِي جانُ
ڏمَرِيو ڏيهَ ڏَٽِي سَتَراٽو دِيوانُ
جَڏهِ مُون کي کافِرا وِڌو ۾ آزاهَ
تَڏهِ پانَ ڏَٽِيءَ کي کِيَمِ سَتَراٽِي آهَ
جِين مُون کي آزاهَ ۾ کَٽِي وِڌائِين
رکَ پاهِجي جِيءَ کي مُن گهُرِي تيائِين

---

(١) اصل ائين (٢) اصل ، قصہ

Gul Hayat Institute

اَسان ڪاڻِ اَڪيِنِ ۾ آهي تَتائيِن
نہ چاڙا ڪيِنءَ وَهي رَضا رَبانِي.
سُٽِي ابراهِيمَ ڪانءُ نَبِيءُ موتِيو پوءِ
اُمتَ پَسوءُ پاهِجِي رَتَ وَرَنُو روءِ
خَبرَ نيئِي نُوحَ کي جَنهِ ويرَ ڏِنائيِن
هَلُ وَجَهُ دِيوانَ ۾ جو سَيِن سائِيِن
هَلُ وَجَهُ دِيوانَ ۾ پِرَ مُبارَڪَ پيرَ
سَتَراڻِي قَضَ تِئِي اَجُ تُهِنجِي ويرَ
اُٿِي نُوحَ اَگِي تِيءُ تُون اَسان وَڏيرو
مانَ تُسِي توهُ ڪري پَسِي تو پيرو
يا مُحمدَ مُصطفيٰ تُون پاڻِهِي جاڻُ
ڏمرِؤ ڏيهَ ڏَٿِي سَتَراڻُو ديوانُ
اُمتَ مَگِي پاهنجِي مُون ڪارئِي غرقُ
اَسان پاڻَ ڏَٿِيَ سين تان اِي ٿيو فَرَقُ
اَسان ڪاڻِ اکيِنِ ۾ تَتائيِن تِياءِ
تُون وُءُ يا مُحمَدا مُبارَڪَ پيراءِ.
واگَہَ وَرائي موتِيو مِٺيائيِن مُوسَو
جَنهِ ڳالهايو رَبَ سين سُونهارو سَهجو
اُٿِي مُوسيٰ اگِي تِيءُ تون اَسان وَڏيرو
مانَ تُسي توهُ ڪري پَسِي تو پيرو

Gul Hayat Institute

يا مُحمَدَ مصطفيٰ تُون پاٽشاهي جاڻُ
ڏمرئو ڏيهَ ڏٽي سترا ٿو ديوانُ
دَريا ۾ فرعونَ کي جبين مون ٻوڙايو
اوپالو اللهَ جو تَڏهِ مُون آيو
ٻُڌَندي فرعَونَ پوءِ ٿري کيائي سڌَ
”موسيٰ موسيٰ موسيٰ“ مَتي آيَءَ جَڏ
ترن سَڏنُو هيڪڙو جي مُون کيائين
نه ٻوڙايان فرعونَ کي فرمائي سائين
اَسان کاڻ اکين ۾ آهي تَتائين
ڏمرِ ڏاڍي پئي ڏٽي آئُن درجان تيائين
نه چاٽان کينءَ وَهي رَضا رَباني.
جَبرَئيلَ چيو نَبيَ کي پُڇُ مَ کي ٻيا
جانئي چوتَکو ٿئي پيٽي مَٽيئي نه سا
ٻيبي پاڻَ پُٽرن جو اُپي مڳي دادُ
سُجدو عرش ۾ کندي جو فريادُ
جَني سيدَ ماريا خُوني مڳان سي
اُجَ مرَندا جي مُوئا تني دادُ ڏي
جَني سيدَ ماريا رَبَ کهي ويٽاءُ
رَتَ وَرَني هَنجهِ وهي ٻيبيَ کي نيٽاءُ
ڏمروءُ ڏيهَ ڏٽي پَسي ٻيبيَ نآل،

Gul Hayat Institute

واسَطِجي وَڏو ڏاتِي قادِرُ ڪَنَدو يالَ
مُبارَڪُ پيرَ پيَري وِيندو بِيبِيَ پارِ
اي فاطِمَه اسانهاءُ ڪِ تو لاتِي ڪارِ
تِت بِيبِيَ دانهَ ڪِئِي پَسِي نَبِيَ پارَ
بِيا نَبِي سَڀِ چانئُنِ ۾ تو ڪوهُ هِها هارَ
نَبِيَ سَڀِ چانئُنِ ۾ آؤُن اُگهاڙي پيرين
تي ڏمرِئو ڏيهَ ڏاتِي اُمَتَ ميڙائي
بخشِ خُونَ پُٽرَنَ جا سَچا گَواهَ ڪَري
بِيبِيَ خُونُ بَخشيا تِت نَبِيَ ڪي پانَ
اُمَتَ بَخشِئي رَسُولَ ڪي سَياجهي رَحمانَ
اَپُ تَتو يُون ترامَٽِي ٽِئي سَٽراٽِي تِڪَ
سُنهاري پِيءُ فاطِمه تِت تُهِجي رِڪَ
ڏِينهُ ٿِيَندو هيڪَڙو بِئي سَيائِي راتِ
ٿِيندِي سارَ سَيڪَهِين وِهاٽِيَ پِرِياتِ
بِيوُن بَنِ ڏِيئي ڪَري ڪَرِيهُ تُنهجي تاتِ
اَمُرَ جي الله جا پارِيهُ پَرِ پِهاتِ
ڪَلِموُ ۽ نماز ساري روزا تِربهَ رِڪيهُ
چوٿِين مالَ زَڪواه جو پَنجُون حَجَ ڪَرِيهُ
فاتِحا مُحمدَ ڪي ساري رَساٽِيهُ
وَجُون تہ اِيمانَ سين ڪَلِمو پاڪُ پَڙِهُ

لا اله الا اِلله محمد رسول الله

Gul Hayat Institute

## قيامت نامو

اَچي کِ آئِي، ڪونهِ شَڪُ قِيامَ ۾
سڀِ موٽَندو صُورَ لَڳَندِي، مَرنـدا مِڙيائِي
پِيءُ نہ پُڇَندو پُٽرَ کي، پيائِرَ نہ پيائِي
مَا چُونَدِي پُٽَرَ کي آؤُن نہ اُهائِي
نُو سين ٿِيندِي نَفسِي اِهڙِي اُهُڪائِي
تَرَسِي تهِين ڏِينهَ کي ڪَرِهُ سَمَرَ سانپياهِي
عَرشُ ڪُرسِي لوحُ قَلمُ هُوندو پاٽِ ڏَٽِي
بهِشتَ دوزَخ رُوحَ پُنِ سَتِئِي نہ فانِي
واءُ لڳندو وير تَهِ ڪندو پَهَڻَ پَٽِي
ڏَرَ ڏُبَندي ڏَؤسَ ٿِيَندِي، پُوندا چِٽَر چِٽِي
مِينهُ پوُندو پُون پَجندِي، پَجَندِي وَٽراءِ
ڪونہ رَهندو ڪيٿَهِين ڇَگو چِٽِي ڪاءِ
چارِيهَ وَرِهَ چُونِ پَرِيا ڪَندِي صُورَ ڏَڪاءُ
ماڙهُو ايندا پَڌرِ تي، اُٿِي پون منجهاءُ
عَجَبُ ٿِيندُن اللهَ جو تہ هوئا سُون ڪيڏاهُ
هَلائِبا هَنڌِ تَهِين جِتي حَشَرَ گاهُ
مَهَندِ ماڙهُو، پُٺِيَ مَلڪَ، ٿيندو هُلُ هُڳاءُ
سڀِ آٽي ٿَنگِبو نيزي پانَدِ مَٿاءُ



Gul Hayat Institute

پـوُن تَـپَنديِ ٺَرامِٽِي بَـنِـي مُوئنديِ تاءُ (١)
نو سِيـن ٿِيَـنـدي نَـفسِـي وِسَـرَنـدو وِيـاءُ
پـانُ ڪـرِيـنـدو پَـڌرو سـائـِين سـَچو راءُ
ڏِيـارِيـنـدو ڏيـهَ ڏَٿِـي آتُـو واڳـــراءُ
تـَت دَڙِبـنـدو مـُصـطـفـيٰ ڌُهـاربَـنِ وَٺـاءُ
مَـولا اُمَـتَ مـُهـجُـي مُـون بَخشِ مِهراءُ
واكـــاٿِـــؤُ وَڏو ڏَٿـــي عــالَـمَـنِ اَلله
اُمَتَ محمدَ مصطفيٰ ڪي مَولي ڪيِءَ مُـباحُ
پَسـنـديـن پـرِيَـنِ سيــن لائـِقُ جو لِقـاءُ
مـاٺـيـنـديـن مـيـوا گـهـٽا جَنِ سُونـهـارو سـاءُ
وجـون تـہ ايـمـانَ سـيـن ڪَلمون چَيـو مُـهاءُ
لاالـہ الا الله محمد رسول الله

---

(١) مؤنندي= مٿيندي

[٣۴]

## سزا ۽ جزا بابت مثالي قصا

### قصو جمجما بادشاھ

ساراھِجي سو ڏَٽِي جوڙَ وڏي جوڙاءُ
مَرِي جي مَحوُ ٿيا تِن پُڻ ڏي ڳالاءُ
ڏِينهِ هيڪڙي ڪَڏِهين سائِينءَ جي سَگهاءُ
مِهترِ عيسيٰ نبي اَچي نِڪتو نَيءَ دَجلَہ ساءُ (١)
سِسِيَ هَڏو سَڪَتو ڏِنائين ڏُوراءُ
پِئو آهي پَٽَ ۾ وِچڙوَ ڏِيلاءُ
نَہ تہ رَتُ نہ چَمُ ڪي، نَہ تَہِ وَہَ نہ ماہُ
کهُنو ڪَپارُ سو ڪَہِ اَکِيئين دُنياہُ
ڏَندَ ڪَنڌِنيون اُلَڙِي پِيا پَٽِ چِٽِي
ميجالي مِجِ ڪَڍِئِي ڳَارِي ڌوڙِ ڪري
جِتي هُيو لنگهيو تِتِ ڪَکَرُ ڪارو
ڪنَيؤُن ڪِيُولِيوُن، سَپَنِ ساچارو
ماڪوڙِينِ مارا ڪِيا ڏِينَيوءَ رَهيا تَتِ
هَدُّ بَرفان اُجَرو اَچا پَلَيَ پَتِ

(١) نيءَ = ندي. نهر

عِيسيٰ آڳاهِيَ ٿِي سِسِي ڏِنيَ سَبِ
اُبَهِي اَدبَ ۾ دُعا مَنگِياءِ رَبِ
اُپائِيندڙَ مُون ڏَٿِي سائِينءَ تُون توڙاءُ
ڪَبابُو ڪِيهَ ڪري تابِي تَهِ پُواءُ (١)
ناهِ ڏَٿِي ڪو تو جِهو هوءُ نہ هُوندو ڪوءِ
صِفَتين ۽ قُدرتين نہ ڪَهِ پَئي پَروءِ
جُسي جِسمَ پاڪَ تون سايَيءِ جي محتاجُ
تُسائِيهِس مُون ڏَٿِي هِنَ..........،
سَيائِي ڳالِ گُهران سِسِيَ هِنَ ڳُراءُ
جِين مُونکي حالُ چوي مَٿو سين پيراءُ
وَهِي جَبرَئيلُ آيو رَبَ سَندي فَرمان
عِيسيٰ پُڇُ جِهتِ ۾ ڪَدِو ڪاءِ نہ ڪاڻِ
عِيسيٰ اَڳاهُون اُسَرِي وِيو وَڏِيَ وِڪ
ڳالائِيجِ مَ اَڳرو ڪا لاهِجِ مَ لِڪَ
سَنلوءُ سِسِي سَچُ چوءِ ڪِهو حالُ سندوءِ
مُنهُ مونچارو تُهجو ڪِ ڪوجهو هُئوءِ
ڪِ تُون مَردُ بَخيلُ تو ڪِ ڪو خَيرُ ڪِئوءِ
ڪِ تُون هُوءِ مُسلِمُ ڪِ تون ڪافِرُ هوءِ
ڪِ تون هُوءِ اڳوانُ ڪِ حِيجِبُ مِيرُ

---

(١) اصل ائين

Gul Hayat Institute

ڪِ تون هُوءِ بادِشاهُ ڪِ تون تَنِ وَزيرُ
تَتِ سِيَ ڳالِ ڪِئِي عيسيٰ اڳيان اِيئَ
آئُن هُئو بادشاهُ هاٿي پَسين هِيئَ
آءُ تِي سَيڪَهين وَري پُڄِتي باهَ (١)
جِيَڻَ سَندِي دُنيَ ۾ ڪَهين نہ ڏِني آهَ
پاتاؤُن واتَ ۾ سَندو شربتَ ساءُ
دارُو مَرڻَ مُقابلي اَچي ڪَمِ ڪُواءُ
سَترِ پيرا جِيَرو بَڪرُ ڪُسي جِيَين
سا پَرِ مَتي مون هُئِي ساهَ وِيندي سِيين
جي مونکي وائِي هُئِي تہ سا ڪرِيان دانهَ
سُجِي جان اَيَنِ ۾ پُوئين ۽ بَحراهَ
چِهين پُڄاڻاءُ بَس تِيئِي ڏنو ڏينهَ پَساءُ
جان صورتَ نِهاريان تان اَچي اَيَنياءُ
جان صورتَ نِهاريان تان چِهرَ مُنهَ چارَ هَٿاسِ
ڏِيلُ مُهجو ڏٻِوءِ پَسِي پارَ سَنداسِ
جان هَٿاسِ نِهارَيان تان سَندا سِينهَ پلنگَ
وَري وِجهندي مون مَٽي نہ تَهِ ڪِئِي دِرنگَ
روحُ مُهُجو ڪَڍِيُ نِڳِئو نَهَنياءُ
عيسيٰ هوءِ حالُ جو ڳرهَڻَ ڪاجُ ڪُواءُ

---

(١) اصل اٿينَ

سَپائِي چَئِي مُون جيڪي ڪَمَ ڪِيامِ
ڏَٽِي تُهجو ڪِهڙو ۽ ڪِهڙو ڏِينوءِ
نَبِي ڪِهڙو مَجِئِين سِگهو سَلوءُ سوءِ
نَجاٽان خُدائِي ڪي، نَڪِي ڪَهِ ڏِيناءُ
راهَ جا رَسُولَ جِي خالِي هوسِ تِياءُ
جِيَ اُتَلَڻُ چَڏِؤُ ڪري ڪونه جوابُ
پِتو پَتِين تَنَ مُون ڪِياؤن عذابُ
گُرجَ مَگرَ پَرِؤُ مون وِڏاؤُن اِيِيَ
يَجِؤُ هَڏُ تَسُو ٿِيا خَس خَس داڻهِ جِيِيَ
وآرِئُو سَئِون سَجو ڪِيو مون ڪي پُڇِياؤُن
ڪيهِي ڪَرِيان ڳالِڙِي عِيسيٰ اَجُ آؤُن
پاٽِي ڏِناؤنمِ دوزخِي ۽ زَقُومِي طعامُ
اِيَ پَرِ مَٽِي مون هُئِي هَمِيشهَ مُلامُ
سَپَ پَٽُونها سَهسِين، سَئِين پَتِين جانارَ
ڏِينهاٽِي ڏاڙهِين مون چَڻُ ڪُتا سِينهَ بگهاڙَ
نُو سَئِينَ پَنجاهَنِ سين پِئِي وَرِهَ ٿِيامِ
دايَمُ جي دوزخَ جا سَهمَ سَپِ لَڏامِ
ڪَرَمُ مُهجو وَڏوءُ ٿِيؤُ سَئون سَپاڳُ
جين تون آؤُ مون ڳري جهاڳِي پَنڌُ اَجهاڳُ
عِيسيٰ سُٽِي ڳالِ اِيَ اَسارو ٿيو

Gul Hayat Institute

مَرهَ گھُربائين مومنهِ مُناجات كيو
كَنِ مَنئي قَهرُ كَري سائيَ مرَ ڳائيج
پاهِجي باجهَ كَري مومنَ سڀِ ركيج
تان عيسيٰ ساراهيو سَچو ربَّ صَبوحُ
جِي وينو جَمجمَ سائيَ ڏنُسِ رُوحُ (١)
مومنُ مُسلمانُ ٿيو لاهي هِنيا وَنجهَ
اُيو نَئي نمازَ ۾ وَڏي ساجُهرَ سَنجهَ
ڏينهِ چاريهين لَڏوِ روزي مَنجهه رَهي (٢)
پَهنُو پربَنِ سين وئُسِ ڏُكَ لَهي
وَجي تَني گَڏوُ جي شهيدَ ٿيا
اَهُكائي ۽ ڏاكَڙا چَڏي سُكِ پيا
ركياءِ دوسُ رَسُولَ كي هَليو سين ايمانَ
سَيائي صافَ ٿئي جيكا هُيَسِ آنَ
سخاوت جِين رَسئَسِ اِيَ بركتَ ته سانَ
وجو تر ايمانَ سين كلمو چيو روانَ
لا اِله الا الله محمد رسول الله

Gul Hayat Institute

---

(١) چاريهين = چاليهين (٢) جي وينو = جيئرو ٿيو

[٣٥]

## قصوابو شحم

بسم الله الرحمٰن الرحيم

ساراهِجي سو ڏَٽِي جو نَبِيان راهُ
دُنِيا وِيندِي گُذَرِي مَنجِهس نہ نِباهُ
رکُ سَيِني راجِيا مَتَنِ کَمَٽِياءُ (١)
اَواتا واتَ کَرِينءَ لَهِي سَيِني ياءُ
اَکَرُ خَطا نہ تِيئي لِذو جو توڙاءُ
مِيرَ مُختيارَ اُمَرا لَذِيندا لُوئَاءُ
چَذِيندا ڄِجَنِ ڏَٽِي وَڏايُون ۾ واءُ
ظُلمَ کَرِيندي دُنِيَ ۾ جَنِي تِيو نہ ڏراءُ
کِيَ کَرِيندو تَنِ سين نَجاٽا اِڳِياءُ
قِصو اَبُوشَحَمَ جو عُمَرَ جو وِياءُ
قِصو اَبُوشَحَمَ جو عُمَرَ جو فَرزَندُ
جَنِي سُوءُ کَنِ سين جَنت تَنِي هَندُ
رُوءِ رِعايَتَ کَنِ جي پُڌو............
زانِي زِنا کَنِ جي کِيا سي سَنگِسار
جَنِي وارَ ڏِيکارِيا پاسا پُنِيوُن پيتَ
هَلائِيُون هائِي مَٽي................

---

(١) کمٽياءُ = ٻاجهہ ڪري، بخش ڪري

Gul Hayat Institute

مَري وِنداهُ ماڙُوئاءُ تان کو عَمل ڪَرِيهُ
سَرُ سَرُ آهيسُ ڏَٽِيَڪو چيتان ڪِيو يِريهُ (۱)
عَمَلَ ڪِجاهُ ماڙُوئاءُ نِڪَڙَندي ڏُنِياءُ
سَفَرُ هوءِ نہ سُهِلو تو .... رءَ توڙاءُ
لَڏي چُرؤ لاڏُڪو نَبِي پَرڏيهاءُ
رُنو عَرَشَ ڪُرِسِيا لاهي پاندُ مُهاءُ
رُنو عرشَ ڪُرسِيا جِين نَبِيَ لَڏِيو
تَهِيا پوءِ صديقَ پَلي ٿورو راجُ ڪِيو
عُمَرَ وِينو خِلافَتَ ۾ دِڙو هَتَ ڪِياءِ (۲)
جيڪي قولَ رَسُولَ جا پُڇِي پارِياءِ
جيڪي قول رَسُولَ جا پارَڻُ ڪيهِيَ رِيتِ
نَهَتَ وِهَڻُ شرعَ ۾ نَهَتَ مَنجِهہ مَسيتِ
دِڙو عُمَرَ هَتِ ڪِيو ڪَنو عَلِيَ شَينرَ (۳)
گهَٽا وِيري ماريا تَہ سُونهارِيَ ڪيڙَ
تَہ سُونهارِي ڪيڙَ ۾ اَبوشحمرُ جُوئانُ
جَہ پِرَ نَبِيَ پاڙِهئو تَہ پَرِ پڙهي قُرآنُ
عُمَرَ وِيني مِهتِ ۾ عَدَلُ ڪِيائِين
اَبُوشَحمر جَڏارُوءُ تِنني سُؤائِين (۴)
توهُ تُهُجو راجِيا تَہ وِيرَ مَگَيائِين

(۱) اصل ائين (۲) دِڙو = دُرُو (۳) ڪَنو = ترار (۴) جَڏارُئو = جڏو ٿيو، بيمار ٿيو.

Gul Hayat Institute

صِحتَ اَبوشَحمَ کي ڏِيئِين تون سائِين

صِحتَ اَبوشَحم کي بيو نہ مَگان گهَٽُ

نَبِيَ هاٽي لَڌِيو اِيہُ پُٽِ سَچَر ڦَٽُ

نَبِيَ لَڌي جِتِ چُرِئو سَيِنِ ميڙو تَتِ

ڪَرِيہُ عَمَل واٽَر سين تَن پَاهِنجِي سَٽَ

اَبُوشَحَم چَگو ٿِئو ڪِئِي ماڙُسِ دُعا (۱)

وينا هُوئا مِهتِ مِ مِڙِيا اَصحابا

سَيئِي سَرَها تِيا جيڪي جِتِ هُوئا

اُٿِي اَبوُشحَمَ ڏي اُنهِي وير وِيا

اَچِي وينا اَدَبَ مِ اَبوءَ کي اَڳِياءُ (۲)

اُٿِي عِلمُ نہ ڇَئِين نَبِيَ پُڇاٽاءُ

آڙُن ڇوندو عِلمُ گهَٽو وَڃَہُ نَبِيَ ڏي

ڪَڻُ تُسِي توہُ ڪري اللهُ اسان کي

مَنجها مَديني نِگيا ماڙُن گهَٽا سَهَسَ (۳)

سوناڙُن سَرائِي سان لائِيءُ چَڙهيا گَسَ

اَعُوذ چَيائِين جَڏهِين آهَرَ ڏٽِيَ ڪري

وينو روءِ سَيُڪو نَڪو ماٽِ ڪري

اَعُوذ چَيائِين جَڏهِين رُنو اَصحابَنِ

آيِين آروچو ٿِيو اَنجُهہ رُنو مَلَڪَنِ (۴)

---

(۱) ماڙُسِ = ماٺهن (۲) ايوءَ = ابوشحم (۳) ماڙُن = ماٺهن (۴) آرچو = روج راڙو ، انجهہ = هنجهون

Gul Hayat Institute

نِمازَ ڪِياؤُن ترِپهَرِي آروَجو لاهي
مَنِ مَديني نِڪَتو اڳانجهو آهي
اَچي مِيرِ مَديني رَسِيا سَيِيئي سُجانَ
اَبُوشحَمَ پوءِ ٿِيو هِيٺو هَتَ جُوانَ
مَنجِهِ مَديني آيو سَيِوئي قُريشُ
اَبُوءَ سِين ڪونه هوءُ نه خادِمِ نه خويشُ
اڳِيان شيطانُ پَيدا ٿِيو هَرِيو ٿِي درويشُ (١)
جِهو ئِي رافِضِيا تَه ٿِهوئِي ويسُ
اَچي اُپو اَدبَ ۾ اَبوءَ ڪي اڳِياءُ
آؤُن توکي چگو سُنها تون عُمَر جو وياءُ
جَڏهِ تُون جَڏارُوُ سَيَهَ ڏوهُئوسِ
تہ دِرِيُ سَنباهي اَبوُشحم ڪي ..........
آهان سَلِوءُ دِرِيُ سو جيڪو تو چَيو
سَرو پائي دارُونءَ ۾ سو مون سَنباهِيو (٢)
سَرو پائي دارونءَ ۾ چَڪِين جي هيڪارَ
سَگهو ٿِئين ساعَتَ ۾ سَجيَ سَپِ چَمارَ
دارُوُ پائي تَنهِ ۾ هَلاياءِ سَرو
آؤُن چوُندو بابي ڪَي جَهِين هنَٿِ دِرو
اَبوُشَحَم هَڪَلِئو پَجي دِروڙِ ٿيو

(١) هُريو ٿي = هليو ٿي. (٢) دارُونءَ = دوار



Gul Hayat Institute

اَڳِيان وَڃي اَبوءَ کي وَسوَسو پِيو
گهَرُ پُڇائي گهوٽِيو پيهِي تَتِ وِيو
پِيارِيهِم دِرِپُ سو جيڪو تو چَيو
سَرو پائي دارُونءَ ۾ ڏِنائِس جَهِ وارَ
اَبوُشحمُ ڪِيو ٿِيو نہ تَهِ سُڌِ نہ سارَ
... ..هي بُجهِي گهوٽِيو وِهاريوءِ ۾ باغُ
جَتِ کَجورِين پَڪِيوُن ميوا اَت ... ... (١)
جَهِين جو باغُ هوءُ تَہَ هيڪڙِي ڏِيِيَ
پاٽِي ڏِيئي باغ کي وينِي رکي اِيِيَ
پاٽِي ڏِيئي باغ کي رکِي باغُ ڏِياسِ
نہ تَهِ اوڏو پاءُ ڪو نہ اوڏِي ماياسِ
سُتِي هُئِي نِندرَ ۾ سوُنهارِي صورتَ
اَبوُشحمُ کِيو ٿِيو وِجَهِڻَ لَڳِسِ هَٿَ
نِينگرِ اَبوءَ کي چَيو . . . سَهِمِ ٿِيوءِ
عُمَرُ عادِلُ بادِشاهُ مَ تان مارِيندوءِ
نِينگَر اَبوءَ کي چَيو اَللّٰهُ نہ فَرماءِ
مَتان تو درا هٽي سُٽي ڳالِ پِياءِ (٢)
تَهِيا پوءِ اَبوءَ کي لَهِي کيپُ وِيو
پيرين پوءِ نِينگرِ کي درَماندو ٿِيو

(١) اصل جَجورَي (٢) پِياءِ = تنهنجو پيءُ



Gul Hayat Institute

هِــي گُــناهُ بَخشيِنءَ جي مُون وَسِ هــوءُ
تہ آؤن گُناه بَخشئيــن جي بــَخشــي راءُ
ايــراضــو اَللهُ جــو وِيــو وَهــِي وڇــاءُ (١)
اَرَهــو ٿي اوتاڪَ ڏُونه رُوندو رَتُ وِہو
مَرِهَ مَــگِيــائِيـن ڏَٿِيَ ڪاءُ مُناجاتُ مِيو
اَرَهو ٿي اوتاڪَ ڏُونــهُ پِيــو پشيمــانُ
ڏِينهين روزا رکــي راتــيــن پــڙهــي قُرآنُ
............ لــڳــيءِ هُئِــي ســان بــالــڪَ
حَمَلِ ٿِيئُسِ پيٽَ ۾ وَڏِي وِڄهي نہ وِڪَ
پُوري پُنِي ماهِئين پَدَرا پــيــرَ ٿِــيــاسِ
ڪَنُو هَــڪَلِي ءِ جَرِلِيُ اُيِي پَلــي مــاس (٢)
جِيِني هِيُ ڪمر ڪِيــو آهــا ســلُ وَري
عُــمَرُ عــادِل بــادِشاهُ نِــبــو تــه گِري
اساهِـجي باغَ ۾ ايــڏا ڪَمَرَ ڪــري
ســو نہ ڇَــڏيان جيئَندو ... عُمرَ اوري
ســو ڪِيَ سَلان گهوٽِيو جِيني ڪَمُ ڪِيو
اَرهونِي اوتــاڪَ ڏوهُ روُنــدو رتُ وِيــو
سو ڪِيَ سَــلان گهوٽِيو .. عُمرَ جو وِياءُ
ڪِيهِيَ ٿــي ٿِــيو ڪَمُ اَبــوُشحمَ هَتَاءُ

---

(١) ابراضو = اِرادو، آمر (٢) اصل ائين

نِينگرُ پائي تارَ ۾ سَنيُوڙيو گهراءُ
ڦُلُ مالَڻِ جي هَٿَ ۾ آيو عُمرَ اڳياءُ
پَلو عُمرَ مومنين پَلو عَدلُ کِيوءِ
پائي آندو تارَ ۾ هِيُ سَگهو پوٺُروءِ
تو ڇَيو سو مُون سُوءُ جِين پِيو نہ سُٽي کوءِ
تو پاهجيَ ڏِيءُ وَجِي ڪہ اَبُوشحمُ ڏِنوءِ
پَلوءُ عُمرَ مومنين پَلا عَدَلَ سَنداءِ
ڳُجهائِي کاتَرَ هَٽِي ڳُجها نِبيرياءِ
ڏمرِؤُ پَلُ مومنا فَتحِ سڌُ کري
اَبوُشحمُ ڪُتابَ ۾ کو مُون کوني ڏي
اَبوشحمُ ڪُتابَ ۾ وينو پڙهي قُرآنُ
کيرُ چُوندو تہ ڪي ڪَهِ ايڏو فرمانُ
وَرِي ڇَياءِ فَتحِ کي ڏمرجي ڏوني
اُٿي اَبوُشحمَ جو تو بابوءِ کوني
اَبُو چوءِ حَسَنَ کي اَها اُپَتِ قُرانُ
پُٽِ بابي کوٺايو آيوسُون فرمانُ
حَسَنَ قُرانُ اُپَٽيو آهَرَ ڏَٽِيَ حمدَ
اکَرُ خَطا نہ ٿِيئي لِکِئو تو.......
دِري پَنجاهِي لَگِندِي اُيُون آءِ اِيَ حَدَ
حُورُون سَڌَ ڪِرِينِ توءِ سامه..........



Gul Hayat Institute

عَلِي آهيري وِيو طَلحَہُ ۽ زُبيرُ
اِنَ رِءَ اَبُوشحمَ تِوءِ شَفَعَ كندو كيرُ
پاهِين پُڇِي گهوتِيو كَڍِؤ كُتاباءُ
رَحِل پڙهَندا جي هُوئا وِسرِيَنِ حَرف مُهاءُ
موكِلائي يارَنِ كاءُ نگُوءُ اَبُوشحمَ
بابو پَسِي پاهِجو كِيائين معلومُ
پُٽرُ مُهجو كونِجين هيڏا كَمَ كَرِينيَ
سؤ دِري واجبُ تِيو ڏِيئي پُرسَ هِينيَ (۱)
نہ مُون كا چورِي كِئِي نہ مون كاترُ هَئوءُ
هَتِ بُجهِي شَيطانَ هِيُ مُون سين مكَرُ كئوءُ
شيطانَ جو چَيو كري هيڏا ظلم كَرِيَ
سَوءُ دِري واجبُ تِيو ڏِيئي پُرسَ هِييَ
حُكمُ تِيو فَتحَ كي اُتي تون هَتِهِس
روءِ رِعايَت تيتَري مَتان كا كَرِيهِس
اِي مُهجِي ماءُ پُٽر، آؤن كِيَ وِجهس هَتَ
اُتِيارِيءَ نہ كو بِئو وِينِين جَهِين يَتَ
جيكي چان بِئَنِ كي كَنِ رِعايَت كاءِ
هائِي دوزخَ ڏاكَڙو دِرجان تِينِي ڏِراءِ
دِرو فَتحِ هَٿِ كِيو ڏمَرِيو تسَہِ وارَ

(۱) اصل ائين

آبُ اَرَتي اوتيو نيٽين چِنا نارَ
چاٽِي هُنِ درنِ سين ڪُلها ٻيُو ڏرناسِ (۱)
تان ڏروڙنِدي آئي روُندي مائِڙِياسِ
پَلو عُمرَ مؤمِنين مَ ماراءِ پُٽروُمِ
ڏِيَئي مالُ چِڏاءِ ڏوهُ مَرهَڻَ هارُ ڏٽيومِ
تُهان پِيارو پُٽرُ مون پَرَ شرعَ صَحِيُ ڪندوسِ
اَمرُ ۾ الله جي رُوءِ رَضا ۾ رکندوسِ
پَنجاهَنِ دِرنِ سين پاٽي مَگِّيائين
بابا جي پِيارين مون تُسي تو سائين
....... پاٽيَ ڏُڪڙو بابا مون ڏيارِ
اَندرُ اُجَ اساڙَ تان تَنُ تِئي قرارِ
پُٽَرَ دُنيائي پاٽيَ جو هاٽي تَعلقُ لاهِ
جِلوءُ جَنَهرَ ۾ نِتُ پِيندو آهِ
دُنيائي پاٽيَ جو تَعلقُ لاٿائين
جيڪا رضا ربَ مَتي مَجيائين
پنجاهَنِ دِرنِ ....... ڪِئُسِ روحَ وداعُ
پنجاهَ لَڳُسِ جِيئَري پَنجاهَ مُئي پُواءُ
رُوئڻ گَڏ ڪُتابِيا مِهِتِ دَرَ اڳياءُ
ماڻِسُ جَرُ هارِيو پِٽُسِ گَهَتو تَهِياءُ

Gul Hayat Institute

---

(۱) ڪلها ٻيو = ٻئي ڪلها

آچـــي آبوُشَــحَـم كـي حُورون ڏِكِيُون
شَـربَتَ كـَـٽورا هَٿِ كـَـٽِي آچِي اُپِيُون
هِـــنَ هيلوٽـي جَـڳَ ۾ كونهي عُمَرَ سِيـاءُ
پِهـِروُ جَــه ِ پيءَ مارِيو تـائِيـن پوءِ وِياءُ
پـيءُ كَيـائِـيـن دِينَ لڳِي، پُٽرُ مارياءِ زِناءُ
ســَكــر ۾ ... ...... ... لـِڌُئوءُ نہ توڙاءُ
وَجِــو تہ ايـمانَ سيـن كلمو چوءِ مُهـاء
لا اِلـہ الاالله محـمـدُ رسـول الله

———

[عام مطالعو: نبين جي تاريخ ۽ قصا]

Gul Hayat Institute

بُتُ هُوَ سجدا ۾ تِنَ ڪيو ملڪ مقرب جيڪي هئا سڀ سواءِ ابليس لعين
جنهن ۾ پيو ميثاق لعنت جو آءُ اُن کي فرمان ۾ جيئن پيو ۽ اُتي تي ئي پهچايائين
جُهُ عيد آدم نبي جي سدا هو ويو پڪين دعا قبول ڪري تنهن ڏيهه جي جا
نالو تنهن جو حجت دماغ تنهنجو ... مُونهن سوڌي جي ڪيڪو ليڪو ڏنائون
ادغام نوح نجات جيئن رهيو جاءِ مهلت ڪدر ٿيا هزار ڇهه سو ۽ پنجاه سال رهي
مونهن جاءِ ابراهيم رهي مترڪ جي جاءِ هزار ڇهه سو باري سال ... جو ڪيا
ابراهيم ۾ جو پيءُ وري ڪدر ٿيا جي پنج سو ۽ ٻه هزار هيٺ ابراهيم ۾ جي
موسيٰ جي داءُد ۾ ڏهه سو ڪدر ٿيا وِچ ۾ پنج سو هيٺ ۽ هيٺ هيڪ سو ٻيا
داءُد ۽ عيسيٰ جي ۾ ڪدر ٿيا جي سهس تري سنو سٺ ...
عيسيٰ ۽ محمد جي ... ۽ وچ ۾ جي پڻ جي سو ستن ورهيه ۽ ڪدر ٿيا
محمد ۽ حجت تائين ورهيه ٿيا مر ڪڏهن ست سهس پنج سو ساڍا ... ڪدر ٿيا

مناسب موسيٰ جو پيءُ ليڪي سلام

الله هيڪ ڏي ثابت پنهنجو ڪري لا اله الا الله هو حي قيوم ...
سو باقي ڏني حي هئو ۽ بي هُو فلو ڪان في الدنيا بقاء لسابق لڪان رسول الله صلعم
فيها مخلدا تنهن رهيو ... توبه ڏني پر سڀ ڪري جتا

## (حضرت آدم کان حضرت محمد صلعم
## تائين نبين جي درميان مدت)

تاريخُون هِيُ آدماءُ ٿِيُون مُحمّدُ سِين
مُون سي سِنڌِيَ ۾ ڪيُون لِڌو ڏناءِ جين
آدَماءُ نُوحَ نَبِيَ سِين وِچاءُ مُهلَتَ تَنِ
گُذَرِيا ٻہَ سَهسَ ٻہَ سَوءُ ٻائيتالَ ورهين
نُوحاءُ اِبراهِيمَ سِين مُندَ گُذَرِئي جاَ
ٻہَ سَهسَ ٻائيتالُ سَوُ وِچين واري ٿِيا
اِبراهِيماءُ مُوسي سِين وَرهي گُذَرِيا جين
پَنجَ سَوءُ ۽ پَنجهَتِ پُورا هوئا تين
مُوسيٰءُ جي داؤُد سِين گُذَرِيا وِچاءُ
پَنجَ سَوءُ سَتَهتَرَ وَرهِيَہَ هيڪَڙي سين پِياءُ
داؤُداءُ عيسي سين وَرهي گُذريا جي
سهس ٽري سؤُ ساڍا پُورا هُوئا سي
عِيسيٰءُ مُحمدَ سِين مُندَ وِچ ۾ ٻِنِ
ڇَہ سَؤُ سَتَرِ وَرهِيَہ وِچ گُذرِئي اِنِ
مُحمداءُ هِجرَہ سِين ٽِرِيہ وَرهي ٿِيا
مِڙِيائي سَتَ سَهسَ پَنجَ سَؤُ ساڍاءُ وَرهي گُذرِيا .

لا اِلہ الا اللہ محمد رسول اللہ

[۳۷]

## مصيبت نامہ پيغمبران

بسم الله الرحمٰن الرحيم

ڪَرِ ساراهَ سُلطانَ جِي ويٺو ويري تارَ
دِرجِجي دَرِپِ گَهَٽِي قَادِرَ يَئي قهارَ
ڏاڍا ڏِيئي ڏاڪَڙا پِرت پَرکي پارَ
نايائين ڪِي نَبِيَهَ اُهڪاهِيوُن اَپار
(۱) ”اَنّ اَشدُّ البَلاعَلي الاَنبياء“ سُڻِ ڪا تِيَا پَچارَ
اِگهين آدمَ ڪي خَلِيفو چَيياءِ
”اِني جاعِل في الارض خَلِيفَه“ پوءِ پُيدا ڪياءِ
(۲) اُپائي سي ايترِوءُ آسَڻَ ڪِيائيين
سَڀِ سَجِدا ڪوڙهو، مَلڪين چَيائين
(۳) پِرِي پِهَاري جَنّتي مَٿي تاجَ بَنڌاءِ
”فڪلا مِن حيث شِئَتما“ اُءِ اِنعامَ ڪِياءِ
جَهين سين پِريَٽَو اِهو ڪِيائين
هَٽان پيئِيَ هيڪَڙِيَ تَه نہ ڪَنيائين
تان ئي پوءِ هابِيلَ سين سُڻِ جو ڪَمُ ڪياءِ
مَٿي مِ مُرسَلَ جي حَجَرُ هَٽاياءِ
هُوءَ ماءُ پِئُہ گِرَي سِرِيَ سُوَلَهُ وَٿُ
تَنهِ مَٿي ... جو ڪِيَ رَهائي هَٿُ
نہ ويسارو تَنهِ مِ نہ ڪوڏوهُ ڪياءِ

---

(۱) تن جي ڪا پچار سُڻَ (۲) اصل ائين (۳) پِهاري = پَهرائي

هَتان دوسُ دُشمَنيِ ماراثي وِڏاءِ
يُونسُ مَڇيَ پيٽَ ۾ وِڏوءِ ڪَنه ويٺاءُ
ڦوڙائي سين سَڄٽين ڳِنهِي مالُ وياءُ
جَهِين سين پرِيَتٽو هُوءُ هوءَ سَندوءِ
ٻُجهِيءَ ماهِيَ پيٽَ ۾ کهين ڏوهُ وِڏوءِ (١)
نُو سَوَ ورَهين نوُحَ کي ڏنائِين ڪِتابُ
جَهِين جو چَيو ڪري اَيّان وِڏاءِ آبُ
ڦاٽي اَبُ اَڌَ ٿِيو سَندي جَهِ ڳالهاءِ
پِيءَ ڦوڙائي پُٽَرَ سين ٻِيءَ وِڏاءِ ٻيَڙاءِ (٢)
نُو سَوَ ورَهين تُنهجا پارِيا جَهِ فرمانَ
کِهين ڏوهه ڪَڍِيَ ڪري وِڏوءِ ۾ طوفانَ
خِلافَتَ خَلِيلَ کي ڏيئي ڪارايِيءَ ڪارِ
آسانهِجو قِبلو اِبراهِيمَ سَنوارِ
عالَمَ وِچانئي ڪَٽي هيءُ جو دوسُ ڪِيوءِ
سوئي هَتِ دُشمَنين ٻُجهِيِ ڪري ڏِنوءِ
پانهِجَنِ پرِيَنِ سَين اِيَهِين ڪارِيئيَ
کِهو ڏوهُ خليلَ ۾ چائي چاڙهوءُ چِيِيَ
جيڪي اُڙهو اَيُوبَ کي ڪيهِي خَبَرَ لوڪَ
پرِيان سَندي تيري ڪري ڪيءِ مَنجهِي جهوڪَ (٣)

---

(١) اصل. ٻُجَيءِ (٢) ٻيڙاءِ = زال، عورت (٣) اصل ائين

Gul Hayat Institute

آڳهُ اَجهو جَنِ ۾ آهان پُوئاءِ آهَ
جُ سي ماريهِ سُپرين کيرُ سُٽيندو دانهَ
پِرِيتَنٽو پِرِبنِ سين سِڪو ڏڪرِياءُ
جِيَنِي پاڻ نہ چوروءُ پُوندي ڪَرِتَ وِچاءُ
گهاءِ لڳندي گهَتَ ۾ جيڪي تَنُ چورِؤءِ
اسان سين پِرِيتنٽو تہ ڪَرِ ڪالَ چِنوءِ
مَ چُرُ مَجي ماٺ ڪَرِ، سَهُ جيڪبي ڪَرِيُوهُ
جَهِ ڪي پانَ پَرِنيوءِ سو تو سين چِيريُوءِ
هَيلَ هَتا ...... ڪاني ڪيهي ڏوهِ (۱)
ڪُنوءِ ڪَڏهِين مَتان سَچٽين اِيَ نہ ڪارين ڪوهِ
پِرين پانهِجا ڪَڏهِي دَسِئو دوسَ ڪُسَنِ
”نُودو“ چوءِ نِيهُ جَنِ سين سي سالِڪَ سينگارِجَنِ
ڏُکين جو يعقوبَ ڪي چَڪايائين چاڳُ
رُنا جَهِ رَتَ ڦُڙا پَسِي پُٽَر فِراقُ
پُٽَر پِيءُ ڪي پانَ ۾ قوڙاوءُ ڏِناءِ
پائين هَتان ياءُ ڪي بُجهِيءِ ڪُوهِ وِڏاءِ
يُوسِفُ بُجهِيءِ ڪوهَ ۾ وِجهايائي پانِ
هيڪلو ۾ ڳاپُرو پائين وِڏو تَرانِ
هُئوِ ڪوهُ اُنجَهڙو اُونهو اُونداهوءُ

---

(۱) اصل ائين

خوفَ سَپيئي ۾ تهين، وينئر ڦوڙاوءُ
سُڻِ جا سُليمانَ سين تائي پوءِ ڪياءِ
مُلاءُ دوسَ مُلڪَ جي مُنڊِري ڳنهاياءِ
مُصيبتَ مُلڪَ جي ڦوڙاوءُ بَلقيسَ
راڄَ وَڄَندي روحَ ۾ مُورِ نہ آنداءِ رِيسَ
وِهڻُ وِلها ڏينهڙا ڳُوندَرِ ڳهتِ سَناءِ
پرِيَتڻو پِريَ سين مُورِ نہ ڦوڙاياءِ
مٿي منجها ......... سَپَ سِڪيج
ڪارڻِ پَهڻَ پِريَنِ سين ڪبو ڏاڍُ پَسيجِ
هِنيڙا پَنڌِ نہ پڄيئن حَبيبَنؤُن هاڻِ
ڏُنڌَ محمد مصطفيٰ پَڄاياٸين پاڻِ
نَڪو ڏوهَ رَسُولَ ۾ نہ وَري خطا ڪاءِ
ويسارو پِريَنِ ڏونهُ پَڄيو تا نہ جُڳاءِ
........ پِرين حَبِيبَن حبيب
”نُودو“ چوءِ نيهُ جَن سِين، سي ڪوئيو ڪُهي قريبَ
اوڏِني سين ايهيون سَجڻ چاهُ ڪرِينِ
تہ وِهَ واتُورا سُپِرين جَا نَلائِي ڏِينِ (١)
بندي ڪُڇڻُ ناهِ ڪي جُ سي ڏَٽي فرمائينِ
ويندا سي ايمان سين جي ڪلمو پاڪ پڙهينِ
لا الہ الاالله محمد رسول الله

---

(١) اصل ائين



Gul Hayat Institute

## قصو مهتر يوسف عليہ السلام

بِسم الله الرحمٰن الرحيم

واكاٿيہُ وَڏو ڏٿي هٿُو هيڪُ اللهُ
سَيِ اُپائي انگڙا جَمعُ جہِ كِياهُ
(۱) هَتَڏ ڪَرنگهرَ ڪِيس گُرُرَتُ رِگُون ۽ ماهُ
صُورَتُون راسِ ڪري، جِيني ڏِنو ساهُ
تہِ سَندي فرمانَ ۾ اَچي وَڃي پَساهُ
توڙي ترَ جيترو جَنہِ نہ وِسارِياهُ
اُپائي نرَ مادِيُون جِينِي جوڙِياهُ
داتا ڏيئِي دُنِيَ ۾ رَهِي جِين رَهِياهُ
ڏِيهين پُني پاهِنجي سِگها ٿِڪَرنداهُ
وَرہُ زمانا ڪيترا تِتهِين رَهنداهُ
(۲) پِيُون ۾ گهَٽِي بِنوبُر پيءُ پُٽَرَ وِينداهُ
لَڳِي صُورَ سڌِتي پِيدا تِين ٿِينداهُ
صِراطَ ۽ مِيزانَ سرِ هيڪائي......
جِين جَنِي ڪي لِکِئو صَحِي سو پسارِينداهُ
ڪَمائي جِيُون پَاڻِ جِي جيتيُون سبجي پَرنداهُ
مُسلمانَنَ جِين مَرَتُون تہ وَڏا ڪاج ڪَنداهُ

---

(۱) اصل ائين (۲) اصل ائين

خُوشبُون جَنهرَنِ ۾ جانڪيتان پَسَنداهُ
(۱) ڏِرجو تَنهِ ............... پَرِ جِتِهِين جُهرَنداهُ
ساراهيو سَچو ڏَڻي ............................
............ اَيَنَ ۾ سَڀُ سَچو ڳالهاءُ
ڏِرجِي جَنِي مَجيو تَنِ نہ هُوندو ڏِراءُ
وَجو تَنہ اِيمانَ سين ڪَلِمو چَيو مُهاءُ
لااله اِلااللهُ مُحَمدُ الرسول اللهَ
............... پَسِي جَہ مُڪاءُ رَبُ جَلِيلَ
لِذا ڪِتابَنِ ۾ آندا جَبرئِيلَ
توسين چَڱِي مُصطفيٰ قِصَہ ڪَرِينداسُونءُ
بِيءُ پُٽرَ سين جا تِنئِي خَبَرَ ڏِينداسُون
جِهويءَ ........ مُڙِسَنِ ۾ يُوسُفُ سُونهارو
.................................................
حَسَنُ ۾ حُسين سين واڪو تِيُہ وري
(۲) جِين يَعقُوبَ نِهاريو آهِرو مُنہ ڏَري
پَرِيا ڏِنِييءَ پاڻِ جا رُناءِ ڳَلَ پَرِي
تِتِ چِيائِينِ چِتَ ۾ جي مُون تِئي وِياءُ
تہ فَقِيرَ چَڪايانِ ڪُوني پاڻَ ڳَراءُ
تان مُون پُٽرَ نَہ پاتروءُ گَهٽِن گهٽا وِيا

---

(۱) ورق زبون، اصل جُرَداهَ (۲) آهرو = آئينو

Gul Hayat Institute

لَئِہِ پانھِجي راڄئِي قادِرَ ڪَمَ ڪِيَا (١)
يَعقُوبَ نَبِي تَڏِهين ڇَہ گهَرَ جِي هُوئاسِ
ڄَڻِيا ٻہ ٻہ سَيڪِهين ٻارَهُ پُٽَر ٿِياسِ
ڄَڻِيا ماءِ هيڪڙِيَ يُوسُفُ ۽ يامِينُ
ٻارَهِني ڀائُنِ ۾ پوءِ هُوئا ڄِينُ (٢)
ٻارَهِني ڀائُنِ ۾ يُوسُفُ جوڙُ نہ ڪوءِ
يَعقُوبَ گهَڻو سُنهاءِ سو سَچو صِديقوءِ
يعقوب پوءِ سَيِڏَ ڪَرِي ميڙايا فَقِيرَ
رَڏا ڪِينَ رَچَنِ ۾ ڪوٺايا اَمِيرَ
.................................... مَٿان تَنِ
تان تَہ ميڙي ۾ تِئان ٻہ فَقِيرَ وِڙهنِ
........................ آچِي ٻَاٽُر ڪَٽِي
جِيَن ڪَرِهجي پاڻَ ۾ نہ فَرماءِ ڏَٽي (٣)
هِيجِي نَبِيَنِ گَهرِ اَچِي ڪاڄي ڪِينُ
جِيَن ڪَرهِجي پاڻَ ۾ ايہ نہ چَگووِينُ
پُڇي فَقِيرَنِ ڪي تہ ڏُهارِي ڪيرُ
اَڳِهي ڪَہِ ڪيو ڪَرِهَڻَ سَندو ڦيرُ
چَيائُن يعقُوبَ کي سَيان پُڇوسوءِ
جَنہِ لِگا رَتُ وَهي.................

(١) اصل رَءِ = لئہ (٢) ڄينُ = ڄمر (٣) ڪرهجي = ڪرهہ ڪجي، جهيڙو ڪجي

جَنهِ وبرَ اُتِي پاڻَ ۾ وِڙهيا بَئِي فقِيرَ
پوبَئم پاتا ڪپڙا ۽ پِهرِي نڪِهيرَ
ڳِچِيَ ڳِنِهي ................................ تنَتِ
ٻڪَ مَرندو نِگوءُ نڪِ وهَندِي رَتِ
......... آزِبون ۽ وينَتِيونءُ سَچا رَب سٽيِين
اُپِيِي آوُن ڪَدِؤ ڳِچِيَ ڏيئي هَٿُ
يا رَبَ تِيءَ سِڪاءِ سو ڪَهي ...............
اُپِيِي آوُن ڪَدِؤ رُوندوءُ رَڙِي ڪيڻَ
يا رَبَ تِيءَ سِڪاءِ سو ڪَهِين سُهِندي سيڻَ
ڏِسي ڪتابَنِ ۾ لِڌو ڳالاؤسِ
ڦوڙاؤُ يُوسُفَ سين اِنهِي وِيڻَ تِيوسِ.
پُڻ آٿي تَفسِيرَ ۾ اِيهِين لِکٽُهَارُ
تَڏِهِ هُيءَ هاجُرَ جا تَنهِ تَنِ لَڳِي پارُ.
بانِهيَ اُٿي ڪونِئو يَعقوبَ نَبيَ پاڻِ
تَنهِ تَنِ هُوءِ ڪونِيو وِڇِيائِي سو ٿَراڻِ
ڦوڙائيندي پُٽَر سي بانِهيَ ڪِئِي دُعا
جِيترا تُون مارِيءُ ۽ جِيارِيءَ مُوئا.
ڦوڙاياءِ وِيا سي مُون ڪي جِيئَهِين
پاڻَ سُهِندِيَ وَٿُ ڪي سِڪي تِيَهِين
سَڌُ سُوئاِين هيڪَڙو رُوندِيَ وِٽج وَٽِي

پاڻَ ئي پُونڊو گهٽو گُونڊرَ........

ويندوءِ ڦوڙائي پاڻَ پُٽرَ سي سُجَ سَرءِ

سُهِنڊِي سيڻَ کي.....................

..........يَعقُوب کي وِيا سَندُو سُورُ (١)

جَهِ رُوندي پُٽرَ کي مُنهِ آنڌارو..........

پَسي اِشارَتَ ۾ يُوسَفُ سُتو راتِ،

ڪارَہ تارا سِجُ چَنڊرُ اِيهِ ڏِناڏِ نائين ڏات،

ڪارَہ تارا سِجُ چَنڊرُ اِيهَ ڏناءِ وَري

سُتو نہ هُوءُ جاڳيو بابي سين ڳرهي.

چيٖ ڪارَہ تارا سِجُ چنڊرُ مون ڏٺا مَوجُودُ،

مُون کي اِشارَتَ ۾ سَبِي کيو سُجُودُ،

وَرِہَ سَبِي ليکيا. چالِيهَ سَتَ تِياسِ

ڪارَہ تارا جي پَسيئي يائُرِ اِينهِ سَنداءِ

يَعقُوبَ اِيهُ ڏِنو جو سُهٽو سُتي راتِ

تون سَچو مُون ڏَٺي وَڏِيهَ ڏِيندڙُ ڏاتِ

ڏِٺُئي ڏَنُ هيڪڙو بابا بي تارين

اُيَروءِ آڪاسُ ۾ اِهڙي پارين.

اُيرَندي ڏُونهُ هيڪڙو پوءُ اُلَهندي هيٺِ

ميوا هُوئا ۾ تهين بابا گهٽِي ميٺِ.

---

(١) ويا = وياءُ، اولاد

سي قَرَ كاڌا ماڙُئين سَهَسين جي مِڙيا
مونکي سَپِي ويرَته نَئِي سلامَ ڪيا.
اُيَرَندِي پاهاءُ جو گهَٽو سو ڌُونڌارُ
سو مون سُڪٽوءِ پانيو بابا ڪرِ ويچارُ.
پِين ڌارِين وَٽُ هيڪڙو سُنهٽي مَنجهِ ڌِنوءِ
سُڪو ڌِيلُ ڌِنو مُون هَرِيو تَهِ جو هُوءِ.
تَهِ ۾ ٿوريِ ڪِ گهَٽِي ڦوُرائي وِيندوهِ
مُون هيڙي آر بي پُنَاٽِهِي ڏِيندوهِ.
............ مُهِي جَهِ وِيرَ وِڃيڙندوهِ
وَرِي نہ جاٽا ڪَڌِهِي لِڌِي تي مِڙَندوهِ.
..............اَبلِ تون يائُنِ مَرگِرهيجِ
تاپُٽ گهَٽو ريسارُئا......................
........................ڌِنوءُ ڌِرجِي رڪَي يارُ
ويڙهي وَهِي وِڄِ ڪوءُ.......................
"اِنَ الشيطَانَ لِلانسانِ عَدُو مُبِينَ" لِڌو اِيہ فرمانَ.
جان تِيهَينِ پاڻَ ۾ مِڙِيا ڪَنِ پَچارَ
تان عَورَتين پُڇِيا ڳاڙهيرا تَہ وارَ. (٢)
عَورَتين اُجاڙِيا يائُرَ ويئيءِ سَنداسِ
ڦوڙائِيندا پاڻَ ۾ يُوسُفُ اَبلُ. پِيناسِ

(٢) اصل ڪاليلا تهوارَ. ورق زبون. ڳالهہ سَٽايان سَيُ ... پُورِيَ يائين سِين ڪيان ڳالي ڪج ڪر سَيَ

مِڙهِ ڪِيائون ياءُ ڪي پِيا سي سوچاءَ
........ اِنَ پَر ڏِيهُ سو گُذَرِ........
(١) ............ڪڏهين اسان هِهڙِي هارِ
يوسف ۾ ياميِن رءَ بابي بي نہ ڪارِ
پائُنِ پُلِي پاڻ ۾ مِڙِي ڪِياؤنس ڪوڙُ
ڪُوڙ هَٽِي ڪِنُهُس هيڪڙو جو دِل پائي دوسُ
جو سَپِنيائين سپرين جُ سو وِڇڙيوسِ
.........ماڏاهُ تيئي هاوِي هِيو سندوس.
جيڪي ڪو هجي ڪيهِي وقت نِيهَس ڏُور
يوسف سَهَہُ نہ سَنرو هاٽي پيءُ حُضور
هي جا نِبر نِگيءِ بدلؤ راست آسار
چيائون يعقوب ڪي پڻ پُڇڻ هار
اسين آهيڙو مَٽي ويندا وڏي وار.
آهيڙي ڪي آگري اسان تي اُڪير
يوسف ڏيهو پاڻ سين سوره جت سڌير.
يوسف ڏيهو پاڻ سين سُرها سي تياه
سِگهائِي سِر ڪري وهلا وري آچاه.
تان يعقوب دانہ ڪئي ڪَنبيو سٽي ڳال
آئين وڏا هي ننڍڙو هوندو ڪهين حال.
آئين وڏا هي ننڍڙو مر هتهين هوءِ



Gul Hayat Institute

مَـنـائِـي سيـن كنِـهـيـن پـكـارئـو كوءِ
اسان هوندي اُن كي مـرِو مـاريـنـدا كـيءِ
ياءَ پانـهـجو پاڻ سيـن اسيـن نيـنـدا سِنِيءَ
هــن ويـر هـاڻــي اُسَهو صــبـاح اچـيـجـاه
يوسـف نيئي پاڻ سيـن كِهو كـاج كنداه
اُٿلــي گـهـرِ آئِـيـا پـاڻـو آٿـي مـــاڳ
وري صـــباحَ نـڳـيا ................. وهـاڳ
ايـيـنـا اَدب ۾ ســـپ سـونـهـاري...............
چيـائـــون يـعـقـوب كــي ......................
يوسف آءِ يعقوب جو سـر سـٽـايــو جَنِ
كـــنــي چـيـــو ڏاهِ ســاڳــي عــورت چـوَنِ
كـنـي چيـــو ڏاهِ ســاڳـي سلـيـو بـيَـڙ چَي.
سـِجِ اُلَـٿـي پـاڻَ ۾ پـَكـاؤن پَـريـاڻُ
ڏِتـيـنـدا يـعَـقـوبَ كــي .... تــيـرِ كـمـانُ.
راتِ وِهـاڻـي اُٿِـيـا اُبِـيـٺـا پـيُ پـارِ
سَـيِي اَچـي جـا كـئِي يارَ كـئِـنِ نـهارِ
چَياؤن يـعَـقُـوبَ كي سُٺِ بـابـا پـَريـاڻُ
يوسُفُ ڏيـهـو مـكِـوءُ جـرَ اَچـي اَسـان ســاڻُ.
جان پُٽـڙين پـچـارئـو يَعـقُـوبَ چَـيـو تــانـهَ
قوڙائِيـنـدي پُـٽَـر سيـن مُـون تـنَ اَچـي دانــهَ.

Gul Hayat Institute

تان جي سَچو ٿِئي جو مُون لَڌو خوابُ
حالُ مُنهجو ٿيئندو يوسُفَ رهُ خرابُ
پِيءَ پُڇِياؤُن پاهِنجو سُهَٽو کِيَ لَڌوءِ
جان ڪَر ٻَکَهِياڙي مِصرِي يُوسُفَ کي ڪاڏوءِ
بابا اَسِين پُٽَر تو يُوسُفُ اَسان پاءِ
اَسِنهِي يُوسُفَ کي هَٿِين ڪٽندا چاءِ.
ڪَري تماشو ويڙهہ ۾ ٻَکَرِيُون چاري
اَچِيندا سُون تو ڳَرَي آهيڙو ڪاري.
اَسِيهي يُوسُفَ کي ڏيکاريندا ڏيهُ
وَرِي سِگهائِي تو ڳري اِيندا سُون ايهُ
يَعقُوبَ چَيو ويرَ تِه تان مُون هِنيو نہ ڏي
ڦوڙائيندي پُٽَر سين مُون تَن......
وِيڙُ ڪارو يُوسُفَ سين مَتان ڪو ڪَريہُ
گُرگ وِلاڙي ويڳَ ۾ کائي..........
چَيائُون يَعقُوبَ کي اَسان پِيءَ کِيرَ
مارِيهَنِ مُهتَ ۾ تورڙي سوڙهِي....
ڪا ڪيٿِهين سُجهَئِي اسان جيهِي کِيرَ
پَسي هَٿَ پَٿَرِن جاجي سا نہ سَرِيرَ
تَنہِ ويرَ يَعقُوبَ مَجِوءُ ڳالهائُونِ وَرِي

Gul Hayat Institute

هيءَ ڪياؤن سڪيا وَجي آءٌ سري (١)
منڊريدهي پاڻَ ۾ وَري وِهاٽيَنِ رات (٢)
باتِ ڪيائون هيڪڙي ٻِئي وِڌائون واتِ.
وَهاٽِيَ يعقوبَ سين اُيا ڪَنِ پچارَ
آهيڙي جي سُنهہَ سين ويندا سون ٻَهارَ
يعقوبُ چَيو پُٽرن کي آدج ديکياٰئون (٣)
هَنِ کي سڏيندئي پُٽَر تو ڳَرِ لڳائُون (٤)
هَلايائين يوسف سين ڪيئُ پاٽي تيارُ
آهي ڪَلهو گهوتِيو جمِرَ ٻُکجي پارُ.
يوسف پائين هَتَ ۾ ڏِکِي ڏنائين
مون آن کي پَرنِيو اِيَهين چَيائِين
مون آن کي پَرنِيو آهي ڪَلهو پار
سَيِيئي يوسف سين هُئيجاه هشارَ
مون آن کي پَرنِيو چيو تہ يعقوب
سيئي ڏيندس ڏاڪڙي جي پايائين خوب.
مون الله پَرنيو جي اِيَ چيائين
قوڙائو يوسف سين هُوند نہ لڏائين.
موڪَلائي پُٽَرنِ ڪاءُ موٽِي آءُ جتِ
رُوندي ڏِنائِين گهَٽو پَوسُفَ پِيَنَ تِتِ

(١) اصل ائين (٢) اصل مددي دهي (٣) اصل ائين (۴) اصل ائين

Gul Hayat Institute

پُٽَرَ! ڪوهُ روئيـن ايتَرو ڀائيـن ڪـي ڀَرِنيومَ
مُونهان تـون رُونـدِه ڪَلُر بـابـا جي ..........

جـان ڳـرِهـيا هَـلي ڪري جَـترِي مـنجهه بيرَ
دَنـيـو آوءُ ڪِـيـنَ تَـنــهِ درمــانــدو ٿــيـو
آزارو آهُـون ڪـري پـيءُ نـه پَـسـيهـءُ پـاسِ
جَنهِ سين ڳرَهي ڏُڪَـڙا سَـيـئي سَـنَـداسِ
............. وَجي وِيرَ تَهِ پيءَ پـيـرين پيوءُ
وري وِئو وِرِڪَ جـو اُبـيـٺا تَــهِ جهَــلَ
ڪريو..................چُمَڻَ لَـڳـوسِ ڳَـلَ
هُـوئـا تَـهِ وِرِڪَ ۾ پـڪَـڻَ بـِيـا تِـتِ
رُنـو سَـيـنِي ويـرَ تَـهِ پيءُ لڳـو چِـتِ
روئِي چَيـو پَـڪَـٽي يُـوسُـفُ ۾ مـوڪَـلِ
تَنِ ڀائيـن ڊروهُ ڪِـيـوءِ پُٽُر پـاهِـجو جهَـلِ
پُٽَر منهـجا سُپـرِيـن تــان مون لَـڳُ ڳَري
پِـرِي اَچِـيـنـدُهِ ڪَـڏِهـيـن نـه چاڻـا وَري
پُٽَر مُـنـهَجا سُپرِين تـان مـون ڏيج سَـهـتَ
جي تون وِجِين نِڱِنو تـه مـون گهـٽِي وِرتَ
يعقـوبُ چَـيـو پُـٽَرنِ ڪي جيهُو جا سـُٽـيـهُ
گهوڙو پَلاٽي ڳـرِ ۾ يـوسُفَ تـهِ چـاڙِيـهُ
خاصو پَلاٽـي ڪَـري يـوُسُـفُ ڪِياٿُون سـُوَارُ

ڳاڙهي جهٽ ورِ ٽِيو ڏُٽي چڙهيا بارُ

...............ٽيا پَنجَ مَهَند پُوئاءُ

تون سَيِنِي وِچَ ۾ يوسُف چَڙِهئي آءُ

يعقوبُ پاڻَ پُٽرَنِ کي پِروُ سيکائي

گهٽو اَکِهِين ويرَ تَهِ بانهون ڳرِ لائي

پُٽَر چڙهيو ڳرِ لَڳيو قوڙائِيندا رُوِنِ

وِچُڙَندا وَرهَنِ کي هَنجهڙِئين مُنهُ ڌُونِ

يُوسُفُ کَٽِي هَلِيا سَرَها هِيان ٽِيانِ

موکلائي موٽِيو تَنهِ ويرَ تِتِ پِيانِ (١)

جَهِ ويرَ اُٺي هَلِيا آڳاهان ڳوناءُ

پاٺُرَ چَڏِئي پَلِيُون پلي اُيا بَهاءُ

چَيائُون يوسُفَ کي اُلهُ تون گهوڙاءُ

کَرِ پيرهين پَنڌُڙو اَسانهجِيَ آءُ

جو يعقوبَ هَلايو کيِئُ پاٺِي لَئي پُٽُر

اُسَ تِڙِڪو نہ سَهان جِيسِن مون پير ڌَرِيَہ

کِهو مون ڌوهُ کيو مُهَ ڌَمرِينوءَ کيہُ

ڌَمَريا يُوسُفَ کي گهَٽو سَترِاٽِيَ پِتِ

آسين کانَ وِجاهُ جي وَجُ وِلاڙِسي تَتِ (٢)

---

(١) پيان = سندن پيءُ (٢) يعني : اسان جيکي کانَ (تير) هٿون تون اهي ڳولي اچ * حاشيه ۾ عربي عبارت: قائِل منهم تَقتلعُا يوسف والقوة في غيابت الجب يلتقته 'السيارة أنكنتم فاعلين

نَرِهِ نَنڍيو گهوٽِيو پارَ وَهِ نہ ڪاءِ
ڏمَرِ ڪانَ هَٿنِ جي تتِ وِلاڙُؤُ چاءِ
جيهي وِڪَنو گهوٽيو روئِي ٿِيو نِهَتَ
اَڪِيَنئُون جَرُ وَهي ۽ پيرَنِيُون رَتُ
روئِي وِڪَنو گهوٽِيو وينو چان ورِڪَ
ڦُٽا پيرَ رَتُ وَهِي يائُرَ رڪو لِڪَ
ڪَهِ ويرَ يائُرِ هيڪَڙِي وَجِي لَتَ هَؤُ
واري پُڇِي ويرَ تَہِ مَتُ مَنِ ڪِؤ
اَسدي بُجِي ڪَدِؤُ ڪينهرِي جُرِياسِ (١)
پُٺِيَ ڪَلَ وَجِي ڳُرِي پاسَا رَتُ ٿِياسِ
ڪجہ جي يُوسُفَ سي پَسِي تَنَ پِياسِ
هِيَ جا اڳِي لِڪِٺِي وِيرَ سا اُمايَاسِ
........... ويرَ تَہ مُون عذابُ مرَ ڏِيَہُ
سَنِي ڏُڪَنِي آڳَرا مُنہ سي...........ايہُ
........... پُٺَرتُون يا ٿِيندَہُ ڪَنِ
تُون آن بابي وَلَهو اسان مَنجهہ سَيِنِ
ڪُوڙائِي سُهُٿا لَهِي بابي سين ڳِرهِيِي
ڪِہ تون اسان پاهِجا يائُرَ نہ يانئِي
ڪي چُونِ گهوڙِي چاڙهِوءِ ڪي چَونِ گَڏِ ڪِوءِ

---

(١) اصل ائين

پِيءُ پَسِي يوسف کي پائين اِيَ نيو
جَان پيءُ ڏِٺا پنڌ ۾ تا نہ، هُونِ گَڏ
اَکنيان اَرکِ ويا جان هَلِي کَنہِ هَنڌِ
اَکنيان اَرکِ ٿيا پيٺا جهَجهي جَهنگِ
چَيائون يوسف کي آسان آيہِ بَنگِ
کُلهي اُتان اُچلي پَڇاڙيائُسِ پَٽِ
آسانهاءُ اوڏو ٿِيہُ پِيءُ پاهجي
گهوڙا سِيَر اسائي پاهجا پيءُ کي
ڪارَہ تارا سِجُ چَنڊُر ڪيٽي. سندي سيءُ
چَياؤُن ويرَ تَهِين جيکي مارِيهُسِ
ناهَٿَ نِيءِ کِيٿَهِين بَرِيُونِ وِچاهُسِ
آهي جَهِسُ وَلهُو تَہِ نہ آچُهُسِ
اَسان سِين نہ وَرِي کَرِي مُورو پَساهُيسِ
بِيَئِي بابي وَلَها يُوسُفَ ۽ پاياسِ
پِيا ..... نہ يائي گهَٽو تِيِي سُپِرياسِ
تاءُ پو وکَرُ بِهُون کري صالِح سَيِ ٿِياءُ (١)
صَدَقا سَنيائي پِيءُ سِي .... اِنبِيَ وَيَاءُ.
پائُر چَيو هيڪڙي يُوسُفَ مَرَ مارِيہُ
کٽِي وِجُهِسِ کوہَ ۾ مَري مَنجِهي اِيہُ.

---

(١) اصل ٿين



Gul Hayat Institute

جي ڪِ ماڙهو ڪِ مرو نا هَتَ ڪو بَگهڙوءِ
ڪَڏي نيس پَرِ ڪَهِين جِين نہ لَڪي ڪوءِ
وَجو تہ اِيمانَ سين ڪَلِمون پاڪُ چَيوءِ.

لا اِلٰه الاَّالله محمد رسول الله

سُجَهندو هُئِن جو وِيا ڪُوهَرَ ڏارَ
مَنجِهہ وِجهَندا هِنَ مُون رُنائين تَهَ وارَ.
ڊِريجارَنَ هُوئاسِ تين مَٿي نِيئِي ڪُوهَ
مَنجِهہ وِجهَندا هِنَ مُون رُنائِين ہِ روحَ.
چَيائون يُوسُفُ ڪِي .............لاهِ
آسين وِندا ماءِ مَٿي تُون هِنيهين آهِ.
لاٿائين پِهراڻي دِرجي يانَ گِراءُ
ڏِنائِين پائِن ڪي تَرَسِي تہ ويراءُ
چَيائون يُوسُفَ ڪي ڪُوهَرَ مَنجهہ نِهارِ
جان يوسُفُ نِهارِوءُ تان ڪارِي آنڌارِ
................ مَنجِهہ آنڌارو اِيءُ
آئُن دِرجان اِنَ پيءِ مُون ڪَنڌِيَ مارِيءُ
ڪَٿيِ مَنجِهہ وِهارِوءُ پائين آٿي مَسَ
لوڏي لوئِيَ ہِ ڏري پَوائُسِ پَهُسَ
لوڏي لوئِيَ ہِ ڏَري ڊِريجارنَ هُوئاسِ

ڪَٽي وِڏائُس ڪوهَ ۾ پيائُن ۾ ناهِ پِياسِ
وَڃي وِسارو ڪوهَ ۾ رَبَ واڪاڻَ ڪري (١)
اَڪِينئُون جَرُ وَهي رويو ڳَلَ يَري
تِت نہ پَسي پاڻَ سين نہ ٻِيءَ ما نہ ياءَ
جي ڪي پَسي وير تَہِ ڪُوهَرَ سَندي ....
يوُسُف ڪي اَندرِ جهَلِئو تِتي جَبَرَئيل
ڪِتو آهَرَ جهَلِهو آيو رَبَ جَليل
ماڳِ جَهِين ۾ رَسوءُ... وَرِهَہ سهَسُ
توکي پَسيِ تِيان مون وِڏو پاڻُ پهَس
تہ تُن هاٿِي ڏارَ تِيُ ڪانگا جَبَرَئيلَ
تان مون پاڻُ پَرِنئوءَ سَچي رَبَ جَليلَ
پيو هوءُ ڪُوهَ ۾ اَڳُهِين پَهاڻُ (٢)
يوُسُفُ تِيني جَهِلوءُ لَڏائِين نَرماڻُ
هَتِ جِئن تي آيو پَهَڻُ پاتاراءُ
جَهِليائِين يوسف کي سونهاري سهَجاءُ
چَڙهي وينو مٿي تَہِ سَچو سَچِي ڪانڌِ
هُوءُ پاٽِي ڪُوهَ ۾ اُونهو نيڙي پاندِ
سَپَ پَتُونها ڪوهَ ۾ هُئا تَہِ اَپارَ
پاهِنجي باجهہَ ڪري ساندِيوءُ تِت سَتارَ

Gul Hayat Institute

---

(١) شايد : وِجي وِساڻو. (٢) پهاڻ= پهڻ

.......... هي يوسُفُ کي جاْن سو ڏِنو راءَ
جِينِي پِيءُ پَرَنِيهُ پاٹُرَ سيڻَ تِياءَ
مُون هِت نہ رکِيُہ پاٹا باجھہ ڪَري
تہ گهٹو ڏُکويُہ ڏِيلَ ۾ لَڳِي کوہَ تَري
....... ڪِيائِين زارِيُون تون مُون رکَٹھارُ
جي هو رَبَ نہ رکِيو تہ مُون کھوءُ وِهارُ
پاهَڻُ مَنجِهہ سوجُهرو سائِنيَ سَڀُ ڪِئوسِ
جِينِي مَنجِهہ وِجهايو سو واهَرو تِئوسِ
يَوسُفَ وِجهِي کُوہَ ۾ وِيا اُتَلِي پاڻِ
چَيائون يعقوبَ سين کوہُ ........
پيراهَڻُ پَلِيَ ڪري پيائين ڪِيونِ هَٿُ
ٻسي ماري ٻَکرُو رَتاؤن ۾ رَتُ
چارايائون جَهنگَ ۾ جِتي گور چَري
سومَهٹِيَ تي ڳوٹَ ۾ پينا دانه ڪري
اَئِين نہ پَسو جا تِئِي کُوڙَ ڪِيائُون کَٹَ
روئِي پينا ڳوٹَ ۾ مَٹي ڏيئي هَٿَ
يَعقوبُ نَبِي اُتِيو تَهِ وير دانهَ سُٹِي
دلِ ۾ دَرمَاندو ٿِيو رکِي تاءُ ڏَٹي
پُڇِهي پاڻَ پُٹرنِ کي يُوسُفَ ڪيرِ مُهاڙِ
جَهين پِيرِ اَکيُوءِ ڏَٹيَ سَنَدي ماڙِ

پَسان پاڻَ پِري جو مُون اَکِين پَهاڻُ
هِيون مُنهجو پاڻِ سِيڻِ نِيو جِندِ جُوانُ
اُبِيهِي آماجَ ۾ ڪانَ وِڌاسُون جِتِ
يُوسُفَ ڏِيئي .......... اَسِين وِيا تِتِ
وَجِي ڪانَ وِراهُ جي چُندَڻ هُوئاسُون (١)
پِيا گُرگَ پَهَنُ ۾ ..... تَلا سُون (٢)
پائُرَ سَپِيئي پِريَ مَٽي مِڙِياسُون
وَرِي سِگهائِي .............. آياسُون
بابا اَسِين پاءُ ڪي چَڏي وِيا جِتِ
اسان گهڻو نِهارئو تان نہ لَڌو تِتِ
گُرگ ماري ماڳِ جِين ڪائي ڪَٽِي وِياسِ
ڏِناسُون پَتِ پِيا ربلا رَتَ سَنداسِ
اَسان جا اُنَ وِسِهِي نہ پَيراهَنُ پَسُون
صَحِيُ گُرگِي مارِوءِ تَنَ ۾ ڪِيمَ تَرسُون
پيراهَنُ پَسِي ڪري يعقوب ڏِني آهَ
ڦوڙاءِ پِرِيَنِ سِين جو مون ڪِيو آهَ
جِتي يُوسُفُ مارِؤ ربلا رَتَ سَنداسِ
تان کو سِر نِهاريان پَسان جا پيراسِ
.......... پيڙو مون هِنيَڙو اُکِيراسِ

---

(١) اصل ائين (٢) اصل ائين

Gul Hayat Institute

تَهِ ڪَرَ ڇاٽي مُون ڏٽي ڏکي جِيُ ڪيٽاسِ

.......... تِهي ڳَڏيا ڏَڻَ ٻُڪا ٻِيراسِ

سا ڪُوڙي ڪِيَ تِئي لَڏي جا وِيَراسِ

پَرنياءِ پُٽَرنِ کي جي يوسُفُ ٻَگهياڙاءُ

ڀاراءُ سو حِيلو ڪري آيا پيءُ اڳياءُ

يعقوب ڇَيو ويرَ تَهِ ڪِ مُون دعويٰ ڪاءِ

ڦوڙاؤ پرِيَنِ سين سَپِي رَبَ سُهاءِ

ڦوڙائي پرِيَنِ جي ٻاروهيءُ تُر تَرنِ

تِهي *سَنڌِي ڪوڏِ ري سُوري سَڏَ ٿِئَنِ

پيراهَنُ مَهِ ڪري رُوئَنَ هُوءُ پاڻِ

ڳَنڍُ ڪَٿُوري جيئن مُئي پِرِيا سَنڌِي ڪهاڻِ

رُوندِهي يوسُف کي نَبي جُ نِهَٿُ

اَکيِنُوءُ جَرُ وَهي رُوئَنَ هُوءُ رَتُ

رُنائين ريلا ڪري لئي سندي سيٽين

ووءُ نُورُ نِڌَرُ کي ......... رُنو نيٽين

ٻَگهاڙِيَ جِيَ لايو لَئي نِڪُون نيٽين

تَنُ ٻَني جِيَ تاسُئوءُ سَتَ پِئِي سيٽِين

يُوسُف يُوسُف جِيَ ڪَري جَرُ تِيس تَنِ پِئو

سا ٻَرِ سُٽِي ٻِيءُ جي ڀائيں يَٺُ تئو

ڇَياؤُن يعقوب کي ڳرگ سي آٽِيهُ هاڻِ

Gul Hayat Institute

جِيھِين يوسف کي ٻُجھي ڪاڏو تراڻِ
يَعقُوبَ پُٽرِه تَڏھِي نہ چاتاؤن پاڻِ
جُہ ٻَگھِياڙَ يعقوبَ سين ڳالِين ڪَندو ھاڻِ
يعقوب چَيو وِيرَ تَہِ سو آٽِيہُ ٻَگھِياڙُ
جِيني ڪاڏو واتَ سين جو مُون اڳي تَھاڙُ
تہ وِيرَ اُٿي نِڳيا وَجي پيتا جَھنگ
نِھاريندي ماڳِ ڪَہِ گُرگُ آئَنِ ٻَنگِ
ٻُجھي تَہِ ٻَگھياڙَ کي ڏَندَ پَڳاؤن تَتِ
ڳِچِيءَ پائي سَنگھَرُون آنداؤن پيءُ وَٽِ
سو گُرگُ پَسِي ڪري يعقوبَ دانہَ ڪِئي
جِيھِين ٻُچِي تو ڪِئي تِيھِين ڪانہ ٻِئِي
سو مَہَ ڪاڏوئِين سَباجھو چوڏھِينءَ چَندراءُ
جَہِ سين ڦوڙائِي تِي ووءُ مون ھِنيَڙاءُ
ٻاجھہ نہ تِيئِي نَنڍڙي نہ پيءُ وَڏي..........
جَہ سين ڦوڙائِي تِي ويئي سِتَر..........
تان ٻَگھِياڙَ يعقوب سين تہِ وِيرَ ڪيو ڳالاءُ
ماهُ جو سَندو نَبِيَہِ اَسين ڪِيئُہ ڪُواءُ
ماهُ سَندو نَبِيَہِ نہ سا ڏِينديِ پُون
ھِنَ پاڻِ جي واتَ سين سو ڪِيَ ڪاڏو مُون
جاءِ تُنھجِي ٻَڪري اوڏو آءُ نہ تِيان



Gul Hayat Institute

تہ پيغمبر پُٽَر تُنهجو ٻُجهي ڪِيَ ڪِيان
جي مون ڪاڏو وات ڏند سي ڇَڻِ مان
آخِير زماني ڏٺِي تِينِ قَبولَ ڪَچا
"فقال السلام عليڪ يا نبي الا انَ مُحرم الانبياءِ
مُحرمه علينا" آءُ بيزار انـاءُ
تبو پُٽَرهِ وِچَ ۾ حُڪمُ ڪَندو راءُ
ڪُوڙيون ڳالِي ڪَنِ جي تَنِي لَهان ياءُ
يَعقُوبَ پُٽَرهِ وِيرَ تَهِ ڪِيا هيناها ڪِنـدَ
تَنِئُون رڪينِ مُون ڏَٺِي جَنِ ورِڪا پَندَ
............ اونا قَرؤَ ڪَنِ پَڙهياؤن سو (١)
"في صُحفَ ابراهيم اِنَ البُهتان الذنُب عظيم" تَہ ڪوڙ ڪندو (٢)
سَنِيهو جو سَجَڻا جَهِ ويرَ ڪَنِ پيو
سو ڳالهاءُ سَٽِي ڪريَ يعقوبَ ڪوڙُ ٽِيو
ڪُوڙا سَچا تُون ڏَٺِي ڇَڳتي سُجاڻِين
جي ڳُجهوءُ جي پَڌرءُ پاڻهي جاڻين
ڇَيائين ڳوهيارَ ڪي يعقوب نَبِي پاڻِ
ڳُوئان جي تون آوءُ تُو پُڇان هاڻِ
آءُ پَرڏيهي آهيان مِصرُ ماڳُ سَندومِ
يا رِضاعِي ڦوڙايو تِينِي جارُ ڪِيومِ

(١) اصل ائين.(٢) اصل ائين

اَچي بينو شامَ ۾ سو عَزيزُ سَندومِ
ڳڏوءِ بَگهياڙن کي خبرَ تَنِ کيومِ
يوسف مُون کي چَيو پاءِ پيچ تون چامَ
مِصَرَ سَندوَ شاهُ جو نيئو تَهِ وَرِيامَ
ڏِينهَ سَترهَ مُون ٿِيا کائِيي پِيئي تاءُ
جي سائِين پاجهَ ڪري تہ مُون ميڙي پاءُ
مون اَکِيَنئون پَسيو هوءُ اِنَ پرِ ڪلاموءِ
وِکُون پَري پاءُ ڏُونهُ تہ سو مَرِٽيا توءِ (٣)
اِيهَ ڳالهاءُ سُٽِي ڪري يعقوبَ رُنو اَتِ
آهُون اُوهُون ويرَتَهِ گهٽيون ڪِيائين تَتِ
پاجهاٽِي ڦوڙائِي تِي، بَگهياڙوءِ هيَ روءِ
طاقتَ مُنهنجي ڏِيلَ ۾ تہ پُرِ ڪيهي هوءِ
جو سو پرِينِ ڦوڙاءِ ڇوڏِهينءَ وَنڪَ
ڪاٽو هيون ڪيتَهين پَڳِي نيٽين نڪَ
يعقوبُ نَبِيُ تَهِ کي پُڇُنُ هوءِ پاڻِ
خبَرَ ڪا يُوسُفَ جي بگهياڙَ ڏِيهو هاڻِ
چَيائِين يعقوبَ کي آهي پُٽُر سَندوءِ
سَپاجهو پاجهَ ڪري پاٽِهي ميڙِندوءُ
ڪيتِي آهي پُٽُر مُون هِي جو پرِينَ سَندومِ

---

(٣) اصل مَرِيانوءِ

نيٽنُون نِڪُون ڪري جَهِ ڪي ......
جهورِيَ سَندو ڳَچُ مون اکِين سَندو نارُ
جَه سِين ڦوڙائِي تِي يَڳو رُوحُ قَرارُ.
ريپارو خُدائي جو خَبَر ڪاءِ نَه ڪري
تَه آءُ گهَٽو گهورو نَه سُلي ڪِيَ وَري
ڳَرَهڻُ ڳالهِيُون ڳُجِهؤُن عَيبُ مُنهنجِي چاتِ
جيجبايُون ڪَنِ جي تَنِ مَ ڪَر ڪِي تاتِ
جِيجان سي ڏُتِيا رَحَمتبائُسِ ڏار
مَرِهِين ڏوهَ، سَيِنِ ڪي سَباجها سَتارَ
سَباجها باجهَ ڪري مُون کي سَجَڻَ ميلِ
جَنهِ سِين ڦوڙائِي تِي هِنيڙو پيو خِليلِ
يعقوبَ جِيو بَڪِهياڙ ڪي ڳالِ نَه سُٽِي ڪاءِ
هاٽي جِي دُعا ڪَرِيان رَبُ تَه ميڙِيَ مُلاءِ
(١) بَڪِهياڙ جِيو يعقوبَ ڪي صَبُر سَگَرُ توڪُ
جزع گهُر مَ ايترو جيني لَڪي لوڪُ
نَبيَ جي دُعا ڪَرئِين ۽ مُون مڙِي يا
جَهِ سين ڦوڙائِي تِي هِنيَڙِي ۾ ........
سَباجهو باجَه ڪري، تو پُٽِ ميڙِي پُٽُر

(١) هن بعد حاشيه ۾ هيٺيون بيت لکيل:

هِيڙا ڪُمُ ڪَنِ جِين سوره سَبَر هو
ڳَرهه مَ ڳُجهو رو، پڌر پوءِ مَ پِرَ سين.

تون رُوندِهين جَنهِ کي نَبِي ٿيو جُهتَر (١)
وجهو تہ ايمانَ سين ڪلمي گهُرِ بَرتُر (٢)
يوسُفَ پِئي کُوهَ ۾ ڏِينهَ لَنگهيا بابت
تان تُجارُ اَچي ڪَري رَهئو اُو.....
وَڻجارو وَجَهِ گهَٽي اَچي رَهيو تت
يِوسفُ وِجهي کُوهَ ۾ پائُرَ وِيا جِت
مالِڪُ هُوءُ ناءُ تَہِ وَڏيرو تَجارُ
تَڏهِ هُوءُ تَہِ گَرِي وَجَہُ اَتِ اَپارُ
مالِڪُ اَچي جهوڪِئو کُوهَرا جُوئارِ
ڪَٽي مُڪائِين آبَ کي چاڪَر ٻَٽرِي چارَ
چَرَہُ کِياءُن هَتَ ۾ اُپا کُوهَر ڍارَ
ٻاهَرِ ڪَڍي گهوٽيو پَسندا مُنہُ پارَ
چاڪَرَ مڙيا چاهَ سِر مَنجهِ مُکاوُن ڏورَ
وَرت پُڄَتي .................... هُورَ
چَرَہُ سي ............ چاهَ ۾ وِڌائون واري
يوسفَ ڪٽي.......................... ڍاري
يوسفُ چَيو چِتَ ۾ پائُرَ اِيَہِ سَندامِ
جيڪي پشيمانِيا ناهَتَ مارِيندامِ
لَکي هُوئا نِيترا سَپِي ڏِيَہَ سَندامِ (٢)
هِيَ جا اَگِي لِکئِي وِيرَ سَبا اُمايامِ

(١) اصل ائين (٢) اصل ائين



Gul Hayat Institute

جَبَرئيلَ اَچي ڪَري وڻ چَيائين ايہُ
يوسفَ اُٿِي چَرَہُ ۾ رَبُ سَنيياري ويہُ
تَہِ پاراءُ ڪَنڌِي نِڪَري ڏيڪاريوءِ ڏيَہُ
ڦوڙائيندي پِرِيَ سين پَسَندُہ پِرڏيہُ
جَبَرئيلُ پَسِيِ ڪري سَرهو ٿِيو جُوانُ
اُٿِي وينو چَرَہُ ۾ لَذائِين فَرمانُ
چَرَہُ اُپاري اُڳئُون ڪري سَيِني ٿَرانُ
پَسِي نُورُ هَرِڪِيَا سائِين ڪَنِ واڪانُ
.......... مُهَنِ پَرِ چڏي وادِر هتاءُ
وِهي پُجِتي ويگَ ۾ جَبَرئيلَ مَتاءُ
جان ڪَر بِي باري اُڳاوُن پِڻ پاٽِي بِيهارَ
سارهِينِ سَچو ڏَٽي ڏِنائون مُنہُ پاَرَ
مَهدا وَڏيري وَبرَ تَہِ سَيين ڪِيو سلامُ
چَياوُن مالِڪَ ڪي بانهو پَسُ غُلامُ
آنداوُن گهوٽيو ڪَڍِيُ ڪُوہَ مَنجهاءُ
سُونهارو سَپِين پِرين سِروءُ جو نُوراءُ
مالِڪَ نَظَرَ جان ڪِيو اچي يوسُفَ ڪي
مُنہُ چوڏِهِينءَ چَندرُ جِيَ نُورُ جَهلڪا ڏي
سَيِني ڪوڏ ٿِيو پَسِي يوسُفَ وارو وارَ
ساراهينِ وَڏو ڏَٽِي جَہِ ڏِنَسِ سَينگارَ
مالِڪَ چَيو مون ٿِيو ٻانهي وَڏِي وَٿُ

سَڀُ اُثائُسِ گهوڙِيان جيڪي مالُ گَرَٿُ
يعقوبَ پُٽرَهِ پاڻَ ۾ سُٽي جو ڪِئو ٻَالهاءُ
جَر ۾ يوسف هَن پيئني ڏِيهِ ٻول.......
بر منجهہ اَبي يعقوب ڪي آئو پيسُ....
سَٻاجهو ٻاجَهہ ڪري ..... چيو ......
وِنُهون واڪا ويرَ تَهِ ڪِيا سَيِني تَتِ
ڪٽِي نِبيُون ڪَڏِي ڪري لَيِنديَ سَين جهتِ
ڇائي جِيرَو پِيءُ ٻَري موتِي وَجي هاڻِ
ٿِيينداسُون شُرمِندا گهَٽو وَڏِي پُونديَہُ ڪاڻِ
جا تِيهسَين پاڻ ۾ ٿِيا پَرياڻُ ڪَرِينِ
تان سُوداگَر۔ سلهُان گهوڙا پَلاٿِينِ
جِہ لاري تَہِ ويگَ ۾ وِيا تَنِ ڳُرِي
اِيندا هُوئا سامُهان ڏِٺائُنِ وَرِي
يوسفَ چَيو مالِڪَ کي مون ڪيٿهِين ڏِڪُ
مارِيندا مُون نِمُنو ڪوءِ ياٿِج مَ شَڪُ
وَٽجاري تَهِ ويرَ ....................
آٿَرَ ڏيٿِي ڏِڪِوءُ مَٿان نائي ڪير
سَيِنِي مالِڪَ سِين آچي ڪِيو ڪَلامُ
جان پيوءُ هُوءُ ڪُوهُ ۾ ڪَڏِيان ڪو غُلامُ
مالِڪَ چَيو تَنِ کي ڪِها ٻَنهو پارَ

Gul Hayat Institute

آسان ڪوءِ نہ ڪَيوءُ ڪِٽي نِيوءُ.......
پانهو اِيہُ اساهِجو سُڻ مالِڪَ ڪهو
جِين دَرَ اُتي آدَمي ڪوءِ نہ تَہِ جهو
آهي اِيہُ غلامُ سو اِهَڙين پارين
پيو هوءُ ڪُوہ ۾ ڏِنو پَؤهارين (١)
بِيَ نہ وجي ڪَڏهين تو ڳِرِ آهي ڪَرُ
هاڻي ڪَرِيهِس پَدَرو ڪوءِ ڪَريج مَ ڏَرُ
تو هِي سين سَتِ ڪِري آسين وِڪُٽداسِ
جي تون اِيہُ رَهايَئين پَسِي عيبَ سنداس
ڏمِريا مالِڪَ ڪي يعقوباڻي جِت
يوسفُ پَسِي اِيہَ پِرِ ڏُبَرَ لَڳو تِت
تَہِ وِيرَ پاسِ هيڪڙو وِءُ وَهي مَتِيسِ
سَڏُ ڪيو يوسف سِرِ وَڃِي هُئِي لَتِ هَتِيسِ
چي ڳالهاءِ سُٽِي مهُجو يوسفَ رَڏَ ڪَرِين
صَحِيءَ مَرَوءِ نِمُٽو جِين سو نہ پارِين
اُتو يُوسُفَ تَہِ ڪي آئُون بانهُو بانهِيَ جاءُ
ناٿو ڏيئي ڳِنَ مُون هاڻي هِنَ مُلاءُ
دِرِنجارِيائُون ياءُ ڪي ڪَري اِيَ وائي
جان نہ پرُوجهي بولِئو رِءَ يوسف سائي

---

(١) پَؤهارين = پنوهارين

چيائُون مالِڪَ کي ٻُجهي اِيءُ نِهارِ
جي ڳالِهين پاڻِ ڪري پاڻِهِي وِيچارِ
تَہِ ويرَ مالِڪَ پُڇيو مُٿي اَچي پاڻِ
آئُون ٻانهو آهيان رَبَ سَندي فرماڻِ
مالِڪَ چَيو وير تَہِ ڪِهو عَيبُ مَنجهيسِ
سُوُنهارو سَيِئن پرَين تا مُون آئُون ڏَرِيسِ
ٻانهو اِيءُ اَسانهِجو، نا تورُ آهي
پايَهوسِ لوءُ جو، وَجي سو لاهي
نَساءِ جين نِمُنو ٻانهو ٻانِهِيَ جاءِ
چوڙي ڏِيهُوءِ روڪَڙا هاڻي پاڻَ هَڙاءِ
ناهَتَ نيئي اِنَ کي وِڪڻنداسُون نِتُ
مالِڪَ اِيءُ رَهاءِ تون جي گهُرَئين چِتُ
ناڻو هاڻي ناهِ مُون مالِڪَ چَيو تَتِ
جان اُنَ نيينداءُ کي پيو ڳِنهيو کَہ يَتِ
پَراهِيان پَتَ سين آءُن ڏهَئِي جَڻا
تان جي هُوئا هَڙَ مُون تہ ڏِيان ڏَنَ گهَٽا
رُپيو پَتُ سونَ گهَٽو گهوڙا مالُ گَرَتُ
ناهَتَ ڳِنهَنَ اِنَ کي مُون آهي تتو رَتُ
يَعقُوبَ پُٽنَرِهِ پاڻَ ۾ پَڪائُون پَرِياڻُ
رُپِي پَتُ سونَ سين جي ڏِيءُ جُوانُ

Gul Hayat Institute

تہ پاڻِ جي چِتَ ۾ مَرڪائِيندو پاڻُ
ناڻو ڪَٽِي نِڪِرُون جيڪِي ڏي نِرواڻُ
ناڻو ڪَٽِي نِڪِرُون جي ٿوروئي توءِ
جي بابي پُڇِيَڻُ ٿِيَءُ آساهِجو ڪوءِ
تہ تَپِي وِيرَ اِهين پاراتو ڏيندوءِ
آسانهاءُ ڪو جِيَرو مُورِ نہ ڇَڏِيندوءِ
جي ٿورائِي هُونِ ڪي مالِڪَ ڏِيهُون دَرَمَ
آسان سَبِ پِرکِيا جي مَنجهيسِ ڪَرَمَ
آهِيرو مُنَہ ڪري نَظَر جِي ڪِيوءِ
تو پاڻَ جي چِتَ ۾ سَيَرُ جِيَ چَيوءِ
ونِيي بَرَرَہ نَدِيا پاڻاءَ ڏتا تَنِ (۱)
سوداگر سين ڪُوڙِيون اُيا ڳالِين ڪَنِ
تَہِ وير اُنَ غلامَ ڪي ڪَٿو پَرَهائيجِ
سَيُ پَرائي لوهَ ۾ اُتي اُٿَ وِجهيجِ
پا پَرائي لوهَ ۾ ڪَٿا ڏيئي هيٺِ
هِيان ڪِيائُون سُڪِيا ناڻو بَڌي ويٺِ (۲)
موڪِلائي نِڱيا پا پَرائي لوهِ (۳)

(۱)اصل ائين (۲) اصل بابرائي (۳) هن بعد هاشيه ۾ هيٺيان بيت لکيل آهن
جيڪو پَسي پاڻ تن ڪَرِ وڏائي ڪاءِ
اوڇاين اُن جو سائيَ سو سُهاءِ
رب توسي تبوه ڪري رَڪندس جَه وار
تهر لهندو ڪيترا ڪوڙين لک هزار.

سائِين سَندو سُپرِين پُڄتو رءَ ڏوهِ
مُون جهڙو غُلامر هُوءُ جي ڪر ڪَتيروءِ
اَڄُوڻي ڏِينه پاهِجو پَسَندهِ ڪوٺوءِ (٣)
تَجاري شروع ڪيو هلَڻَ سندو جِتِ
يعقوباڻي گهوٽِيو روئُڻ ڇُڙئيو تِتِ
ڇيائين مالِڪَ کي جي مُون موڪَلَ هوءِ
وڏيرا سَندامِ جي پُڇان تَنِي .........
وِيڻُ تَنِي سين هيڪَڙو آسان آهي ڪوءِ
ميڙو مُئي ڪِ جِيرِي پُوئِساءُ هوءِ
چَيائين يُوسُفَ کي مالِڪَ اُتي تَتِ
ڪُورَوءُ دي سَچو ڏَنِي خالقُ...... يَتِ (١)
يُوسُفُ هاڻي ڪِيَ ڪري پاسي وَجي تَنِ
هيهئُون ڳالِهين بُجِروءُ ...... وَجَنِ (٢)
چَيائين مالِڪَ کي اِني ڏوهُ مَ ڏِيهُ
قَلَمُ مَس بِقادِرَ ڪَڍِيءِ سَندو جَنهِ ڏِيهُ
سو پُڻِ تيهيائين ڪري جو جيهِينءَ لائِقُ
مَتي وَهي سَيڪهين سايَمِ ڪَرَهو ڏِکُ
موڪلائي نِڳِئو هلِئو مَڻِ پائُنِ
صِفَ ڏنائين سامُهي اُيا ڳالِين ڪَنِ

(٣) (ايضن (١) اصل ائين (٢) اصل ائين

جَهِ ويرَ اَچي رَسِئو اوڏو وِئو تنِ
آڳي مَرِهي مُون ڏَٺي سائين ڏوهَ سَيِنِ
"ماک رَحَمکُم اللهُ وَاِن لم يرحموني عَزَز كُمُ اللهُ و
اَن خَذَا التموُ ربُ
حفِظكُم الله وَاِن بِعتموني نَصَركُمُ الله و اِنُ لمّ تنصرني"
رَحمتَ خُداءِ جي آءِ آڳي مُکَ ڌُهوءِ
جي مون مِهرَ نِگَيا نہ کو پيلِيپوءِ
سَيُکو يُوسف کَريا ڏَٺي رکَيا منجهہ (١)
يوسفُ اِيهَ ڳالِ کري رُوئَڻِ هُئو تتِ
هُنِي ويرَ تَهِ پائُنِ.............. (٢)
چَيائُون يُوسفَ کي هاٿي کِيَ کَرِبُونهُ
توسين پُچِبو جي کِيُهُ تَنِي مارِهِ
پانَ پِيءُ سين کُوڙِبُون جي نہ کِيُون سين پوءِ
نہ موٽائي مالِکَ ڳرِ آوُن هُوندَ وِينوءِ
يوسُفُ اِيهُ ڳالِ سُڻي تَه ويرَ اُيو روءِ
ڦوڙائو پِريَنِ سين ڏَٺيَ مَ کِين هوءِ
جَنِي چَيو سَچَ سين کلمو پاکُ سَندوءِ
لا اِلٰه الا الله محمد رسول الله
موکلائي نِڳئو موٽي آوُ ماڳ

(١) اصل اٿين (٢) اصل اٿين

تَهِ کَرَ جاڻي مُون ڏَٺي ٿيندو جي وِهاڳ
پَرهاڻِ ڏيئي ڪَٺِيُون چَنگهُون لوَهِ پَري
يوُسُفُ اُٺ نِڪاروءُ تِتي، وڻجاري
سَنپارَ مُنه سَجَٽي وينو جَرُ هاري
خالِقَ پاڻُ پَرَنِئو ٻانهي ويچاري
...... سَپوئي رَسِئُو وَجي تَهِ جِيراڻِ (۱)
جِتِهِين يوسفَ ما نِيهَري چُئي پاڻِ
وَجي تائي نِگُوءُ ڳورَ ڏِنائين جِت
پاڻُ ورائي وِيرَ تَهِ کَٽِي وِڏائِين تِت
روئَڻَ لَڳو گهوٽيو ڳرَ لائي سا ڳورَ
مون سين پائين جين ڪِئو اَما پَسِين گهورَ
ڏُٺي ٻَکريَنِ ۾ سَيَنِي نِئُوسِ
پِهرو وِجهِي کُوهَ ۾ ٻُهُرِي وِڪِيئوسِ (۲)
هِنَ مُهجي ڏاڪَڙي خَبَرَ هَٿي ڪاءِ
مون سين پائين جين ڪِئو نہ جاٽي قُربَ ڪناءِ
آءُ...... پَسُ تون نِجي جو پَرَڏيهِ
پيرَ ۾ زَنجيرَ تَهِ ٻانهُون ٻَڌِئو ٻيهِ
منجهان ڳورَ سَڏُ ٿيو اِي مون اَکين نارَ
صَبرِ ڪَرِ مَٿي تَهِين جيڪي ڪئوءُ جَبارَ

---

(۱) اصل بابرائي (۲) اٿين

Gul Hayat Institute

سِگهيائِي سُهلِي ڪري پُٽر اُهلِي وارَ
پرڪي پريَنِ کي ڏيئي ڏُکَ اَپارَ
..... تِيهِين ڳورَ ڳري لَڳو جَرُ هاري
تان سِگهوئِي سارِوءُ وَڃي وَڻجاري
وِسَيِرَ وَري پِرڪِيو تان ئي جاڳڻُ ڪوءِ (١)
يوسفُ سُتو ڳورَ ڳري جان اَچي تا روءِ
تَهِ ويرَ اَچي پاپِئي مُنهَ مِ مُٺِ هوءِ
واري پُڇي وي اَڪَرَ مَتُ مَرَ ڪوءِ
جِين لَعنَتِي آيارِوءُ مُنهَ مِ مُٺِ هَٽِي
يوسُف تِتِ هَڪَ تِيئو پِئو هَٽَ ڪَٽِي
گهٽو رُنائِين ويرَ تَهِ اَڪِين اَپِ ڏَري
جَرُ هاري جالاروءُ پِئو نيڻَ . يَري
جَبرَئيلَ جَهتَ مِ اَچي سَڌُ ڪِيو
آنڌارو چَئِڌِهين تَهِ ويرَ سَپِ تِيو
واءُ وِڇِٽو ويرَ تَهِ وِڄون مِينهُ غُبارُ
وَڻجارا وانجا ڪِيا وڃه پَسِي ڪارُ
مِينهُ وِڇِٽو ويرَ تَهِ وڄون وِڏُرُ واءُ
ڪَڙَڪَڙُ تِيو يَواروءُ وَڻجارَنِ مَتاءُ
رُوئِڻَ لَڳا ويرُ تَهِ واڪو سَيِنِي واتِ

Gul Hayat Institute

(١) اصل جاڪرُ ڪوءِ

آنذارو گھورُ ٿيو ڪرِ ڏينهوءُ ڪي راتِ

ساٿَ وَڏيري ويرَ تَهِ تيني سڌُ ڪيوءُ

آساهِجي ساٿَ ڪي ڪيرُ ڏُواءُ ٿيوءُ

مالِڪُ جوءِ سَڌُ ڪيو ييرا بہ ٿري چارِ

جيني پِي ڏوهُ ڪيو پاڻُ آسان ڏيڪارِ

جِينهِي يُوسُفَ ڪي لَپُڙُ وِڏي تراڻِ (١)

آچِي مالِڪَ سامُهين ڳالِ ڪيائين پاڻِ

جو تو أٿ نِڪارِوءُ چَڱو لُوهِ بَري (٢)

سو مون لَپُڙُ سين هُوءُ وِوءُ لڏومِ وَري (٣)

ڳٽي چَيائِين چِتَ ۾ پِئو هَٿَ ڪَٽي

آنذارو چَبُوڏِهين تَهِ ويرَ ڪيو ڏٽي

مالِڪَ آچي ويرَ تَهِ بَڏِي أيو هَٿَ

رَسو پائي نَڙِيَ ۾ يوسفَ ڳَرِهِ سَٿَ

ڪيني لَپُڙَ هيڪَڙي توڪي ڏِني ڳارِ

تہ ڏه ييرا ڏيح مون نَظَر.........

يوسفَ چَيو ويرَ تَه روئِي ڳاتُر يَري

ويتَرِ وَڏيرَنِ سين دَعوِيٰ پيڙِسِ..........

لڪي سائِين سَنڌِي ڪمُون دعوي ڪاءِ

ڦوڙائو پَريَن سين سَيَہِ رَبَ سهاءِ

---

(١) اصل لَبُرودِي (٢) ۽ (٣) اصل ائين

جِيني ڏِنو ڏاڪڙو مون تنَ اِهوئي
هِنَ مُنهِجي حالَ جو ڪرَ - لاهُو سوئي
جَبرئيلُ جَهتَ ۾ آئو وَهِي آياءُ
جِين فرمائين گهوتِيا تہ سَڀِ ڪريان واءُ
جَنِي تو رَنجاڻيو يوسفَ مون ڪي آڪُ
جہ آئون هيڪِي مُهتَ ۾ ڪَرِيان سَڀِ هَلاڪُ
جَبرئيل چَيو پَسِي ڪري يوسفُ رُنو تَتِ
جي مارينده اِنِ ڪي اِيہَ نہ پِسَلِي پَتِ
جِيني ڏِنو ڏاڪڙو جاءِ سو پَسِي پاڻِ
نہ مُون ڪُجَهَ ناهِ ڪِي بَدُو ۾ فرماڻِ
اچِي جِين يوسفَ ڪي مالِڪَ ڪِئِي مِنَتَ
پاڻِ جي خالِقَ ڏُونهِ بَئِي ڪَيائين هَٿَ
دُعا ڪِيائين وِيرَ تَهِ پَسِي ريبارو
ٿِيوءُ ساهاهوءُ سَڀَ جَڻَ لَٿو آنذارو
مالِڪَ تَہ مِنهتَ ۾ لاٿو يوسفَ لوءُ
پَتوري پَرهايوءُ ڪِيو سَپاجهي توءُ
مُعجِزو يوسفَ جو ڏِنائون جَہِ وارَ
سَيِئي يوسفَ جا ٿِيا دوستارَ
يوسف اُٿ نِڪاروءُ پَتورا ڏيئي
نِڪَتا مِصرُ مَهٽي تَہِ وِيرَ سِپِيئي

يوسفُ وَنِي نِگّيا أُتي پَنڌِ تيا
مِصرَ ..... نَئہ (نَئِن) وَهي تنَتي آبرِيا (١)
تَہ وِيَر اَچِي اِهڙي مالِڪَ پيئي ........
...... جي يوسفَ جي سَنَدي سُونهن لِکَنِ
يوسف گهڙي وِهنجُ تون مالِڪَ چَيَءِ تنَتِ
.......... موريو آهيئي ڳِنُ مُهنجي مَتِ
لاه سَيِيئي گَندِيون يَوسفَ پانَ اُتاءِ
تان يي گهڙِي وِهنجُ تُونِ هاڻي هِنَ تَڙاءِ
سَيائي مالِڪَ جي جَسہ وِيرَ ڳالِ سوُاءِ
پوءِ نينَ کَجُولِ جِيئن رُوندي جَرِ پَرِياءِ (٢)
هاڻي لاهي گَندِيُون کَيَ وِهنجان هتِ
آئون بابي پَلِوءِ مُونِ پيءَ پيو چِتِ
يوسفُ لاهي کَپَڙا پاڻِيءَ مَنجهہ گهڙِيو
جَبَرئيلَ مَچِنِ کي اَچِي سَڏ کِيو
رَڙَ اُٿي بَحرَنِ ۾ مَڙِيا مَيَچ سَٽِيہُ
پاڻِيءَ گهڙِيو گهوٽِيو مَتَان رنجاٽِيہُ
اَچِي مَچي هيکَڙِيي وِيرِي اُپِي پانُ
سُونهاري يوسفَ کي مَرَ کا کري تَرانُ
تَہ ماهِي کي مون ڏَتِيَ بہ فَرزَندَ ڏِناءِ

(١) اصل اٿين (٢) پوءِ = پَٺِي

جِين آچي يوسفَ كي اِيهَ حُرمَت كِياءِ
ٻنوءُ ماهِيَ هيڪڙِيَ اِيهَ ڏِنائِيس ڏاتِ
مُندِري سُليمانَ جي تَهِ وِڌائين واتِ
ٽَنڍِي ماهِيَ ٻِيَ کي اِيهَ ڏِنائين وَري
يُونُسُ نَبي پيٽِ تَهِ رکيو توهُ ڪري
مُعجِزو يوسفَ جو سَچو اِيهُ سُچَنگُ
ڏِنو تان نہ تَهِ جو ڪَهين اُگهاڙو انگُ
يوسفُ تاءُ نِڪارِوءُ اُتبي اُتَ ڏري
مِصرَ مَٿِ پَلاٽيوءُ سَنبَهِي وَڻجاري
وَهِي آگِ ۾ ماڙُوئين چارايائُون چامُ
ڳِنهِيو آچي پانَ سين مالِڪُ ڪوءِ غلامُ
سُونهارو سَپِين پَرين سوداگَرسين اِيَهُ
آچي اُتَ اُتي ٿِيو ۽ جيني ...............
مِصرَ سَندو شاهُ جو تَهِ نالو رَيّانُ
اِيهُ ڳالهاءُ سُڻِي ڪري ڏِنائِين فَرمانُ
چوڏَنهَ سَهسَ ڪُوئارِيا مون ڪارِيهُ سَلامَ
ميڙايَهُ مُهتَ ۾ وِيهَ هزارَ :............
صُورَتُون سُونهارِيُون سِگها ٿِي ميڙِيهُ
پَتُوري پَرَهائي سونَ سَپِيني ڏِيهُ
ٻِنهِي پارين واتَ مُنهِ صِفُون سَپِ ڪَرِيهُ

سوداگرَ سيـن گھوڙيو تـہِ پـَر آٿـيـہُ
بـِهَنـدو يَـرَ كـري مَـالـِكُ جَـہِ دَراءُ
نـِهـو سـَيـيـئي ماڳِ تـنـہِ وَڏيـرَنِ وياءُ
كوٺي كُواري بَـكَرِي سَـپِ سـُوارَ كَرِيـہُ (١).
سُڄي لاكـِيـٽو غُـلامُ جو ٿَهين مُقابِلُ نِيـہُ
اُيا سَـپِ سـُوارَ ٿـي تـہِ دَرَ آري پـارِ
پِنهي پـاريـن واتَ مُنہ ٽِريہَ سَهَسَ چارِ
جَہِ ويـرَ اَچي نِگـتوءُ مَـالِـكُ تـہِ دَراءُ
مِڙيا هُوئا ماڳِ تہِ پَـسـَڻ يَعـقوبَ جاءُ
وِڏُرُ هـوءُ ويـرَ تہِ كـنـكرُ كـارو آيِ
پَسَڻَ يعقوبَ جاءُ كي ماڙُهو مِـڙيا سـَپِ
اَچِي تـان ئِي نِگـتوءُ ڄِـنـتي مِـڙِيا مـوكَ
پَسـَڻَ يَعـقوبَ جاءُ كـي سيكَ سَتراٽي لوكَ
كوٺ كُواري وِيرَ تـہ نـيـا كـَن سـَلامُ
ڇَيـائـون مالِـكَ كـي اَسـان آڄُ غُـلامُ
مالِكَ اِيہُ غُلامُ تـون اسان كـي ڏيـكارِ
ماڙُهو سـَيـيـئي وَرِي جِيـنـِـي وِڏا جـارِ
اِيـنـدو هـوءُ اُٿَ سِرِ پِٽالـكِيَ مِ پاڻِ
يوسفَ مُنہُ ڏيكارِ تون رَبَ سَنـدي فَـرمـاڻ

(١) كواري بكري = كنواريون ڇوكريون

Gul Hayat Institute

يوسفَ لاٿو ويرَ تہِ پرِدو پاڻَ مُهاءُ
نُورُ نِڪتو نِمُنو سندِي تہِ تَناءُ
ويئي سارَ سيڪَهِين پِسِي يعقوبَ چاءُ
ڪوتَ ڪُنوارِي ڪيتَرا وِيا هـَـٿ وَهاءُ
صُورتَ پِسِي صَيفِيا سيِي وَهِ وِيا
ڏِنائُون مُنهُ چاندبَرٽو آهِلي پِيا
ڪوتَ چَئُي ٿرِي هَرَنِ هَڪَتِوءُ هَتَ (١)
چوڏهَ سَهسَ ڪُنوارِيا آئِي تَنِ سُنَتَ
پِٽيوءِ ٿي پاڻِ ڪيَ پَرهَڻَ جَنِ ڪيا
مِصرڙا مُڪا ڏُٺِي ڦِڪا سَبِ ٿيا
ڪي چَرِيا ڪي سُورِيا ڪي ماڳِهين مُوئا
پَسَڻ مُنه يوسفَ جي ڪي ڪارِينِ دُعا
مِصرُ مِڙِي آيو يُوسفُ پَسَڻ ڪاڻَ
مالِڪُ چوءِ ڏيڪاريان جي مون ڏهو ڏاڻَ
وِڌو هَٺُ سيڪَهِين تہِ ويرَ ڪي دِينارَ
ٿِيا پِهري ڏِينهَ ۾ سَتَ سَهسَ هزار
ڏه ڏِينهَ تِهين آيا ڳَنهِوءُ هَتِ ناٽو
سوداگرُ سَرهو ٿِيو پَسِي مالُ گَهٽو
ريبارو مالِڪَ ڳَري مُڪو مِصرَاءَ

(١) اصل ائين

مون سين هِنَ غُلامَ جي سَتِ نہ ڪَرِين ڪاءِ
مالِڪَ چَيو تَنہِ کي سَيوئي مُون هَٿِ
آؤُن اِيہَ نہ وِيچِيان توڙي گهَٽِي گَرَٿِ
آؤُن ايہُ نہ وِيچِيان توڙي رُسي راءُ
تَنُ پاڻِ جو گهوريان آئُون اِن اُتاءُ
رِيپارو مالِڪَ ڳِبَرِي پُٽِ مُڪُو رَيانَ
جي تون اِيہُ وِيچِيِين تُوءِ نہ ٻِئُو تَراڻَ
مالِڪَ پَسِي اِيہَ پَرِ دِرجِي چَيو تَتِ
ٿَراڻِ نہ ٻِئُو نِمُٽو اِيہَ نہ يَلِي يَتِ
مالِڪَ چَيو مِيرَ ڏُونہُ مُلِ مَ ڪاريهِنسِ
ٿَرَاڻُ ڪَرِيندُهِ ڪيترو هِيئَين ڳِنهِينسِ
وِيچِندس نہ ڪڏهين آئُون اِنَ اُتاءُ
قُوڙائِيندي اِنَ سين ٿُرٽِري هِنيَڙو ٻاءُ (١)
وَزِيري وِيرَ تَنہِ ڪافَرَ ڪِئو سَلامُ
وَٽِجاري ٿَراڻُ ڪِيو ڳِنهِي کي غُلامُ
Gul Hayat Institute
چي ڪيهِي تَراڻُ ڪَرِين ؟ تون ڳِنهِي ايہُ
ظُلمُ تُهجو پَڌَرو سَڀُ سُڻِيندو ڏِيہُ
ڪُوءِ نہ اِيندو ڪَڏهِين ماڙُهو تو مَٽِي
وَٽِجارا وِيندا يَئِي ڳالِي ايہُ ڳَٽِي

---

(١) اصل ائين

جي نيئي بازارِ ۾ رِتائِجي پوءِ
وڏيري رَيانَ رءَ پيو نہ ڳِنهي سروءِ
يوسفَ مِصرَ هَٽَ ۾ نِيو نِينه آلَکَ
ڳِنَهڻَ هارا جي ٿيا ماڙهُو مڙيا چَہ لَکَ
اَچي اُيا ساٿِيا کِيسا پِرَي دَرَمَنِ (١)
يوسفُ کُرسِيءَ چاڙهوءِ مڙيا مانَ پِسَنِ
مُنِيدِي مَنجِهہ ڦِرِي، اُيا سَپِ سٿِيہُ (٢)
سُونهارو سَپِين پرين آءِ کُوريو ايہُ (٣)
سَيُکوءِ ڳِنهي اِنَ کي اَچي مُل کَريہُ
لَهي جي اُکَنِيُون سَڄي پاسَ پَرِيہُ (٤)
ڏِسي پاٺِي پَدَرو جِين چوڏِهيَ چَندُر
آئون پاڻِ سَڄُ چَوان نہ جادُوي نہ مَندُر
يوسفَ پَلءِ پُڄيئِي تَہِ کي چَيو اِيءُ
آئُون وِيڻ چَوانءِ جو بانهو بانِهي جاءُ
جيڪو ڳِنهي اِنَ کي جو بانهو بانهي جاءُ
مالِکَ آندو بِجهِي کري پاٺِي پَرَ ڏِيهاءُ
عيبُ نَہ پِسان مَنجِهہ تو اُيو جوءِ نَصيبُ
کوءِ کُلهَنَ ناہِ تو جائو جان غَرِيبُ
مُون توهي پاڻُ پَرَنِيئُو سَچا رَبَ ڏَٽِيامِ

Gul Hayat Institute

---

(١) اصل: خِيصا پِري (٢) منيدي= منادي (٣) اصل ائين(٤) اصل سچي باس بَرِيہُ

جِيَ بابي خَطا ٿِئي پائين ڏکَ ڏِنامِ
............. وِير ته ............... وِڪِٽيوسِ
اَڄُ نہ جاٿا مون ڏِٺي ڪُجاڙو لَهَندوسِ
مون سِين پاڻ پُري ٿيو ڳري مَنجِهي مَنَ
لَکين سَئِين اُکتَيِون رُبي پَٽَ پسَئِوءَ
ڏَهَ ڏَهَ پيرا سونَ سِين يوسُفُ تُروءُ جَتِ
سَهيسن آيا ساتِيا ڪوءِ نہ اُپيو تَتِ
وَجي خَبَر عَزِيزَ کي ڏناؤن جَهِ وارَ
ڪوٺائِي مالڪَ کِي ڏِنئِين لَکَ هزارَ
پُڻِ ڏِنَئِين مالِڪَ کي مِصرَ سَنَدِي ڏِلَ
تو ايندي اَڄُئاءُ پوءِ ڪَندو ڪوءِ نہ جَهلَ
يوُسُفُ آٿائي ڳري ڏِنائين رَيّانَ
مُنهُ پَسِي يوسُفَ جو سَڀِ ٿِيا حيران
خَزِينا خالِي پَسِي دِرنو مِصرَ راءُ
مُعجزي يُوسُفَ جي پُرِ ٿِيا پاٿاءُ
وَجو تہ اِيمانَ سِين ڪَلِمو چَيو مُهاءُ
لا اِله الا الله محمد رسول الله
يوسَف جَهلي بادِشاهَ ڏِنائِين کي جوءِ
آسان وِياءُ ناهِ ڪِي پسُتُر پَلو ٿيوءِ
هِيءُ رکِجِ اَدَبَ سِين پاٿهي سو ڏکندوءِ



Gul Hayat Institute

گهوٽ ۾ - ٽِريهين لَکَٽي سِگهو ميٽِيندوءِ
ڏيهين ٿوري ڪِ گهَٽي اَٽَڻِ اَچِيندوءِ
پَڇِي ڪري ٻِيَنِ جِيَءَ نَسِي نہ وِيندوءِ
ميڙهِي پاڻَ موٽِئو نَظَرُ وِڏو جوءِ
تِت چِيائين چِتَ ۾ هِيءُ نہ ماڻُهو هوءِ
ماڻِڪُ اَيَنسِئُون اُلَهِي آئو آهي ڪوءِ
جي دَرَ اُتي آدَمِي سَيِنِي سرُ ٻُهوءِ
مُنهُ پَسِي يوسفَ جو راڻِيَ سين ويئي
صُورَتَ پَسِي صَيفِئِي اَهلِي پيئي
سُنِي سُهٽي لارَ ۾ اِيہُ ڏٺائين مَنڊُر
اَچِي پِئوءُ هَنجَ ۾ تارنِ ۾ جِين چَنڊُر
موٽِئوءِ ٻُجهارِينَ پُڇِي تَنِ ڳراءُ
تو پرَٽِيندو ڪَڏهِين ..... تون ڳرِراءُ
............ اشارُتَ ۾ سندوسونَ بسَروتَ
واجِهيندي وِرِهنِ ......................
پِرين ڏِسندو ڪَڏِهين ويٺي واچي لِيہ
اَکِهين يوسفَ کي عاشِقَ هُئي اِيہَ
يوسفَ لاءِ سرِ جوءُ سُونهارِيَ صورَتَ
پاڻِ زَلِيخا کي تَهِين ........ بَدَلُ هَٿَ
آئِي آچي گهوٽِئي ڪَري زَلِيخا دابُ

ڪوڏِ ڪُوارِي لاءِ يوسف ..................
تَنُ سِينگاري نِمُنو پُڇيُ ڪوڏِ ڪُوارِ
اُتاهون ڳاتُر ڪَٽيِ نَظرِ ..............
تو مُنهُ پَسِي گهوٽِيا مُون تَنَ لڳي آرِ
سُورُ مُهُجي ڏِيلَ ۾ ڏِنو جَهِين جارِ
سو سَئين ويچِين نہ لَهي ڏُکَندو ڏُوارِ
جَنيِ ڏِنو تَنِ رِءُ تَا نہ پُسوندو پارِ
ڏِينهَ رُلَندي ڪيتَرا سُٺِ جي ڳُذَرِيامِ
واجهِينديِ ڪي سَجَٽَين تا ڏَهَ وَرِهِ ٿِيامِ
مُون تو ڪارَڻِ مَجِيِيا اُورِ دَرا ۾ بُکَ (١)
سائين جاٽيِ تَہ ڪَر مون تَنَ ۾ جي ڏُکَ
دائِيِ هُئِي ...... تَڏِهِي ڪان زَلِيخا بار
ڏُبِرِيِ ڏِسِي ڏِيلَ ۾ تو ڪِي ڪِيرَ ڪُوارِ
ڏِيلُ تُهُجو ڏُبِرو راٽي پَسان هاڻِ
جِيڪا هَتَيِي چِتَ ۾ ڪَر پِڌِرِي پاڻِ
آئُون توکي سَلُئان دائِي سو سُٽِيج
سورُ مُهُجي ڏِيلَ ۾ دارُو ڪوءِ ڪَرِيج
ڳالِ مُهجي پِڌِري مَتان ڪَرِين ڪاءِ
آئُون سو پِرِين سارِئِي مون سين نہ ڳالهاءِ

---

(١) اصل ائين

دائـــي سُئو وِيـرَ تـَهِ دارو ايـــهُ سَنـدوءِ
مَرَكِي كَرِيان ڳالِ سا جِيـن نہ بـُجَهِيءِ كوءِ
پـــا .................. قَصر كـــوڏِ آڏاءِ
ماڻِكـيـــن ۽ موتِئـيـن تـَهِ ۾ تخــتُ جَڙاءِ
............ ۽ موتــِئـيـــن اَنجهُ مـــَڙهـــاءِ
تـَهِ ۾ ويـهـي گهوٽـِيـو جُـه تــوسـيـن ...
آجا نَنــديو گــهـــوتـِيـــو توسِين لَجَ كــري
ڳالهائِيهسِ پـاڻَ سين ماڙِيَ مـَنـجـهِ ڏري
قـَصر كـــوڏِ آڏايو راتـــِي گـهَٽـِي گـَـرَتِ
پَسَڻَ مُنـــهُ پرِيَنِ كـي سَنَـدي اَنـگَ ارَتَ
ماڙِيَ ۾ جوڙَ كـري چَڙِهيا گهوٽُ كــوارِ
صـُـورتُـون راسِ كري لِـڏيُـون لِكـَڻِ هـــارِ
بِنهِي مَٿي مـَنـدِيـــا سِرِ سونـــا چَٿـــرَ
رِيسَ نہ كِجي تـَنِ سيـــن جَنِي سان نـَكَٽر
پرِيان سَنَدِي ديهَـڙِي تـِئِـي اُكـَنـدَنَ وَتـــرَ
سِپِئي ساجَ كـِيا جيكـي مـَنجهِ جَڳـتـــرَ
وِيٺي پاڻِ كَٽَ چَڙهي مُنـدَ بَنـگـاري بــاڻُ
جَنـه كـارَڻِ ساجُ كِيڙو كوٺـِيـو سو جُوانُ
يوسفُ آچِـي رَسـيِـوءُ جَـهِ ويـرَ قـَصـَرَ پـارَ
سَتَ دَرازا هـــُئـا جي پـَـدَرا ....... بازارِ

مُون پاسي ڪَٽَ چَڙهِي يوسفُ اَچي ويہُ
تو ڪارَڻِ جوڙَ ڪئي ڏيکارِبوءِ سو ڏيہُ
يوسفُ اَچي ڪِيہَ ۾ ويٺو مَنجِي هيٺِ
ڪَنڌُ اُتا نہ ڪَريِنَ ڏُروهي مُوءَ نہ ........
يُوسفَ سُونهاروءِ مُنہُ سائين چاڙهي سَچُ
سو نہ اُجهامي ڪَڏهِين جو تو لايو مَچُ
جَنسِي رَبُ نہ مَچِيو پاڙا لڳا ڪُوڙِ
پهرائي جي گورَ ۾ مَنہَ لَٿبو ڏُوڙِ
يوسفَ اَکِين چڳيون تو سِر ڏِنيون راءَ
جينهين سَرهي ٿِيان ڳالِ نہ ڪرين ڪاءَ
نَجاڻِي تُون نِسِيءِ ڇَئي وِنڪا وِيڻَ
پِهرائي جي گورَ ۾ نِتُ سَڙندا نيڻَ
توکي ڏنا مُون ڏٽيَ يوسفَ وَڏا وارَ
سونهارا سِيبِئي پَرِين..............
............ ڪَڏهِين تہ ڪَنِ منهجي سارَ
جو ڏنءُ لڳو ڏِيلَ ۾ ويتر عشقُ آزارَ
آئونُ راڻِي سَچُ چوان تُون سڻُ سو ڳالهاءُ
وارَق وَجَندا اُلڙِي گورَ مُوءَ ڏي تاءُ
جَنہِ ويرَ ماڙهو گورَ ۾ اُلوهِبو نيئِي

پاٹو آٹِيَ آگِرا ويندا سَيِيئي
راٹِي جو جو آگِرو وِيٺِي ساراهي
تَنهِ پَرِ تَرُ سامُهون يوسفُ ويٺو ڏي
يوسف آئُون جُوءِ تو، تُون مُون ٿِيُ يارُ
تو مُنهُ پَسِي گهوٽِيا پيَگو تَنَ قرارُ
يوسفَ هاٽِي هِتِ ٿِي مُون سين لِڪوءِ پارِ
قَصرُ ڪوڏِ اَڏايون پيري ڪَنڌُ نهارِ
جيڪي آه قرآنَ ۾ رَبُ رکَيِءِ تاءُ
تُون ڳَلِ آٽي پاڻِ جي مُون گهوٽِيو وِياءُ
...............سين اِها ڪَمَ ڪِجَنِ
پَسِوءِ ڏوهَ ڪَرِينِ جي رَبُ نہ مڙي تَنِ
بُتُ...... مَنجها گهَرِ آٽي ڏَرِيائين
تَنهِ ڪي مَٿون گهورئي يوسفُ گهُرِيائين
پَلَئيُ ڏيئي ڍَڪِيوءُ تِتِ زَليخا ڏيوءُ (١)
جِين عاشِقُ معشوقَ سين ڪالِين لَڪا پيوءُ
اَندَرِ مَنجهه موريوءِ جو سَبلِءُ راٽِي هاڻِ
تو مُون پَسِي ڍَڪِيو پَلوءُ ڏيئي پاڻِ
يوسفَ اِيهُ اسانهجو وَڏيرو آهي

---

(١) ڏيوءُ = ڏيرِ ، ديوتا جو بُت

Gul Hayat Institute

مُون تو پـَسـِيِ ڍَکِيـو پـَلوءُ تـي پـائـي
آئُون اوڙِکـان اِنَ کـي رويـو ڏيـنـهـا راتِ
تـَنُ سِيـنـگاري تو گُهران، مـُون تـَنَ پـِئي نہ تـاتَ
اِنَ پـَسـندي گهـوتـِيـا تـان مُون ٿِئي شـرمُ
مقـتـان پـَسـِي پـَدرو اسـانـهـِجـو کـَمُ
......................لَڄَ تـيـاءُ
هِي جو پَسيِ ۽ سُٺِي تـا مـون تـهـِ ۾ ......
...................... پـانِ جـي لـَبَ
تـان تـَنـهِ مـُور نہ مَچِيـان ڍَراءِ ڍِڄِ نہ رَبَ
قـَصــرُ کـوڙِ آڏايـو عـاقـِلاءُ عـاشـِقَ
سِـرِيَ سـُهِندِي سِيڻَ کي لـوکَ وچـان ئي لِکَ
جَرُ اَچو جـالاروءُ تـائـيـن وِجـهـي تـبِـکَ
آبُ نہ پِيـوءُ اچهِـئـي، پـنـُي ڍِرجـي خـالِـقَ
اَيَنِئُون اوران لَهـي، مُـنـهَ پـاتـا مـلـکَنِ
سيڻَ سُهِندا گڏِيـا کـنـهِ پَرِ ڳالِـيـن کـنِ
سـي گـهـرِ آيـا سُـپـريـن هيجي روُحَ رُچَـنِ
تَنُ تَني کـي تـاسِـوءُ تـان جـي ڳـري لـَڳنِ
مَرهي تَنِي کي مُون ڏَٺـي کـلـمـون چَيـو جَـنِ

لا الـه اِلاالله مُحمد رسول الله

Gul Hayat Institute

هيٺ اُلٽِي هَنجَ يَرِ پرَهَٽُ ڏارِ ڏَري
پاتائين پِرِيَنِ کي پانهون پِيُون ڳري (۱)
سينگاريوءُ سَپِين پرين جو مون قَصرُ ڪوڏِ
نَظرِ سنئين نِهارِ تون هاڻي......مرَ لوڏِ
مون ڳرِ اَچِي گهوٽيا جائِي ڪِي بيٺوهِ
ڪِنِ ڪا اَعرابِي تائِي ڪِي بِيٺوهِ (۲)
ڪارَهَ وَرِهَ تا ساروءُ تَنُ تُهنجِي دَسِ
اَڄُ پِيَندو پاڻَ لءِ ڪري تُنُهنجي وَسِ (۳)
ماڙِيَ مَنجِهه چوڏِهِي نَظرَ ڪري نِهارِ
صورتُون سُونهارِيون پَسين ڪَنَهِ آچارِ
ڪَنڌُ وَرائي ويرَ تَنِهِ نَظَرَ مُڪائِين
پاڻُ زَليخا پاسي چَڙهِيءَ ڏِٺائين
جَڙيا پَسِي پاڻَ ۾ بِنهي سَندا ڏِيلَ
لِکٿاري لِکيا سَندي نِيهِ جَلِيلَ
خَبرَ ڏِني مُصطفيٰ اَچِي ريبارِي
شَهوة آئِي اَنگَ ۾ يوسفَ سُونهاري
........ بِيوءُ لَشڪرين مقابِلو ٿِيو
تَه ويرَ بِنهي پاڻَ ۾ مُنهِ مَتِي ڪيو

Gul Hayat Institute

(۱) اصل ائين (۲) اصل ائين (۳) اصل ائين

.......... داوءُ پـانَ ۾ ـ بـِنِهـي يـَلـيَ يـَتِ
صَبِرِ جُـڙوءُ سـَـڄـٽـِينَ عـشـقَ اُلـَهـيـو تـَتِ
مُنهُ پَسـڻَ پـِريـنِ کي يوسفُ ڪـئِـي اُڪـيـرَ
تان تـو رهـي رَسـَـئِـي سـائـيـنءَ سـَـنـدِي ڏِيــرَ
ڳنڍيون سُـٺِ سـنـديـون جـان ڇُـڳـرَ چـوڙي
تان بيءُ پـَسـِي سـامـُـهون اُبـِـيـتـو جـوڙي
پُٽَر مُهنجا سُـپـِريـن ڪـَرِيـئـَيـن جِـمَ وِٺـاهُ
سي مُنجَندا مَـگـريـن هِـي جـي ڪـَنِ زِنـاهُ
پِياٽو مُنهُ سامـُـهون ڏِنـائـيـن جـَـنـِـهِ ويـرَ
يوسفَ پَسي ايِهَ پـَرِ ڪـِيـا پـَر اهـان پـيـرَ
۽ پُـٺِ ڪـَتـيـبـَنِ ۾ ايـِــهِ ڏِنـائـون يـَتِ
قَبَر ۾ هُوءُ گهـوتـِيـو ڪـو نـَـنـديـرو تـَـتِ
سَتِينِ مـاهـيـن ڳـايُـرُو پـيـنـگهي لـُڏي بـارَ
پـُـڇائـيـيـن يـوسـفَ ڪـي ايـدوُئـي ڪيمارُ
..........ڪـَرِيـنِ جي رَبُ نـہ مـَـرَهـي تَنِ
ڇيـائـيـن يـوسـفَ ڪي نَبِـي زِنيُ نـہ ڪـَنِ
يڳو تاءُ سـَڏُ سـُٽـِي تـيـتِ مـوتـائـي پـانُ
سَتَ درازا هـُوئـا جـي ڇُريـو تـَنِ جُـوانُ
جِـيـن يـوسـفُ گهـُريوءُ رَبَ پَساءُ ڳـري

Gul Hayat Institute

تہ شيطانَ وِيئڙو ماڙِيَ مَنجھہ ڏَري
ناهَتَ بِنهِي جُنبيءِ شهوَةَ ڏِيلَ مَنجهاءُ
پانهجو توهُ ڪَري رَبَ رڪنوءُ تاءُ
جان چُڳَرَ ڍِرو رڪِئي راٿِي تَنِه ماڳاءُ
تان پِڳو خالِقَ يَيءِ يعقوبَ نَبِيَ جاءُ
هي جي سائين سُپرين هُئُو تَنِ منجهاءُ
”انِه مَن عِبادة المُخلصِينَ“ سَڻُ سَچو ڳالاءُ
........ اَجُرا سيگهہ ۾ ربَ سندي فرمان
جي دَرِ آيوءُ سَتيءَ يوسف لنگهٽو پانِ
سوءُ اَڪَندوءُ .......... خالِقَ ڪِيو خلاصُ
پَڄِي باهَرِ نِڳوءُ سائين سَڌوءُ خاصُ
..................... هلِي هَٿُ وِڌو
پڻ پُٺيَ لَڳِيِ آڳَرِي پيراهَنُ ڦاٽو
پَيراهَنُ ڦاڙي ڪَري چُڳَرَ پِري ڪُوئارِ
تان عَزيزَ سَڌُ ڪِيو اَچِي قَصَرَ پارِ
تِت عزيزُ پَسِي ڪَري مَڪَرُ اِيِه ڪِياءِ
روڙُون ڏيئي ڏِيلَ ۾ مُنهُ هَنجهين پَرياءِ
ڪُڙهِ ۾ آٽِي گهوٽيو تو جو ڪِيو وِياءُ
پيهي آيوءُ مون ڳَري وِجهي هَٿِنياءُ

Gul Hayat Institute

ڳالهين ڪري ڇڳيون پسي منهجو داب
جيڪي پا جي بندَ ۾ ناهتَ نتُ عذابُ
يوسفُ آڻائي ڳري ڇنيو مصرَ راءِ
آپاهتي گهوڙيا مون سين ڇا ڪياءِ
وهارئه وياءُ ڪري گهٽي نپايه سڪَ
سُڄَه ويڻ سنداءِ جي سبي مون لائقَ
يوسفَ ڇيو ويرَ ته اُپيهي سردارَ
آئون ڇڳو نه ڇوءُ مون تنُ ڏوهاءُ دارَ
....... پڇئي ڏيلُ سيائي وارَ
سائين سڀاجهو ڏٺي مرهي ڏوهَ آپار
اسانهجو قضيو چاٽي هيڪ الهُ
آهي بنهي وچ اسان صحيُ گواهُ
ٿئو ماڙيءَ منجهه سو ته ويرَ تت نياءُ
ڪٽي آنداؤن گهوڙيو ڪهين وزيراءُ
قصو سڀي سڄوءَ جي تو ناءِ سڄڻ
ستين ماهين ڳاپرو ...............
.........ڪو ٿئي ربَ سندي فرمانِ
لذو ڪتابنِ ۾ ......جو گهوڙيو جي .......
پيزاهڻ يوسفَ جو آٽي سو نهاربهُ

جي ڦاٽو مَهند سَيڪِهَين يوسف........

ڳالِهِ پَسِي سَچِيُون جي ڪُوڌَڪ ڪِيُون

پُٽِي پَنجي آگُرِيِن ته پِدَر ٿيون

تت زَليخا پُجِهوءِ يوسف ٿِيو آڌوءُ

سَيِني پَسي پِدَروءِ هاڻي مُهجو ڏوهُ

وڏو مَڪَرُ آهِ جو جوئِين هِنَ جُڳانِ

"قالَ اِنهُ من كيد كُن اِن كيد كُن عظيم"

آئُن يوسفَ تو چَوان تان تون پاڻُ پليج

راڻِي توکي جَهليان تون دِرجي پانُ رکيجُ

ٻِي جا ٻِنهِي پاڻَ ۾ ڳُجهي ڳالِ ڪِئي

خبرَ ٿي مِصرَ ۾ جوءِ سندي جاتِ

طعنا ڏنا جيڏيهن وِهاڻيءَ پرياتِ

مِصرَ ۾ جو گهوٽيو آيوءِ پَرڏيهاءُ

سو راڻِيَ عزيز گهرِ نيئي ڪِيو وِياءُ

....... زليخا سين تَهين وبترَ سَيَ جَڙاءُ

تيني سين لَئي پِئي ويئي هَنَدَ وَهاءِ

قَصرُ ڪوتِ آڏايولَئِ راڻِيَ ڪيٽاسِ

راتي ڏيهان ۾ تَهين سا واڳي سيٽاسِ

بيِنِي......چِٺَر ڪري اَکين لائي گامُ

جَنهِ سين رَتيِ رَءِ پَئِي .سُجي ٻيو غلامُ
جوءِ مَڪرُ جو ڪِيو جَنهِ وِنرُ سَپُ سُوئاءِ
پاهجا مَاڙهُو مُئي خَبَرَ تَنِ ڪِياءِ
........مِڙِي مون گهرِ اَچُ اَچيهُ
مُون گهرَ ۾ جو گهوٽيو اَچِي پَسو ايهُ
.........راڻيَ تَهِ مان سَڀَئيءِ مِرادون مَنِ
اَچي دُعا ڪَرِيهُ ڪا ٿئي مون سَبَبِنِ
.......سُپرين هُو تَندوءُ ..... ڪيٿانِ
ڏڪَ سپيئي پاڻِ جا ڳرهِينديِ سيٿانِ
........... سيگهہ ۾ رب سندي فرمان
جي دَرِ آئو سڀ تئِي اُنائُون آيو پرين پاڻِ
ٿيوءُ ارتو تَن ڪي اکِين جي ڪِيو
پَسي قَصرَ مَاڙيُون ...............
سونَ رُپي سِينگاريو پِرَهنُ پَٿورا
سپيئي ساجَ ڪِيا ڪوڏِين يعقوب حباءُ (١)
تِنَهِين جي جاڳهُون گهاريُون ڪي تَنِ
اَچي سَپِ اُلَٽيُون پُنَسرَ مُنهُ پِرِينِ

(١) جا = جاءُ = جايو پُٽ



Gul Hayat Institute

پَتو پَتين ميوا مُڪاءِ تَنِ مَرَي (١).
سونا ۽ روپا آنا طَسَ پَرَي
آما لِيما ڏاڙُهون بجورا نارِنگَ
سَئين سَهستين آيون پَسَڻَ سيڻَ سُچَنگَ
سيني ڪي ڪاتيُون آٿائي ڏَرِياءِ
سونا ڳَنَ ڳَزي تَني هَٿِ ڏِناءِ
بِيرَنُ جاڪي سَبَهِي پَچي ماٿا ماهُ (٢)
هي ڪاتيُون هَٿِ ڪري ميوا .........
اسين آيون تو مَٿي هيجان ڪري اُڪيرَ
جِين سا پُڇي پِرِ ڪَهِين هِينڙي اَچي هيرَ
جا آهنجي مَنَ ۾ پِيَرَنُ ڪِيهِي هاجَ
جيڪي هَٿِيان چِتَ ۾ پَسِي .......
اسانهجي مَنَ ۾ سُڻ جا هَٿئون هاج
جِيڪي گهُرين تي لَهِين تون جه چيائُون
اسين ڪاتيُون هَٿِ ڪري ميوا چِلِيُون
ڪيڻ تُنهجو سَبهي ............
ڏيکارِهُون وَٽُ سا اسين اَڄُ گهُروهُ

---

(١) مَرِي = مٿين (٢) اصل اٿين

تو گهرَ ۾ جو گهوٽيو جي .........

آندو تَنِيَ سامهون يوسف سينگاري

نَظَرُ ڪيو سَيَڪَهين يوسفَ سُونهاري

يوسفُ اَچي نِڪِتو جَهِ ويرَ تَنِ مَٿاءُ

ميوا تَنِهِ مُهتَ ۾ وِڍِيا تَنَ هَٿاءُ

وِيئي سارَ سَيَڪَهين پَسي يعقوب ڄاءُ

ڪوڏِ ڪُنواريين تيو سَيَ سَرَڪي سَٿَ

ڏنائون مُنهُ چانڊرٽو سُونهاريءَ مُورتَ

ڪاتِيُون ڪَٽي پانجا وِڍي وِيئُون هَٿَ

فَرمايو فُرقانَ ۾ سَيَ سُٽِيجاهُ ڪَٿَ

ڪي آهَلي پيئِيون ڪَنِي وِڳايُوهَ (١)

جِيَرِيُون سي ٿوريون ڪَنِي وِيا روحَ

تِت زَليخا تَنِ ڪي اُيِي سَڏَ ڪري

بَيِژَنِ هي سو گهوٽيو جو ڇَياءُ وَري (٢)

تني منجها هيڪڙي وَري ڪيو ڳالهاءُ

اِيهُ نه ماڙهُو هوءِ ڪو مَگَرِ حُورَ پَرِياءُ

آهي مُورِ نه آدمي کِڄاهُ ڪو مَ شڪُ

اِيهُ اَپنِيئون اَلهِي آيوءُ ڪو مَلَڪُ

(١) اصل وِڳايو. ويڳايو يعني ڪن تي ويڳ اچي ويو ۽ ويڳائجي ويون،
(٢) اصل . بيون - بيڙن يعني زالن

......... ڇُڪِرَ آيو سَهسين ڪري سينگارَ
تان نہ پِرڪِي ويئُون سَپِن ٿِيا ..............
هِي پلي آيو سهسين ڪري ..............
تان نہ پِرڪِي ويئُون ٿِيون سَپ ...........
............ تن ڪي بَيَڙَنُ ڪوهُ ٿِيا
آهي هِي جُوان سو جو مون جهوري ..........
............... تو مُور نہ ڏِيئُہ ڏوهُ
جَنِي تُون رَنجاٽِيئين تَنِي مٿي روهُ
ڪي ................... وَڍِيا هَٿَ
وائِي ويئي واءُ جِينءَ سَپَ سَرڪِي سٽَ
شهزادي ...... يوسفَ ڪي چَيائين تنه وارَ
مَنَرَ مَنجهہ پِڙِ ڪري مون ڪي ڪِييءَ خوارَ
چاءُ منهنجو گهوٽيا چَيو تون نہ ڪرينءُ
تہ پارايِئين بَندَ ۾ جَ پيوءَ ئِي آهينءَ
رڪي مون تو گَري جو مون رَبُ اِللهُ
سوئي پَنڌُ سُهاءِ مُورن جَہَ ۾ ناهِ گُناهُ
........ سُجَنِ جاهِلَ جي هُوئا تَنِ منجها
............... جاهِليَنَ فرمايو ڏَٿِياءُ
تَتِ زَليخا پُڇيو وِيوءُ هَٿَ وَهاءُ
دُعا ڪِيائين سَچَئِي دِرجي هيينءَ منجهاءُ

يوسفُ ربَ ركايو تُسِي تـه ڏوهاه
وجون ۽ ايمانَ سان ڪلمو چيو مُنهاءُ
لا اِلـه الا الله مُحمد رسول الله
يوسفُ اُتي تـڏهين راتِيَ روحَ ٿِيو
ربَ سُهِندو سُپرين نيئي بَندِ ڪِيو
ويهاريائون بَندَ ۾ سَندو نورُ نِياڻُ
ڪاسائِي ڪلاڙُ جو سو پُٽِ يوسفَ ساڻُ
...................... پيا بَندَ ۾ ڪارَڻِ ڪِهين وڻَ
جڪرَ ڏِينِ عزيزَ ڪي وِهُ پائي ۾ ڪيڻَ
يوسفَ مُلِ زِندانَ ۾ آئو جبرئيلُ
تِينهِي موڪلِو جينِيُ نانءَ جَليلُ
سيکاريائين ڪي تَهِينَ حِڪمتَ عِلمُ قُرآنُ
۽ سُهٽي وِيچارَ جو تَهِ سَندو بَيانُ
پيئي راتِ جُوانَ ڪي سائين ڪيو سُجاڻُ
”وَلَمّا بَلَغَ اَشدّہ آتيناہُ حُڪما و عِلمًا“ لَڏو اِيهُ فرمانُ
سُتي سُهٽا نَندَرَ ۾ بِنهِي لَڌائُون
يُوسفَ ڪَرِ وِيچارُ تَوَنَ اِيهِين چَيائون
آسان ڏِٺي اِيهَ پَرَ نَظرَ ڪَري نِنهارِ
ڏِيهُو جوابُ صَحِي ڪَري، بَرَهَ شَهرَ پچارِ
پِهرائِي چَيو اِنَ پَرِ سُهٽو اِيهُ لَڌومِ

ڏِيان شرابُ عَزيزَ کي تانِ سو وَسِنئومِ
آهِ پُڇيرو سُڻَ تون پيءُ سنَدو ڳالاءُ
مانا ماهُ مَتَني ڪري مَٽُئَمِ مِصرَ راءُ
پَڪِي ڪاڏو پَڪَٽي وينَدي واتَ مهاءُ
يوسفَ صَحِيُ پَساهُ تون يَلارَنِ متاءُ
"........... مِنَ المحسنين" سُڻُ سَچو ڳالهاءُ
يوسف چوءِ سُٽيهُ جي پَڪِي ........ حاجاءُ
يوسف چوءِ سُٽيهُ سو بِيءِ مُنهجو وِڻُ
اَڳِي سو وِيچاريان اڳي اَچي ڪيڻُ
يوسفَ چَيو جِيَهِينِ آئِيو تَهِين وَنِ
چَياؤن يوسفَ کي تون سيڪارجُ..............
سيڪايو سَچي ڏَٽِي جِين مُون تُسِي پاڻِ
جَڏِين ڪُوڙُ سَچُ تيو تُهِ سچي ........
جَنِي رَبُ نہ مَڃِيو اوڏو ڏينہِ قيامَ
مون ياڻهي تَرڪ ڪِئِي سا پَرِ سَبب تمامَ
رَبُ سِپِني هيڪڙو ڏَٽِي نہ هُونِ گهڻا
جَنِي خالِقُ مڃِئو ڪِيهي تَنِ مَٽا
پِهروئي جَنہِ ڪِئوءِ سَچَ سَندو بيانُ
يوسفُ کي پيرين پَئِي آندو تَنہِ ايمانُ
چَيانئِي ڪَلاڙَ کي سُڻِ سَچوءَ ڳالاءُ

Gul Hayat Institute

تو پَر ٿيندو نِمٽو سَندو مِصرَ راءُ
هِيَ جا هُيئِي اَڳئين تو کي ڏيندو حاجَ
جيکي هَٿِي چِتَ ۾ سڀ پُڇندو ڪاج
ڪاسائِي نيئي کري سُورِيءَ ٽنگِيندا
پَکَنَ ماڻُ سَندوسُ جو تانگهو تارِبندا
ڪاسائِي دانهَ ڪري ڇَيو يُوسفَ ڇيو ڪوڙُو
سُهڻو توسين مون بيان ڪيو
يوسفَ ڇَيو کي تَهِين توڙي ڪُوڙو هوءِ
تہ هاڻي مون ويچاريوءِ آئيو حڪمُ سندوءِ
رات وهاڻِي ڪَڍيا ٻَئِي ٻَندَ منجهاءُ
پَرهايو ڪَلاڙَ کي ڪاسائِيَ سرِڪاءُ
ڪاسائِيَ سِرِ ڪوپيو سَندو مِصرَ راءُ
نيئي سورِيَ چاڙهيو تان ڪَئِي نيو تاءُ
ڇَيو تَتِ ڪَلاڙَ کي يعقوبُ نَبِيَ چاءَ
مُنهنجي مانَ عزيز سَين ڳالِ ڪرِئِينَ ڪاءَ
پيو آهي ٻندَ ۾ رءِ ڏوهاءُ جُوانُ
راتين ڏِينهين تَهِ ۾ اوڙکي رَحمانُ
آئي ٻَندِ وِجهايو راڻِيَ رءِ ڏوهاءُ
جي ڪوٺائي تَنهِ کي پاڻِ پُڇائي راءُ
.............. اِئي ڪلاڙَ کي پَڙهايو رَيّانَ

Gul Hayat Institute

يوسفُ تـَتِ وِساريو سَترائي شيطانَ
"فانيهُ الشيطان ذِڪرَ رَبِه فَلبثَ في السِجنِ بضع سِنيـن"
لِڏو مَنجهہ قُرآن
.............. پَئي بَندَ ۾ ٻہ وَرهَ پَنج ٿيا
تـَنِي اُتـي عالـِمَنِ اِختلافُ ڪيا
ڪَنِي ويتر لِکيا ڪَني ستَ چيا
هِي جي ويا گُذَري سي پُـٺِ ستَ ٻيا
يوسفَ يارِي مَڱئي جيلان ڏَئياءِ ڏارَ
ويرَمَ ڪِياءِ بَندَ ۾ تيلائين تـَہ وارَ
رِءَ خُدائِي يارِي گهُري جيڪو مَخلوُقاءُ
سو پُٺِ سِگهوئِي ٿِئي پشيمانُ پُواءُ
تَتِ زليخا بَندَ ۾ پَرهـَٽ ڪِيو اَچي
اَنِي پَهرَ اَلُوندَرَ ۾ ڪامِي ................ (١)
واجهاءِ نِتُ پِريَنِ کي تَنَ ۾ پِئِي نہ تاتِ
تانگهہ نِگئِي جِندڙِي رُوندي ڏِينها راتِ
ڏِيکاري يوسفَ کي جان سينگاري پاڻُ
اوڙکي رحمانَ کي جاڳِي نِتُ جُوانُ
وَرِهَ سِيئِي اِنَ پـَرِ ايندي گُذرِيَاسِ
رُونـدِيَ سُپِريَنِ کي .......... پِنِياسِ

(١) اصل حاصي

سـُـٹـِـي اِشارتَ ۾ سـُـتـو مِـصر راءِ
چوڏَهَ ڳـوبُـون اِنَ پَر چـوڏَهَ سـَـنـگ پُـئـاءَ
ڳوبُون سـَـتَ سـَـتراٽـِيون ٻـِيُـون ڏُٻـرِبُـون
ڏُبِريَنِ سَـتراٽيُون كاڏيون نِہ مُـنـه ..........
چوڏَهَ سنـگَ ڏِنـاءِ جـي تـَنـيـَوءِ سـان سـَتَ
سـُـكـا هُـوئـا سـَتَ جـي پـَسِـي اِشـارَتَ
تان سُكا هـَرِيَـنِ سـيـن وَجـي وَرِيـا جَـتِ
سُكا سَپِ مُهتَ ۾ سي پُڻ اِيـهيءَ پـيـتِ
.......... نا وِيچارِينِ جي سـيـئـي چُـرِيا
پـوتـا كـَدِي .......... تـَـنِ ۾ مـَـڙِيـا
اَچي مُـهـتِ مـِيرَ كـي سـَيـِنـي چَـيـو
سُهڻو اِيـهُ لـَـدو جـو اَكِـيـن گُـذَرِيـو
كَنَ ڏِينِ وِيچارُ جـو، اسـيـن نـچـاٽـاهُ
اسان سَپِ نِهـارِيـا پُـوتـا اك..........
مٿي دَرَمتِ كـَٽـِي مـَڙِيا سَپِ سُـٽِـيـهُ
سُهڻو وِيچاري كري مـوٽـي سـَپ تمامُ
تِـتـهِـيـن يـوسـفَ جو آوُ چيتُ كَلاڙ
ڳِـنـهِـي سُـدِ اَمـيرَ كـي وِڃُ هـيـكَ وِلاڙَ
وڏيـري كـي وبـرَ تـه نـَئـي سـلامُ كـيـاءِ
سـُڻ ويـنـتـِي كـَنُ ڏي اُبـيهِـي چَـيـاءِ

Gul Hayat Institute

سُهڻا وِيچاري جو سو ڏنومِ جُوانُ
پِيو آهي بَندَ ۾ رِءَ ڏوهاءَ سُجانُ
وِيچارِيندو وَيگَ ۾ سَهڻو ايهُ سَندوءِ
جي فَرمايئين شاهَ تون تہ وَجي آڻياسِ
وَجِي آڻ جُوانُ جو سُهڻا وِيچاري
جَہ آؤن پَسان اُنِ کي ڪہِ پَرِ ڳالِ ڪري
يوسفَ مُلِ مُهتَ ۾ آوءُ ريپارو
وينو هوءِ بَندَ ۾ يوسفُ سُونهارو
يوسفَ...... مُهتِ ۾ تو ڪوناءِ راءُ
سُهڻو ڪوءِ لَڌاءِ جو سو وِيچارَڻَ آءُ
يوسفَ چيو وير تَهين سُهڻي ڪِها پارَ
جَہ آئون سُٽيان ڳالهہ ڪَرِ سَندِي نيهُ جَبارَ
ڳويُون سَتَ ڏِٺاءِ جي گهٽو سَتراڻِي پَتِ
تيتريُون پُڻ تَنِ سين گهٽو ضعيفَ اَتِ
ڏُبرئين سَتراڻيون وجي ڪاڏيون تي
چوڏهہ سَنگَ ڏٺاءِ جي هَرِيا سُڪا سي
جَين سُڪا هَريَنِ سين مِڙِيا پاڻُ ڪٽِي
سي پُڻ سُڪا ويگَ ۾ چوءِ اِيين ڏٺي
هاڻِ ڪَرِ ويچارُ تون يوسفَ سُهڻو ايهُ
تو ڪوناڻي تَڪڙو اُيو آهِ مَروبہُ

تان چَئي اَميرَ گهرِ هيڪڙَ موٽي وڃُ
ڪوءِ مُنهنجي ڏيلُ ۾ مُشڪلُ آهي ٻَجُ
ريبپارو اَميرَ گهرِ وَيو جيئن ڳالاءِ
جوئِين مِصرَ سَنديون ڪوٺي سَڀِ پُڇاءِ
آءُن آڻي بَندَ ۾ وِڌو ڪَنهِ وڪاءُ
عورتُون آڻي ڪري پانَ پُڇائي راءُ
جيني آڻي بَندُ ۾ مُون ڪي وِڌو پوءِ
ڪوٺائي مِصرَ ڏَٺي پانَ پُڇائي جوءِ
جوئِين مِصرَ سَنديُون ڪوٺي پُڇيُون
تَه وِيرَ ڳالِيُون سَچيون سَپِنِي ڪِيُون
سَپِين چَيو وِيرَ تَه يوسفَ ڏوهُ نه ڪوءِ
جيڪي اَپاهتِيون سَبَبِ تُنهنجي جوءِ
ڪِيو زليخا پَڌرو پانِ جو ڳالاءُ
سَپوئي مون ڦِيريو ايهُ سچوءِ ڳالاءُ
سَپِني جوئِين جو ڪِيو يوسفَ جو ڳالهاءُ
تِت عزيزَ ڪَڍائي راتِي پانِ جي گهراءُ
سَڙِئي سُپرِينَ ڪي وِييءِ هَٿَ وَهاءُ
جيني يوسفُ بَندَ ۾ پاتو رِءَ ڏوهاءُ
وَجو تہ ايمان سين ڪلمو چَيو مُهاءُ

لا الهٰ اِلا الله محمد رسول الله



Gul Hayat Institute

يوسفَ كَرِ ويچارُ تون سهُڻي سَندو هاڻِ
سُتي اِشارتَ ۾ ڏِٺئِي. جو پاڻِ
سُهڻو ايه ڏِنوءِ جو تنَهِ سندو ويچارَ
پُوندو هِنَ مُلڪَ ۾ چوڏهَ وَرهَ ڏُڪارُ
تَنِيُون پهران سَتَ جي ڪُڙمِي پوکيندا
ڪِينَ ٿِيندو تيرو جو اُو پارِ ڪندا (١)
ڪُڙمي ڪوني پاڻ جا ڪَر فرمانُ سَئِينِ
نہ پُونءَ تُنهجيونءُ يَنجهُوءُ ڪري ولِنِ
ڏيئي پُئِي يَاڻِ جي ڪَرڪَنَ سَپ پَجِنِ
پگا ڪيڙُ پُرُ ڪري...................
اُلٽي آهِينِ مَرُ داٽا منجهه سَنگِنِ
جي جِياسَنُ تَنِ پوءِ اَنُ وِراهُ نہ ڪَنِ
اَچِيندا تاءُ پُهري سُڪا سَتَ بِيا
ڪائِي ويندا اڳيان جي هُوندان ٿياءِ
نہ هيناءَ جَرَ وَهي نَڪِي مَثان مِيهَ
وَهي اَچِيندا سامُهان گهٽو ڏُهلا ڏِيهَ
سِرُون پچائي سيگهہ ۾ جمعُ سَپ ڪَراءِ
ميڙي راڄُ مُهتَ ۾ آذائج سَراءِ
دِلَ اُڳاڙي پاڻِ جي تہ ۾ ڏاجُ ڏَراءِ

(١) تيرو = تِيلو، ڪانو

أُتاهِين ۾ موڪِرِي آٽي اَنَ پَراءِ
اَنُ سَپِوئي اِنَ پَرِ ويندو مُلڪَ منجهاءُ
ماٽيندو مَنَ جِندِؤ تِنتي مِصرَ راءُ (١)
جُر ........ وَرِهَ جندَ آپِرا. اِيه آچيِنداءُ سَتَ
بُڪَ مَرندا آدَمِي گهڻو سَٽراٽي پَتِ
ڏينهَ ننڍِا جَذِهين اِيندا وَهِي مَتاءُ
وِڪَڻندا بازارِ ۾ جوئيبن مُٿرسَ وِياءُ
آچي راتا پُهري ڏِينهَ ڏُهلا چانُ
وِياءُ اڳِهين وِڪِڻي تاءُ پَيچِيرو پانُ
...................................... پَسنداءِ
رِڪَنَ سَندوُ عِلمُ جو مون کي ڏنو راءِ
يوسفُ گهڻو سُهاءِ مون اُپو چوءِ آميرُ
سَپِني سِرِ اُسَري هانِ ويهُ وزيرُ
مون سيباڻو سِري ۾ يوسفَ ڳالهائوءِ
اُهاؤءِ آذِتَ جِينءَ مُنهَ ۾ نورُ سندوءِ
يوسفَ ويهُ وَزيرُ ٿِي چَيو مِصرَ راءِ
آءُ تنهِجيَ ڳالِهه رِءَ ڪَندو بِيءَ نہ ڪاءِ
جَر آءُ ڪَرِيان ڳالهِڙِي سُڻِ وينَتِي ساءِ
مون سَهندا نِمُنون جي وَزير سَنداءِ

Gul Hayat Institute

(١) اصل ائين

جي مون خَزِبنا سِرِ هاٿي ڪرين حاڪِمُ
"قالَ جَعلنِي عَلي خزائِنِ الارض اِنـي حَفِيظٌ عَليمٌ"
يوسفَ خَزِينا سِرِ هاٿِ وجـيـي ويـهُ
پِيو سَپِوئي تَختَ ۾ مون تو ڏنو ڏيهُ
يوسفُ خَزِينانِ سِرِ وِهاريو وري
وِيٺو مِصرَ سَنديون اَرِتُو تَتِ ڪَري
............ اُڳاڙِي اِنَ پَرِ آٿاياءِ آڳاجُ
جِين جِتِي فَرمايو تِتي ڏَريُون ڏاجُ
......... پوءِ مُلڪَ ۾ پيو ڪادَرُ ڪارُ (١)
اَڳِهين اِيَ تِيو ريلا ڏي ڏُڪارُ
خَبَرَ ٿِئِي سَبَ ڪَهين مِصرَ ۾ سُڪارُ
ٿِري سَئِين مُهرين سونَ جي هيڪَڙو جُوارُ
............ ۾ ٻُڪيا سُو ڪيو اَچَنِ
پَرهائي پيٽَ پَري سَرها سَڀِ مُنجَنِ
جو جيهي وَتَ گهري يوسفُ ڏي سِپِنِ
پاٿو آٿي مَڱتا وِيا ڳالِين ڪَنِ
پيوءَ سَڌُ مُلڪَ ۾ مِصرَ ۾ اوڙڪَ
مُنهُ لايو مَهرانُ جِيَ تنڪي وِيرَ سَڀِ خَلقَ
پِهرو پيٺو شهرَ ۾ جو بَنِي قَيدارُ

---

(١) اصل ائين

ڏاڏو هوءُ مصطفيٰ اُتي اِزرُ آرُ
ڏاڏو نَبِيءَ مصطفيٰ پِسَر اِسماعيلَ
پوٽرو اِيهُ نِهارِ تون اِبراهيمَ خليلَ
تنتهِين يوسفُ آندو پِهاري ڪارائي
پَرَهايو تَنتي وِما ..................
يوسف پُڇِي بِيروءُ سُجاوءُ جَنهِ وار
پَرَهائي نِڪارو ڏيئي ............
تاءُ پَڇيرو تڏهِين سُنو مِصرَ راءُ
تِنِ وينو تختَ تي يوسف ...............
وِڃو تہ اِيمان سين ڪلمو چيو چَپاءُ
لا الٰہ اِلا الله محمد رسول الله
سَيُ وِڪيو مازُئين رُپو پَتُ سونُ
يوسفُ سَيُ مَوايو ...... ڏيئي آنُ
پِهرو ڏَنُ وِڪٽي تاءُ پَڇَيرو پارَ
يوسفَ سَيُ رَهايو سندي نِيهُ جَبارَ
تاءُ آڳِهين وِڪٽي تاءُ پَڇيرو پاڻِ
شَهر سَيوئِي اِنَ پِرِ ڳِڏو جُودَ جُواڻ
يوسفَ جي فرمانَ ۾ مِصرُ سَيُ ٿيو
تَنهِ ويرَ سَيي مازُئين مٿي صُبحُ ڪِيو
مُنهُ پاڻِ جو ڪَڏهِين جو آڇي ڏيڪاري

Gul Hayat Institute

چارِبهَ ڏينهَ سُرَ اُٿيا لئي ماڙهو ........
سَچي رَبَ سِرجيو يوسفُ نورُ منجهاءِ
سِري سَيُڪو روحَ ۾ پَسَڻَ يعقوب جاءِ
راتين ڏِينهين اُڃِيا جوئِيين مُڙِس جُهرَنِ
آئين پَهرَ لُوندَر ۾ يعقوب جاءِ گهُرَنِ
پاٽـِي اَنُ وِهُ ٿيِيو رُوندي ڏينهاءِ راتِ
اُڪَندِوءِ ياٽُنِ کي تَنَ ۾ بِيءِ نه تاتِ
پِهرو وِجهي ڪوهَ ۾ پُهري وِکِيِيوسِ
مالِڪَ ڳِنهي پاڻَ سين مِصرَ ۾ آندوسِ
سَيِي وِتُسِ وسِري بَربوَ مَنجهِ تِيوسِ (١)
نه هاڻي تَنِ ياٽُنِ کي گهڻو اُڪَنديوسِ
جَنِي ويو وِسري بَربو مَنجهه ٿيوءَ
هاڻي تَنِ ياٽُنِ کي يوسفُ وَهه وِيوءِ
مُون کي وِجهي ڪوهَ ۾ جَنِي پاتِي ڪاڻِ
تَنُ تَنِي کي تاسِئو رَبَ سي سَجَڻَ آڻِ
مِصرَ مَنجهه چَوَڏِهي يوسفُ پاتِي آڻَ
شهرُ دَارازين پاڻِ جا وِهاربائِين دَروازَ
............. اَچِينِ جي وَڻجارا ڪياءِ
مون کي سُڌِ ڪَريهُ سا جي اَچِنِ جياءِ

---

(١) اصل ائين

Gul Hayat Institute

.................... جِيائين آچِينِ
تَنِي سَندو لِکيو يوسفَ ڏيکارينِ
.................... يوسفُ تَنِي ڏي
سَرهو مُنجي سَپُ کو جو جَنهِ آسِ اَچي
پِيو سَڌُ مُلڪَ ۾ يوسفَ جو ڳالاءِ
ڏاتِين ڏي سَپَ کَهِين وينو مِصرَ راءُ
.................... جيهو جان سُٽِيهُ
مِصرَ ۾ جو راڄِيو وجي سو ..........
سُجهيءُ تِي سَيکَهين وينو ڏاتِي ڏي
جي وَجو اِنَ ڏُونهُ تہ ڏيندو آهي........
ٺُومَ بَصرُ تيلُ کَهو آئجہ کِيرَ آوُن (ؒ) ڏاسَ
يعقوبُ کي پيرين پئي کري نِکتا آسَ
ڏهئِي جَماجي اُکَري اُتي پَنڌِ ٿِيا
اَنِين ڏينهَ پَنڌُ کري مِصرِئا پِرِٽُئا
جَنهِ ويرَ اچي رسَيا شَهَرَ دَرازين پارَ
تَنهِ ويرَ نام سندان جي لِڏا لِکٿهارَ
”يهُودا لاوا شمعُونَ رُوبيلا رِيالون يَشجرُ دان جادو ينسالاءِ
آسرو“ مِنا مُنهِ موچارَ
آڳايا آهِينِ سي مانجهِي مَستَ مِتَارَ
کاغذُ يوسفَ هَٿَ ۾ جِين ڏِنو دَرِوانَ

سو چُمِي سِرِ ألـهِي رُنو گهـتـو جُوانُ
يوسفَ سي آٺـايـا رَبُ سَندي فـرمـانَ
وَجـاُ اِخـوه يـوسـفَ اَچِـي اُيـايـانَ
پيهي اُيـا پارَ ۾ يـوسـفَ پـائُـرَ جـتِ
فـادخَلو عَـلـيـهِ فَعَـرَ فَهُـم ............
يوسفَ چَيو جِتِ ۾ پـائـرَ اَنجُ ڏسـنِ
”وَهُم لَهُ مـُنـكِـرونِ“ پاڻِ نہ سـُجـاڻـنَ
جَرُ هاري جالاروءِ پـائـرَ ڏِسـئـو پـوءِ
پاڻِهي ٿيـيءِ نہ پَڌرو اَچـا ڳـجـهُـو هـوءِ
رُناءِ جو پرينِ کي تـنـهِ جَرَ پاند نہ کـوءِ
روسـاڳـو پـريـنِ سين ڏِٺـي ....................
جَني چَيو سَچِـنـي کَلمـون پـاڪ سـنـدوءِ
لا الـه الا الله محمد رسول الله
مُنهُ ڏَکي پائـنِ کي سَـڏُ کيـائـيـن اِيـهُ
ڏِسو ڏُهَئي جُوانَ جـي کَـنـه ڏِهـاءِ اَچِـيـهُ
لَهِي پـاڻِـي تـو مَـٽـي کِـنـعـا نـاءُ اَچـانـهُ
يعقوبُ نـبـي نِمُـنو آهـي پـيـرُ پِـيـاهُ
............ آيـا تو مَٽي گهَٽِي لَتاڙي يُـون
بُکِجِي آسَ کـري تو ڏونـه هـَلـيـاسـون
............ تُنهجو بـانِـي مُـکـاسُـون



Gul Hayat Institute

آندوهاءِ ٻُڪيا آچي ڏکاسون
پَرَديسان پَنڌَ ڪري سُٺي سَخاوتونِ
آسان سُؤ نہ پَسجِي جِيني لائقُ تُون
تَنهِ ويرَ يُوسفَ پُڇيا پائر ڪي آهِيہُ
جَہ آءُ دُعا ڪارايان مون ڪي خَبَرَ ڏِينہُ
اَسِين يَعقوبَ پُٽَرَ جي ٻارَہَ هُواسُون
گُرگي ڪاڏو هيڪَڙو ڪارِہ رَهياسُون
اَکِهيِن وَسِ جوتَہِ ڪي تِيو واجهاءِ
هاٽي نَنديو يا تَہ جِڏي ساعت نہ ڪاءِ
يوسفَ مايو گهوتِيو بابي گهَٽو سُهاءِ
سو ڪِيٿهِين نہ مُئي دِرجي تينئي دَراءِ
مِهمانِيُون موتِياريون ڪارائي مُنجي تَنِ
سَئين مَنَ سَيَڪهِين ڏنائين ڪِهُنِ
ماتو جو يُوسَفَ مَنَ ۾...... ڏيڪا
ماپارا ڪوني ڪري پَريا سَپِ جُوارَ (١)
يوسفَ چَيو تَنِ کي جيهو چاَن سُٺيہُ
پويون ڪِنهِي پاڻَ سين سِگها پري اَچِيہُ
مُڪائِين يعقوب کي بہ جَماجَ پَري
بہ پُٽ ننڍِي پاءُ کي مُڪائين پُر ڪَري

(١) ساپارا = ماپا، ماڻَ، جُوار = جوال، بوجها



Gul Hayat Institute

کَٿُوري سِرِکَنِ سين عَنبَرُ ۽ کَافورُ (١)
مُکائِين يعقوبَ کي جَنهِ آڌارو نُورُ
آنداتُون يوسفَ کي پائين اَبِيَکَ
سي پُٽِ سَانديي مُڪيُون ڪَهين نہ هُئيَ تَرکَ
........... ڪٿي پاڻَ سين اَچيجاهُ پِرِي
”قالَ آيتُونِي بِاخٍ لَکُم مِن اَبِيکُم“ پوءُ مُلاءُ ڳري
پاءُ نذيرو پاڻَ سين جي آڻِيهُ وَري
ڏيان ڏاجُ سَيِنِ کي آءُ اُٺَ ڀَري
تان جي نِيهي پاڻَ سين پوءِ نہ آڻِيهُ
تہ مُ چِڏِجاهُ ڪَڏِهين پانجي ساڻيهُ
جيڪي آهي مون ڳري تاءُ نہ ڪِي نِيِنداهُ
”فَلا کَيل لکم عندي ولاهُو“ پُونِ جو...
چي وِبنتَر ۾ تُهجو وِيا کَنداسُون
تو ڳرِ سِڳها پاءُ سين پِرِي آچِينداسُون
بابي ڳهَٽو سَڏاءِ سو ويتَرَ آساهاءُ
هي جو گُرڳي ماريو جَٽِيو يُوسف ..........
پَلو پائُرنِ سَنديون وِيٺو سَپِ سُٽي
کُوڙيون ۽ سچيون ڳالهِين کين ڳٽي
چاڳَ کيائِين تَنِ سين پَتِيون پَتين پيالَ

(١) سِرِکَنِ = سرکنڊ، چندن

موڪَليا ماءِ مَٽي وَجَھُ ڏيئي جالَ
اُسَھِيا آسانَ ۾ سَرَھا نَسِيئي
آٽي اُتَ اُلھِيا پيءُ پاسي پنيئِي
آچي تَہِ اُپَٽِيا سَپِيئِني جُوئارَ (۱)
ھِي جي ھُوئا بُکِيا سَرھا ٿيا تَہِ وارَ
جُہ ڪَرَ مِصر راءِ کي نِياؤن جي ٿوڪَ
سَپِ تہ بَدَرِ ھُيون ٿِئو تَماشو لوڪَ (۲)
بابا جي تو مُڪِيون اسان کي ڏيئي
وَٽُون بَدَرِيون تِيون اِجھي سِيئي
موٽائِي مِصرراءِ تو مَٽِ مُڪائِين
آسان ھُئو نہ جاڻُ ڪِي ڪِہ پَرِ ......
بابا اُتَ بہ لَڌِيا تو کي مُڪا راءَ
آھي گھٽو اُڪَنِديو پَسڻُ يُوسفَ ياءَ
آسان ڏيندو ھِي آجا اَنُ اَنبارَ
جو نِينداسِين پاڻَ سين جو تو گھٽو پيارَ
آؤُن مُورِھِين نہ مُوئان آن سين اِيہُ وَرِي
جان ويساھَ نہ ڏِيہُ مون سَچو ........
موڪَل آسان سين ڏَرِي بابا اسان يا
آسين پاٽي اِنَ کي پر چَڱِي ..........

---

(۱) جوئار جُوال، بوجھا (۲) بدَر = بدَل

پـاٽِـي آهـاءُ کي ويــو جِـتُ مُـڙِي
مَـٿان پُـونـيَـئـرُ سـان وَهـي ..............
سُٽي کيائون نِکَرُ وجي پُٽره پيءُ سانُ (١)
اُتي گھرِ آئِي تَنِ سين جُـنـدَ .........
اســان تــو وجِ ۾ بـابـا رَبُ گــواهُ
"الله عَـلـي مـا نقـولُ وكـيـل ..........
پاٽو آٽي دَرَ اُتي بِيهِي مَـنـجُـهـ مَـٽـيـهَ
سَپ دَرا ......... هـيـكـڙي مَـٿــان .........
مُـوراهـيـن نـ لَهي پَرِ كَـهِـين ........
مـون سَجي پَرنِـيا پائُرَ سـيـيـئـي
هُجي ........................ ڏِجاهُ دَرِ بِيهِي
تَهِ ويرَ پيءُ پيرين پَئي ..............
......... مي مايو گھوتِيو ڳِنهِي ..........
نِتُ نِهاري نِمُنوَ يـوسفُ چـڙهـيـو ڪـوٽَ
اِيـنـدا ڏنـائين سـامُهان پائرَ پَلا گـهـوٽَ
جَـنِـه ويـرَ اَچِـي رَسـيـا شَـهـر دَروازي
يعقوب نبي پُٽر جـي آيا ..................
يَهُودا چوءِ پـائـرَ جـيـڏا جاسُـٽِـيهُ
پانهو آٽـي دَرَ اُتي بِـيهِـي مَـنجهـ مَـٽِـيـهُ

---

(١) اصل ائين

(١) ............... ڪٽي لاءِ خُوبچا سو آٽِيهُ
سَفَرُ سَهُڪو ٽِئي سِپني ڪي ايهُ
............... دَراءُ تي سَپِي بِينا هَت
يامِينُ پَسي اِيهَ پَرِ ٽِپو شرمَندو تَتِ
اَچي بيهي سامُهون وَڃي اُيو پوءِ
جَنهِ ڪي پُڇي خَبَرون سِپاٽِي مِڙي نہ ڪوءِ
............ آهي مون ڏِٺي تِنني يوسفَ يارَ
اُتِ اُيو تِي شاهَتُو ٽِو پانئي دربارَ
............ تَہِ مَٽُو رُنو تَنِي وَتِ
هيڪلو ئي شاهَ دِرِ اُيو آهي تَتِ
تو بِيءُ چَڙهيو اَئِين پسو اُتِي اُتِ
سُوارَ تان نہ سُڃاٽي ڪَهين جو ڪو ڪَرهي
سَپِي وِئَسِ نِڪري جي پيءُ چَڙهيا پارَ
وڄ وِلاڙي تڪڙو اڄ منهنجو بارُ
(٢) يوسف روئي چَڙهئيو اُتي بئي اُتِ
مون کي خَبَر ڏِبج تون کِهڙو ڏيهُ سندوءِ
هيءُ ڳالهاءُ اڳ جو تو ريءَ .........
آهجي دِيارَ ۾ اَسين پُٽِ هُوا

---

(١) هن ڪان پوءِ سورهن سٽون صحيح فوٽو نہ اچڻ ڪري پڙهڻ ۾ آيون ڪون خوبچا = خونچا (٢) هن ڪان پوءِ يارهن سٽن جو مواد فوٽو ڪاپي ۾ صحيح نہ آيو انهي ڪري اهي سٽون پڙهجڻ ۾ نہ آيون



Gul Hayat Institute

عِبراني ڪلامَ جي مون · تِنتائُون سُؤا
هَتا ڪَدِي هَدِيُو نندي ياءَ ڏِناءِ
سو پَسِي سَرهو ٿيو يارَ جمع ڪِناءِ
سَهس پَنجاهي اَڳَرِي ماٽِڪَ هوءُ مَٿُ
لاهي ڏِناءِ ياءَ کي تو دَرَ پَسِي پَرَتُ (١)
چَيائِين يامينَ کي هاٿي هَلُ هِتاءُ
ڏيکاريئہ ياٽُرَ سي جي تو پيءَ جاءُ
يامينُ روئي هَليو تَهِ وِيرَ تَهِ ماڳاءُ
چُوئنَ هُوءُ ياءُ کي رُوئِين ڪُجاڙاءُ
تو سِين ڦوڙائِي ٿِي هِنيَڙي اَچي گَهاءُ
يوسفَ چيو تَڏِهين پاهِجي واياءُ
سِڪَ سَتراٿِي مَن ۾ بيوءُ يائين تُهاءُ
جان پوءِ گَڏجانَ تو کي رَضا ڏي نہ راءُ
......... يامين کي يوسفَ جو ڳالهاءُ
وَجي يائنين گڏيو جي وِيٺا ڏنائِين جاءِ
چَيائون يامينَ کي سَرهو ڏِسي اَتِ
اَڄُوٽي ساعِتَ ري هِي نَہ ڏِنيہُ يَتِ
گهوٽَ دَرازي هيڪُ سو گڏئو ڏيئي سلامُ
هَوءُ اُتِ سُوار تو ڳري عِبراني ڪلامُ

---

(١) اٿين ·

پُڇيامِ چَگِيي ڪري هِيءُ ڏِنائِمُ ڏانُ
اکِين ڏيکاري ڪري وِڌيو دراڻي جُوانُ
وَجي اوهُ آرَ ۾ تيڻو دَرُ باباهَ (۱)
سَپيئي سَرها ٿِيا آيا سِري آڳاهَ
چَيائون يامِينَ کي آسان ڏيکارِ
سادَنَ سَڏي گهوٽِيا اسين جاٺُہِ ڪارِ (۲)
هَٿاءُ لاهي هَدِيُو ڏِنائين ڏِهَنِ
وَجي ڏِهنياءِ رَسُيو ڪِري تَرَهُيو تَنِ
خالِقُ بِنهي اکري جي ٻياني هُونِ نَمَنِ (۳)
چَڏِياؤن يامينَ کي دَرَ کَهي نَچَنِ
جِين جَني کي لِکِؤُ سي پُڻ تين پسَنِ
مَرهي تَني کي مُون ڏٽي ڪلمو چَيو جَنِ
لا اِلٰـه اِلاّالله محمّد رسول الله
يوسفَ جي فَرمان ۾ آندا پِهاري (۴)
ڏِنو ڪيڻُ سَيِنِ کي تِتني وِهاري
.......... پِي کي گهوٽِيا آيا سيئي
پَٿوري پَرهايا يوسفَ گهرِ نيئِي
رَچِين چَهين ڏَرايو يوسِفَ ڪاري ڪيڻُ
چَيائِين يائُنِ کي بُڌو منهنجو وينُ

---

(۱) اصل ائين (۲) اصل ائين (۳) اصل ائين (۴) پهاري = پرهائي = پرهائي پهريائين

Gul Hayat Institute

ڪارَهہ جَٽا پَاڻَ ۾ پائُرَ ويهي ڪاهُ
ڏَريو ڪيڻُ رَڇَنِ ۾ مَايءِ جي جَٽِياهُ
خُوهَنَ جُهہ ڪارَهَ جَٽا ڏوئي وينا هَٿَ
يوسفَ پائُرَ گهوڙِيا سَڀَ سَرڪي سَٿَ
يوسفَ مايو گهوڙِيو پَرِ ۾ رَهيو پاڻُ
خُوهَنُ پَسِي ڪيترو رُنو تَهِ جُوانُ (١)
يوسفَ چَيو گهوڙِيا تون جِهجِين ڪَهِ وِٽِ
آءُ اَميرَنِ گهرِ رَوئي ڏَري ڪيڻِ (٢)
جو تون پُڇِين شاهَ مُون رُئان تَنهِ ويٽاءُ
........... ناگاهَ ٿِيو جو مُون چَڙهئو
تِين رُوئان وِٽِ تَهين سو مون پِيو چِتِ
سُونهارو سَيين پَرين تان جي هُوُ هِتِ
تہ پاڻ جي پائُنِ سين ويهي ڪِيان ڪيڻُ
جين تَه خَبَر نہ لهَان مُون ماري سو ويڻُ
يوسفَ پائُرُ پُڇِيا چي ڪُجاڙيئي روءِ
اِيهُ اُڪَنڊؤ ياءُ ڪي گُرگي جو ڪاڏوءِ
وَئي جَنهِ وَرِهِ ٿيا تَرهِيُو زيراسِ
آؤن اَميرن گهرِ اُڪَنديو ڪيٽاسِ
يوسفَ چَيو ويرَ تَهِ آهوئي گَرِ تو يا

(١) خوهن = ڪُوهن (٢) ائين

Gul Hayat Institute

هيڪلوئي جان تِيُهِ ويهي مون سين ڪا
يوسفَ ڪيڻُ ڪَٺائي اَندرِ ۾ نيو
وَجِي وينو پاءِ سِين سُونهارو ڏيو
خُوهَن ڏاري ڪيڻَ ڪي وجي وينا جِتِ
اگهاڙي مُنهُ پاڻِ جو يوسفُ وينو تِتِ
نَظَرُ ڪري نِهاريو پاءُ ۾ ويهِي جِين
اُپَڙيو دانهَ ڪري مُنهُ پَرِ پِيو تِين
يوسفَ روئي ويرَ تَهِ پُچَڻَ لَڳو پا
ڪِئو آهي گهوتِيا اُوري سَدِني جا (١)
اُورِي اسان نَبيِيَهِ ڏِني نہ رحمانَ
آءُ پِيو آهَلِي تو مُنهُ پَسِي پانِ
جِهوئِي مُنهُ پاءُ جو تِهو ئي پُٽ تو
ڪِيهِين ڪِيو نہ وِسري صُورتَ ......
روئِي لڳو پاءُ ڳرِ يوسفُ دانهَ ڪري
گهٽو رُناؤن پاڻَ ۾ ويهي تِتِ وَري
ڪاڪا آؤن پا تو وِڇُڙيو هُئوسِ
پائين نيئي خُوهَ ۾ بَنَڌِي ڪري وِڌوسِ
ڪَڍِئو مون سوداگرينِ تَني هَٿِ وِڪيوسِ
پاڻِ جو توهُ ڪري رَبَ اَميرُ ڪِيوسِ
ڳالِ مُنهجِي پَڌِري ڪاءِ مَ ڪِج وَرِي

(١) اوري = بيماري

تو کي هِتِ رَهايان آئون ڪَو سُجُهه ڪري
پَرَهائـي سَرَهـا ڪـري مُـڪـا مِـيرَ ڏَريءَ
باجهان نِـهِـسِ بـارَ ۾ ڏَرِيـو مـاڻُ تَـهـيءَ
ڳُجـهـوئِـي تَـنـهِ بـارَ ۾ اُلهِـيـاؤن مـاڻُ
سو تِيهِـيـن سانديؤ ڪَهِـيـن نـہ هُـئَ ڄـاڻُ
آٿـي اُٺَ پَڪارِيـا جَـهِ ڳَـرَي جُـوئـارَ (۱)
پائُرَ ڪوٺي پاڻِ جا يوسفَ ڪِـيـا سُوارَ
موڪِلائي مُـڪـيِـا اَڳـاهـان شَـهَـراءُ
گهوٽَ پَهُتا هيڪڙي تَـان پُـنـانِ پُوئـاءُ
پُهرا پُڄِي تَـنِ کي سَـڏُ ڪِـيـائـون ايهُ
هاٿي هِـري بَکاهُ جواسان کي سـو ڏيـهُ (۲)
هاٿـي هِـري بکاهُ جو سو سُلطاڻو مـاڻُ (۲)
دِرجـو جي نـہ اَميرَ پَئي ڪِهو هُئيـاراڻُ (۲)
اَسين ڏاڻَ اَميرَ جي خَـبَـرَ هَـڏِ نـہ ڪـاءِ
ڪِـيـنِـي ڪئِي نـہ ڪَڏهِـيـن سائِينءَ جانَ سُـهـاءِ
اسانِهجو ڪَڏهِـيـن چـورُ نـہ هُـئـوءُ ڪـوءِ
فـرمـانُ سـارِقِيـنَ ڪـري نـہ ڄـاڻـي ڪـوءِ
جي ڪَهِين سَندي بارَ ۾ ڪيهي لِيَـي سـنـاءِ
جي ڪِيَهِـيـن ڪُوڙو ٿِئي تہ تَـهِ ڪـيـو جَزاءِ
جي ڪِـيـهَـيـن نِـڪـري ڪَـهِـيـن سَـنـدي باراءُ

---

(۱) جوئار = جُوالُ، بوجها (۲) اصل ائين

تَهِ کي ڏِيهُ جَزاءِ سا جَا چورَنِ مَتَاءُ
سَيوئِي أَنَ أُتَلِيا بارَ سيئي تسَتِ
پِهرو پائين آچِيا فرمايو جَهِ يَتِ
ٻُهري وَئي نِهاريوءُ پاڻِ جِيَ ۾ مَتِ
ماڻُ تَتائِين نِگوءُ تَيِنَو هُوءُ جَتِ
ماٽِکين ۽ موتِئين جَڙِوَ آنجهه مَڙهاءِ
لَکُ تَکان أُتي تَهِين ڏِنو مِصرراءَ
آنِداؤَن يوسفَ ڳري پائُرَ موٽائي
آچي أُيا بارَ ۾ سَپِيَ سِرُ نائي
يوسف چَيو وير تَهِ نِگِيو ماڻُ کُواءُ (١)
وَجي وَزِيري کَڍيوءُ کَنهِ سَندي باراءُ
يوسفَ جيَ ڳالِ سُڻِي پائِين وِڌو ويڻُ
اِيهُ يامِينَ کَمُ کيو توسِين کائِي کيڻُ
توسين کائِي کوڙِئي کَچو کَمُ کيو
آسانها کو کَڍِهين اِهوتان نہ ٿِيوءِ
جِيهِين اِنَ هِريو ميرَ تُنهجو هاڻُ
تِيَهِين پاسِ جو هُوءُ چورُ جُوانُ
يوسفَ جَهلي ڏِيلَ ۾ ويٺوَ ويڻَ سَندانِ
آجا پَڌَر نہ ٿِيو ماري جا مَندانِ
يوسفَ چَيو ويرَ تَهِ سَحَرُ ماکَ سَڏاهُ

---

(١) کواءُ = کٿان، کنهن وٽان

جيڪي ڪُوڙُ سَچُ چَيُو جاڻي هيڪُ اَللهُ
چورُ ڪِياؤن نِمُٽو جَهِ ويرَ يوسفَ کي
ٻُرقو وِجهي رُوءِ سِرِ وينو پيا ٻُرهي
جِين ماپِيءُ چورُ ڪِيُئي کِلي مُهُ ماري
يوسفَ پيا رَهايو عُذرُ اِيهُ ڪري
يعقوب پُٽرِهَ پاڻَ ۾ پَڪاؤن پَرياڻُ
ڀِهرُو مِنَتَ ۾ گهُرو ڇڏي ماڻَ جُواڻُ
تان جي ڏي نہ مَگِيوءُ اسان کي نِرواڻُ
توءِ نِيئَجو نِمُٽو ڪري سَٽراٽو ٽَراڻُ
وينَتِي عَزيزَ سين اَسانهِجي ڪاءِ
چاڳَ اسان سين بادشاهَ پَلِي پَتِ ڪِياءِ
سَيِني ۾ گهوٽِيو بابي گهَٽو سُهاءِ
اسانها کو هيڪڙو جهلي ٻيو رَهاءِ
اِن پَرِ جِيني پُرَنِيو آهي پُٽرُ پِياسِ
رُوندِهي يوسفَ کي نيڻَ تَهِ گُذرياسِ
پياءُ ٻِيو کو جهليان رَبُ رکيءِ تاءُ
رنجاڻيان نہ ڪَڏِهين ماڙهُوئِي ڏوهاءُ
تَهِ رِءُ آوَّن نہ جهليان جيني ڏوهُ ڪِيوءِ
وَجِي چَيو پِرُسَ کي پُٽروءِ چورُ ٿِيوءِ (١)
جَهلِيائِين ماڻُ اَمِيرَ جو ٿِيءِ مَنجِهه جُوارِ

---

(١) پرس = پٽس

پِيئُ سين وجي پَدَرِي ڪِجاهُ اِيهَ پَچارِ
جان چُگِرَ تَنِ ڪِيا ڪارو تَتِ ڪَٽا (۱)
تان عَزِيزَ نہ مَجِيا مِتِرِيا ڏهَئِي جَٽا
ڪَرَهِ ڪِيائُون نِڪَرِي تَن ۾ ناهِ مَنا (۲)
مِصرَ سَنِيُ ڏهريو پَسِي پِيرُ پَنا (۲)
چَپِي آيا جَنگِ ڪي ڪَرَهِ ڪِياؤن ڪوپُ
اڳِيان آلِ يعقوبَ جو جَنگَ نہ جُزِوُ جوپُ
پهلوانَ پَسِي ڪري يوسفُ جُنبِيو جِين
ساپرِ پَسِي شاهَ جي دِرنا پائِين تِين
وڏيرو سَنَدونِ جو چَيو تَہِ وَري
تان مون پيئي پَدَرِي پِيءُ سين ڳالِ ڳري
سُونَ سَبرو جي ڪِيا آڳِي يوسفَ سانُ (۲)
آئي اَڙائي هَلِيا هاٿي هِيُ جُوانُ
بابي سين سُنهُ ڪري هِي جو آندهُ پانِ
سو عَزِيزَ رَهايو آساءُ ڳِنهي تَرانِ
آئون بانِي ياءُ رِءَ ويندو تان نہ هِتاءُ (۲)
جان مون ڪَنِين نہ رَسِئُ بابي جو ڳالاءُ
رَبَ سندي فرمانَ رِءَ ياءَ نہ چَڏِيندوسِ
”وَهُوَ خيرالحاكمين“ صَحِيُ سو پارِيندوسِ
وَهِي وَجو پِيءُ ڳَرَي خَبَرَ ڏجباهُسِ

---

(۱) چُگِرَ = چُنگل = ڍؤ (۲) اصل اَئِين

Gul Hayat Institute

ڪِئي پُٽرهين چورئِي اِيهين چئيجاهُس
ڪِئي پُٽرهين چورئِي پاهجي پَرياڻِ
اِيه گُواهِي پَڌَرِي آسين ڏيندا پاڻِ
ڪَئين رَبَ سُڄَڻِ جي نہ ڄاڻاهُ نِرواڻِ
”وما ڪُنا الغيب حافظين“ فَرمايو فُرقانِ
موتِي وِيا پيءُ ڳري خَبَرَ ڏِناؤن
ڪِئي پُٽَرهين چورئِي ايهين چَياؤن
يعقوبَ ڪي آندوهَ ۾ وَجِي وِڌاؤن
پُٽرائي ڳالِ سُڻِي ڪِيائين دانهُون
پُٽرائي ڳالِ سُڻِي يعقوبَ ڏِني آهَ
وِڇوڙِيا ميڙِيين تون رازِقَ رَبَ اِلاه
............ هُوامِ جي پاڻَ پُٽراڻا ماڳَ
اَچي ڏِنا ڏوڪِئي تَنِي اُتِي داڳَ*
............. را سُڄاتو ڏِٺِي چَڱي سُڄاڻِين

* هن صفحي جي حاشيه ۾ هينيان بيت لکيل آهن:

بيت
سُورَن هَلوهَل، ڏيهُ نہ پوئي ڏيلَ ۾
هيڪُ اڳيان نِڱياءُ ٻِئي وڌائون جُهلِ

بيت
سَٽرائي ساناڻ تاءُ سَٽراٿو مان هنيون
پِرين وَڃائي پاڻَ، پرڪايوس مَن تيو

بيت
داڳَنَ اُتي داڳَ، مون ڪي ڏنا سَڄَڻين
سندا جي فراق، ماءِ ڏنا ............

بيت
ڏَڪَنِ اُتي ڏَڪَ، هنيڙا سَهُ ساناڻِ جِيَ
هُئي ..... هيڪاندَ جو تو ڪامِي ......

جي ڳُجهيون جي پَڌَرِيُون پاڻِهي ڄاڻين
پُٽرنيُون روئِي ڪَرِيَ ڏِيئَيِ وينو پُٽِ
وِڌائون پَرڏِيهَ ۾ جا تَنَ هُئِي جُٽِ
پُٽَر مُهجا سُپِرِين يوسفَ وِيُهِ ڪِيِنِ
تِيِنِهِي قُوتِايُهُ مون کي ڏِنُهِ جِينِ
بَرِتُون وِيُهِ نِڪَرِي سَرِيَ سُهِلا سيڻَ
وِئو نُورُ نِيڻَ ڳِئي ساءُ نہ لَڌو ڪيڻَ
آبُ آٿائي اُنجِيُون چُپِيوءِ ڪَهِين وارَ
رُوئَڻَ سَندو رَڄَ ۾ پاڻي پوءِ اَپارَ
هيجانَ هُئي سانِدِيئِي آٿاياءِ صندوقَ
ويهي تِت اُپَتِئِي ڪِئي سَيِنِي ڪُوڪَ
ڪَمرِ بندُ ڪِداياءِ مُصَلو مُنہَ چَٽَ
پَرَهي وينو مَنجهہِ گهَرَ پاڻِي ڪَٽِي وِرِتَ
ڳُوندَرُ سندو ايهُ گهرَ اَڏاياءِ ڏارَ
آندرَ تَنهِ يوسفَ کي رُناءِ وِيري تارَ
رُوئَڻِ کي ڏارَ ڏَرِيَ اَڏاياءِ بانِ
عَربِيَ ۾ ناءُ تَهِين بَيتُ الاحزانِ
يَعقوبَ جو باجهاروءِ پَڪَنَ سَڏُ سُڻِيِنِ
سي پُٽِ اَچيو پَر تَهِين بَرُ جَهجهو هارِينِ
تان رُوندِهني اِنَ پَرِ آؤَ عِزرائيلُ



Gul Hayat Institute

تِينهِي موڪِلئُو جِينِي نانءُ جَلِيلُ
پُڇي عِزرائيلَ کي يعقوبُ نَبِيُ تَتِ
ڱِنَهڻَ آيُه روحُ مون کي مونِ زِيارَتِ
اُجا هاڻي تو مَٽي مُهُ پَسَڻَ آؤسِ
روحُ ڪَڍِيو تَنڍِهين جو لَڌو فَرماؤسِ
جي گهارِين اَيِنِ ۾ مَلڪَ سَتَنِي مَنجِهه
رُوندائِي آهِينِ سي سَبِ تُهجي ڏَنجِهه
پُڇي عِزرائيلَ کي يعقوبُ نَبِيَ پاڻِ
خبرَ ڪاءِ يُوسفَ جي مون کي ڏِينده هاڻِ
جي تو يوسفُ مارِئو مون کي خَبَرَ ڏِيجِ
سُڌِيُون سُپِرينَ جِيون مون کي سُڻائِيجِ
چِيائين يعقوبَ کي تَهه ويرَ عِزرائيلَ
آؤن موڪِلِئو تو ڱِري سَچي ربَ جَلِيلَ
جيتوڙي يوسفَ جو ڱِيَڙو هُئو روحُ
توءِ رُني يعقوبَ جي ڏِسي ربُ صبوحُ
يعقوب هاڻي اُميدَ تون مُورِهين مَ لاهِ
ميڙِيندوءِ سَچو ڏَڻي آسَرِ پَرؤ آهِ
هاڻي تون يوسفَ جي ڪِجِ اُميد گهٽي
يوسفُ سِگهو پاءُ سين ميڙِيندوءِ ڏَڻي

Gul Hayat Institute

عِزرائيلَ آچي كري ڏِني بشارتَ
پُٽرَ مُنهُجا مُون ڳرَي صَحِيُ مَڙندا سَٿَ
يعقوبُ چوءِ پُٽرنِ کي جيهوُن جا سُٽِيهُ
سِگها اُٿِي نِڪَرو بِنِهي طَلَبَ ڪريهُ
مَ لاهجاهُ ڪَڏِهين آسُون ڏَٽِيَ منجهاءُ
”قال اتَيا سو مِن رّوح اللهِ“ فرمايو ڏَٽِياءُ (١)
مُون پانِ جي ڏَٽِيَ ۾ آهِي وَڏي آسَ
جِينِي ڳهُريو سَچِ تي نَکِي ٿِيا نِراسَ
ڪافِر مُکَرَ جي ٿِيا ڪوُرو واجي لِيهُ (٢)
صَحِيُ سِکَندا کي تَهِين سُجَهيَ جو ساٽِيهُ
سَبِي پانَ پِجَاٽيون ڳالِين ڪِيڙائُون (٣)
اُٿِي پِيءُ پيرين پَئِي مِصرَ مَٿياؤن
سَمَرُ ڪٽي پانَ سِينءُ اُٿِي پَنڌِ ٿِيا
جَرُ هاري جالاروءُ نَيڻَ ڳُجهون ڪيا
پيءُ سين ڪندي کُوزِيونَ اُسان ٿيو نه ڏراءُ
ڏکَ ڏِناسين ڪيتَرا ڪارڻِ يَلي ياءُ
پِهرو وِجهي ڪوهَ ۾ پوءِ وِڪيو سُون
تَانءُ نه سَرِؤ کي کَهِين جو ناتو نِيو سُون
......... بئي ياءُ سين جا ڪِياهُ وَري

(١) ائين (٢) اصل ائين (٢) پجاٽيون = پياٽيون، پيءُ جون

يـــا پـرائـــي لـُـوحَ ۾ مُـڪـُهَ اُتَ ڏَرَي
............ دِسِ ڪَـهِـين نِـيو وَٽـجـاري
ڪي تان گهُرِي لَهاهُ سو وِيو ڪَهِ پاري
......... پِهرو نِـڪَـرو مِـصرَ مَـٽـي وَجـاهُ
بانديَڙو بَـنـدَ ۾ ڪِـيهِـن ڪـري ڪـيداهُ
رُناوَن ريلا ڪـري پـاڻ پِـجـاڻـي ڏُڪ
ڦوڙائي پُتَـرنِ جـي پِـيو گـهـٽـي اُهـڪ
روئَـڻُ تورو مومنا سائـيـن گـهـٽـو سُـهـاءِ
۽ تَهِ ۾ اُمـيـدَ ڪَـرِ دِرِجُ سَـتـراڻـي دراءِ
چَڱي تِيَسِ صِدقَ سين ڪلمي جي ڪُـشـاءِ
لا اله الا الله محمد رسول الله
پُٽَرنِيُون پـوءِ ڏَري يـعـقـوب مُـڪـو لِيـه
مِصرَ مَـٽي نِـڪـارِوءُ مـاڙهـو مُـيـئـهِ ايــهُ
پِـهـرؤ نـانءُ اَللهِ جـو مَـتـي دريــن لِـڏاءِ
تَان پَـجـيرو پـاڻ جـو پـيءَ ڏاڏو لِـڪـيـاءِ
وينَتِي يـعـقـوب جـي مِـصَـرَ راءِ سُـٽـيـجِ
پُـنِـيُون چارِ مُـنِـهـجـيُـون مُـرسِـلَ سُـجـاڻـيـجِ
اُڳِـيـو آتَـــشَ ۾ اِبــراهـيـمُ خـلـيـلُ
بَـڪـرُ جِـيـن ۽ ڪـُهـايو پُـٽُـروسِ اسماعـيـلَ
قُــربــانـيِ ڪـــور ڪـٽـِـي آوَ جَـبـرِئِـيـلُ

تِينهِين موڪَلِڙ جِيني نانءَ جَليلُ (۱)
چوٿون مُرسلَ سو آه مون ٻيءَ پانئي پاڳُ
فرمايو فُرقان ۾ نالو تَهِ اِسحاقُ
سَڀيئي اُهڪايُون نَبيِّهِ ڏِناءِ
”ان اشدّ البلا عليٰ الانبياءُ“ محمد نانءِ چَياءِ
مُونهي هُئو گهوٽيو سوپڻِ وِڇُڙِيومِ
جَرُ هاري ڄالاروءُ تَهِ ڪي گهڻو رُنومِ
ڪامِي هَڏ َ ٻگِري ٻگِري ڪُڙهِ ڪورا ٿِيامِ
نيٽئون نيرُ وَهي بُتِ ڪَمانَ ڪِيامِ
جا ڇِڪَرَ تَهِ پاءُ سين واڪو وري ٿِيوسِ
سوءِ عزيزُ رَهايو هاٿي ڪي.......... (۲)
رُوندِهي يوسفَ ڪي سَتَرِ وَرِهَ ٿِيامِ
تَنهِ اُتي تاهَرِي تاتَهِ..............
آسانهِجو ڪَڏهين چورُ نہ هُئو ڪوءِ (۲)
جي عزيزُ رَهايو وِيڻَ پُڇِيو سوءِ
موڪلِوءُ مِصرُ مَٿي ڪاڳرُ مُهرَ ڪري
پِهروئِي سو رَسِئو پوءِ پُٽراسِ وري
يوسفَ تَتِ اُپَٽِيوُ ڪاڳرُ پِجاٽو (۴)
ڳالِين سُٽِي باپَ جِيُون تَنَ آندرِ ڪاٽو

Gul Hayat Institute

---

(۱) اصل. قرباني ڪورِ ڪَرِي. (۲) ڇِڪَر = ڇُنڪل (۳) اصل ائين (۴) پجاٽو = پِياٽو، پيءُ جو

ڪاڱر واچي ويرُ تَهِ ڪوناياڻين يا
دِلگيري يعقوبُ جي پَسِي وَهِ وِيا
رُنائون نيڻَ پَري پِنهين پائين تَتِ
يوسفَ ڪاڱرُ لِکِوءَ پِيءُ مَٽي جَهت
آؤن مصرَ راڄِيو ۽ تون اِسرائِيلُ
تو بابو اِسحاقُ پِيُوءِ ۽ ڏاڏوءِ خَلِيلُ
هِي جي هُوئا اڳيان ڏيکاريهُون ڏُکَ
جي تو ڏِنا مون ڏَٽِيءَ وِسَرئوسين سُکَ
تو ڏاڏو آتشَ ۾ وِڌاؤن واري
ياري ڏِني ويرَ تَهِ آڇي ريباري
خالِقَ پاڻُ پَرَنيو بانهي ويچاري
جِين جَهِين کي لِکِوءُ سو تِئِين پاري
آندائِين آتشَ ۾ رَبَ سَندو فرمانُ
اِبراهيمَ خَلِيلَ کي ڪَرِ نِڪارِئو پاڻُ (١)
جِين تَهِ اُتي پِڌَرو اِيهُ فِرمانُ ڪِيو
موتِي ابراهيمَ کي مُگَرُ باغُ ٿِيو
ڪاتي اسماعيلَ کي ..... ٿي ابراهيمَ
گهٽو تَهِ مُهتَ ۾ مُڪو رَبَّ رحيمَ
تَه سين سائِينءَ ساجَرا هجي ڪِيا وَري

(١) اصل ائين

جي تو وِيو هيڪڙو تہ ڪارہ پِيا ڳَري
جي يوسفَ ڪي هِت نہ پَسين پوءِ
ڏِينهِ قِيامَت نِمُنُو تِنتهين مِڙندوءِ
........ صَبُر ڪَرِ تِنِ جِين اڳَيَهِ ڪِيو
هِي جو هُئو ڏاڪَڙو تَنِ سَتِڙو تِيو
اِبراهِيمر خَليلَ کي مَڳُرُ باغُ ڪِياءِ
قُرباني تَهِ پُٽَرَ کي جَنهَراءُ مُڪاءِ (١)
ڪاڳَرَ ...... موڪَلِياءِ پِيءُ مَٽي ڏِيئي
ڳالِين سَپاهَتِيُون ڪِياءِ تَهِ سَيِيئِي (٢)
ڪاڳُرُ يعقوبَ واچِيو تَهِ وِيرَ پَڙهِي مَٿاءُ •
تَتِ چَيائين چِتَ ۾ اِيهُ ڳُورو ڳالاءُ
ڳالِين ڳَٽِي سَونهارِيُون پِيو ڪونہ ڪري
آسانهِجو هوءِ ڪو موتَنُ باس بري (٣)
......... سِيئي سُٽِي رُوئَڻُ ڳهٽو تِيوسِ
جِيَرا جي ڦوڙايا تِنِي جارُ ڪِيوسِ
تان رُوندِهي اِنَ پَرِ آئو جَبرَئِيلُ
رُوئِين ڪوهُ پُٽَرنِ کي چوئي رَبُ جَلِيلُ
ڏِيلُ ڏُکَندي سارِؤ سُکِ نہ سُتا نينَ
جَبرئيلَ ڏِناءِ کِيَ سَري سُهِندا سينَ

---

(١) حَنهراءِ = جنهن لاءِ (٢) سپاهتيون = سُٺي يا ارادي واريون (ضد اپاهتيون) (٣) اصل ائين

Gul Hayat Institute

يعقوبَ هاڻي پُٽرنِ جي ڪِجِ اُميدَ گهٽِي
يوسفُ سِگهو ياءُ سين ميڙيندوءِ ڏَٽِي
يعقوبُ پُٽرَهِ پاڻِ ۾ پَڳِي نيري بَندِ (١)
رُوندائِي ياٽَنِ کي اُٽِي هَلِيا پَندِ
رُوندائي يائَنِ کي مِصرِئا پُرِيا
اُڃِيا بُکيا ڏُکِيا کُهِيا ڪَلرِيا (٢)
دَرئَون وَزيرَنِ کي سُڌِ ڪِيائين ايِهَ
يَعقوباڻي رَسِيا پَهيءِ ونگا ڏِينهَ (٣)
يعقوباڻي رَسِيا شَهرِ دَرازين پارِ
خَبر. ڪِئي اَميرَ کي بِيهِي تِين بَردارِ
جِتي يوسفَ پارُ ڏي تَهِ دَرَ سَٽَ ڪِياءِ
دَرَ دَرَ مُنهِ مَيدانُ جو رُپي سونَ ڳُتاءِ
پاتا تَختَ ڪُرسِيُون تَتِهِين دَروانَ
سِيئي سِينگاريا يوسفَ جي فَرمانَ
پاٽو آٽي تَختَ سِرِ وِهارياءِ غلامَ
وِيهُون اُٺَ سَيَڪَهِين نيو ڪَنِ سَلامَ
سَيِنِ کي ڏِيارياءِ سونا سِرِ تاجَ
ڏائي جِيَٽِياءِ تي اُيا اِيهِيَ حاجَ
وِينا چڙهِي ڪُرسِئين پاٽو آٽِي هَندِ

Gul Hayat Institute

(١) اصل اٿين (٢) اصل اٿين (٣) اٿين

سونا ۽ روپا گرجَ ڏِناءِ سَيني ڪَنڌِ (١)
سونا سينهَ ڪِيا بر بر ڪُرسِيَ هيٺِ
ڪوءِ دِرجَندو تَنِ پَسرِ ...............
سَنتَئِي دَرِ سِينگارِيا پَتورا پائسي
ڏيڪاري پائنِ ڪي يوسف ............
راتِيون سَتَ رَهايا پاٽو آٽي ماگِ
پَتَوري پَرهَايا سِيئي وِهاگِ
پتوري پَرهايا سونَ رُپي سَاري
تُرِي پَلاٽِي تَنِ ڪي آندا سينگاري (٢)
تَهه وبرَ نَبِيَ اُلَهِي يوسفَ ڪِيا سَلامَ
آسِينهِي عَزِيزَ جا آيُهُ سَي غُلامَ
پَسِي تَختَ ڪُرسِيون سِرَ نَاياوَن تَتِ
چاڳَ ڪِيائِين تَنِ سِين يوسفَ پَلِيَ پَتِ
ماٽِڪين ۽ موتِئين سينگاريائين پاڻُ
ڏيڪاري پائنِ ڪي لَذائين فَرمانُ
جي آهين آيَنِ ۾ مَلڪين چَيو تَتِ
جي مَرڪائين پاڻَ ڪي ايهُ ............
پَسي رَبُ بِرڪَرُو جيڪي ڪَري جُوانُ
ڏيڪارِي پائنِ ڪي ڪِي مرَڪائين .........

(١) گُرج = گُرز (٢) تُريون = گهوڙيون

اَيَنين يُونِئَنِ جا مِڙِيا مَلڪَ سُٺيه
ياڻين جَنِ رنجاٽِيو تَنِي آچي ايهُ
آئون چاڻا اِنَ ڪي نہ مَرڪائي پاڻُ
تَنِي سين پالَ ڪري ڪِيُسِ جَنِ زِيانُ
جيسين جئين صِدقَ سين ڪلمو چَيو روانُ

لا اِلٰه الا الله محمد رسول الله

سَيئيِي آڏو فَرمانَ ۾. آندا پِهاري (١)
پَتوري پَرهايا تَتي وِهاري
پَلاٽِي ...... ڪري يوسفَ ياڻُرَ جَتِ
مٿا اُڳهاڙي ڪري رُوئَڻَ هُوئا تَتِ
اِي عزيزَ اَساهِجا سُڻِ جي هَٿُون ڏُڪَ
ڪي گُوندرَ ياڻُن ِجا ويتَرِ سَدا بُڪَ
اَکِهين مَرَ ياڻَنِ جي ڪَرين چِتِ ۾ ڪِ پَيدا ڪَريان پاڻُ
هيڪَرَ لڪَ رڪجي تَان آئُو فَرمانُ
اسان ڏِيج عزيزَ ڪي صَدَقو يانَ مٿاءُ
رَبُ مَرهيندو تَنِ ڪي هيجين ڏِين هَٿاءُ
شهرُ سَيِوئِي بُڪِيوءُ ويتَرَ اَنجهہُ وِياءُ
اَسان وَٽُون آنديون پَسين مِصرَ راءُ
ياڻَرَ پَسِي بُڪِيا رُنائين قَهراءُ

(١) پهاري = پهرائي، ڍڪائي

کيڻُ ڪارايائين تَنِ کي سينگاريَئين سَهجاءُ
پائُرَ وهاري ڳري ڏنائين فرمانُ
هُئو جو جُوارُ ۾ آڻايائين مانُ (١)
ڪانو ڪٿي مانَ کي يوسفَ ڏَکُ هَئوءُ
ڏَکَ لڳندي سامُهون تيني سَڏُ ڪيوءُ
ڪانو ڪٿي نِهو ڪيو يوسفَ مانَ مَٿاءُ
سو سَپِني ماڙُوئا تِينِي ڪِيو ڏڪاءُ (٢)
يوسفَ چيو تَنِ کي مِڙِيا سَپِ سُٽِيهُ
ڏنوئِي سَڏَ ۾ مون ويچاري ڏيهُ (٣)
مانُ مُنهِجو پَڌرو چَڱِي سُڃاڻاهُ
پَرَ جو پُڇِين وِيڻُ تون اَسين نه ڄاڻاهَ
جِيهِين مون ٻُجِهيو تان جي تِيهِين هوءِ
اِها ڪَمَ ڪُواريا مومِنَ ڪري نه ڪوءِ
مون پاڻهي ويچاريو يوسفَ چَيو تَت
ڏوهُ ڏِئو ڪَنِ کي تان جي هوءِ سَپِت
مون پاڻهي ويچاريو پاڻِ جي ۾ روحُ
يوسفُ پائين ٻُجهئي وڏائون ۾ ڪوهُ
سَتَ ڏِينهَ سُراتيا تِتي گُذَرِياسِ (٤)

---

(١) جُوارُ = جوال ، ٻوجهو (٢) اصل مالُوءُ (٣) اصل ائين (۴) سراتيا = راتين سميت

تِيان وَٽجاري ڪَڏيو ڀائَرَ ..........
جَلي اَرڙَهَ نَديا ڪُوري سَٽِ ڪري (١)
با ڀرانيءِ لُوهَ ۾ ......................
"اَرفَعُو رُؤُ سَکُم اَيّها الغافِلُونَ ما فَعَلتُم بِيُوسفَ
واَخِيه واِذا نتمُ فَعلُون"
مٿاهان ........... گهٽو ئي اِيَ پُٽ خَبَراهُ
جيڪي ڪِيان يوسفَ سين ..........
يوسفَ لاٿو ويرَ تَهِ پَردو پانَ مُهاءُ
پَڌرِ هُئو ...... جَڏهين ڏٺائون مُنهُ ياءُ
تہ تون يوسفُ آهيئين چَياؤن تَهِ ويرَ
چُمَنَ هُوئا ياءُ جا تَنتِ سِيئي پيرَ
آؤن يوسفُ آهِيان هيُ مُهُجو ڀا
هِنيڙو ٻاندي ڪانُ جِيَن جَلي لَهري ڪا
مون سين سائين جي ڪِئا پَسو ڀالَ اَپارَ
جي ڏِرَئا خالِقَ ڀَيءِ ڏَٺي نہ ڏَريا ڏارَ
رَبُ نہ يَجي پورِهئو سَندو صالحَنِ
مون پاٽِهي يائُنِ ڪي مَرِهينا ڏوهَ سَپِنِ
سُٽِ وينَتي ڪَنُ ڏي جو تون يَلو يا
جيڪي ماري وِجُهون ناهَتِ ڪارِ دُعا

---

(١) اصل ائين

ڪو ڳالاءُ نہ اُجَھيءَ اسان ويئي وا
جِين تون ڪَندين پَلِيُون اسان پوجِھہ نہ ڪا
ڳُجھا ڏوهَ ڪِياهُ جي جِين تِين پَڌَرِ ٿِيا
جَهِ سين اسان ڪيُون، سو تُون .........
يوسفَ چَيو ويرَ تَہِ پائر جوڳا توهَ
جانءُ سَباجهو مون ڏَٺِي مَرهِي وَڏائي ڏوهَ
جَهِين جِهوئي ڦيريو تَہِ ڪي تِين مَرهيومِ
مون سين پائين تِين ڪيو لِڏو جِين هُٿومِ
پائُرَ ............ سيئِي مَر جي بابو آٿيہِ
ڪُڙمَ لَڏائي پاڻ سين سِڳها پِري اَچيہِ
يوسف ڏوهَ بخشِيا پائُنِ ڪي تَہِ وارَ
سيپئي سَرها ٿِيا سَندي نيہِ جَبّارَ
موڪَلائي نِڳيا پيءُ مَنِ چَڙهي سوَارَ
چاڪَ پَلي پائُنِ سين يوسفَ ڪِيا اَپارَ
پيراهَڻُ آٽي ڪري پيءُ مَنِ ڪَٽي مُڪاءِ
اونِي ڪونائي ڪري تَہِ ڪي اِيَ چَياءِ
اُلِهي بابي ڳري هِيُ نيئي پائِينہُ
ڳالِيُون اساهجيُون وِيا سَپ ڪَرِينہُ
پارتَ گهٽي ڪري اوڏو ويئو جَتِ
اَچي يوسفَ ڳَنڌُ مُون يعقوبَ چيو تَتِ

Gul Hayat Institute

جي مُون چَرِيو نہ چوءُ تہ مون ڳنڍُ اَچي
ڏيهُ سَپوئي واسِيوءُ سُرهِي يوسف جي
تَہ وِيرَ چيو گهوتِئي هِي جي هُوئا تَتِ
گمُراهي تو اَڳِهين وَجي ڪَهين نہ پَتِ
جا تِپَهين پاڻَ ۾ مڙيا ڪَن پَچارَ
تان اوني پَيدا ٿِيو سَندي نيه جَبّارَ
پيراهَڻُ آٿي ڪري يعقوبَ هَٿِ ڏناءِ
سَرهايِئي پُٽرائِيءَ سو مُنهَ سين مَٿياءِ
مَولي جي مِهرَ ٿِئي اکِين اُپَٽِياءِ
تَنُ تِينِي سَرهايِئي رُوندي جَرِ پَرِياءِ (١)
آنڌائِيءَ پُٽرائِيئي سَرهو ٿِيو رَسولُ
سپاجهي باجهہ ڪِئي مُنهَ ۾ آئِس نُورُ
ڦوڙائي يوسفَ سين سَتَر وَرِهَ ٿِياسِ
آنڌارا هُئاسِ جي پَڌَر ڏٿِيَ ڪياسِ
سَپِ سَلامَتَ رَسيا هُوئا پوءِ پُٽراسِ
اَچي پيءُ پيرين پِئي روئي ڳري لڳاسِ
بابا اَسين ياءُ ڪي پَسِي آياسون
اسان لَهي نہ سَگهِئو تِين تہ سُڃاتاسون
يوسفَ اسان سين ڪيا پَتو پِتَين پالَ

---

(١) اصل. لوڏِي

جِيِنِي ڪِيا نہ پَڌَرا ڏُڪَ..........
جِيِنهِي مون پُڇيو پاڻ جي ڏِٺياءَ
ڪيٽي لَهِي نہ سَگهِئو اِيہِ...........
پُڇي پاڻ پُٽَرِن کي يعقوبُ نَبِي تَتِ
يوسفُ کِهي دِينَ ۾ ۽ ڏِٺو ڪِهِ يَتِ
بابا آسان ياءُ کي ڏِٺو پَلِيَ يَتِ
دِينُ اُجاري اَگِيون وِيٺو مَنجِهہ مِهِتِ
واڪاڻِيا وَڏو ڏِٺي خبرَ ڏِني جِيِنِ
پُٽَر مُنهُجو مون ڳِري مِڙندو سَچي دِينِ
بابا آسان جي ڪِيا مَرهَيِن ڏوهَ سَنداهَ
هي جي پُليو ياءُ سَين..............
بابا آسان جي ڪِيا نَنديا وَڏا ڏوهَ
لائِقُ سِپيئي ٿِيا سائين سَندي توهَ
سِڪُون پاڻَ پُٽرَن کي خالِقُ وِنُوءَ دوسِ
مَرِهي ڏوهَ سَپِنِ کي سائِينءَ سو گهُرندوسِ
اُٿي پيءُ پيرِبن پَئِي رُناؤن تَہِ وارَ
سَپِين يائين بسَچ ئِي جَرُ هاريو آپارَ
تان توڙهين رَسِئو سَندو توهُ سَتارَ
سَپ چَئيجاهُ مومنا ڪلمو وِري تارَ
سَنيوڙا مِصرُ مَٿي يعقوبُ اَنجهہ پُٺُراسِ

Gul Hayat Institute

گھوٽ ٻلاٽي هليا سيئي سيڙاسِ (۱)
يوسفُ ويٺو تخت سرِ اُڪنڊؤ ڪيڙاسِ (۲)
ٻئي مڙندا پاڻَ ۾ يوسفُ ۾ پياسِ.
واڪاڙيهُ وڏو ڏٺي ڪمَ جو آڙي راس (۳)
نا اُميدَ مَ ٿيو اوڏي ٻاجھ سيڙاسِ
سَڀِ سلامت رسيا اوڏا وجي جَتِ
يوسفُ خبرَ رسِئي تني سَندي تتِ
نقيبن سَهُ ٿيو مڙي مُنيدي ڏيهُ (۴)
يوسفَ جي فرمانَ ۾ مڙيا سَڀِ سُٺيهُ
پيءُ مڙندو بادشاهُ پاسي تَه آچيهُ
ڪَڍي پرهڻ پاڻ جا تنَ سِينگارُ ڪريهُ
.......... موزا سونئا ۾ سرِ ڪنگورَ ڏريهُ
سِگھا ٻاهرِ نِڪرو اُتي ميڙُ مڙيهُ
سُٺي فرمانُ تَه سينگارياؤن پاڻُ
مڙيا سَڀ سَراءِ ۾ قُربؤ جو فرمانُ
........ ڪري هَلوءُ جئن پيءُ مٿي جُوانُ
ڪورا ڪوتا ڪيورا لڳو درِ ديوانُ (۵)
پَسِي يوسفَ کي سَيين ڪيو سلامُ
نَنڍو وڏو تو ڳري آهي اَڄ غُلامُ

---

(۱) سيڙاس = سيٺاس (۲) ڪيڙاس = ڪيٺاس (۳) واڪاڙيه= واڪاٺين، آڙي = آٺي (۴) مُنيدي = منادي (۵) شايد : گونا گُونئا ڪيوڙا

مِصرُ سَيوئِي پاڻِ جو وِيتو سينگاري
پَٽوري پَرهايو يوسفَ سُونهاري
تانءَ پڇيرو پاڻِ جي تَنَ سينگارُ ڪِياءِ
سُونهارو سَپِين پَرين وِيتَر چاڪَ لَڌاءِ
يوسفَ داري ڇِتَر جي ساڍِيُون ٽري وِيهُون
لَشڪَر پَرَو ناهِ ڪو سَهسين پَڳِرَيُون
سَتَرِ عَلمَ سَنيايا سَپِي يوسفَ ڏارَ
عَلمَ هيٺِ سَيڪَهين ڏَهَ ڏَهَ سَهس سُوارَ
دُهلَ دماما ڳاهَرُو پيرين ڪِيو هَنبَسُ
پِرين مِڙندا پاڻَ ۾ اِيهُ تَماشو پَسُ
پِرِين مِڙندا پاڻَ ۾ وِڇُڙِيا هُوئا
سَتَرِ وَرِهَ فِراقَ سين ڏُکين آجارِئا
دُهلَ دَمامي سَڏَ سُڻِي چوءِ زليخا جَتِ
پُڇَڻَ هُئِي پاڻِ جا هِجي هُوئا تَتِ
سي نه سُوئِا ڪَڌهِين جي واجتَر وَجَنِ
پُڇِي خَبَرُ ڏِيهَ مُون ڪِها رَسَ سُجَنِ
يوسفَ اَنجُه پَلاٽيو گڏيو پيءُ سانُ
بِيُو مِڙَندا پاڻَ ۾ لَڏاوُن فرمانُ (۱)
جان ٿِي يوسفَ نِڪَري مون ڪي تِنِي نِيهُ
سُٽِيان سَڏُ سَندو ڪو سِرِيَ سُهِندو اِيهُ

(۱) بِيُو = بِيِي

Gul Hayat Institute

آنـــڏي ۾ پـَرِيـيءَ ٿـِئِي ويـتـَرِ بـيـٺـِيَ پـُـٺِ
ڳَيا جويـــَنَ ڏِيـنـهـَڙا جا تـــَنَ هـُـئِـي جـُـٺِ
آٿـــي اُنِ اُيـِـيـاريـيءَ تـــهِ دَرازي پـــارِ (١)
يـوسـفَ خَبَرَ رَسـئِـي سـنـدِي .........
وَزِيــريـن ويـرَ تـهِـيـن پـَـكـائـــون پـَرِيـانُ
جي كـهـِيـن فـــوجَ كـري نـيـهُ .....
تـــتِ زلـيـخـا پـُـڇـئِـي وَجـِي وَزيـــريـــن
سـُـڄاٺي يـوســفَ كـي هــِـتِ ايــهُ .....
آؤن پـاهـِجي پـــرِيَ كـــي ڃـَـڱِـي سـُجـاٺـا
وَهُ لـڳو وَرِهـــــنِ كـي پـانـهِـي جـا ......
وَزيـريـن ويـرَ تـهِـين فـوجُون كـيـون كـٺـك
ســتـرِ وَرِهَ ٿـيـاسِ جـي ............ ڏَكَ
آٿـاءُ جي اِنَ پـَـرِ جـان جـان فـوجَ آچي (٢)
يـوسـفُ آهـي هــِنَ ۾ پـُـڇـِنِ راٺـِيَ كـــي
پـــرِيـن مـُـهـجـي مـَـنَ ۾ آجـان هـِتِ نـه هـوءِ
شـَـهـَـرُ سـَـيـوئِـي پـانـيـان جي مـون پـُـڇـي كـوءِ
جانِ جـان اچـي نـكـري فـوجَ پـَـكـاري پـانُ
ڏي جوابُ سـَـپـَـكـهِـيـن ڏِئـي سـُـئـو نـه جـُـوآنُ
جـِ كـارَڻِ مـون سـاڙِيـوءَ وَجـهُ ڏيـلُ وِٺـانُ

(١) درازي = دروازي (٢) اصل. آراءُ

ويـي صـورَتَ اڳِـئـيـن رَهـيـا ...... نِـدَانُ
يـوسـفُ آچـي نِـگِيوءَ جَهِ ويـرَ فَـوجَ ڳـري
دانـهَ کِـيائِين ويـر تَـهِ بيـئِـي نيـڻَ پَـري
دوسُ مُـهُجـو هـنَ ۾ سِـيـنـگـارِئو آچـي
سونهارو سَيِيـن پَـريـن ڏِيـهـاڙِي ڏنءُ ڏي
پِـيـوءُ تَـتِ هَـٿَ کَـٺِي سَڏُ کِـيائِيِن ايِءُ
ويڻُ مُهُجو مـاڙوئاءُ مـڙِيا سَـيُ ......
جـي ڊِرنـا خالِـقَ پَـرءِ سـي پـاٽـائـي شـاهَ
جيني نـانءُ وَڏو کِـيو تَنِ ڏنائِين ڏاهَ
"پرهيـزگاري بـنـده کـآنَرا شـاه کـردانَد
وهوي نفسي بـادشـانـرا بـنـده سـازد"
ايِهُ ڳالاءُ کِـياءِ جـو يـوسـفَ پِـيـو کَـنِ
واکَـ ورائـي موتـيـوءِ تـو سُـڄـاڻـا رَنِ
دانَـه کِـيائِن ويـرَ تَـه ايـهُ ڳالاءُ سُـٺِي
سُـڄـاڻِي مـون گـهـوٽِـيا دَرِ آيـيـن ڏُٺِـي
يوسفَ تون سوگهو ٿِيو آن هُوئِـي سا رَنَ
ڏه ڏه پـيـرا تـورائِـيـوءِ رُپِـي پَـٽَ سـونَ
تـو کـارَڻِ مـون ويـچـيـو وَجَـهُ مالُ گُرَٿُ
ويـا جـوپَـنَ ڏِيـنـهَـڙا سَـڙِئـو ۾ سو سارَٿُ
يـوسـفَ چيـو ويـرَتَـهِ اِنَ سُـئـي ڳـالاءِ

اَجا مُون ڏُونهَ سَڏَ تون هاٽي ڪَرِبين ڪاءِ
جوِيَنِ سَندا ڏِينهَڙا وينهِين وِياءِ
هاٽي آسَرَ دُنِيَ ۾ ڪَرِين ڪِهين ساءِ
هَٿَ اُياري پاڻ جا ڪِئي زَليخا آهَ
جيڪِي ڏُکي ڏِيلَ ۾ جاٽي رَبَ اِللهَ
يوسفَ چابُڪَ پاڻِ جو هيڪَرَ مون کي ڏيجِ
جَ آؤُن اِيهُ نِهارِيان نَظَرُ تَهِ ڪريجِ
ڏِنائين تَهِ هَٿَ ۾ نيئي تاجاٽو (١)
اُلهَياسِ واتَ ۾ ڏَنءُ لَڳِي ڪاٽو
تاجاٽو واتَ ڳَري نِيائين جَهِ وارَ
تَهِ وِرَ جيرو نِگِيو سندي نِيهِ جَبارَ
چابُڪَ کامِي ويڳَ ۾ وَجِي وَرِيو هَٿَ
سَپِني سِحُر ٿيو يوسفَ ڏاري سَٿَ
سندي نيهَ نسُهَرِي سَپَ سَٽيجاهُ ڪَٿَ
سَترِ وَرِهِ ٿِياسِ جِين سِڙِي ۾ سارَٿَ
يوسف واري هَليا سيءِ چِهَ ٿي مِيرَ
گُرجَ سَپِني سونِٺا حيجِبَ خانَ وزيرَ (٢)
شَهرُ سَپوئي نِگَوءُ يوسفَ ڏاري جَتِ
راءِ ڳَنَ سِينگاريا تَهِ وِرَ پَتو پَتِ (٣)

---

(١) تاجاٽو = تازيانو، چهڪ (٢) گرج = گرز (٣) ڳن = لاءِ، واسطي

بِيءُ مَٽِ اُتي اِنَ ٻِرِ جين جُنبيو جُوانُ
وِچُڙيا ميڙي جو ڪَريان تَہ واڪانُ
نَظَرُ ٻِنهي پاڻَ ۾ پِيءُ ٻِيوءُ ۽ پُٽَر (١)
وِچُڙئي وَرِهَ ٿيا ٻِيوءُ مِڙندا مِتَر
يوسفُ جُڪَرَ اَلهِي تَہ وِيرَ تُرِيَ اُتاءُ (٢)
سُنهُ ڏنائين پُٽَر کي چَڙهيوئي تون آءُ
اَچا آون اُڪَنڊيو تو مَٽِ گَهٽِيَ سِڪاءُ
چَڙهيو ئي ڳِرِ لَڳُ مون اُلَهُ مَ گهوڙاءُ
تَہ وِيرَ اَچي پاڻَ ۾ لڳا ٻِيوءُ ڳَرَي
گهٽو رُناءُون پاڻَ ۾ ڪَڪَرَ نيڻَ ڪري
ٻِيوءُ گڏجي پاڻَ ۾ جُڙِيا چَڙهي سُوارآ
سَرهو ٿِيو سَيِينَ پَرِين پُٽَرَ سين تَهِ وارَ
يوسفَ چَيو وِيرَ تَہِ بابا گهٽو رُنوءِ
تان جي هِتِ نہ گڏيوهِ هُتِ گڏجِي......
مُون رُنو وِيڻِ ڪَهِين تون ڪہ پيو جَڳِ
متان آواتو ٿِيين پَئي پَرائي وَڳِ
جي جاڻان تون آهِيين آساهِجي ڏِينِ
هوندَ نہ روئان ايترو خَبرَ ڪِيءِ نہ ڪِينِ
يوسف اُيِي وِيرَ تَہِ ماڙُو ڪوٺيا تَتِ

---

(١) ٻِيُوءِ = ٻنهي، ٻَئي (٢) اصل جُڪَرَ



Gul Hayat Institute

مِصرُ سَيوئي مِڙِي بَهارِ آوءُ جَتِ
سَڏُ ڪِيائين تَنِ کي مِڙِيا سَڀِ سُٽيه
ويڻُ مُهُجي چِتَ ۾ اڳي هوءُ ايه
آئُن بابي سين مِڙِي آجو ڪندو ڏيهُ
أيو راهُ جسمَنِ کي هاٽي دُعا ڪَريهُ (١)
مِڙِي سَڀِني ماڙُوئين تَهِ وِيرَ دُعا ڪِئي
سانيَ سندي باجهه ڪِئي مُستجابُ ٿِئي
ڪلمو پاڪُ چَوَنِ جي تَنِي گوءِ نِئي
لا اِلـه الاالله محمد رسول الله
تَهِ ويرَ أنِي هَليا بَئِي چَڙهي سوارَ
زَلِيخا پيدا ٿِئي أت اَچي تَهوارَ
تَتِهِي يعقوبَ جي تُرِي پُجتِئين واڳَ
جي تُون آوءُ پُٽرَ ڳَري تين مون سَئين سَياڳُ
يعقوبَ سو سُٽيج تون ڪَريان جو فَريادُ
آئُن أيِي جو گهران ڏيارِيهِم دادُ
يوسفَ ماٿو جو ڪيو جاٽي هيڪُ اللهُ
جِيءُ مُهُجو جَهِ ڳَرَي مِصرُ سَڀُ گُواهُ
تاءُ پهرو تو ڳَري تِري حاجُون گهرجَنِ
جي مَڱي پاڻَ ڏَئي تہ مون تِروءُ پُڄَنِ

(١) اصل ائين



Gul Hayat Institute

پاڻِ جي خالِقَ دَر جانِ تون وَڏين هَٿَ
جِينـِـي گـهـرِءِ سَـجِـٽي لِـيي سـون گـرَٿِ (١)
جِينِي تون پُٽَرَ سين سَرِهـو ڏسِـي هـاڻِ
سائينءَ سندو ميڙين سِو سُپِرين جو مُون اَکِيَ پاڻِ
يعقوبَ چيو مَگَّ تون جيـڪـا هِتـِي حـاجَ (٢)
مـيـڙينـدوءِ سَچو ڏَٽِي وِيـا وَرائي كـاجَ (٣)
پـهـرو مَگّا پاهِجا بَئِي مُنـهَ ۾ نـيـڻَ
جَنِي کي تَـنُ تاسوءَ جان سي پَسان سيڻَ
تـِري هِـيءَ دُعـا کَرِ هَـٿَ اُياري هاڻِ
رَبَ سَـنـدي فرمانَ ۾ جَ آؤن تِيان جُوانِ
پُـتـَر گـڏجـي پـانَ جي نَـبـِيُ دُعـا کِـئـي
پِهِروُ هُئِي پَرِ جَـهِيـن وبِـيٽرِ تـاءُ تِـئِـي
جِين نَبِيَ دُعا کِئي تَت اُياري هَـٿَ
پَسِـي سَـپِ هـرِکِـيا سُونـهـارِي صـورَتَ
تِريءَ هاجَ هَتِم جِا يعقوبَ سا سُٽيج
يـوسـفَ يِلي پُـچِـئي مـون کـي ڏِيـاريـجِ
سـاراهـجـي سـوِ ڏَٽـِي وِيـا جـو واري
هِنيو مُهجو پانَ سيـن نِـيـو جَـهِ تـاري
هـاٽـي مُـورِ نـہ چِـڏيـان آوڻ ايـهُ پُـٽـرو

(١) اصل ائين (٢) مگّ = گهُر (٣) يعني جيکي هتان ويل کم کري

Gul Hayat Institute

پاڻُ ڏِنوئي اِنَ کي سُٽِي سَيِوئي کوءِ
جاٺي سَڀ سَچو ڏٺي ڏُکي جيءُ کيٺاسِ
هاٺي ميڙو کارِ مُون سِگهو تِي سيٺاسِ
جِينِي نَظرُ نِگئو کَٽِي اُتاهُون ڳاٺُرُ
مُون تَنُ تيِنِي ساڙِوءُ سَپِين پَرين سُپاٺَرَ
ميڙي پاڻَ سَرتِيُون جان تَهِ کريان سپاٺَرَ
جو مون گهٽو نِهارِوءُ پاٺي پَري ڳاٺَر
سِينگارِوءُ سَپِين پَرين صورَتَ سُونهارو
هِنَ تُهُجي پُٽَرَ کي لَڳو مَنَ جارو (١)
يعقوب پَسِي اِيهَ پَرِ رُنو نينَ پَري
پُٽَرَ مُهُجا مَجِ تون کارُون جاءُ کري
مون پاٺهي مَرَ رَهائِين بابا اڳي اِيهَ
آئون هُوءُ اِنَ ڳرِ جَڏهِ وَرِهَ اَچيه
مون گهوٺياءِ وِباءُ کري سَپَ پرِ تُون ڏيهَ (٢)
مَجِيان سا کِيءَ کري آوءُن هاٺي اِنَ...
يوسفُ پَلي پُڇِيءِ اُبِيني تَہِ وارَ
هاٺي پيءَ قبولُ کَرِ مُون موکَلِ مَ نارَ
واجِهيندي وَرِهَنِ کي ويئي سَپ جَمارَ
پرين مُهُجا ميڙ تون سچا سرِ......

(١) اصل ائين (٢) مون ۾ يوسف جو وهاڻُ کري پوءِ تون پنهنجي ڏيه وڃ

Gul Hayat Institute

جَبرَئيلَ جَهت ۾ آئو وَهِي آيـاءُ
ڪِياءِ سَلامُ دُرودَ سِين فرمايو ڏَنِياءُ
چَيائين يعقوبَ کِي سُڻِ تون اسرائيلَ
هاڻي پُٽُر مِجاءِ تُون سَندي نبيهِ جَليلَ
يوسفَ هاڻي قبولُ ڪَرِ زَليخا راڻي
وَرهَ زَمانا ڪيترا جا توکي ڪاڻي
آکِهين ايهَ اُڙهِيي تقديرَ رَباني
هاڻي تِين پيدا ٿِئي جِين رَبَ سُهاني
سَي سُٺيجاهُ مومناهُ جا ڪِياءِ ڪَهاني
پِهرُو صورتَ نِهارِ تون ۽ بيءِ جُواني
أيي يَلي پُچِئِي تون پُٽُر سُجاڻي
سَتَرِ وَرهَ ٽِياسِ جِين ۽ جيري ڪاڻي
راڻي هُئي رات جا هاڻي سِ وِهاڻي
بِنهي ميڙو ڪِيارِئو نُورَ رَباني
سَرِيءِ سُپريِن ي مِصرَ ڏجاڻي
جُ ڪَهِين هِتي صدق سين ڪلمو چَيو جاڻي
لا الـه الا الله محمد رسول الله
آکِهين نہ سُنَهُ ڪيو جو يوسفَ اِناءُ
جيني جَٺِئِي تَن ۽ سُجي نہ ڳالاءُ
ڏِينهُ پُنِڙيا اِنَ ڳرَ هُوءُ تان نہ هِياءُ

عاشق هُيءِ اِنَ کي ويترِ سَڀَ جَڙاءُ
جيڪي جَنهَرَنِ ۾ حُورون اَنجُم مَلَڪَ
مِڙِيا سَڀِ وِياهَ ۾ سَهسين سئين خَلَقَ
فرمايو فُرقان ۾ لِذاعُون جِين لِيهَ
سُونهاري يوسفَ کي اڳي لِڌِي اِيهَ
تَهِ ويرَ يوسفَ مَجِيو ايهُ ڳالاءُ سَٽِي
مِصرَ سَندي ماڳِ تي مِڙِيئي سَڀَ ڏُٽِي
جِيهِين گهُرِوءُ سَجِٽِي وِيا تانءُ جُٽِي
ڪَرَهَري تَهِين اُڪَتِي جو گهُرِياءِ دُنِي (١)
تَتِ يوسفَ اُپارِيئِي پالِڪِيَ ۾ پانَ
مِصرَ مَٽِ پَلاٽِيوءُ پُهُري نِتُ جُوانَ
اُبيٺو پِيءُ سامُهُون آجِي ڪرِي اُمَتَ
دُعا ڪِيائون کي تَهِين ڪَٽِي اُتاهان هَٿَ
مِڙِيَني سين باجهہ تِيءِ سَڀَ سَرَهِي سَٿَ
سَجَڻَ گڏِيا سَجَڻين ڪَندا کوڏِ آرسَٿَ (٢)
جِين پالِڪِيَ چاڙهِئِي يوسفَ لائي هَٿَ
تِين ڊِرِني خالِقَ پِئيءِ سَڙِئي ۾ سارَٿَ
رُوئَڻَ هُئِي رَبَ پِئِي پاٽِيَ ڳاٿُر پِري
مُنهُ پَسَڻ پِريَنِ کي يوسُفُ طَلَبَ ڪري

(١) ائين .شايد ڪَرهَڙِي = ڪرَهہ، اٿبٿت (٢) ائين

Gul Hayat Institute

سَتَرِ پيرا سِڪَ ۾ يوسِفَ ڪِئي طَلَبَ
ڪري زَليخا زاريُون ڏِراءِ دِرجَندي رَبَ
تَهِ ويرَ اَچي شَهَرَ ۾ سَيِيئي پيٺا
پاٽُو آٽي تڪِئين وجي جِين ويٺا
مُنهُ پَسَڻَ پِريَنِ کي يوسفَ لَڳِي آرِ
پِيءَ وِهاري تَخت سِرِ مَٽِيائِين ڪُنوارِ
يوسفُ پَسي هَلِئِي پيَڳي تَهِ ماڳاءُ
ڪوٺُ وِلاڙي ويڪَ ۾ تان پُنوسِ پُواءُ
يوسفَ دِروڙي ويرَ تَهِ وَڃِي هَٿُ وِڌاءِ
پيراهَڻُ ڦاڙي ڪري تَهِ کي تَتِ ڏناءِ
تان توڙهين رَسوءُ رَبَ سَندو فرمانَ
وِڪَ مَ ڏِني سَڄٽين هاٽي جهَلِ مَ پانَ
جِينهِين تون سارينءَ سو واڳِيوءِ جُوانُ
وڪِيو جي وَڙَنِ سين ٿيندو تَنِ ........
تَتِ زَليخا موٽِئي جِين اِلهامُ ٿِيوسِ
اُڪَندِيءَ گهُرياءِ جو سَجَڻُ سو مِڙيوسِ
چَيائين يوسفَ کي بَدلُ پِرِئو اِيهُ
جِين مُون اَڳي ڦاڙوءُ ۾ تو ڦاڙوءُ .......
تَهِ ويرَ اَچي پانَ ۾ مِڙيا جِيوءُ جُوانَ
گَندهُ سُگَند سَجَٽين ...........



Gul Hayat Institute

جَهِـ ويرَ اَچي گـڏِيا ٻِنهِي سَندا روحَ
ڪَنِ واڪاڻِ وَڏي ڏَٿِيءَ سـچـي ......
جَهِ وِڇوڙِيا ميڙِيا لاهي شڪَ شُبوهَ
اَچي ويٺو تَختَ سِر سُونهارِيَ پابوهَ
اَچي ويٺو تَختَ سِر سَرهو هِنيو ٿِيوس
پيائين اُٿِي ويرَ تَهِ نَئِي سَلامُ ڪِيوسِ
چَيائين يعقوبَ کي سُهُڻو سَچُ ٿِيو
جِين تو اَگَسِي ٻُجهِيو تِئين رَبَ ڪِيو (١)
مُون وِئِي کي هيَڪَڙِي بابا گهڻو رُنوءِ
جي . مُون هِتِ نہ گَڏِئُه هُتِ گَڏِجين توءِ
جي مون اَگِي ٻُجهئو تہ تو پَسهُ ويڻِ
مُورِ نہ رُوئان ايتَرو خَبَرَ ڪِئي نہ ڪِينِ
جو تو مُڪو مون مَٽِي پيراهَڻُ لاهي
ڳَنڍُ ڪَٿورِيَ جِين مُئي اُلهِيو آهي
سو مون چُمي سِر ڪِئو سُرهو سُونهارو
نيٽيين آئو نُورُ مون لٿو آنڌارو
وجو تہ ايمان سين ڪلمو پاڪ چيو
لا اِلـه الا لله محمد رسول الله

—

(١) اصل ، سُهُرو سَچُ ٿيو

[٣٩]

## قصو اسماعيلؑ پيغمبر عليہ السلام

بسم الله الرحمٰن الرحيم

نہ دوستين ڏورِ ڪاءِ، نہ تون ڏُڇَنُ ڏورِ
ڪي ڪوئي تڙايين، ڪي ڪوئين حُضُورِ.
عَزازيل خَلقِئو جيرّي نُورَ مَجهاءُ
سُگَهڙُ ۾ سَياءُ، سوءِ تَڙايوءِ تِرَ جيترِي.
حَوا مُڪيِءُ هيڪَڙِيءَ، اُيَرندي آدَمُ
ڏيئي سُورَ سَهَمُ، وَرِهَ وِڇوڙِيئي ڪيتَرا.
زَڪَرِيا کي جوڙِيوءِ ڪَرَتُ مَنجهہ ڪَپارَ
چِيرائي سو ڏارُ، اُڳِيايوءِ آڏَ ڪري.
يونِسُ مَڇِيءَ پيٽِ، مَڇِي پُڻِ مَڇِيءَ جَهلِئيِ
هَلايوءِ سو هيٺِ، جَهلائي جَرَ وِچَ ۾.
صابِرَ مَنجهہ سَرِيرَ، ڪيان پاراءِ ڪيتَرا
توءِ تُهجِي ڏِيرِ، ڪِرو نہ ڪِيائين ڪَڏِهين.
يعقوب يُوسفُ پانَ ۾ واحِدَ وِڇوڙِياءِ
نيئي باهَرِ پائُرين واري وِڏو واءِ. (١)
پِيءُ واجِهيندي پُٽَرَ کي وَرهين وَرِهَ ٿِياءِ
تَہ کي ڪاءِ نہ ڪاءِ، رَتُ رُئاڙِيوءِ ڪيترو.

---

(١) واءِ = وانءِ = ويڪرو ۾ تانگهو کوهہ

آوءُ عَلِيَ جاءُ، جان آهيڙاءُ اُڇِيو (١)
تان تَہ وِهُ وُجودَ ۾ رَسِئو رُنَّ هَٿاهُ (٢)
ننڍِا وَڏا بارَ، هُوئا جي حُسينَ سين
ڪَربلا ۾ ڪيتَرا ڪُهايئيُ ڪِي مار (٣)
سونَ وَنِڪا سُپِرِين ڪوني ڪَساياءِ
پِيا سي ٻُجهايَاءِ، جي سائِينءَ سين نہ سُئوار.
پِيءُ پُٽري پاڻَ ۾ وِڻني ڪِيءِ وِرُونَہَ
اُت اِسماعيلَ جي سَرَهو پَسِي ٿِيو سُونہَ.
اڳي اِبراهيم کي آراڙِ وِجهاياءِ
پُٽ فرمانُ ڪِياءِ، قَهارُ ڪوناڻيءَ ٿي پاڻِ کي.
آيوءُ اِبراهيمَ کي ڏِٺِي سَندو فَرمانُ
ڪَسِرِيءَ ڪي قربانُ، تِت بِينا هُونِ قِبلي (۴)
سُٺي سَڌُ سُوئاءِ پَسِي پشيمانِيو
ڏِرِڳا ڏورِ وِياءِ، ڏه سَيءُ آندائين ڏِڳِين.
غريبَ غُربا ڪوٺِيا، مينڙاياءِ فَقِيرَ
دِلِ ۾ آنداءِ ڏيرَ، سَئين ڏنوئين صَدَقو.
ٻِيءِ راتِ "ٻَبَرَ" چوءِ، پُٽِ کو سَڌُ سُوئاءِ
ماري ماهُ ڪِياءِ، سَيا سَهسُ ڳاوِئين.

Gul Hayat Institute

---

(١) آهيڙاءُ = شڪارين کان، دشمن هٿان (٢) رُنَّ = رُڃ، رڻُ (٣) ائين (۴) اصل ڪَسِرِي، ڪي قربان تِتبِنا هونِ قِبلي

تان ڪِيو تِريَ راَتِ، اَچي اِشارَتَ ۾
ڀُڻون ماري ٻَڪرا، ڏيهَ ڏنائين ڏاتِ.
چوٿِينءَ رات چيياءِ، ڏيهُ سُوَلهَ سُڦرو
اِنَ سُهٽي سَڳِيو اُتِي آه ڏناءِ.
سَبَرُ سَتَ ڪري هَلِيو هاجُرَ حُجري (١)
آيو اسماعيل سين ڳُجهانِدَرَ ڳرَهي.
مِڙِيو مانا ماهُ، دوسَ سَنِيايا سارڙا (٢)
اَچا اوچي ڪَپَڙا هِيان هَلِي ڪاهُ
اَچا اوچِايا، يَتَو يَتِيمَن پُٽَر ڪي
چاڳاءُ چوتِي ويڙهِياءِ اَکِين آچِاياءِ.
اِبراهيمُ اندوهَ ۾، هاجُر هِنيو سُڌيرُ
ڪاتي ڪَڍي هَلِيو نيٽين اُتو نيرُ.
ڳوناءُ ڳِنِهي نِڳيو سِروءُ سُج مَٽي
اَچا اسماعيلَ ڪي موتِي مَنجهو نہ ڏي (٣)
اُتان اُتِي هَلِيو پُٽِي پُٽر لڳوسِ
سُتي سَڏُ تِيوسِ، پَسِي پارَڻَ هليو.
سُٽِي شَيطانُ وِلاڙِوَ، هَلِيو هاجُر پارِ
وِتَري ٻي ڪارَ، پَڌَرِ پاتِي ڳالڙي.

---

(١) هاجر = هاجره (٢) يعني : مانيون، ماهُ ۾ سارڙا (ٻوڙا) سُپِي گڏ ڪري (٣) موتِي منجهه نہ ڏي = ڪُهڻ جو ارادو نہ ٻڌايائين



Gul Hayat Institute

نَظرُ ڪري نِهارِ، ٻيءُ ڪُهندو پُٽَر ڪـي
هاٿي توسين آرِ، ڪاءِ نہ ڪَرِيندو ڪَڏهِين.
ڪِ تو مُوڙهِي مَت، ڪندي ڪُوڙِي ڳالڙِي
اِيهَ نہ ٻِلِي يَتِ، پُٽَر نہ ڪُـنا ڪَـڏهِـين:
سُتِي سَڏُ ڪري، ڏَٽِـي سُـٽايو دوس ڪي
پُٽُـروءِ پَـڪـاري، هِـيـان هـلايـاءِ صَـدَقـو.
جيئِي اُن پَـهِ آءِ، تَـرِ پَرِ ڪـنـدا قـضـيـي
ناهِ ڏَٽِيَ سيـن دُوجَـئِـي اَسـاهِـيَ جُـڳـاءِ.
.... سيـن جُرو لَتُ يَرِي پسـاسـو نِـڳوءُ (١)
اَچِي اسماعيلَ ڪي ڪَڪَرِ باتاءِ ڪَڪَرِ باتاءِ ڪَتُ (٢)
اوڏي تي اسماعيلَ ڪي اَچِي اُتائِين اِئِيـن
نِرتِ نہ هُيَئِي تِيئن، جِين ڪُسنده پَرِ قِبلي.
جو ڳالهاءُ سَندوءِ، ڏِسِي سـنـدو ڏُجَـٽِي
پيءُ پُـٽري پـانَ ۾ اڳـي اِيَ نـہ هـوءِ.
ڪونايـهِ ڪَلتارِ، پـيءُ آٽِـي پـانَ سيـن
ماري مَنبَرَ پارِ، سَجَڙَ ڏيـنـديـن صَـدَقـو.
تہ تـون تـاٽـي ڪِـيـنهَ، ادا آؤن اِنَ پَـرِ
جان نِرَتِي مَجهانِيهَ، مون ڪي پِرِيَنِ پُڪارِيـو.
منجهہ ....: نِـپـاپـو بَـيِـرُو آوءُن اُنَ وِيـاءُ

(١) ۽ (٢) اصل ائين

هليو هَنڌا تـنُ ساهُ، کُهَڻُ نہ ڏبو ڪانِ ير.
اَچـي نـبـي اُتــاءِ، آئــي اُمـايءِ ڳـالـڙي
نينڌ بہ ڏاڙُونءَ ڦُلُ جِيَن رُونـدي اُتِ رتـاءِ
وِرِيا پُونءِ وِجَهنِ، پَهَـڻُ پُـڇـيو اُنَ کـي
اُوءَ پَـرَ بِي اُنَ جي هاٿي حاجي ڪَنِ.
لِکي وِؤ لعين، مـوتـي مــارڳ هَـليـا
قائِمُ ڪندا قبلو دُسُ ڪَـرِيـنـدا دِيـنُ.
دِرنو دَراءِ قهارَ، ويـنـدو ويـرمَ نہ ڪـري
دَسَي ڪندو دوسَ سِيِن، ڪَاسايڪي ڪارَ.
هَنجُهون هـاري روءِ، ڳَـلـيـن مَتي ڳُجهـيـون
پِيءُ پُٽراٽي سُورَ جو قضِيو ڪَهِين نہ چوءِ.
وَجِي تَتي رَسِيا جَـتـي سَـڌُ سُـوئـاءِ
يَتو يَتِ رُنـاءِ ، ڳـرِ لائـي تَـہِ ڳـاپُري.
اُتي اُيو ميـرُ، پَـڌَر پَـئي پُـٽَر سيـن
پِنهي بانهُون پاتِيون، نيٽين آنـو نِـيـرُ.
پَکَڙِ پَـرِي مَلَـڪَ، پَـسِـي پِـشـيـمـانِـيـا
اُتي اُيا لَڪَ، ڪـہِ پَـرِ تـيـنـدو قـضـيو.
قيرايا فَـرمـانُ، مَلَـکين نَـئِـي نِـهـاروءُ
پُـتَـر ڏنائـيــن ڏانُ، اَيــيــن آوازا تِــيـا.
چـانءُ دوس دَسائي هِينَ، اَيِين آوازا تِـيـا

Gul Hayat Institute

تہ ڏُڃَڻَ ڪندا ڪِينءَ، جي ڪاٽِيارا ڪريمَ سين.
تَڏه تَنِ اُتاءِ، اي ني ڳُجهي ڳالهڙي
”اِني اَعلَمُ مالا تَعلمُونَ“ سَپِين سُٽاياءِ. (۱)
بيٺو باپُ پِٺُو جَٽا وِينا ڪُٺِہ وَڄُ
”هُوَ الله“ رِءَ اَڄُ، تارِي طاقَتَ ناهِ ڪاءِ.
ڪاتي تِکِي ڪِڄِ تون ۽ سائينءَ ٺناءُ
اَتِ سُهمو ساهُ، بابا ٻاهَرِ نِڪِري.
جِين اَما ڏُونهُ اُسَهِين، ساري ڏِيج سلامَ
پاڻَ ميڙو حَشرَ جو ڏسي ڏِيهُ قِيامَ.
ڪُنِي خَبَرَ نہ لهان جا هِتَ ٿيندي هيرَ
هُوندَ هَٿَ چُمِي ۽ پيرَ، آؤن آيلِ.......
سَرَتا سَڏُ ڪَندامِ، رُوندا اَڄُ رَتَ ڦُڙين
بابا ٻُڌي ڳالهَڙِي سِڪان سارِيندامِ.
بانهُون چَنگُهوُن ٻَڌي بابا ڪاتُ ڪَڍِيهُ
تون وِيسرو مَ وِيهُ، رازِقُ رِسايه......
آؤن اُماتو ٿِيان ڪَنڌاءُ نَڙِي ڪَرِيجِ
ڏِني مُنهَ رِياءُ ٿِيئي اَکِين پِيُون ٻڌيج.
ڪَهلَ نہ ڪر مُون ڪِياءِ، ڪاتِي پاتائين پُٽَر کي
ٻَڪَرو جِيئن ٻَکَ پَرو پناسي پٽرِياءِ.

---

(۱) اصل ، سُراياءِ ،



Gul Hayat Institute

جانِڪي زور مَجهاءُ، ڪاتي پائي پُٽَر کي
مُنهُ تہ ميٽائين ڪُونئَرو مُورِ نہ وري ماهُ
اِبراهيمَ اُتو هِيو ڪيئن ڪَرِيندو راءُ
جِيئين مون هَٿاءُ، ڪاتِي ڇِيو نہ ڪري.
ڪاتِي چوءِ تون تَڪَڙو، ڏٺي چوءِ وَڍِ مَ ڪِين
ڇِيو ڪريان تُهجو، ڪِ سَندوَ تون جَهِين
جَبرئيلَ جَهتَ ۾ وجي ڪارِ قرارُ
اُسهُ اِسماعيل جو مَٿان وَڍِي وارُ.
پُوئاءُ پَرِياءُ مُنو آءِ، سو پَسي سَرهو ٿِيو
جَبَرَئيل جَهتَ ۾ اِيندو اُتِ ڏٺاءِ.
پُٽَر... ڪَجِڪِي، گهَٽو ڪوءِ هو ايهُ
اُٿي اِتِ مَ ويهُ، تون تُٽو ڏيہَ ڏِٺي.
جَهلي بانہَ پيءَ ڪانءَ آچي اُٿياريا ءِ
گهَٽو اُت ڪُناءِ، قائمُ اُپياريا ءِ قبلو.
هرياءُ سَنگِي سَنيري ڪَسِي ڪَدياءِ (١)
جيلان چوڪا چُوندَ ها تيلان ڏاتِ ڏِناءِ.
(آيوءُ) اسماعيلُ پَرُ موٽي پاسي ماءُ
پِيوءُ "ببرُ" چوءِ گڏِيا سانِيءِ ڪَنِ ٿناءُ.
سَجُهہ ڪِيائين سُهٽو، تين پُٽَر لَڏاءِ ڏانَ

Gul Hayat Institute

---

هرياءُ = هليا، اصل ائين

مَجيائين جين اِحسانُ، تہ سائِيَ سَپِ سُهڻي ڪئي.

سَچي ڏَتِيءَ ڪَرِيمَ پَرِ سُڪُو سَيءِ ڪِياءِ (۱)

غريبَ غُربا مَڱڻا مِڙئِي ميڙاياءِ.

سَپِ سَرهائِيي گهوتِيا عالَمَ عامَ وَزِيرَ

فوجون ڪري فقيرَ، آيا آساوءُ ڳرا

سَئين دَماما نَگرا وِيهين دَسَ وَجَنِ (۲)

بِينا پَرِ جي بِيگَڙي، جاجُڪُ جُودق نَچَنِ،

سَتَئي پَچي سارَڙا پوجَنَ پَتَ رَجَهنِ (۳)

فوجُون فقيرَنِ، آيون ڪايو اُسَهِي.

ڪُندرُون ڪَپَرَ آرَ، وَنگَ وَراڪا واديُون

ڳُڙَ ڪِيُون ۽ غار، تارَ ڪي تهِين ڪَڍيون.

مِئين جي مُلڪَ ۾ عَجَبَ لَکَ هزار (۴)

ڪي بَئِيد آوارَ، ڪَنِ خَبَرَ پاڻ لقهي.

وِجڻ تَہ اِيمان سين ڪَلمو چَيو جَبارَ

لا اِلٰه الاالله محمد رسول الله.

---

(۱) اصل ائين (۲) نگرا = نغارا (۳) سارڙا = سالنا، پوڙ (۵) پڙهڻي، عجب اَتِ اِپارَ